# خداوادي رسم الخط

## (سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق)





مختيار احمد ملاح

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# خداوادي رسم الخط

(سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق)

مختيار احمد ملاح

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# انتساب

هيءَ ڪتاب ارپيان ٿو:

سنڌي ٻوليءَ ۾ خداوادي رسم الخط لاءِ جاکوڙيندڙ انگريز

عملدار - ڪئپٽن جارج اسٽئڪ،

خداوادي الفابيٽ جي اصلاح ڪندڙ ۽ سنڌ جي تعليم لاءِ

جاکوڙيندڙ - نارائڻ جڳن ناٿ وئديه

۽

موجوده دور ۾ خداوادي رسم الخط کي قبول ڪندڙ

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي کي.

مختيار احمد ملاح

# فهرست


| | |
|---|---|
| • ناشر پاران | 9 |
| • مهاڳ — ڊاڪٽر غلام علي الانا | 11 |
| • ليکڪ پاران — مختيار احمد ملاح | 39 |
| 1. **سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ جو علمي ۽ ادبي ومنوار** | 49 |
| • ديوناگري رسم الخط جي تاريخي حيثيت | 49 |
| • آريائي دور | 51 |
| • رامائڻ ۽ مهاڀارت وارا دور | 53 |
| • موريا گهراڻي جو دور | 54 |
| • چندر گپت جو دور | 55 |
| • راءِ دور | 57 |
| • برهمڻ دور | 59 |
| • عربن جو دور | 62 |
| • غزنوي گهراڻي جو دور | 63 |
| • سومرن جو دور | 64 |
| i. کوجڪي لپيءَ ۾ گنان نويسي | 64 |
| ii. ڀانڪي لپيءَ ۾ پٽن ۽ ڀانن جون ڳاهون | 66 |
| iii. ديوناگري لپيءَ ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت جا ترجما | 67 |
| • سمن جو دور | 67 |
| i. ڪاجي ڪادن ڪِي ساکي | 67 |
| ii. مامئي ديو جا شلوڪ | 69 |
| iii. گرمکيءَ ۾ سکن جو ڪلام | 69 |
| • مغليه دور | 70 |
| i. دادو ديال جي واڻي | 70 |
| ii. سوامي پراڻ ناٿ جي واڻي | 71 |
| • ڪلهوڙن جو دور | 72 |
| • ٽالپرن جي دور ۾ بائيبل جو ديوناگريءَ ۾ ترجمو | 72 |
| • گرمکيءَ ۾ ساميءَ جا سلوڪ | 73 |
| • انگريزن جو دور | 74 |

2. **خداوادي لپيءَ جي تاريخي اهميت** 79
3. **خداوادي لپيءَ جي مختلف نالن جي تاريخي اهميت** 84
- خدا آبادي لپي 87
- هٽ واڻڪي/ هٽائي لپي 87
- لنڊا يا واڻڪا اکر 88
- شڪارپوري لپي 89
- ساکرو لپي 90
- ونگائي لپي 91
- راڄائي لپي 91
- سيوهاڻي باڻڪا اکر 91
- هندو- سنڌي لپي 91
- خداوادي لپي 92

4. **خداوادي ۽ خدا آباديءَ جو بحث** 96
5. **خداوادي لپيءَ ۾ اڪريل لکتون** 102
- پير پٺي جي مزار پرسان ڪاٺ تي اڪريل خداوادي لکت 104
- اڏيري لعل جي دربار تي اڪريل خداوادي لکت 106
- ساڌ ٻيلي جي مندر تي اڪريل خداوادي لکت 106
- شڪارپور ۾ خداوادي لکت جا اڪريل مثال 107
- جيڪب آباد جي ڪپڙي جي مارڪيٽ تي اڪريل لکت 108

6. **خداوادي لپيءَ جي ڪاروباري ۽ خفيه هئڻ واري خوبي** 111
7. **سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري قبوليت ۽ خداواديءَ کي مليل مڃتا** 118
- ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن پاران خداواديءَ جي مخالفت 120
- ڪئپٽن اسٽئڪ پاران خداوادي لپيءَ کي اپنائڻ جي حمايت 121
- سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل پاران خداوادي جي حمايت 131
- بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪلئنڊ جي خداوادي جي حمايت 131
- ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جو فيصلو 132

8. **خداوادي لپيءَ جي سرڪاري طور قبوليت لاءِ هلچل** 135
- هندو ڪميونٽيءَ جي هلچل 135
- سامراجي حڪمت عملي: "ورهايو ۽ حڪومت ڪيو" 136
- انگريز عملدارن کي ديوناگريءَ جي معلومات هئڻ 137

**9. خداوادي آئيويتا جي جوڙجڪ لاءِ سرڪاري ڪوششون** 139
- بارٽل فريئر جون ڪوششون 139

i. هندو سنڌي الفابيٽ کي نافذ ڪرڻ جي پهرين ڪوشش 139
ii. بمبئي پريزيڊنسي جي عملدار سي.جي ارسڪن سان لکت پڙهت 141
iii. جنوري 1855ع وارو سنڌ جي ڪمشنر جو حڪم نامو 141
- بي. ايچ. ايلس جون ڪوششون 142
- ڪمشنر آفيس جي سرڪاري حڪمنامي تي ضلعي آفيسرن جا جواب 143

i. جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 144
ii. سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 147
iii. شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 150
iv. نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 154
v. ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 157
vi. شڪارپور ۽ سکر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب 162
- ڪئپٽن فريڊرڪ ليسٽر جون ڪوششون 168
- وشواسنات نارائڻ مينڊلڪ جون ڪوششون 169
- 1856ع ۾ هندو - سنڌي الفابيٽ کي لاڳو ڪرڻ جو ٻيو تجربو 169

**10. خداوادي آئيويتا ۽ ان جي سرڪاري اصلاح واري ڪاميٽي** 172
- خداوادي الفابيٽ جي اڳوڻي حالت 172
- نارائڻ جڳن نات وئديه جي سربراهيءَ ۾ جوڙيل ڪاميٽي 173
- هندو -سنڌي (خداوادي) جي نفاذ جو سرڪاري اعلان 176

**11. خداوادي لپيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون** 180
- هينري پريسٽلي جيڪب جون ڪوششون 180
- مسٽر اي. جي رائيٽ جون ڪوششون 181
- ڪوڙيمل ڪلناڻيءَ جون ڪوششون 182
- ماستر جهمٽمل نارومل جون ڪوششون 182
- هندو —سنڌي اسڪولن جو قيام 185
- هندو —سنڌي درسي ڪتابن جي اشاعت 192
- هندو- سنڌي ادبي ڪتابن جي اشاعت 199

**12. خداوادي لپيءَ جي ڪامياب نه ٿيڻ جا ڪي سبب** 206
- ماترائن کان خالي لپي 206
- علائقائي ۽ گهٽ نالن واري لپي 207

- هندو واپارين تائين محدود لپي 207
- غيرادبي لپي 207
- تعليم کان خالي لپي 208
- هڪجهڙائيءَ کان وانجهيل لپي 209
- خداوادي لپي پڙهندڙن کي سرڪاري نوڪريون 210
- عربي - سنڌي الفابيٽ جي پختگي 211

**13. خداوادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي سفارشون** 213

- سر اي.جي گريئرسن 213
- سر هينري جيمس 214
- مسٽر ڏيارام گدومل 214
- مسٽر ايڊورڊ جائلس 215

**14. خداوادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ تي تنقيدون** 217

- پيرومل مهرچند آڏواڻي 217
- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 218
- ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي 218
- ڪشنچند بيوس 219
- ديوان لوڪناٿ جيٽلي 220
- سلامتراءِ گراماڻي 221
- پروفيسر منگهارام ملڪاڻي 222
- موتيرام ايس. راموائي 222
- پروفيسر مائيڪل بوون 223
- راڪيش لڪاڻي 223
- ڊاڪٽر آفتاب ابڙو 225
- ڊاڪٽر ميٿيو اي. ڪوڪ 225

**15. خداوادي لپيءَ جو سنڌ ۾ انجام** 228

**16. خداوادي لپيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ عالم** 231

- ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي زندگي جو مختصر احوال 231
- نارائڻ جگن ناٿ وئديه 240
- ڪشنچند بيوس 247
- ڊاڪٽر آفتاب ابڙو 252

## ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط بابت هن کان اڳ ۾ بہ ڪجھ ڪتاب ڇپايا ويا آهن. ۽ هيءُ ڪتاب "خداوادي رسم الخط" بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري محقق مختيار احمد ملاح جي لکيل هن ڪتاب ۾ سنڌي-عربي، ديوناگري ۽ خداوادي رسم الخط جي مختلف پاسن تي، عالمن جي راين سان بحث ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ آرڪائيوز مان انگريز سرڪار جي دور وارن پراڻن فائيلن ۽ پراڻين لائبررين مان ڪي دستاويز هٿ ڪري انهن جي روشنيءَ ۾ هيءُ ڪم ڪيو ويو آهي.

خداوادي سنڌ ۾ رائج رسم الخط جو هڪ نمونو هو جيڪو ڪافي وقت تائين هٽڪي حساب ڪتاب ڪانسواءِ ڪن ٻين اهم دستاويزن ۾ رائج رهيو عربي-سنڌي رسم الخط کان اڳ سنڌ ۾ ڪيترائي رسم الخط رائج رهيا آهن. ۽ انگريز دور ۾ جڏهن ڪنهن هڪ رسم الخط کي سرڪاري طور رائج ڪرڻ جو معاملو اُٿيو هو ان وقت بہ ڪيترن عالمن خداوادي لپيءَ جي حمايت ڪئي هئي، جن ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ نارائڻ جڳن ناٿ وئديہ آخري وقت تائين پنهنجي راءِ تي قائم رهيا. ان کان علاوه هن خط تي ڪتاب ۾ 16 مختلف موضوعن تي بحث ۽ چند چارٽ ڪئي وئي آهي.

خداوادي لپيءَ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان هڪ تاريخ رکي ٿي ۽ ان جو بحث اڄان تائين هلي پيو اڄ بہ ڪن عالمن جو خيال آهي تہ خدا وادي رسم الخط رائج نہ ٿيڻ وڏي غلطي هئي، ان تي بہ هن ڪتاب

۾ تفصيلي معلومات ڏني وئي آهي. خداوادي لپيءَ جي مختلف نالن کي تاريخي حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت انهن جي تاريخي اهميت ۽ لپيءَ جي خوبين ۽ خامين کي عالمن جي راين سان بيان ڪيو ويو آهي. اسان کي اُميد آهي تہ هيءَ ڪتاب محققن، شاگردن ۽ ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙن جو ڌيان ڇڪائيندو.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

26 اپريل، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ

# مهاڳ

1. سنڌ جي هڪ وڏي ۽ ڦڏاور محقق، اديب، نقاد ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف موضوعن، خاص ڪري سنڌي رسم الخط جي تاريخ جي موضوع تي تحقيق ڪندڙ محترم مختيار احمد ملاح سان، منهنجي نہ ڪڏهن ڪا روبرو ملاقات ٿي آهي ۽ نہ ٿي وري هن ڪان اڳ هن صاحب سان ڪڏهن منهنجو ڪو اهڙو واسطو ٿي پيو هو. البتہ هن صاحب جي، سنڌ جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ ڪن ٻين ادارن طرفان هن ڪان اڳ شايع ڪيل سنديس تحقيقي ڪتابن ڪان سواءِ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي مون سان، محترم مختيار احمد ملاح جي سنڌي رسم الخط جي موضوع تي هلندڙ تحقيق جي باري ۾ ہہ ٽي دفعا ذڪر ضرور ڪيو هو.

مون هن ڪان اڳ، ملاح صاحب جي، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي رسم الخط جي باري ۾ ڇپيل ڪن تحقيقن جو مختصر مطالعو ضرور ڪيو هو، خاص ڪري سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان انگريزي زبان ۾ تازو سنديس شايع ٿيل لاثاني ڪتاب بعنوان "The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration" ہہ منهنجي نظر مان نڪتو آهي. ملاح صاحب جي هيءَ هڪ لاثاني ۽ نهايت ئي اهم تحقيق آهي جيڪا سنڌ ۾ مقرر ٿي آيل انگريز ڪامورن جي سرڪاري لکپڙهہ تي آڌاريل، هڪ مستند تحقيق آهي.

2. (الف) منهنجي نظر ۾ مختيار احمد ملاح ، موجوده دور ۾، سنڌي رسم الخط جي موضوع تي، هڪ مڃيل محقق هجڻ جي حيثيت رکي ٿو جيتوڻيڪ ملاح صاحب جو سنڌ جي ڪنهن ہہ تعليمي ۽ تدريسي اداري، خاص ڪري ڪنهن ہہ يونيورسٽيءَ سان عملي طرح ڪنهن ہہ قسم جو ڪو ہہ واسطو ڪونهي، پر هن صاحب جا لکيل تحقيقي ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ، آءٌ هن راءِ جو آهيان تہ هن صاحب (مختيار احمد ملاح) جو علمي، ادبي، تنقيدي ۽ تحقيقي معيار، پاڪستان جي ڪنهن ہہ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ہہ پروفيسر جي معيار ڪان هرگز گهٽ نہ آهي.

(ب) زير تبصره ڪتاب، 'خداوادي رسم الخط' (سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق) ڪان اڳ رسم الخط جي موضوع تي ملاح صاحب جا، سنڌي انگريزي ٻولين ۾ لکيل ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ملاح صاحب جي هن تحقيق تي نظر

وجهڻ کان پوءِ آءُ اهو به سوچڻ لڳس ته ملاح صاحب کي هن قسم جي ڪاوش، پي. ايچ. ڊي ڊگريءَ لاءِ ڪرڻ کپندي هئي ڇاڪاڻ ته هن موضوع تي هن قسم جو تحقيقي ڪم، هن کان اڳ ڪنهن به ٻئي محقق نه ڪيو آهي. آءُ هت اهو به ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته ڪافي زمانو اڳ علم، آثار شناسيءَ جي مشهور بين الاقوامي عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ، عالمي معيار جي تحقيق ڪئي هئي. ڊاڪٽر داني صاحب جي اُن تحقيق جو عنوان هو:Indian Paleography . پنهنجي اُن تحقيق ۾ ڊاڪٽر دانيءَ ننڍي کنڊ ۾ رائج ڌار ڌار ٻولين جي ڌار ڌار رسم الخطن تي پنهنجي عالمانه روشني وڌي هئي، پر هن (ڊاڪٽر داني) صاحب، پنهنجي اُن تحقيق ۾ قديم سنڌ جي ٻوليءَ جي رسم الخطن جي باري ۾ ڪو به تبصرو ڪو نه ڪيو هو. اڄ جيڪڏهن داني صاحب زنده هجي ها ۽ هو ملاح صاحب جي هن تحقيق جو مطالعو ڪري ها ته مون کي يقين آهي ته هو فخر وچان ملاح صاحب جا هٿ چمي ها.

3. (الف) انگريز ۽ جرمن دانشورن ۽ علم اللسان جي ماهرن، انگريزن جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ ۾ اچي، سنڌي ٻوليءَ، سنڌ ۾ اُن جي رائج رسم الخطن ۽ سنڌي وياڪرڻ جي موضوعن تي، علمي ۽ تحقيقي نظر وجهي، پنهنجا عالمي معيار جا شهپارا شايع ڪرايا هئا. انهن عالمن ۽ ماهرن ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، مسٽر هيسڪل، جارج اسٽئڪ، پادري شرٽ، سرگريئرسن، آر. ايف. برٽن، ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ مسٽر پرنگل کان سواءِ ساڳئي ئي زماني ۾، ديسي عالمن ۾ ڪرشن جيٽلي، گنگارام سمرات،نارائڻ جگن ناٿ، ماستر جهمٽمل نارومل، ڪوڙومل چندنمل کلناڻي،ڪاڪي پيرومل ۽ ڪن ٻين ماهرن، سنڌي وياڪرڻ کان سواءِ،سنڌي لُغت،سنڌي ٻوليءَ لاءِ رائج رسم الخطن ۽ سنڌي وياڪرڻ جي باري ۾ پنهنجا تفصيلي ۽ تعارفي ڪتاب لکيا هئا. انهن رسم الخطن مان هڪ، يعني 'خوجڪي رسم الخط' جي باري ۾ ،ون، پهرين لنڊن يونيورسٽيءَ جي "اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز" ۾ "علم ِ مانيات ۽ صوتيات" جي مضمون ۾، ايم. اي ڊگريءَ لاءِ گهربل ۽ پيش ڪيل ٿيسز ۾ انهن انگريز ۽ ڏيهي عالمن جي لکيل ڇپيل مواد جي حوالي سان روشني وڌي هئي. لنڊن کان واپس اچڻ کان پوءِ 1963ع ۾ مون، سنڌي صورتخطيءَ جي موضوع تي 'سنڌي صورتخطي' جي عنوان سان لکيل ڪتاب ۾ وڌيڪ تحقيق ڪري، پنهنجي اُن ڪتاب جا پهريان ٻه ڇاپا مون پاڻ ڇپايا (هن ڪتاب جا هاڻ چار ڇاپا ڇپجي چڪا آهن). ان ڪتاب ۾ خوجڪي رسم الخط تي مون پهريون دفعو معلوماتي ۽ تفصيلي روشني وڌي هئي.

منهنجي هن ڪتاب جا حوالا پڻ، بين الاقوامي سنڌالاجسٽ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪان سواءِ ٻن آمريڪي محققن، هر هڪ ڊاڪٽر علي آساڻي ۽ ڊاڪٽر گلشن کاڪيءَ به پنهنجين تحقيقن ۾ ڏنا آهن.
(ب) مٿي ڄاڻايل انگريز ماهرن پنهنجي ڇپيل تحقيقي مواد ۾، قديم سنڌي رسم الخطن ۾ 'خداوادي رسم الخط' ڪان سواءِ ٻين رسم الخطن جون تصويرون پڻ ڏنيون اٿن. انهن سڀني رسم الخطن جا عڪس مون پنهنجي مذڪوره ڪتاب (سنڌي صورتخطي) ۾ به ڏنا آهن.
مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته ورهاڱي (1947ع) ڪان اڳ، ڪن هندو سنڌي ودوانن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، خداوادي رسم الخط جي باري ۾ پنهنجا وضاحتي مضمون ۽ ڪتابڙا به لکيا هئا جن جو ذڪر مختيار احمد ملاح پنهنجي هن ڪتاب ۾ به ڪيو آهي.
(ت) - مون کي ملاح صاحب فون ڪري، سنڌس هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ خواهش ظاهر ڪئي. هائوڪار ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ مون کي ڪمپوز ٿيل پنهنجي ڪتاب جو مسودو موڪلي ڏنائين. هن مسودي پهچڻ ڪان اڳ آءٌ ملاح صاحب جي انگريزيءَ ۾ لکيل اُن تحقيق کي سرسري طور نظر مان ڪڍي چڪو هوس، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ هن ئي سال يعني 2017ع ۾ شايع ڪئي هئي. مون ملاح صاحب کي ايس. ايم. ايس ڪري اهو اعتراف ڪيو هو ته: "هن موضوع (سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط) تي اوهان جي هن تحقيق ڪان اڳ، مون سميت ٻين به ڪيترن ئي محققن لکيو ضرور آهي، پر آءٌ مڃيان ٿو ته هن موضوع تي لوهان جي لکيل پوري مواد، خاص ڪري هن ڪتاب ۾ شامل مواد کي، هن ڪان اڳ ڇپيل مواد جا آءٌ تمهيدي ڪلمات ۽ هن ڪان اڳ ڇپيل مواد جا سڌارا ۽ واڌارا ئي تسليم ڪريان ٿو دراصل هن موضوع تي صحيح ۽ سائنٽيفڪ طريقي سان معياري، مستند ۽ معلوماتي تحقيق صرف اوهان ئي ڪئي آهي".
4. (الف) مختيار احمد ملاح جي هن تحقيق جو عنوان آهي: "خداوادي رسم الخط" (سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق)". ملاح صاحب جي هيءَ تحقيق، سورنهن عنوانن (بابن) تي مشتمل آهي. هر هڪ عنوان وري ڪيترن ئي ضمني عنوانن ۾ ورهايل آهي. اُهي سڀ عنوان توڙي اُنهن جا ضمني عنوان به تمام اهم، معلوماتي ۽ مستند مواد سان پيش ڪيا ويا آهن. منهنجي نظر ۾ قابل احترام محقق جا ڪٿي ڪٿي ڏنل رايا، متضاد ۽ بحث طلب به آهن. پر انهي هوندي به اهي سڀ عنوان، سنڌ ۾ ورهاڱي ڪان اڳ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ رائج ڌار ڌار رسم الخطن جي موضوعن تي مطالعي لاءِ اڳتي هلي،

تحقيق ڪندڙن لاءِ نهايت معلوماتي ۽ مستند مواد سان ڀريل آهن مثال طور باب پهريون (سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ جو علمي ۽ ادبي وهنوار) ۽ باب ستون (سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري قبوليت ۽ خداواديءَ کي مليل ميجتا). سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخطن جي ترقيءَ جي تاريخ جي حوالي سان نهايت ئي اهم ۽ ناياب مواد سان ڀريل آهن باب ستين، باب اٺين، باب نائين ۽ باب ٻارهين ۾ سنڌي ٻولي جي ترقيءَ جي حوالي سان اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيارينڌڙ آفيسر ڪير ڪير هئا؟ هيءَ معلومات، سنڌي ٻوليءَ لاءِ دراصل وڏي اهميت واري آهي. ان کان سواءِ، ملاح صاحب، انگريز سرڪار جي آفيسرن جي ان سازش تان به پردو کنيو آهي، جنهن ۾ انهن سنڌ ۾، هندو ڄاتيءَ لاءِ سرڪاري طور هڪ ڌار رسم الخط جي مقرر ڪرڻ جي سلسلي ۾ 'خداوادي رسم الخط' کي هڪ ڌار رسم الخط طور مقرر ڪرائڻ جي سلسلي ۾ وڏيون ڪوششون ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو مستند مواد جي حوالن سان، انهيءَ نقطي کي ملاح صاحب ئي آشڪار ڪيو آهي، جنهن جي باري ۾ اڳ ۾ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڪا به ڄاڻ ڪا نه هئي. ملاح صاحب انهيءَ سلسلي ۾ اهو به ڄاڻايو آهي ته ڪهڙن ڪهڙن هندو توڙي انگريز ڪامورن انهيءَ قسم جون ڪوششون ڪيون. ۽ ان جي باري ۾ به هن ڪتاب ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

(ب) حقيقت هيءَ آهي ته هن کان اڳ هن موضوع تي ڪنهن به ٻئي محقق، ڪا تفصيلي ۽ تحقيقي روشني ڪا نه وڌي آهي. مون سميت گهڻو ڪري سڀني محققن، خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي 'سنڌ جي ادبي تاريخ' جي ٻاڳي ڀهرئين مان، پنهنجي حوالي لاءِ مواد کنيو آهي، پر ملاح صاحب جو ڪمال اهو آهي جو هن صاحب، سنڌ آرڪائيوز مان انگريز سرڪار جي دور وارن پراڻن فائيلن يا سنڌ جي ڪن پراڻين لائبررين مان، اهو اڻلڀ ۽ املهه تاريخي مواد هٿ ڪري پنهنجي هن ڪتاب ۾ سند طور شامل ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ هن ڪتاب جو باب ستون ، باب اٺون، باب نائون ۽ باب ٻارهون پڙهي سگهجن ٿا.

5. (الف) محترم مختيار احمد ملاح، خداوادي رسم الخط کي جتي سرڪاري طور سنڌ ۾ رائج ڪرڻ جي سلسلي ۾، انگريزن ۽ هندو ماهرن جي طرفان ڪيل ڪوشش جي باري ۾، ٽن بابن (باب ستون، باب اٺون ۽ باب نائون) ۾ ذڪر ڪيو آهي، اتي هن صاحب، باب تيرهين ۾ "خداوادي رسم الخط کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي سفارشون" جي عنوان هيٺ، هڪ الڳ عنوان سان تفصيلي ذڪر به ڪيو آهي.

(ب) صفحي 39 کان وٺي صفحي 47 تائين، 'ليکڪ پاران' جي عنوان سان، ملاح صاحب پنهنجي هن تحقيق جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي ان اظهار ۾ هن صاحب، سنڌي علم و ادب، سنڌي ٻوليءَ متعلق، سندس ڪيل اڳ وارين ڪاوشن جو مختصر تعارف به ڪرايو آهي. پنهنجي انهن تعارفي ڪلمات ۾ هن صاحب، خداوادي لپيءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي راءِ جي حمايت ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي راءِ پيش ڪئي آهي. خداوادي رسم الخط جي باري ۾، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب جو رايو هن ريت آهي:

"عربي - سنڌي الفابيٽ جو نفاذ سياسي هو ۽ خداوادي لپيءَ کي سنڌي ٻولي جي لکت لاءِ نه اپنائي وڏي بي انصافي ڪئي وئي هئي." (ص 40)

(ت) آءٌ ذاتي طرح سان ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي انهيءَ راءِ ۽ ملاح صاحب جي هيٺ ڏنل راءِ سان اتفاق نٿو ڪريان. ملاح صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي صفحي 40 تي لکيو آهي ته:

"اُن سلسلي ۾، اُن مڪتب فڪر جي ڪن ٻين عالمن جو رايو آهي ته خداوادي، سنڌي ٻوليءَ جو اصلوڪي ۽ مقامي لکت جو طريقو آهي. اُن جي سرڪاري نفاذ سان سنڌ جي تعليم، ادب ۽ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ وڏيڪ ترقي ٿئي ها. انهن نقادن جي راءِ آهي ته سنڌي ٻولي جو اصل نسل سنسڪرت مان آهي، ان ڪري عربي خط جو فيصلو غير فطري آهي، جڏهن ته خداوادي لپي سنڌي ٻوليءَ جي نج ۽ اصلوڪي لپي آهي. سندن اعتراض اهو به آهي ته پاڪ هند جي هاڻوڪي دور ۾ جيڪي به مکيه ٻوليون (جيئن ته هندي، پنجابي، گجراتي، مراٺي، بنگلا، آسامي، اڙيسا، تيلگو ملاليم ۽ ڪنڙ) جدا جدا ايراضين ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، عربي سنڌي خط جي ڪري انهن سان رابطو ڪٽجي ويو آهي". (ص 40)

(ث) محقق صاحب جي انهيءَ راءِ تي هي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ڀاڻ جن جن ٻولين جا نالا ڏنا اٿس اهي سڀ ٻوليون هڪ ئي رسم الخط ۾ لکيون وينديون آهن؟ يا جن جن علائقن ۾ اهي سڀ ٻوليون اڄ به ڳالهايون وينديون آهن، انهن علائقن جا ماڻهو ساڳي هڪ ئي تهذيب کي اختيار ڪندا آهن، سندن رسمون ۽ رواج به ساڳيا آهن، انهن جو کاڌو ۽ خوراڪ به ساڳي آهي ۽ اهي سڀ لباس به ساڳيو پائيندا آهن يا اهڙي طرح انهن ماڻهن جي ذهني سوچ به هڪ جهڙي آهي؟ منهنجي مطالعي ۽ انهن علائقن مان ڪن جي اکين ڏٺي مشاهدي موجب، ائين بلڪل ڪونهي. ٻيا علائقا ته نهيس پر صرف

گجرات ۽ راجستان جيتوڻيڪ پاڙي وارا علائقا آهن. انهيءَ هوندي به انهن جي تهذيب، رهڻ سهڻ جي طريقي، سندن کاڌي خوراڪ، سندن ريتون ۽ رسمون بلڪل مختلف آهن. نه فقط اهو پر سندن ٻوليون ۽ سندن انهن ٻولين جا رسم الخط به الڳ الڳ آهن. ان کان سواءِ اهي سڀ ماڻهو ڌار ڌار جاتين وارا آهن، ۽ اهي ڌار ڌار ڌرمن کي مڃيندا آهن. جيڪڏهن انهن علائقن ۾ انهن جي ڌار ڌار ٻولين جي ڌار ڌار لپين جي استعمال ڪرڻ سان انهن علائقن جي ٻولين ۽ ماڻهن کي ڪو به نقصان نه پهتو آهي ته پوءِ عربي-سنڌي رسم الخط جي ڪم آڻڻ سان سنڌ جي ماڻهن کي ڪهڙو نقصان پهتو آهي؟

(ج) سنڌ جو هر سڄاڻ ماڻهو اهو ڄاڻي ٿو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان ڀارت لڏي ويندڙ سنڌين مان هر ودوان توڙي عام ماڻهو سنڌي ٻوليءَ جو ڳڻڪڙو هو ۽ اڄ به آهي. انهن ماڻهن ڀارت ۾ لڏي وڃي آباد ٿيڻ کان پوءِ ڀارت سرڪار کان اها گهر ڪئي ته ڀارت جي ڪانسٽيٽيوشن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي به قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. ڀارت لڏي ويل سڀ سنڌي پنهنجي انهيءَ مطالبي ۾ هم آواز هئا. سنڌي ودوانن ۽ سياسي اڳواڻن جي گهڻي زور ۽ سياسي دٻاءُ کان پوءِ نيٺ ڀارت سرڪار، ڀارت لڏي ويل سنڌي جنتا جي اها گهر قبول ڪئي ۽ ڀارت جي دستور جي اٺين شيڊيوئل ۾ سنڌي ٻوليءَ کي به قومي ٻوليءَ طور شامل ڪيو.

(ح) -(۱) ان کان پوءِ سنڌي ودوانن، اديبن، نقادن ۽ شاعرن ۾ هن سوال تان سخت اختلاف پيدا ٿيو ته ڀارت ۾ آباد سنڌي جنتا، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙو رسم الخط اختيار ڪري؟ انهن مان جيڪي ڪٽر هندو، برهمڻي ۽ سنگهي سوچ وارا ماڻهو هئا تن پنهنجو زور لڳايو ته ڀارت ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ سنڌي جاتيءَ جو عربي- سنڌي خط سان هاڻ ڪو به واسطو رهڻ نه گهرجي، انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط اختيار ڪيو وڃي، انهيءَ لاءِ ته جيئن لڏي آيل سنڌي جاتي، ڀارت جي ٻيءَ هندو جاتيءَ جي ويجهو اچي سگهي، پر لڏي آيلن مان اڪثريت جو اهو خيال هو ته جيئن ته عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جو وڏو ذخيرو ۽ اسان جو قيمتي اساسو اڳي ئي موجود آهي، انهيءَ ڪري ڀارت ۾ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط اختيار ڪيو ويو ته هت لڏي آيل سنڌي جاتي جو نئون نسل، پنهنجي ماضي جي ايڏي وڏي قيمتي، امله، ادبي ۽ لساني اساسي کان محروم رهجي ويندو. هنن اهو به دليل ڏنو ته اسان جو اصل وطن سنڌ آهي، جيڪڏهن اسان عربي سنڌي لپي ڇڏي ڏني ته اسين پنهنجي وطن ۽ ٻوليءَ ايڏي علمي ادبي اساسي کان به ڇڄي ويندا سين.

آخر ۾ سنڌي جاتيءَ کي ڇڄي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ ڪن سڄاڻ ڏرين اهو فيصلو ڪيو ته اهو مسئلو سنڌي جاتيءَ تي ڇڏيو وڃي. انهن مان جيڪي عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي ٻولي سکڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ چاهين، اهي پلي ’عربي -سنڌي‘ لپي اختيار ڪن، پر اهي ماڻهو جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ ۽ سکڻ چاهين اهي پلي ديوناگري لپي اختيار ڪن. انهيءَ فيصلي کان پوءِ هاڻي ڀارت ۾ ٻنهي رسم الخطن ۾ سنڌي ٻولي سکي، لکي ۽ پڙهي ويندي آهي. هر سال ٻنهي لپين ۾ بيشمار ڪتاب پڻ ڇپايا ويندا آهن. پر سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته سنڌي جاتيءَ جي جنهن حصي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي اختيار ڪئي آهي، سنڌي جاتيءَ جي انهن ماڻهن کي ڀارت جي ٻين هندو جاتين پنهنجو ڪري قبول ڪيو آهي؟

(2) منهنجي ذهن ۾ هي سوال به پيدا ٿيو ته ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب اهو رايو ڪهڙي بنياد تي ڏنو آهي ته: ”سنڌي ٻولي لاءِ عربي الفابيٽ جو نفاذ سياسي بنياد تي ڪيو ويو هو“. جڏهن ته ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جنهن عربي - سنڌي رسم الخط جي نافذ ڪرڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي پنهنجي سفارش ڪئي هئي، اُن ڪميٽيءَ ۾ هندو ۽ مسلمان ماهرن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جا ٻه انگريز ماهر به ميمبرن طور شامل هئا. انهيءَ ڪميٽيءَ جي مختلف اجلاسن جي مڪمل ڪاروائيءَ جي ڪاپي، ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ صاحب، پنهنجي پي. ايڇ. ڊي ٿيسز لاءِ برٽش لائبريريءَ مان گهرائي هئي ۽ پنهنجي ٿيسز جي پيش ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر گوپانگ صاحب برٽش لائبريري مان گهرايل اهو مڪمل مواد منهنجي حوالي ڪيو هو. مون اهو سمورو مواد سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي لائبريري جي حوالي ڪيو (آءٌ ان زماني ۾ اٿارٽي جو چيئرمئن هوس). يقينا اهو مواد، اٿارٽيءَ جي لائبريري ۾ اڄ به موجود هوندو.

6 - (الف) قابلِ احترام محقق پنهنجي هن ڪتاب جي باب نائين ۾، صفحي 180 کان وٺي صفحي 205 تائين ”خداوادي لپيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون“ جي عنوان سان هڪ ڀرپور باب شامل ڪيو آهي. پنهنجي هن باب ۾ هن صاحب اهو به بيان ڪيو آهي ته انگريزن جي دور ۾، خداوادي لپيءَ کي سنڌ ۾ ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪهڙن ڪهڙن ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن ڪوششون ڪيون، ۽ ان لاءِ انهن ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪيا؟ ساڳئي ڪتاب ۾ محقق صاحب، صفحي 206 کان وٺي، صفحي 212 تائين، ”خداوادي لپيءَ جي ڪامياب نه ٿيڻ جا ڪي سبب“ جي عنوان سان مستند حوالا ۽ دليل به ڏنا

آهن. ان سلسلي ۾ سرڪاري سطح تي ڪيل سفارشن جو ذڪر، صفحي 213 تي پڙهي سگهجي ٿو.

(ب) - ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب جي راءِ جي رد ۾، منهنجو هي دليل به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته مٿي ڄاڻايل ڪميٽيءَ پنهنجين سفارشن ۾ سنڌي ٻولي لاءِ عربي - سنڌي رسم الخط جي اختيار ڪرڻ لاءِ ٻين دليلن سان گڏ اهو دليل به ڏنو هو ته: "سنڌ ۾ سمن جي حڪومت (1351ع - 1521ع) واري زماني کان وٺي، 'عربي – سنڌي' ۽ 'نستعليق – سنڌي' رسم الخط، فارسي زبان جي ڪري به ڪيترن ئي سنڌي هندو عالمن وٽ به مقبول ٿي چڪو هو ۽ انهن رسم الخطن ۾ سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو، قلمي صورت ۾، سنڌ جي ڪيترن ئي هندو ۽ مسلمان عالمن وٽ سندن ذاتي ڪتبخانن ۾ موجود هو. انهيءَ دليل جي آڌار تي ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن کان سواءِ مذڪوره ڪميٽي ۾ شامل ٻين سڀني مسلمان ميمبرن به ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي، عربي – سنڌي رسم الخط جي اختيار ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي هئي".

7 (الف) "ليکڪ ٻاران" عنوان واري حصي ۾، صفحي 40 ۽ 41 تي محترم ملاح ڄاڻايو آهي ته خداوادي لپيءَ جي سلسلي ۾ سندس ذهن ۾ تيرهن سوال پيدا ٿيا هئا. اهي سوال هي هئا:

- ڇا خداوادي لپي واقعي تاريخي اهميت ۽ حيثيت رکندڙ هئي؟
- ڇا خداوادي لپي پنهنجي مختلف ۽ علائقائي نالن سان ڪاميابيءَ سان اسلوبي ڪارج ادا ڪندڙ هئي؟
- ڇا ان لپيءَ لاءِ خداوادي جو اصطلاح آهي يا خدا آباديءَ جو؟
- ڇا خداوادي لپيءَ کي ڪا علمي ۽ ادبي تاريخ هئي؟
- ڇا خداوادي لپي واقعي فقط لکل ڪاروباري حساب ۽ ڪتاب جي لکت لاءِ موزون ۽ ڪارگر هئي؟
- ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڪئپٽن ڊڪسن، ڪئٽ پرنگل، ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ ٻيا انگريز عملدار ڇو ٻيا چاهين ته سنڌ ۾ خداوادي لپي کي سرڪاري طور نافذ ڪجي؟
- انگريزن جي دور کان اڳ ۽ پوءِ ڪهڙن ادبي ۽ تاريخي ڪتابن ۾ خداوادي لپيءَ جو ذڪر آيو آهي؟
- عربي سنڌي الفابيٽ جي سرڪاري نفاذ کان پوءِ ، ڪهڙي مصلحت تحت انگريزن گڏوگڏ خداوادي لپيءَ کي نافذ ڪري سنڌ جي تعليم ۾ ٻٽي نظام کي متعارف ڪيو؟

- خداوادي لپيءَ جي اصلاح ۾ ڪهڙن ڪهڙن عالمن حصو ورتو ۽ ڪهڙيون ڪميٽيون جوڙيون ويون؟
- خداوادي لپي جو ڪامياب ٿي نہ سگهي ۽ تعليمي گهرجون پوريون ڪري جو نہ سگهي، جڏهن تہ عربي سنڌي ڪاميابيءَ سان پنهنجو ڪارج اڄ بہ جاري رکيون پئي اچي؟
- ڪهڙي طبقي عربي سنڌيءَ مان فائدو ورتو ۽ خداوادي لپي مان نقصان ورتو؟
- ڪهڙن عملدارن خداوادي لپيءَ کي سرڪاري طور ختم ڪرڻ جون سفارشون ڪيون؟
- جو خداوادي لپيءَ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ تنقيدن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ بہ جاري آهي؟

(ب) مختيار احمد ملاح، انهن سوالن جي جوابن کي پنهنجي هن ڪتاب ۾ صفحي 41 کان وٺي صفحي 44 تائين سموهيو آهي، ۽ صفحي 41 تي لکي ٿو تہ "انهن سوالن جي جوابن ۾ تلاش شروع ڪئي، مگر ڪجهہ مضمونن کان سواءِ ڪا خاص ڪاميابي ملي نہ سگهي.جيڪو مواد مليو ان ۾ ورجاءُ تمام گهڻو هو پراڻن ڪتابن ۾ فقط جهمٽمل نارومل جي گرامر جي ڪتاب ۾ ٿوري معلومات ملي ٿي".

ملاح صاحب کي پنهنجي جواب جي سلسلي ۾ جيڪو مواد هٿ آيو آهي، ان مواد جو تعارف هن پنهنجي جواب لکڻ کان اڳ ڪرايو آهي، پر طوالت کان بچڻ لاءِ آءٌ انهي مواد جا صرف عنوان هيٺ ڄاڻايان ٿو:

1. The Date of Sindhi (Hata vanika) Script & need to Propagate it (Pt. Kishanchand Jetley)
2. ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون) (مرليڌر جيٽلي)
3. سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ (مختيار احمد ملاح)
4. The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration (Based on official correspondence) (Mukhtiar Ahmed Mallah)
5. A Note on Sindhi Alphabet
6. هٽ واڻڪيءَ جو اتهاس (گنگارام سمرات)
7. خداوادي لپي (هدايت پريم)
8. خداوادي خط جي تاريخي اهميت (ڊاڪٽر آفتاب ابڙو)
9. واڻڪي، هڪ وسريل لپي (راڪيش لڪاٿي)
10. Final Proposal to Encode the Khudawadi Script in ISO/IEC (Anshuman Pandey)
11. Cosmopolitan Connections:The Sindhi Diaspora(Mark Anthony Fazlon) 2004

8 (الف) - هن ڪتاب جي ٻئي باب جو عنوان آهي: "خداوادي لپيءَ جي تاريخي اهميت". هي باب، صفحي 79 کان وٺي صفحي 83 تائين ڦهليل آهي. هن باب ۾ محترم مختيار احمد ملاح، علم لسان جي ماهرن جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد کان سواءِ سنڌو واديءَ جي قديم لکتن جهڙوڪ: 'برهمي لکت'، 'ديوناگري لکت'، 'خداوادي لپي' ۽ 'هٽ واڻڪي لپي' وغيره جهڙن موضوعن تي تحقيقي بحث ڪيو آهي. صفحي 81 تي سنڌ ۾ قديم زماني ۾ رائج انهن لکتن جو نقشو پڻ ڏنو اٿس، منهنجي نظر ۾ هي نقشو نهايت ئي اهم ۽ معلوماتي آهي. هن ئي حصي ۾ هٽائي واڻڪن اکرن ۽، خداوادي لپيءَ جي مختلف نالن جي تاريخي اهميت جي عنوان سان ڪيل ذڪر نهايت ئي اهم آهي.

(ب) قابل احترام محقق، رسم الخط جي ڌار ڌار نمونن کي پنهنجي هن ڪتاب ۾ 'لهجا' سڏيو آهي، پر منهنجي مطالعي ۽ ڄاڻ موجب، لهجا ، دراصل ڪنهن 'ڀاشا' جي 'اپڀاشائن' يعني 'شاخن' کي چئبو آهي، پر ڪنهن به رسم الخط جي ڌار ڌار 'نمونن' کي 'لهجا' نه. . پران رسم الخط جا 'نمونا' يا ڌار ڌار 'روپ' چوڻ مناسب ٿيندو.

مثال طور، ملاح صاحب ، صفحي 95 تي لکي ٿو:

"سنڌ ۾ برهمي ۽ ديوناگري خط، صدين کان هلندڙ هئا. ۽ انهن جا مختلف لهجا، مختلف نمونا، مختلف حصن ۾ الڳ الڳ نالن سان ۽ انداز بيان ۾ لکيا ويندا هئا. انهن مان خداوادي به هڪ هو".

محترم محقق جي مٿي ڏنل بيان مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته خداوادي، سنڌ ۾ رائج رسم الخط جو هڪ نمونو هو پر حقيقت ۾ ، خداواديءَ جي نالي سان سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لهجي جو نالو نه آهي.*

(ت) هن ڪتاب ۾ ملاح صاحب لکيو آهي ته قديم سنڌ جي ڌار ڌار خطن ۾ رائج رسم الخط، دراصل خداوادي رسم الخط جا ڌار ڌار نالا آهن. مثال طور هو صفحي 84 تي لکي ٿو:

" سنڌ ۾ خداوادي لپيءَ (خط) جي هڪ تاريخ آهي ۽ اهو خط مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو ڪيترن ئي ودوانن جو خيال آهي ته 'خداوادي لپي' به دراصل برهمي لپي مان نڪتل آهي، جنهن جو اساس موهن جي دڙي مان لڌل 'سنڌو لکت' ئي آهي.

ملاح صاحب، صفحي 92 تي لکي ٿو:

* ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي اصلاح تي مٿي بيان ڪيل متن کي درست ڪيو ويو آهي (ليکڪ)

"جنهن لپيءَ جا اُپترا نالا هجن اُن جو ضرور تاريخي پس منظر پڻ قديم هوندو. جنهن لاءِ اسان کي ماضيءَ جا ورق ورائڻا پوندا. درحقيقت جنهن لپيءَ کي اُپترن نالن سان سڏيو وڃي ٿو، ان جو نالو 'خداوادي' لپي آهي".

منهنجي خيال ۾ ملاح صاحب جي هيءَ راءِ، رسم الخط جي ماهرن جي نظر ۾ بحث طلب آهي ڇاڪاڻ ته 'خداوادي رسم الخط' سڏو سنئون برهمي رسم الخط مان نڪتل نه آهي. برهمي رسم الخط مان اڳتي هلي جيڪي رسم الخط نڪتا انهن ۾ 'اڳاتو ناگري رسم الخط' ۽ 'اردناگري رسم الخط' وغيره ڄاڻايا ويا آهن. اهڙيءَ طرح سڄي سنڌ ۾ قديم زماني ۾ رائج ڌار ڌار رسم الخطن جي حيثيت به ڌار ڌار هئي. اهي سڀ ڌار ڌار رسم الخط آهن ۽ اها دعويٰ به بحث طلب آهي ته اهي ڌار ڌار نالا خداوادي رسم الخط جا آهن. انهن رسم الخطن ۾ 'لوهاڻڪو رسم الخط'، 'ٺٽائي رسم الخط'، 'ڀاٽيا رسم الخط'، 'ساڪرو رسم الخط'، 'شڪارپوري رسم الخط'، 'ونگائي رسم الخط'، 'لاڙائي رسم الخط'، 'سنڌو رسم الخط' ۽ 'ملقاري رسم الخط' وغيره ڌار ڌار رسم الخط آهن ۽ اهو سمجهڻ صحيح نه آهي ته اهي سڀ نالا، خداوادي رسم الخط جا آهن جيئن محترم ملاح لکيو آهي ته:

"خداوادي لپي، سنڌ جي هڪ قديم رسمُ الخط رهي آهي، پر مختلف علائقن ۾ ان جا نمونا مختلف ۽ نالا به مختلف آهن. مثال طور 'واڻڪي'، 'هٽ واڻڪي'، 'هٽڪي'، 'لُنڊا' (ڪتريل)، 'خداوادي'، 'شڪارپوري'، 'ساڪرو'، 'هندو سنڌي' ۽ 'ٻنيا سنڌي' وغيره (ص 84).

ملاح صاحب ساڳئي صفحي (84) تي لکي ٿو:

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ خداوادي لپي کي سمجهڻ لاءِ سنڌ ۾ مروج سترهن لپين جو اڀياس ڪيو. انهن جو گڏيل چارٽ به جوڙيائين. اهي سڀ لپيون، قديم دور کان 19 صديءَ تائين سنڌ ۾ رائج هيون. اهي خط، ڪاٻي کان ساڄي لکيا ويندا هئا. اهڙن خطن ۾ 'ديوناگري خط'، 'خداوادي خط'، 'شڪارپوري خط'، 'ساڪرو خط'، 'لوهاڻڪو خط'، 'لاڙائي خط'، 'ونگائي خط'، 'راجائي خط'، 'خوجڪو خط'، 'ٺٽائي خط'، 'حيدرآبادي خط'، 'سيوهاڻي خط' ۽ 'ڏاڪڻو لهندا خط' شامل آهن".

منهنجي نظر ۾ سواءِ خوجڪي رسم الخط جي باقي سڀ رسم الخط ناگري رسم الخط مان ٺاهيا ويا هئا. خوجڪي رسم الخط، لوهاڻڪي رسم الخط مان جوڙيو ويو هو ۽ شايد لوهاڻڪو رسم الخط ناگري خط مان جوڙيو ويو هو آ: هت اها وضاحت ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، صرف خداوادي رسم الخط کي

سمجهڻ لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنل انهن سڀني خطن جو چارٽ ڪو نہ جوڙيو هو. پر دراصل سنڌي ٻولي جي ڌار ڌار لپين کي سمجهڻ لاءِ ٿي هن. مذڪوره چارٽ جوڙي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو هو".

هيءَ ڳالهہ ڪي بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ ورهاڱي تائين، هندو توڙي ڪي مسلمان قومون (ميمڻ ۽ خواجہ) پنهنجيون واپاري بنديون. پنهنجن پنهنجن رسم الخطن ۾ لکنديون هيون. ورهاڱي کان پوءِ بہ خوجڪي رسم الخط جي لکپڙهہ جو رواج سنڌ کان سواءِ دنيا جي ڪن ملڪن (ڀارت، يورپ، آمريڪا، آفريڪا ۽ ڪئناڊا وغيره) ۾. خواجہ اسماعيلي جماعت ۾ ڪافي عرصي تائين جاري رهيو. پر پوءِ نيٺ اڳتي هلي، اهو رسم الخط سنڌ سميت سڀني ملڪن مان ختم ٿي ويو.

(ٿ) ملاح صاحب، خداوادي خط جي نالي جي سمجهاڻيءَ لاءِ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي راءِ کي حوالي طور ڪم آندو آهي. هو صفحي 93 تي لکي ٿو: "فارسي لفظ 'خدا'، هندو عامل، منشي ۽ واپاري عام طور استعمال ڪندا هئا. هندو ڪميونٽيءَ ۾ جهڙيءَ طرح برهمي لپيءَ کي ڌرمي حيثيت ڏيندي، برهما جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح 'خداوادي' کي پڻ ڌرمي خط ڄاڻائيندي 'خدا جو آواز' سڏيو آهي".

منهنجي خيال ۾ خداوادي رسم الخط جو نالو، دراصل 'خدا آباد'، شهر جي نالي پٺيان رکيو ويو هو جيئن 'ٺٽائي رسم الخط'، 'ساڪرو رسم الخط'، 'ونگائي رسم الخط'، 'شڪارپوري رسم الخط'، 'حيدرآبادي رسم الخط' ۽ وغيره نالا ، انهن شهرن جي نالن پٺيان رکيا ويا هئا. خدا آباد جو قديم شهر ، ڪلهوڙن جي راڄ جي بانيءَ، ميان يار محمد ڪلهوڙي قائم ڪيو هو اڄ بہ خدا آباد شهر جا قديم آثار سيوهڻ- دادو شاهراهہ (انڊس هاءِ وي) تي، اولهہ طرف موجود آهن. ۽ لب سڙڪ، ان زماني ۾ تعمير ڪرايل شاهي مسجد اڄ بہ 'خدا آباد مسجد' جي نالي سان موجود آهي.

9- (الف) قابل احترام محقق ، صفحي 49 کان وٺي صفحي 78 تائين، "سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ جو علمي ۽ ادبي رهنوار" جي عنوان سان هڪ باب ۾ مثالن جي مدد سان ذڪر ڪيو آهي. هن باب کي آءٌ هن ڪتاب جو اهم باب چوندس.

ڊاڪٽرمرليڌر جيتلي جي حوالي سان، محقق مختياراحمد ملاح صاحب هن باب ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ديوناگري لپي، سائنسي سرشتي واري لپي آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي حوالي سان مختيار احمد ملاح صاحب لکي ٿو:

"سڄي ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر پڻ ڪيترن ئي ملڪن ۾ ديوناگري لپيءَ جي ڦهلاءَ جو مکيہ سبب اهو آهي تہ اها پورڻ روپ سان وگيانڪ سرشتي واري آهي. هن لپيءَ

۾ ماترائن جو استعمال لازمي هئڻ ڪري، لکيل ٻوليءَ ۽ ڳالهائڻ جي ٻوليءَ جي روپ ۾ گهٽ ۾ گهٽ مشابهت آهي". (ص 51)

محترم مختيار احمد ملاح، هن باب ۾، سنڌ ۾ ، ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل ۽ ڇپيل مواد جو تصويرون ڏيئي، هن باب کي نهايت ئي اهم باب ثابت ڪيو آهي. هن باب ۾، هن، سنڌي ٻوليءَ جي اساسي ادب جي حوالي سان ، 'قاضي قادن کي ساکي'، 'دادو ديال جي شلوڪن' ۽ 'سوامي پراڻ ناٿ جي واڻين' مان ڪن چونڊ مثالن جون تصويرون پڻ ڏنيون آهن. اهڙي طرح صفحي 73 تي، گرمکي لپيءَ ۾ ساميءَ جي لکيل سلوڪن جو تصويرون پڻ ڏنيون اٿس.

ساڳيءَ طرح 1819ع ۾، بائيبل جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل ترجمي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيل مسودي جون تصويرون پڻ شامل ڪيون اٿس. ساڳيءَ طرح صفحي 102 کان وٺي صفحي 110 تائين، "خداوادي لپيءَ ۾ اڪريل لڪتون" جي عنوان سان پڻ هڪ باب شامل ڪيو اٿس. محترم ملاح هن باب ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ ۾ اڪريل لکت جو پهريون مثال ، سنڌو تهذيب جي لپيءَ ۾ ملي ٿو. ان کان پوءِ، کيرٿر جبلن تي غارن ۾ اڪريل لکتن جا ٻه ڪيترائي نمونا مليا آهن. خداوادي لپيءَ جا ڪيترائي مثال، مندرن جي پٿين تي اڪريل ملن ٿا.هندو ڪميونٽي پنهنجي مندرن ۽ ٻين ڌرمي جاين تي ٻه خداواديءَ جو استعمال ڪندي هئي. اهڙي اڪريل لکت، لسانياتي ماهرن کي حيران ڪري وجهي ٿي". (ص 102)

ملاح صاحب انهيءَ اڪريل لکت جون ڪي تصويرون، شري اڏيري لعل جي دربار ، ساڌ ٻيلي جي مندرن، شڪارپور جي هڪ اوجها اسڪول ۽ جيڪب آباد جي ڪپڙي جي مارڪيٽ جي تختي مان هٿ ڪري ڏنيون آهن.

10. خداوادي آئيويٽا جي جوڙجڪ لاءِ سرڪاري ڪوششون

(الف) صفحي 139 کان صفحي 171 تائين مٿي ڄاڻايل عنوان هيٺ، باب نائون شامل ڪيو اٿس. هي باب دراصل باب ستين کان اڳ ڏيڻ کپندو هو. ڇاڪاڻ ته باب ستين ۽ باب اٺين ۾ سنڌ ۾ "خداوادي لپيءَ جي سرڪاري طور قبوليت لاءِ هلچل" (صفحي 135 کان وٺي صفحي 138تائين) ۽ "خداوادي آئيويٽا جي جوڙجڪ لاءِ سرڪاري ڪوششون" (صفحي 139 کان صفحي 170 تائين، جي عنوان سان ڌار ڌار باب شامل ڪيا ويا آهن. صفحي 173 تي، ديوان نارائڻ جگن ناٿ جي سربراهيءَ هيٺ، خداوادي

لپيءَ ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻڻ لاءِ انگريز سرڪار طرفان جيڪا ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي، ان ڪميٽيءَ جا ميمبر هي هئا:

1. جي. جي. مور، تعليم کاتي جو انسپيڪٽر، سرپرست اعليٰ
2. نارائڻ جگن ناٿ وئديه، سربراهه
3. منشي پرڀداس آنند رام، ميمبر
4. منشي اڌارام ٿانورداس، ميمبر
5. مسٽر ڪرشن شاستري، ميمبر
6. مسٽر ڪوڙومل چندنمل، ميمبر
7. مسٽر آلومل ٽيڪمداس، ميمبر

1868ع ۾، هندو سنڌي (خداوادي) کي سرڪاري طور نافذ ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان پڌر نامو به جاري ڪيو ويو هو. ان جو سنڌي ترجمو، ملاح صاحب صفحي 176 ۽ 177 تي پيش ڪيو آهي. اهي باب، دراصل هن ڪتاب جا نهايت اهم، مستند ۽ معلوماتي باب آهن. باب ٻارهين ۾ خداوادي لپيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون جي عنوان سان ملاح صاحب صفحي 180 تي هن ريت لکيو آهي:

" 1868ع ۾ خداوادي کي سرڪاري حيثيت ملي. حڪمرانن سنڌي لکتن کي مذهبي رنگ ڏنو مسلمانن جي لکت کي 'عربي سنڌي' ۽ هندن جي لکت کي 'هندو سنڌي' يا 'ٻنيا سنڌي' چوندا هئا. جڏهن ته سنڌي عالم ان کي اڪثر ڪري ديوناگري لپي ڪري سڏيندا هئا، ۽ ڪي ٿورا ان کي خداوادي يا خدا آبادي لپي ڪري سڏيندا هئا. هن لپيءَ کي اسڪولن ۾ عام ڪرڻ لاءِ الفابيٽ شيٽ جون 3000 ڪاپيون شايع ڪري سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ مفت ورهايون ويون. هندو شاگرن کي تاڪيد ڪيو ويو ته عربي سنڌي ڇڏي هندو سنڌي اکرن ۾ تعليم حاصل ڪن. هندو سيٺين، زميندارن، آفيسرن، منشين ۽ مشهور ماڻهن کي گذارش ڪئي وئي ته سڀ هن نئين الفابيٽ کي هر حال ۾ ڪامياب ڪن. نوان استاد ڀرتي ڪري ڪين هندو سنڌيءَ ۾ سکيا ڏياري وئي. استادن کي خاص وظيفا، رعايتون ۽ آفرين ناما ڏنا ويا".

انهن سرڪاري قدمن جو ذڪر، ملاح صاحب، صفحي 180 کان 205 تائين ڪيو آهي، جيڪو تمام گهڻو معلوماتي باب آهي. هن موضوع تي هن کان اڳ ٻئي ڪنهن به محقق ڪجهه به نه لکيو آهي. مطلب ته سنڌ ۾، هن قسم جي مذهبي مت ڀيد کي وڌائڻ وارين ڪوششن جو ذڪر، حوالن سان ڀرپور دفعو ملاح صاحب ئي ڪيو آهي.

(ب) ان کان سواءِ ملاح صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾، صفحي 139 کان وٺي صفحي 204 تائين خداوادي لپيءَ جي سرڪاري سرپرستيءَ لاءِ "ڪهڙن ڪهڙن انگريزن سنڌي ڪامورن اهم ڪوششون ڪيون" واري موضوع تي سڀني ڪامورن جو تعارف پڻ ڪرايو آهي، اهي هي هئا:

هينري پريسٽلي جيڪب (1844-1894ع)، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 180 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

مسٽر اي. جي. رائيٽ، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 181 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

ڪوڙومل چندن مل کلناڻي (1844-1916ع)، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 182 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

ماستر جهمٽمل نارومل وسڻاڻي (1847-1926ع، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 182 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

سر هينري بارٽل فريئر، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 139 کان صفحي 141 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

سر بيرو هربرٽ ايلس، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 142 کان صفحي 143 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو

ڪئپٽن فريڊرڪ ليسٽر (1825-1915ع)، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 168 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

وشواسنات نارائڻ مينڊلڪ (1833-1889ع)، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 169 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

نارائڻ جگن ناٿ وئديه (1825ع - 1874ع)، هن صاحب جي باري ۾ صفحي 173 تي ڪيل ذڪر پڙهي سگهجي ٿو.

انهن ماهرن جي ڪيل ڪوشش کان سواءِ، هندو جاتيءَ طرفان جيڪي بيون ڪوششون ڪيون ويون هيون، انهن جو ذڪر صفحي 180 کا وٺي 205 تائين پڙهي سگهجي ٿو. اهي ڪوششون هيٺ ڏجن ٿيون:

هندو سنڌي اسڪولن جو قيام- هن سلسلي ۾ ڪيل ذڪر صفحي 185 کان صفحي 191 تائين پڙهي سگهجي ٿو

هندو سنڌي درسي ڪتابن جي اشاعت - هن سلسلي ۾ ڪيل ذڪر صفحي 192 کان صفحي 198 تائين پڙهي سگهجي ٿو.

هندو سنڌيءَ ادبي ڪتابن جي اشاعت- هن سلسلي ۾ ڪيل ذڪر صفحي 199 کان صفحي 205 تائين پڙهي سگهجي ٿو.

(ت) ستين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري قبوليت ۽ خداوادي کي مليل ميجتا تي ڀرپور روشني وڌي وئي.

هن باب ۾ انگريزن جي حڪومت واري زماني ۾، خداواديءَ لاءِ ڪيل انتظام جي تاريخ پڻ بيان ڪئي وئي آهي. هن باب ۾، سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ملڻ جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر،مسٽر رچرڊ ڪيٿ پرنگل (1810-1897ع) جي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمتن جو صفحي 118 جي حاشيي تي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر سر جارج ڪلرڪ جي 24 اپريل 1848ع واري حڪمنامي جو حوالو پڻ ڏنو ويو آهي. هي حوالو هن کان اڳ، 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب (ڇاپو چوٿون ، ص 95)۾ پڻ ڏنو ويو آهي.

هن ئي باب ۾ ملاح صاحب، صفحي 120 کان وٺي صفحي 121 تائين ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن جي، خداوادي لپيءَ جي مخالفت ۾ ڏنل راءِ جو تفصيل سان حوالو ڏنو آهي، ۽ ساڳيءَ لپيءَ (خداوادي ) جي حمايت ۾، صفحي 121 کان صفحي 131 تائين ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جا ڏنل رايا پڻ شامل ڪيا اٿس.

(ث) ملاح صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي هن ئي باب ۾ خداوادي لپيءَ جي نئين سر جوڙ جڪ لاءِ سرڪاري طور ڪيل ڪوششن جو حوالن سان تفصيلي طور ذڪر ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح باب ٻارهين (صفحي 206 کان صفحي 212 تائين) ۾ "خداوادي رسم الخط جي ڪامياب نہ ٿيڻ جا ڪي سبب" ۽ "اُن (خداوادي لپيءَ) کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي سفارشون" واري عنوان هيٺ خداوادي لپيءَ جي ڪامياب نہ ٿيڻ جا جيڪي سبب ڄاڻايا اٿس، اُهي هيٺ موجب آهن:

- ماترائن کان خالي لپي
- علائقائي ۽ گهٽ نالن واري لپي
- هندو واپارين تائين محدود لپي
- غير ادبي لپي

* تعليم کان خالي لپي
* هڪجهڙائيءَ کان وانجهيل لپي
* خداوادي لپي ۽ پڙهندڙن کي سرڪاري نوڪريون
* عربي سنڌي الفابيٽ جي پختگي

انهن سڀني اڻٽاين جو ذڪر ملاح صاحب، تفصيلي طور ڪيو آهي پر هن مهاڳ جي ڏکهي ٿي وڃڻ سبب آءٌ اهو پڙهندڙن تي ئي ڇڏيان ٿو اُهي پاڻ، باب ٻارهين ۾ صفحي 206 کان وٺي صفحي 212 تائين خداوادي خط جي ڪامياب نه ٿيڻ جا ڪي سبب واري عنوان هيٺ ڏنل مواد جو مطالعو ڪن.

11. (الف) - صفحي 172 کان وٺي، صفحي 175 تائين باب ڏهون ڏنو ويو آهي هن باب جو عنوان آهي "خداوادي آئيوبتا ۽ ان جي سرڪاري اصلاح واري ڪميٽي". دراصل ڪنهن به ٻوليءَ جي آئيوبتا ناهڻ لاءِ ان ٻولي جي آوازن کي لکت جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ انهن آوازن جا حرف جوڙيا ويندا آهن. هن باب جي شروعات ملاح صاحب هن طرح ڪئي آهي:
خداوادي لپي ڪاهي کان ساڃي لکي ويندي آهي. هن لپيءَ ۾ حروف علت (Vowels) پهريان ڪونه هوندا هئا، نه وري هن لپيءَ ۾ ڪو به ادب تحرير ٿيل هو. هيءَ لپي مختصر ۽ خفيه لکت ۽ جلدي لکڻ لاءِ بهترين هئي، جيئن آفيسن ۾ شارٽ هينڊ هوندو آهي. ان کي سکڻ لاءِ هڪ ان ۾ موجود حرف صحيح (Consonants)ياد ڪرڻ لاءِ محنت جي ضرورت ۽ ان ۾ موجود خاص نشانين کي سمجهڻ لاءِ ذهني مشق ڪرڻ جي ضرورت پوندي هئي. (ص 172)
اڳتي هلي تي ملاح صاحب جي ڏنل هيٺين راءِ به عربي - سنڌي رسم الخط جي ماهرن جو ڌيان ڇڪائيندي، ملاح صاحب لکي ٿو ته:
"موجوده سنڌي الف - ب (عربي - سنڌي خط) ۾ خداواديءَ جا ڪي اکر عربي الف ب جي اکرن سان هڪجهڙائي ظاهر ڪن ٿا، جيئن: "د، ذ، ڌ، ج ح، ع، ف، و، ل ۽ ڪ". (ص 175)
پر منهجي مطالعي ۽ ڄاڻ موجب، ملاح صاحب جي هي راءِ به غور طلب آهي ڇاڪاڻ ته عربيءَ جي رسم الخط وارا حروف، جهڙوڪ: ذ، ع، ح ۽ ف خداوادي لپي ۾ هرگز موجود نه آهن. دراصل اهي حروف خداوادي لپيءَ ۾ نه قديم زماني ۾ موجود هئا ۽ نه ئي وري ناراڻ جڳن ناٿ واري ڪميٽي ان (خداوادي لپيءَ) ۾ شامل ڪري سگهي هئي.
(ب) ملاح صاحب، صفحي 172 جيڪا ٻي راءِ ڏني آهي ان مان اهو به ٿو ظاهر ٿئي ته اسان جو محترم محقق، سنڌي صوتيات جي اصولن کان به گهڻو واقف نٿو ڏسجي. مثال طور ملاح صاحب صفحي 172 تي لکي ٿو:

"خداواديءَ ۾ 69 حرف آهن، جنهن ۾ 37 حرف صحيح (consonants) ۽ 10 حرف علت (vowels)، 9 ننڍا حرف علت (vowel diacritics) ۽ 9 زيرين ۽ زبرن واريون علامتون ۽ 2 متفرق نشانيون، حروف صحيح ۾ وڌايل آهن".

آءٌ ملاح صاحب جي هن راءِ تي ڪجهه به وڌيڪ لکڻ کان معذرت خواهه آهيان بهتر ٿيندو ته ملاح صاحب يا ته پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جي ڪتاب 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' جو مطالعو ڪري يا منهنجن ڪتابن 'سنڌي صوتيات' ۽ 'سنڌي ٻولي جو تشريحي گرامر' کي ڏسي ۽ يا ته وري ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب جي هن موضوع تي لکيل ڪتابن ۽ مضمونن جو مطالعو ڪري.

12. (الف) هن ڪتاب ۾ صفحي 213 کان باب تيرهون شروع ٿئي ٿو، هن باب جو عنوان آهي خداوادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي سفارشون". حيرانيءَ جي ڳالهه آهي ته انگريزن جي حڪومت هڪ طرف جتي عربي - سنڌي رسم الخط جي نافذ ڪرڻ لاءِ احڪام جاري ڪيا، اُتي ساڳئي وقت خداوادي لپي کي به رائج ڪرڻ ۽ ان لپيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي وڏيون ڪوششون ڪيون، پر انهيءَ هوندي به خداوادي لپي جي ڪامياب نه ٿيڻ کان پوءِ انگريز سرڪار ساڳئي وقت ان ساڳيءَ لپيءَ (خداوادي) کي سرڪاري سطح تي ختم ڪرڻ لاءِ بمبئي جي گورنر کي سفارشون ڪيون. خداوادي لپي کي ختم ڪرڻ لاءِ جن ماهرن انگريز سرڪار کي پنهنجون سفارشون ڪيون، انهن ماهرن ۾ سرگريئرسن، ديوان ڏيارام گدومل ۽ ايڊورڊ جائلس جا نالا خاص طور ڏنا ويا آهن. مختيار احمد ملاح هن مسئلي جي باري ۾ صفحي 213 تي لکي ٿو:

"جنهن جوش ۽ خروش سان خداوادي لپيءَ کي 1855ع ۾ اسڪولن ۾ متعارف ڪرڻ واسطي منظوري ورتي وئي ۽ 1868ع ۾ ان کي سرڪاري طور اسڪولن ۽ بين شعبن ۾ نافذ ڪيو ويو مگر تجربو ڪامياب ٿي نه سگهيو. 'عربي-سنڌي' سان گڏ خداوادي آڻڻ هڪ سياسي مصلحت ۽ ڏرمي مقصد کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ وظيفا، سرٽيفيڪٽ ۽ پگهارن ۾ اضافا وغيره ارپيا ويا. ان جي برعڪس اهو خط ڪامياب ٿي نه سگهيو. خود هندو عالمن، اديبن، شاگردن ۽ انگريز عملدارن ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪار کي سفارشون موڪليون".

(ب) صفحي 231 کان وٺي، صفحي 255 تائين، خداوادي لپيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ عالمن ۽ ماهرن جي طرفان ڪيل ڪوشش جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن ماهرن خداوادي لپي

کي زنده رکڻ ۽ سنڌ ۾ ان کي سرڪاري طور رائج ڪرائڻ ۽ ان جي ترقي لاءِ ڪوششون ڪيون. انهن عالمن ۽ ماهرن جو سنڌن تصويرن سميت مختصر تعارف پڻ ڪرايو ويو آهي. اهي عالم ۽ ماهر هي هئا:

※ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (1819ع - 1853ع)
※ نارائڻ جگن ناٿ وئديه (1825ع - 1874ع)
※ ڪشنچند جيٽلي (1910ع - 1995ع)
※ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو (ڄڃرين مارچ 1956ع)

(ت) ان کان اڳ. ملاح صاحب "خداوادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڪيل سفارشن" جو صفحي 213 کان وٺي صفحي 216 تائين ذڪر ڪيو آهي. خداوادي لپي جي خامين جي باري ۾، ملاح صاحب سرگريئرسن، سر هينري جيمس، ديوان ڏيارام گدومل ۽ مسٽر جائلس جا ذئل رايا پنهنجي هن ڪتاب ۾ حوالي طور ڏنا آهن پر طوالت کان بچڻ لاءِ آءُ انهن چئن ئي ماهرن مان فقط ٻن ماهرن يعني سر گريئرسن ۽ ديوان ڏيارام گدومل جا رايا هيٺ پيش ڪريان ٿو:

"مثال طور سر گريئرسن، خداوادي لپي جي ناڪامي لاءِ جيڪي سبب ڄاڻايا هئا اهي هن ڪتاب جي صفحي 213 تي ملاح صاحب ڏُهرايا آهن، جيئن:

"لُنڊا کي سنڌي ۾ ٻنيا يا واڻڪا اکر به چوندا آهن جيڪو تمام اڻپورو رسم الخط آهي جنهن ۾ وچ وارا سر يا حروف علت ڪو نه هوندا هئا. اها لکت اصلوڪن لکندڙ کان سواءِ ٻين کي گهٽ سمجهه ۾ ايندي هئي، بلڪ خود ان کي به ڪڏهن سمجهه ۾ ڪا نه ايندي آهي".

هو (سر گريئرسن) وڌيڪ لکي ٿو:

"واڻڪي لکڻيءَ کي پڙهڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪوششون به ڪيون ويون آهن. اها سڌاريل هندو الف - ب اسڪولن ۾ به سيکاري وئي، ان ۾ ڪتاب به ڇپايا ويا، پر اها سرڪاري سرپرستيءَ جي باوجود ڪامياب نه ٿي. ان لاءِ ٽيندڙ ڪلاس ختم ڪيا ويا ۽ ماڻهو هاڻي به پنهنجي طريقي سان لکڻ کي ترجيح ڏين ٿا".

اهڙيءَ طرح ديوان ڏيارام گدو مل جي تعارف ڪرائڻ کان پوءِ سندس راءِ جي باري ۾ ملاح صاحب لکي ٿو:

"سنڌ جو ٽڏهوڪو اسسٽنٽ ڪليڪٽر، مسٽر ڏيارام گدومل جيڪو پاڻ به عالم هو، تنهن هن رسم الخط کي منسوخ ڪرڻ لاءِ سفارش ڪندي سرڪار کي لکيو هو ته "تجارتي

جماعتون بہ هن نئين خط مان بيزار ٿي پيون آهن ۽ هندن جا ٻار هن خط کي رڳو ٽيستائين سکي رهيا آهن جيستائين اسڪولن ۾ آهن اسڪولن ڇڏڻ کان پوءِ، هو هن نئين خط کي وساري ٿا ڇڏين. ۽ پراڻي شارٽ هئنڊ واري خط کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن هن وقت بہ اٿين ٿي ٿي رهيو آهي هندو واپاري، پنهنجي حساب ڪتاب لاءِ ڪي لِڪل نشان ۽ ڳجهيون علامتون ٿا رکن جن کي فقط هو پاڻ ئي سمجهي ٿا سگهن. ۽ ان جي تشريح بہ پاڻ ئي ڪري ٿا سگهن. هو ان کي 'هٽڪي' ٿا سڏين اهو لازمي ٿي پيو تہ هندو واپاري، پنهنجي 'هٽڪي' خط جي هوندي، ڪنهن اهڙي طرز تحرير سان دلچسپي نہ ٿا رکن جنهن کي هر ڪو شخص آسانيءَ سان سمجهي ٿي سگهيو"(ص 214، 215)

(ٿ) هن ئي ڪتاب ۾ محترم مختيار احمد ملاح مختلف ماهرن جا خداوادي خط جي فائدي ۽ مخالفت ۾ رايا بہ ڏنا آهن. مثال طور صفحي 120 تي هن خداوادي خط جي مخالفت ۾ ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن جو رايو ڏنو آهي ۽ ساڳئي باب ۾ خداوادي خط جي حمايت ۾ وري صفحي 121 کان 124 تائين ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، صفحي 131 تي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل ۽ صفحي 131 کان صفحي 132 تائين بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪلئنڊ جا رايا ڏنا آهن.

(ج) اڳتي هلي ملاح صاحب صفحي 217 کان وٺي صفحي 226 تائين "خداوادي خط کي ختم ڪرڻ تي تنقيدون" جي عنوان واري باب ۾ سنڌ جي انهن ماهرن جا تنقيدي رايا نقل ڪري ڏنا آهن جيڪي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جا وڏا ۽ قداور عالم ۽ ماهر تسليم ڪيا ويندا آهن انهن ماهرن جا نالا هي آهن:

پيرومل آڏواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڏيارام وسڻ مل، ڪشنچند جيٽلي، سلامتراءِ گراماڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، موتيرام ايس راموائي، راڪيش لڪاڻي، پروفيسر مائيڪل بوون، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ۽ ڊاڪٽر ميٿيو اي. ڪوڪ.

مهاڳ جي طوالت سبب آءٌ انهن ماهرن مان فقط ڪاڪي پيرومل جو ڏنل رايو هيٺ هوبهو ملاح صاحب جي حوالي سان دهرايان ٿو. مختيار احمد ملاح جي لکڻ موجب:

"ديوان پيرومل ماهوار سنڌو جي جنوري، 1934ع واري پرچي ۾، پنهنجي هڪ عالماڻي مضمون ۾ اها راءِ ڏني هئي جيڪا هن (ملاح صاحب) پنهنجي هن ڪتاب ۾، صفحي 217 ۽ 218 تي پيش ڪئي آهي." پنهنجي ان مضمون ۾ پيرومل آڏواڻيءَ لکيو هو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڻوڪي عربي سنڌي لپي غير سياويڪ آهي ۽ نقصانڪار آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سياويڪ ۽ سرل لپي ديوناگري آهي".

ديوان پيرومل وڌيڪ لکي ٿو :
"لبي يا آئيوپنا ناهڻ لاءِ پهرين ۾ مکيه ڳالهه هيءَ آهي تہ ورڻ مالا (آئيوپنا) جا سڀ اکر پوري ترتيب سان بيهارجن. مثال لاءِ ديوناگري آئيوپنا ڏسو جنهن ۾ پهريائين ڪنٺ ۾ نڙيءَ جي اچار وارا، پوءِ تارونءَ جي اچار وارا، ۽ پوءِ چپ، ڏندن ۽ چپن جي اچار وارا اکر آهن. انسان جيڪي اکر، وات مان ڪڍي ٿو، تن جا اچار آهي ئي واتون وٺي ٻاهر نڪرن ٿا، تنهنڪري چئبو تہ ديوناگري آئيوپنا بلڪل 'سائنٽيفڪ' يا وگيانڪ ريت نهيل آهي".
(ح) مون کي تعجب آهي تہ ملاح صاحب، هن سلسلي ۾ جتي ايترو وسيع مطالعو رکي ٿو ، اتي هن صاحب کي، ڀارت جي هڪ هئي سنڌي ماهر ، ديوان لوڪنات جنهن 'عربي - سنڌي' لپيءَ تي سخت تنقيد ڪئي هئي، ان تنقيد جو ملاح صاحب پنهنجي هن اهم تحقيق ۾ ذڪر نہ ڪيو آهي. ديوان لوڪنات جي ان تنقيد جو حوالو ۽ ڪيس (ديوان لوڪنات کي) ڏنل منهنجو جواب مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صورتخطي' جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي. *
بهرحال، خداوادي لپيءَ جي سلسلي ۾ ڏنل اهو مڪمل دستاويز انگريزن جي حڪومت واري زماني وارن سرڪاري فائيلن کان سواءِ ڪن ڪتابن ۽ مضمونن ۾ ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ موجود ضرور هو. ان ساري مواد کي محترم مختياراحمد ملاح ئي جدا جدا لائبريرين مان هٿ ڪري پنهنجي هن ناياب شهپاري ۾ سموهي، هن ڪتاب جي موجوده پڙهندڙن توڙي آئينده جي محققن لاءِ هڪ هنڌ مهيا ڪيو آهي. ملاح صاحب جي انهي جاکوڙ لاءِ هو صاحب سڄي سنڌ جي ماڻهن جوجس لهڻي.
(خ) ان کان سواءِ جيڪا ڳالهه خاص طور توجهه طلب آهي: اها هيءَ آهي تہ انگريزن طرفان، سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ مذهبي مت ڀيد ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي وچ ۾ ويڇا وجهڻ واريءَ نيت جي باري ۾، ملاح صاحب ثبوتن سان جيڪا نشاندهي ڪئي آهي سندس لکيل اهو احوال سنڌ توڙي ڀارت ۾، رهندڙ امن پسند سنڌين جي وچ ۾ هندو - مسلم اتحاد ۽ ڀائيچاري وارو رويو رکڻ لاءِ هڪ اهم ۽ نيڪ پيغام آهي.
13. (الف) اهڙيءَ طرح صفحي 228 ۽ صفحي 230 تي "خداواديءَ جو سنڌ ۾ انجام" جي عنوان واري باب ۾ محترم مختيار احمد ملاح صاحب پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هن باب جي شروعات ملاح هن طرح ڪئي آهي:

---

*ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي نشاندهيءَ تي،ديوان لوڪنات جو حوالو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي (ليکڪ)

"اسان پنهنجي تحقيق جو مفروضو (Hypothesis) ناهيو هو تہ ديوناگري هڪ ادبي، تعليمي لپي هئي، ان جي برعڪس خداوادي غير فطري، غير سائنسي لپي هئي، جنهن جو ناڪام ٿيڻ هڪ فطري عمل هو ان جي اپنائڻ سان سنڌي ٻوليءَ کي نقصان ٿئي ها. البتہ ڪاروباري لکت پڙهت جي لاءِ ان جو استعمال انتهائي اهم هو. اسان پنهنجي تحقيقي حوالن سان اهو ظاهر ڪيو تہ خداوادي لپي سنڌ جي اصلوڪي لپي آهي، جنهن ۾ لکت جو هڪ خاص نظام هلندڙ هو. هڪ وڏي با اثر طبقي جي استعمال هيٺ هئڻ باوجود هو ان کي علمي ادبي لکت جي ڪارج لاءِ مفيد بڻائي نہ سگهيا." (ص 228)

ملاح صاحب اڳتي صفحي 229 تي لکي ٿو:

" 1947ع جي ورهاڱي سبب، خداواديءَ جا اڪثر لکندڙ هندستان لڏي ويا، ۽ سنڌ ۾ خداوادي لپي ختم ٿي وئي، بهرحال، ٿي سگهي ٿو تہ شڪارپور ۽ ڪن ٻين شهرن ۾، باقي ڪي ڪاڪا هجن، جيڪي خداواديءَ جو استعمال ڪندا هجن!"

ملاح صاحب اڳتي صفحي تي ڊاڪٽر هدايت 'پريم' جي هڪ مضمون جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"خداوادي رسم الخط سنڌيءَ ٻوليءَ جو هڪ يادگار رسم الخط آهي، پر سنڌيءَ ۾ عربي رسم الخط ۾ گهڻو ئي ادب، خصوصن شاعري وڏي عرصي کان تحرير ٿي چڪي هئي ۽ عربي فارسي رسم الخط جي گهڻين خوبين سببان سنڌي ٻوليءَ لاءِ ان کي اختيار ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح خداوادي خط، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي ورقن ۾ هڪ وساريل ورق بڻجي ويو".

(ب) - پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ آءٌ ايترو ضرور عرض ڪندس تہ جتي خداوادي رسم الخط سنڌي ٻوليءَ جو هڪ يادگار رسم الخط آهي، اتي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ رائج ٻيا رسم الخط، جهڙوڪ 'لوهاڻڪو خط'، 'لنڍائي خط' ۽ 'ساڪرو خط' ، پاڻين جا ڌار ڌار رسم الخط، بدين طرف 'ونگائي رسم الخط'، شڪارپور ۾ 'شڪارپوري رسم الخط' ۽ ٻيا بہ ڪيترائي رسم الخط، هندو جاتيءَ کان سواءِ مسلمانن ۾ ميمڻ ۽ خواجا جماعت جا ماڻهو پنهنجي واپاري ڪار وهنوار ۾ پنهنجا پنهنجا ڌار ڌار رسم الخط ٻيا ڪم آڻيندا هئا. اهي سڀ رسم الخط بہ اوترائي تاريخي ۽ يادگار رسم الخط آهن جهڙوڪ خداوادي خط هڪ تاريخي ۽ يادگار رسم الخط هو. هي نقطو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ خوجڪي رسم الخط ۾ لکيل قلمي نسخا توڙي ان خط ۾ ڇپيل مسودا، اڄ بہ ممبئي

اگوڻيءَ رياست ڪڇ ۾ موجوده گجرات رياست جي ڪن شهرن ۾ آباد اسماعيلي جماعتن کان سواءِ پاڪستان ڪراچيءَ ۾ اسماعيليه طريقه بورڊ جي لئبرريءَ کان سواءِ لنڊن ۾ برٽش لائبريري کان سواءِ انسٽيٽيوٽ آف اسماعيلي اسٽيڊيز جي لائبريري ۾ يادگار اساسي طور اڄ به موجود آهن. انهن جو ذڪر محترم سراج الحق ميمڻ به پنهنجي آرٽيڪل ۾ ڪيو هو. خود مون وٽ به خوجڪي رسم الخط ۾ڇپيل ڪي ڪتاب موجود آهن. خوجڪي رسم الخط ۾ اسماعيلي داعين ۽ اسماعيلي سيدن جي چيل گنانن کان سواءِ اسماعيلي عقيدي جي امامن جي تاريخ ۽ ڪي واپاري بنديون ۽ ٻيو مواد به موجود آهن.

14. (الف) صفحي 132 کان وٺي صفحي 133 تائين ملاح صاحب، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي انهن احڪامن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي جن ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري درجو ڏيڻ سان گڏ سنڌ ۾ عربي - سنڌي رسم الخط جي نفاذ ۽ خداوادي خط جي ميجنا جو ذڪر ڪيل آهي.

منهنجي مطالعي موجب سنڌ جي ڪمشنر طرفان سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري طور ڪنهن هڪ رسم الخط جي مقرر ڪرڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان مسٽر بي.ايچ. ايلس جي صدارت ۾ جوڙيل ڪميٽيءَ جون تيار ڪيل سفارشون، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي سندن آخري فيصلي ۽ رهنمائي لاءِ موڪليون ويون هيون پر ملاح صاحب صفحي 131 تي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل جي 26 اپريل 1849ع واري خط جو حوالو ڏيئي لکيو آهي ته مذڪوره خط، مسٽر پرنگل بمبئيءَ جي گورنر کي لکيو هو ان خط ۾ هن (مسٽر پرنگل) لکيو هو ته:

"مان ليفٽيننٽ برٽن جي پلان تي گهڻو ويچاريو ڪيو آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته عربي- سنڌي رسم الخط سنڌ ۾ ناقابل استعمال رهندو سواءِ ڪجهه پڙهيل لکيل سنڌين جي، سيئي سنڌي ان کي فارسي ۾ لکي ۽ پڙهي نه ٿا سگهن ان کان علاوه اڪثر عملدارن جو خيال آهي ته سنڌي ٻولي، هندو بڻ بنياد مان آهي، ان ڪري ان لاءِ رسم الخط به ان نسل مان هئڻ گهرجي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پاران ڏنل سنڌي لپي جي سلسلي واري صلاح وڏيڪ مناسب آهي، جنهن کي وڌيڪ بهتر ڪري اختيار ڪري سگهجي ٿو." (ص 131)

(ب) اڳتي هلي، صفحي 131 ۽ 132 بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪلئنڊ جي، سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل جو مٿي ذڪر ڪيل خط. سندس (لارڊ فاڪلئنڊ) ڏنل راءِ سان

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس کي موڪلي ڏنو. محترم مختيار احمد ملاح صفحي 131 تي حوالي طور لارڊ فاڪلئنڊ جي خط جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

" بمبئيءَ جي گورنر انڪل ہہ مهينا فائيل پاڻ وٽ رکيو مگر فيصلو ڪري نہ سگهيو. بهرحال هن پنهنجي ويچارن ۾ 'خداوادي' جي حمايت ڪندي فائيل کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڏانهن موڪليو".

ملاح صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾، ساڳئي صفحي 131 تي لارڊ فاڪلئنڊ جي راءِ جو هوبهو نقل پيش ڪيو آهي. پنهنجي خط ۾ لارڊ فاڪلئنڊ لکيو ته:

"مان ان ڳالهه سان ہہ سهمت ڪريان ٿو تہ 'سٽاريل خداوادي' کي سنڌي ٻولي لاءِ اپنايو وڃي. منهنجي راءِ ۾ اها ڳالهه بہ وزن رکي ٿي تہ خداوادي سنڌ جي مقامي الفابيٽ آهي ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ جي راءِ مطابق ان کي بهتر ڪرڻ لاءِ مختصر درستگيون درڪار ٿينديون. مقصد اهو آهي تہ غير فطري ۽ زبردستي مڙهيل سسٽم جي جاءِ تي فطري الفابيٽ جو سسٽم آڻجي. عربي الفابيٽ جو ڪيس ڪمزور آهي. مان برٽن جي خداوادي جي مخالفت سان متفق نہ آهيان. عربيءَ جو استعمال وچولو ۽ قطعي طور تي ڏکيو هوندو. هڪ نئين الفابيٽ جي سسٽم کي ٺاهڻ لاءِ وڏي محنت وارو ڪم ڪرڻو پوندو. هڪدم عام استعمال ۾ اينڊڙ الفابيٽ جي ڪاميابي مشڪوڪ ٿي پوندي. برٽن جي تجويز ڪيل 'نسخي خط' مقامي نہ آهي، جيتوڻيڪ سڀ مسلمان ان کي پڙهي سگهندا هجن، پر سڀئي پڙهيل سنڌي (سواءِ سرڪاري آفيسرن جي) فقط فارسيءَ جي خط نستعليق کي پڙهي ۽ لکي سگهن ٿا. ان کان علاوه برٽن جي راءِ گهڻو ڪري ادبي حوالي سان آهي، جيڪا عام ماڻهن جي لحاظ کان ناقابل عمل آهي. اسان کي اهڙو لکت جو نظام گهرجي جنهن سان سرڪاري ڪاروبار هلائي سگهجي." (ص 131، 132)

(ت) محترم مختيار احمد ملاح، صفحي 132 ۽ 133 تي اڳتي هلي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن هڪ رسم الخط جي باري ۾ ڪيل پنهنجي فيصلي کان بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪلئنڊ کي آگاهہ ڪيو ۽ پنهنجا احڪام بہ جاري ڪيا. دراصل اهي احڪام ٿي هئا جن جي تعميل ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'عربي - سنڌي' يعني 'نسخ' رسم الخط کي سنڌ ۾ نافذ ڪيو ويو. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس مورخ 8 ڊسمبر 1852ع تي پنهنجو فيصلو بمبئيءَ جي گورنر کي موڪلي ڏنو. ان حڪمنامي ۾ ڪمپنيءَ طرفان فرمايو ويو هو ته:

"سڀ کان بهترين ذڪر ڪيل آفيسر (برٽن) عربي يا نسخي الف-ب جي بوئواري ڪئي آهي. سنڌي لفظن جي اظهار لاءِ سندس دليل آهي ته موجوده سنڌي جو مقبول ادب ان خط ۾ لکيو ويو آهي. اهو مقامي تعليم يافته ماڻهن لاءِ سمجهڻ آسان هوندو. چاڪاڻ ته اهي فارسي نستعليق ۾ لکندا آهن. ان ڪري ان کي اخذ ڪرڻ ۾ سڀ کان بهترين ٿورين تبديلين ۽ واڌارن جي ضرورت پوندي. ٻئي طرف ڪئپٽن اسٽئڪ جو مڃڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي اوڻائن کي ڪنهن به ٻاهرين ٻوليءَ جي خصوصي آوازن سان، بنا ڪنهن تڪليف جي پورو ڪري سگهبو ۽ ڪنهن به ٻاهرين ٻوليءَ جي خصوصي آوازن سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو. هو تجويز ڪري ٿو ته خداوادي خط کي قبول ڪجي ۽ ان ۾ حروف تهجي جي ڪوت گجراتي يا گُرمکي الف-ب مان پوري ڪري سگهجي ٿي. هنن وڌيڪ لکيو ته "اسان گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ عربي خط اپنائڻ جي مؤقف جي حمايت ڪيون ٿا". (ص 132)

ڪمپني جي حڪمنامي ۾ ڪمشنر صاحب جي ڪيل رهنمائي کي ملاح صاحب پنهنجي ڪتاب جي ساڳئي صفحي 132 تي هوبهو ورجايو آهي. ان حڪمنامي ۾ فرمايو ويو هو ته:

"اسان گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ عربي خط اپنائڻ جي موقف جي حمايت ڪريون ٿا"

ان کان پوءِ ساڳئي صفحي تي اڳتي ملاح صاحب لکي ٿو:

"اهڙي طرح ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جي مٿئين حڪمنامي جي آڌار تي، مارچ 1853ع تي سنڌ حڪومت ڏيهي ٻوليءَ پرڏيهي عالمن جي ڪميٽي ناهي، 'عربي — سنڌي' الف ب جوڙي، ان کي سرڪاري طور نافذ ڪري ڇڏيو ۽ تعليمي توڙي سرڪاري آفيس ۾ متعارف ڪرايو ويو".

مطلب ته سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري طور ڪنهن هڪ رسم الخط جي صورت ۾ نافذ ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهڙو تفصيلي ۽ مستند ذڪر هن کان اڳ ٻئي ڪنهن به محقق پنهنجي ڪنهن به ڪتاب يا مضمون ۾ نه ڪيو آهي.

15. (الف) هونئن ته هن ڪتاب جو هر باب ۽ هر باب جو ضمني عنوان نهايت ئي اهم، مستند ۽ معلوماتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي پر آءٌ ائين به چوندس ته هن کان اڳ هن موضوع تي ڇپيل ڪنهن به ڪتاب يا مضمون ۾ ايترو اٿلي، مفيد، مستند ۽ معلوماتي مواد مهيا ڪيو نه ويو آهي. جيتري معلومات مختيار احمد ملاح پنهنجي هن ڪتاب ۾ مهيا ڪئي آهي.

(ب) منهنجي نظر ۾ هن ڪتاب جي ٻي خوبي هيءَ آهي ته محترم ملاح هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل پنهنجي هر ڳالهه کي معتبر ۽ مستند حوالن کان سواءِ املهه چارٽن سان به سينگاريو آهي، مثال طور جن جن عالمن ۽ ماهرن خداوادي لپيءَ جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ يا ان جي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي سفارشون ڪيون هيون انهن سڀني عالمن ۽ ماهرن جي ڪيل انهن سفارشن سان گڏ انهن ماهرن جو تعارف به واسطيدار بابن سان شامل ڪيو اٿس. منهنجي سوچ مطابق ، هن ڪتاب جا ڪي باب اڳيان پنيان ڏنا ويا آهن انهن جي ترتيب مواد جي گهرج مطابق ڏيڻ گهربي هئي.

(ت) اهڙيءَ طرح هن ڪتاب اندر عربي – سنڌي رسم الخط جي نفاذ کان اڳ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي لاءِ رائج لپين جون ڏار ڏار 50 تصويرون به مواد اندر واسطيدار عنوان سان گڏ شامل ڪيون اٿس جيڪي مواد تي وڌيڪ روشني وجهن ٿيون. اهڙي طرح خداوادي رسم الخط جي ارتقا متعلق ٽي چارٽ به متن اندر شامل ڪيا اٿس. مون کي يقين آهي ته ملاح صاحب جي هيءَ تحقيق نه فقط موجوده وقت جي پڙهندڙن لاءِ هڪ ٻي بها تحفو آهي پر سنڌ جي ايندڙ نسل لاءِ به هڪ مستند، املهه ، اڻلڀ ۽ معلوماتي مواد سان ڀريل شهپارو تيار ڪري پيش ڪيو آهي.

مون کي يقين آهي ته هن ڪتاب ۾ شامل انهي مواد جي هٿ ڪرڻ لاءِ ملاح صاحب ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ قائم لائبررين کان سواءِ ڪراچي ۾ سنڌ سرڪار طرفان قائم ڪيل 'سنڌ آرڪائيوز' جي لائبريريءَ ۾ محفوظ ڪيل مستند، اڻلڀ، املهه ۽ قيمتي اساسي دستاويزن جا ورق ورائي پنهنجي هن ڪتاب لاءِ اهم سرمايو هٿ ڪيو آهي.

16 مون کي هن ڳالهه جو به احساس آهي ته منهنجو لکيل هي مهاڳ تمام گهڻو ڊگهو ٿي ويو آهي. ان جو خاص سبب هي به آهي ته مون جڏهن محترم ملاح جي هن تحقيق جي علمي، ادبي، تاريخي، تنقيدي ۽ لسانياتي مواد تي مشتمل مواد کي پڙهڻ شروع ڪيم تڏهن شروع ۾ ته اهو ٿي سوچيو هئم ته پنجن يا ڇهن صفحن تي مشتمل هي مهاڳ لکندس جيئن عام طرح ٿيندو آهي پر پوءِ جيئن جيئن مواد جو مطالعو ڪندو ويس ۽ ان جا نوٽس وٺندو ويس ته دل اندر ويٺل نقاد مطمئن نه پئي ٿيو. چاڪاڻ ته پڙهندڙن کي اهو معلوم آهي ته منهنجو من پسند موضوع 'سنڌي لسانيات' آهي ۽ رسم الخط ان جو هڪ حصو آهي. انهيءَ ڪري جڏهن مهاڳ لکڻ ويٺس ته مواد ايترو ته گڏ ٿي ويو جو اهو (مهاڳ) ڊگهو ٿيندو ويو ۽ باوجود ڪوشش جي آءٌ ان کي گهٽائي نه سگهيس.

17 مهاڳ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته مون مهاڳ اندر قابل احترام محقق سان
ڪٿي ڪٿي سندس راءِ سان اختلاف به ڪيو آهي پر آءٌ دل جي گهراين سان اهو اعتراف
ٿو ڪريان ته سنڌي لسانيات جي ڪن موضوعن تي منهنجي طرفان ڪيترن ئي
ڪتابن جي لکڻ جي باوجود آءٌ سنڌي ٻولي جي رسم الخط جي موضوع تي جيڪر
اهڙو مستند، معياري ۽ معلوماتي ڪتاب هرگز لکي نه سگهان ها.

آءٌ دل جي گهراين سان محترم مختيار احمد ملاح کي اهڙي معلوماتي، مستند،
معياري ۽ اٿلي مواد سان ڀرپور تحقيق تي مشتمل ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد پيش
ڪريان ٿو. آءٌ ملاح صاحب کي اها به گذارش ڪندس ته ڪيس گهرجي ته سنڌ جي
ڪنهن يونيورسٽي ۾ مقرر ٿيڻ لاءِ سنڌ ۾ قائم يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن سان
رابطو ڪري انهن کي پنهنجين صلاحيتين جي باري ۾ ٻڌائي، ڇاڪاڻ ته هو صاحب
پنهنجين تحقيقي صلاحيتن جو عملي مظاهرو صرف ڪنهن يونيورسٽي جي تحقيقي
۽ تدريسي شعبي ۾ ئي ڪري سگهندو. منهنجي سوچ مطابق ملاح صاحب سنڌ جي
سماجي تاريخ، سنڌي ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جي سلسلي ۾ ايترو ته وسيع
مطالعو رکي ٿو جو ڪيس سنڌ جي ڪنهن به تحقيقي اداري ۾ وڃي اتي Sindh Data
Bank جي حوالي سان ڪمپيوٽر جي مدد سان 'حوالا جاتي مواد' يعني Reference
Tools جي موضوع تي به تحقيق ڪرڻ گهرجي.

آءٌ محترم مختيار احمد ملاح کي وري به دل جي گهراين سان بيشمار مبارڪباد پيش
ڪريان ٿو ۽ رب العزت جي در تي دعاگو آهيان ته الله سائين سنڌ جي هن هڪ وڏي ۽
قدآور محقق کي وڏي زندگي ۽ سالم صحت عطا ڪري ته جيئن هو سنڌ جي اڃا به
وڌيڪ خدمت ڪري سگهي- آمين.

سنڌ ٻوليءَ جو فدائي
ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ليکڪ پاران

اها 2006ع جي ڳالھہ آهي. جڏهن ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڪنھن ڪم سانگي منھنجي آفيس آيو هو. ڳالھين ڳالھين ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌي رسم الخط جي سرڪاري منظوريءَ جي سلسلي ۾ ٿيل سرڪاري ڪارروائيءَ تي بحث نڪري پيو. ڊاڪٽر آفتاب ابڙي تاريخي ترتيب ۽ حوالن سان انگريزن جي دور ۾ سنڌي رسم الخط جي سڄي پسمنظر ڪي اهڙي نموني بيان ڪيو جو مون کي سڄو مسئلو ذهن نشين ٿي ويو. مون، ان ڏينھن ارادو ڪيو تہ ان موضوع تي وڏيڪ تحقيق ڪري مضمون ضرور لکندس. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سنڌ جي چند ماهر لسانيات مان هڪ آهي، سنڌي رسم الخط جي ترقيءَ تي پي ايچ.ڊي ڪري چڪو آهي.

ان بعد مسلسل ڪوشش ۽ جستجو سان، ڪيترو ئي مواد سنڌي ٻوليءَ ۽ رسم الخط تي ٿيل تحقيق جي سلسلي ۾ هٿ اچي ويو جيتوڻيڪ، ٻولي ۽ رسم الخط جو موضوع انتهائي خشڪ آهي، پر سچ تہ جيترو ان جي گهرائيءَ ۾ ويس، اوترو ئي لطف اندوز ٿيڻ لڳس. مان اڄ بہ پاڻ کي لسانيات جو طالبعلم ٿو سمجهان. پر هن موضوع جو اڀياس ڪندي ڪيترين ئي نين شين منھنجي ڄاڻ هيٺ آيون.2011ع ۾ منھنجو ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد پاران شايع ٿيو ان کان پوءِ فيصلو ڪيم تہ سنڌي رسم الخط جي تاريخ لکندس. مواد جي ڳولا ۾ سنڌ آرڪائيوز ۾ھتس ۽ گهڻو سارو مواد ليي پيو. ڪجھہ سالن جي محنت سان ڪتاب تيار ٿي ويو، جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2013ع ۾ 'سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ' جي نالي سان شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ مختلف دورن ۾ سنڌ ۾ رائج رسم الخطن جو جائزو ورتو ويو آهي. حوالن جي لحاظ کان اهو بہ عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اتفاق سان سنڌ آرڪائيوز جي لائبريري مان انگريزن جي دوُر سان وابستہ هڪ فائيل نمبر هٿ آيو. اهو 1853ع ۾ نئين سنڌي رسم الخط کي رائج ڪرڻ بابت هو. ان فائيل جي مطالعي ڪرڻ سان ڪيترين ئي نين حقيقتن جي معلومات ملي. 2016ع ۾ "سنڌي رسم الخط بابت مضمون ۽ مقالا" جي عنوان سان ترتيب ڏنل ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ سنڌي رسم الخط جي باري ۾ مختلف عالمن جا 30 مضمون شامل آهن.

اڳتي هلي آرڪائيوز لائبريري مان هٿ آيل انگريزن جي دور ۾ ٿيل سرڪاري لکت پڙهت تي وڏيڪ تحقيق ڪري بحر عميق مان موتي ڳولهڻ جو ڪم شروع ڪيم. مالڪ سائين جي مدد سان تمام گهڻو مواد هٿ اچي ويو. ان مواد کي پاڻ ڪمپوز ڪيم ۽ اصلوڪي مواد سان ڀرپور هڪ بهترين ڪتاب تيار ٿي ويو. اهو ڪتاب 2017ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد طرفان هيٺين نالي سان شايع ٿيو:

The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration

مون کي يقين آهي ته انهيءَ ڪتاب کان پوءِ، رسم الخط جي عالمن کي هن ڏس ۾ تاريخ ڀيهر لکڻي پوندي، ڇاڪاڻ هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي غلط روايتن ۽ حوالن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي.

ٻوليءَ ۽ رسم الخط جو تعلق ائين آهي جيئن جسم ۽ روح. رسم الخط جي وڏيڪ مطالعي ۽ عالمن سان بحث مباحثن دوران 'خداوادي لپي' جو ذڪر نڪرڻ لازمي هو. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، انهن محققن مان هڪ آهي، جن جو خيال آهي ته 'عربي سنڌي الفابيٽ' جو نفاذ هڪ سياسي فيصلو هو ۽ خداوادي لپي کي سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ رائج نه ڪري وڏي نا انصافي ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ان مڪتب فڪر جي ڪن ٻين عالمن جو اهو رايو پڻ آهي ته خداوادي سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي ۽ مقامي لکت جو طريقو آهي، ان جي سرڪاري نفاذ سان سنڌ جي تعليم، ادب ۽ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ تمام وڏي ترقي ٿئي ها. انهن نقادن جي راءِ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل سنسڪرت مان آهي، ان ڪري عربي خط جو فيصلو غير فطري آهي، جڏهن ته خداوادي سنڌي ٻوليءَ جي نج ۽ اصلوڪي لپي آهي. سندن هڪ اعتراض اهو به آهي ته ننڍي کنڊ جون هاڻوڪي دؤر ۾ جيڪي به مکيه ادبي ٻوليون (جهڙوڪ هندي، پنجابي، گجراتي، مراٺي، بنگالي، آسامي، اڙيسا، تامل، تيلگو، مليالم، ڪنڙ وغيره، جيڪي جدا جدا ايراضين ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. 'عربي سنڌي' رسم الخط جي ڪري انهن سان ادبي رابطو ڪٽجي ويو آهي.

مٿي ڄاڻايل راين جي اڀياس ۽ غور فڪر بعد، خداوادي لپي جي باري ۾ منهنجي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀري آيا. مثال طور:

1. ڇا خداوادي لپي واقعي تاريخي اهميت ۽ حيثيت رکندڙ هئي؟
2. ڇا خداوادي لپي پنهنجي مختلف ۽ علائقائي نالن سان ڪاميابيءَ سان اسلوبي ڪارج ادا ڪندڙ هئي؟

3. ڇا ان لپيءَ لاءِ خداوادي جو اصطلاح آهي يا خدا آباديءَ جو؟
4. ڇا خداوادي لپيءَ کي ڪا علمي ۽ ادبي تاريخ هئي؟
5. ڇا خداوادي لپي واقعي فقط لڪل ڪاروباري حساب ۽ ڪتاب جي لکت لاءِ موزون ۽ ڪارگر هئي؟
6. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڪئپٽن ڊڪسن، ڪئٽ پرنگل، ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ ٻيا انگريز عملدار ڇو ٻيا چاهين ته سنڌ ۾ خداوادي لپي کي سرڪاري طور نافذ ڪجي؟
7. انگريزن جي دور کان اڳ ۽ پوءِ ڪهڙن ادبي ۽ تاريخي ڪتابن ۾ خداوادي لپيءَ جو ذڪر آيو آهي؟
8. عربي سنڌي الفابيٽ جي سرڪاري نفاذ کان پوءِ ، ڪهڙي مصلحت تحت انگريزن، گڏوگڏ خداوادي لپيءَ کي نافذ ڪري سنڌ جي تعليم ۾ ٻٽي نظام کي متعارف ڪيو؟
9. خداوادي لپيءَ جي اصلاح ۾ ڪهڙن ڪهڙن عالمن حصو ورتو ۽ ڪهڙيون ڪميٽي ون جوڙيون ويون؟
10. خداوادي لپي ڇو ڪامياب ٿي نه سگهي ۽ تعليمي گهرجون پوريون ڪري ڇو نه سگهي، جڏهن ته عربي سنڌي ڪاميابيءَ سان پنهنجو ڪارج اڄ به جاري رکيون پئي اچي؟
11. ڪهڙي طبقي عربي سنڌيءَ مان فائدو ورتو ۽ خداوادي لپي مان نقصان ورتو؟
12. ڪهڙن عملدارن خداوادي لپيءَ کي سرڪاري طور ختم ڪرڻ جون سفارشون ڪيون؟
13. ڇو خداوادي لپيءَ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ تنقيدن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ به جاري آهي؟

انهن سوالن جي جواب لاءِ هڪ دفعو ٻيهر تلاش شروع ڪيم. پر ڪجهه مضمونن کان سواءِ ڪا خاص ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي.جيڪو مواد مليو ان ۾ ورجاءُ تمام گهڻو هو. پراڻن ڪتابن ۾ فقط جهمٽمل نارومل جي گرامر جي ڪتاب ۾ ٿوري معلومات ملي ٿي. بهرحال، هيٺيون مواد هن ڪتاب لکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو:

1. The Date of Sindhi (Hata vanika) Script & need to Propagate it (Pt. Kishanchand Jeitley)

پنڊت ڪشنچند جيٽلي جو هي ڪتاب 1985ع ۾ پوني (هندستان) ۾ شايع ٿيو. هي هڪ مختصر ڪتاب آهي، پر انتهائي اهم آهي. ليکڪ هن ڪتاب ۾

هندن کي ابيل ڪئي تہ هٽ واڻڪي لپي (Script)،جيڪا اصلي سنڌي لپي آهي، ان کي اڃو تہ گهڻي ترقي وٺرايون. ڪشنچند جيٽلي، انهن اکرن جي مشابهت موهن جي دڙي سان جوڙي آهي.

2. ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ (مرليڌر جيٽلي)

سنڌي رسم الخط بابت سمورن ڪتابن مان هي هڪ اهم ۽ بهترين ڪتاب آهي. هي ڪتاب 1999ع ۾ اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ طرفان شايع ٿيو ڪتاب جي چوٿين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپين جو تفصيل ڏنو ويو آهي. سنڌو لپي (موهن جي دڙي جي لپي)، کروشتي لپي،برهمي لپي ۽ ناگري لپي. گڏوگڏ انگريزن جي دور ۾ لکجندڙ لپين جي نمونن (خداوادي ، شڪارپوري، ساکرو، ڀاٽيا، خواجڪي، ٺٽئي، ڪڇي) ۽ عربي سنڌي لپيءَ سان گڏ سنڌي لپي ۽ ٻين آڳاٽين لپين بابت چارٽ ڏنل آهن. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو سڄو ڪتاب قديم دؤر کان وٺي سنڌي رسم الخط جي مختلف نمونن سميت آسان لفظن ۾ وضاحت ڪري ٿو.

3. سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ (مختيار احمد ملاح)

هي ڪتاب 2013ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ انگريزن جي دور ۾ 'عربي-سنڌي' رسم الخط جي نفاذ تائين مختلف لپين جي تاريخ بيان ڪيل آهي. ڪتاب ۾انگريز دور ۾ رسم الخط جي سرڪاري فيصلي واري مسئلي کي مختصر نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ان کان علاوه 'خداوادي'، 'گرمکي'، 'گجراتي'، 'ميمڻڪي'، 'خوجڪي' ۽ ٻين رسم الخطن جو پڻ مختصر تاريخي جائزو ورتو ويو آهي.

4. The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration (Mukhtiar Ahmed Mallah)

هي ڪتاب 2017ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران شايع ٿيو هن ڪتاب اڻويهين صديءَ ۾ انگريزن جي سنڌي ٻولي ۽ رسم الخط جي سلسلي ۾ ڪيل سرڪاري لکت پڙهت ڏني وئي آهي. هن ڪتاب ۾ هڪ باب هندو سنڌي (خداوادي) لپيءَ جي سرڪاري طور نافذ ٿيڻ جي باري ۾ بہ آهي. ڪتاب جي ان حصي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، چارٽن سميت هن موجوده ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

5. هٽ واڻڪيءَ جو اتهاس (گنگارام سمراٽ)

مشهور محقق گنگارام سمراٽ جو مضمون "هٽ واڻڪيءَ جو اتهاس"سندس تحقيقي مضمونن جي ڪتاب "گيان سنڌو" (1990ع) ۾ شامل آهي. مانواري محقق هٽ واڻڪي

۾ خداوادي خط ۾ ڇپيل ڪتابن کي محفوظ ڪرڻ يا ان کي انڪوڊ ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. هن مضمون ۾ ڪن پراڻن ڪتابن جا ٽائيٽل پيج ۽ خداوادي لپيءَ جي الفابيٽ جا ڪي نمونا ڏنل آهن.

11. Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora" (Mark Anthony Fazlon. 2004)

هيءَ هڪ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب آهي. جنهن ۾ هڪ مضمون هٽ واڻڪي لپيءَ بابت (A Short Note on Hatta Varika, the Secret Script of Sindhi Traders) ڏنل آهي. هن مضمون ۾ ڪتاب جي ليکڪ مسٽر مارڪ اينٿونيءَ جو خيال آهي ته هٽ واڻڪي فقط ڪاروباري لکت پڙهت لاءِ موزون لپي هئي ۽ ان جو گهڻو تڻو استعمال سنڌ ورڪي، سنڌ کان ٻاهر ڪندا هئا. انهن جا لکيل دستاويز مالٽا جي لائبريري ۾ اڄ به موجود آهن.

12. A Note on the Khudawadi: A Vanishing Script of Sindh (Michel Boivin)

هي مضمون پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ 2015ع ۾ شايع ٿيو هو جيڪو خداوادي لپيءَ جي موضوع تي اهم تحقيقي ۽ معلوماتي مضمون آهي. هن مضمون ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي زير بحث آندو ويو آهي. مثال طور: مختلف انگريزن جي لکيل ڪتابن ۾ آيل خداوادي جو ذڪر. خداواديءَ جو بڻ بنياد. خداواديءَ جا اکريل لفظ ۽ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي خداوادي بابت نظرئي تي بحث وغيره ڪيو ويو آهي.

ان کان علاوه ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مختلف ڪتابن ۾ خدا آبادي ۽ خوجڪي لپين جو تحقيقي جائزو انتهائي بهتر طور تي ڏنو آهي. ساڳئي وقت ٻين ڪيترن ئي ڪتابن. مضمونن ۽ سرڪاري رپورٽن تان پڻ استفادو ڪيو ويو آهي، جن جا حوالا ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

مان هتي اعتراف ٿو ڪيان ته مون کي نه ته سنسڪرت لکڻ پڙهڻ ايندي آهي نه وري خداوادي ۽ جو هڪ لفظ به سمجهي سگهان ٿو پر ادب ۽ ٻوليءَ جي شاگرد هئڻ جي ناتي، خداوادي رسم الخط جي تاريخي تسلسل کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. پنهنجي تحقيق جو مفروضو (Hypothesis) ٺاهيو اٿم ته "ديوناگري هڪ ادبي، تعليمي ٻولي هئي، ان جي برعڪس خداوادي سنڌ جي قديم لپي هئڻ باوجود غير سائنسي لپي هئي، جنهن جو ناڪام ٿيڻ هڪ فطري عمل هو ان جي اپنائڻ سان سنڌي ٻوليءَ کي فائدي بدران نقصان ٿئي ها. البته ڪاروباري لکت پڙهت جي لاءِ ان جو استعمال انتهائي اهم هو. ان جي سڌاري يا اصلاح وارو عمل فقط ڪاروبار لاءِ هئڻ گهرجي ها. اسان کي

سنڌي لکڻ لاءِ هڪ اهڙي لکت جي نظام جي ضرورت هئي، جنهن وسيلي رڳو علم ۽ ادب لکي سگهجي، پر تهذيب، تمدن ۽ سماج پڻ ترقي ڪري سگهي.
اها انگريز سرڪار جي سازش هئي ته سنڌ ۾ تعليم وسيلي هندن ۽ مسلمانن کي الڳ ڪجي. ان دور ۾ سرڪاري ڪاروبار لاءِ، جدا جدا ڪاتن جي ڪمن لاءِ انگريزي ڄاڻو سنڌين جي گهرج هوندي هئي. سرڪاري نوڪري لاءِ ڪميٽيءَ جو امتحان مقرر ڪيو ويو جيڪو بعد ۾ پبلڪ سروس امتحان سڏجڻ ۾ آيو. "ڪميٽي" جي امتحان پاس ڪندڙ کي ننڍي درجي واري نوڪريءَ لاءِ ٻئي درجي جو سرٽيفڪيٽ ملندو هو. زراعت کاتي جا به امتحان، هيٺيون درجو ۽ مٿيون درجو پڻ مقرر ٿيا. پاس ڪندڙ کي، سرڪاري نوڪريون حاصل ٿي وينديون هيون. پر انگريزن اهو نه پئي چاهيو ته سنڌي ماڻهو اعليٰ تعليم به حاصل ڪن. هو فقط پنهنجي مطلب تائين محدود هئا. ان ڪري هنن سنڌ جي تعليم ۾ ٻن نظام کي رائج ڪرڻ لاءِ 'عربي سنڌي' ۽ 'هندو سنڌيءَ' جا اصطلاح ايجاد ڪيا. هڪ لکت ديوناگري ۾ لڙهي رهي هئي ته ٻي عربي ۾ ٻڌي رهي هئي. اها وچوٽي وڌي رهي هئي. ان ورهاست جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ تي تمام وڏو اثر پيو. هندو سنڌي لپيءَ جي ناڪام تجربي جو نتيجو اهو نڪتو ته مسلمانن ۾ ناراضپو پيدا ٿيو. هنن ڏٺو ته فرقيوارانه پروپيگنڊا کي تعليمي جوش خروش جو لباس پهرائي، سنڌي عالمن ۽ اديبن کي گمراهه ڪيو. اهڙيءَ ريت هندو ۽ مسلمان ٻن مختلف سياسي نظرين ۽ پليٽ فارمن ۾ ورهائجي هڪ ٻئي جي مخالفت ڪري سياست ڪرڻ لڳا. مون هن تحقيق ۾ اهو به ثابت ڪيو آهي ته انگريز سرڪار سنڌ ۾ ٽي دفعا خداوادي الفابيٽ کي نافذ ڪيو مگر هو ڪامياب ٿي نه سگهيا.
هن ڪتاب ۾ سڀ کان اول ديوناگري رسم الخط جي سنڌي ادب ۾ استعمال ۽ تاريخي اهميت جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي، جنهن ۾ اڪثر حوالا سنڌ جي نالي وارن ٻولياتي ماهرن ۽ تاريخدانن جي ڪتابن ۽ مضمونن تان ورتا ويا آهن. ان سلسلي ۾ آرياڻي دور کان وٺندي انگريزن جي دور تائين ادبي طور جائزو ورتو ويو آهي.
ڪتاب ۾ خداوادي لپيءَ جي مختلف نالن کي تاريخي حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي، ساڳئي وقت انهن جي تاريخي اهميت ۽ لپيءَ جي خوبين ۽ خامين کي عالمن جي راين سان بيان ڪيو ويو آهي. ان لپيءَ جي اصلاح ۾ ڪهڙا سرڪاري سطح تي پڌرناما جاري ٿيا. ڪهڙا چارٽ جڙيا. ڪهڙن عالمن ان جي اصلاح ۾ حصو ورتو. ان سڄي تاريخ کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

۽ نارائڻ جگن ناٿ وئديہ، ڪشنچند جيتلي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي خدمتن جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو آهي.

اها بہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ جنهن سال عربي سنڌي الفابيٽ سرڪاري طور ملڪ ۾ متعارف ڪئي وئي، ان جي ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو. اهڙي طرح، سنڌ ۾ خداوادي لپي ايستائين زور شور سان هلندي رهي، جيستائين نارائڻ جگن ناٿ وئديہ سنڌ ۾ هو. انهن ٻنهي عالمن جي خداواديءَ سان وابستگي بيان کان ٻاهر آهي. انهن کان علاوه، ڪئپٽن فريڊرڪ ليسٽر، نارائڻ مينڊلڪ، ڪوڙومل ۽ ايچ.بي. جيڪب جي ڪردار کي پڻ مختصر نموني پيش ڪيو ويو آهي. خداواديءَ جا چارٽ، شايع ٿيل ڪتابن جا نالا ۽ ٽائيٽل پيج لڳائي، مطلب جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي.

ڪتاب پوري ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن مهاڳ بہ لکجي، ڪتاب ۾ شامل ٿي ويو تہ اوچتو ذهن ۾ خيال آيو تہ اسان جي عالمن، اديبن ۽ عام پڙهندڙن جو وڏو موضوع تہ 'خداوادي' ۽ 'خدا آبادي' کي الڳ ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ هوندو آهي. جيتوڻيڪ ان مسئلي تي، هن ڪتاب ۾ بحث ڪيل هو پر ان جي باوجود ضروري سمجهيو تہ ان کي اجا بہ وڌيڪ واضح ۽ سمجهڻ لاءِ بحث جي ضرورت آهي. ان حساب سان 'خداوادي' ۽ 'خدا آبادي' جي مسئلي تي هڪ الڳ باب جوڙي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. وڌيڪ دليلن جي آڌار تي واضح ڪيو ويو آهي تہ ان لپيءَ جو اصل نالو "خداوادي" آهي. بهرحال، اهو تحقيق جو مسئلو آهي ۽ تحقيق پنهنجا دروازا ڪڏهن بہ بند نہ ڪندي آهي.

بهرحال، هي هڪ مشڪل تحقيقي ڪم آهي، جنهن تي اڳ فقط چند مختصر مضمون لکيا ويا هئا. مون ان تي هڪ ڪتاب تيار ڪري پڙهندڙن آڏو خداوادي لپيءَ تي پنهنجو هڪ تفصيلي رايو پيش ڪيو آهي. اها مالڪ سائين جي مهرباني آهي. مان اهو بہ اعتراف ڪيان ٿو تہ خداوادي لپيءَ جي صوتياتي ۽ ٻين ٽيڪنيڪي پهلوئن تي بحث ڪري نہ سگهيو آهيان، جاڪاڻ ان جي گهرائيءَ ۾ ڄاڻ نہ آهي. تاريخي تسلسل سان مٿي اٿاريل سوالن جي جوابن جي جاچ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان جي تصديق محقق ۽ پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا.

مان هتي انهن سڀني عالمن، اديبن، پبلشرن ۽ ادارن جو شڪرگذار آهيان، جن جي تحقيقي مواد تان مدد ورتي وئي آهي، يا جن جي ڪتابن ۾ آيل چارٽن ۽ ڪتابن جي ٽائيٽل صفحن کي حوالي طور ڪتب آندو آهي.

هن ڪتاب جي تياري دوران مانوارن دوستن ڊاڪٽر قاسم راڄپر ۽ رڪيل مورائي ڪتابن تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي علمي همت افزائي شامل آهي. مرزا ڪاظم رضا بيگ، ثناءُ الله سومري ۽ ادل سولنگي صاحبن جي وڏي مهرباني، جن ڪتاب جي پروف ريڊنگ ۾ مدد ڪئي. سائين مدد علي سنڌي صاحب جا به لک ٿورا، جنهن ڪتاب کي نظر مان ڪڍي ڏنو ۽ مفيد مشورا ڏنا. سڀ کان وڌيڪ مهرباني ۽ ٿورا سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جا، جنهن پنهنجي قيمتي وقت کي سيڙائي هن ڪتاب جو شاندار ۽ طويل مهاڳ لکي ڏنو ۽ منهنجي همت افزائي ڪئي. ان لاءِ مان سندس ٿورائتو رهندس. ڊاڪٽر الانا صاحب ڪيترن ئي غلطين جي نشاندهي ڪئي، جن کي ڪوشش ڪري درست ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي جاين تي سندس صلاحن جي آڌار تي تبديلي ڪئي وئي آهي ۽ بابن جي ترتيب ۾ تبديلي آندي وئي آهي. آخر ۾ سائين ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب، چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۽ سندس ٽيم (امين محمد لغاري ۽ احسان علي لغاري) جو به ٿورائتو آهيان، جن منهنجي تحقيق جي قدر داني ڪندي، هن ڪتاب کي شايع ڪري، توهان تائين پهچايو.

مختيار احمد ملاح

ڪراچي

# سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ جو علمي ۽ ادبي وهنوار

اسان کي خبر آهي ته خدا وادي لپي، ناگري نسل هڪ مان آهي. ديوناگري لپيءَ جو سنڌ جي علمي ادبي توڙي ڌرمي ۽ سرڪاري لکت پڙهت جي سلسلي ۾ وڏو ڪار وهنوار رهيو آهي. سنڌ ۾ توڙي جو ديوناگريءَ ۾ لکيل علم ۽ ادب جي ڪا خاص ڳولا نه ٿي آهي، پر دور قديم کان هندو ڌرم جا ڪيترائي ڌرمي ڪتاب، سنيها ۽ ادبي ڪتاب هن رسم الخط ۾ لکيا ويا هئا، جيڪي وقت سان گڏ ضايع ٿي ويا،جيڪڏهن ڪي پستڪ مليا به هئا ته انهن کي پڙهي نه سگهڻ ۽ مذهبي تعصب جي بنياد تي ضايع ڪيا ويا. ڪن عالمن جو مڃڻ آهي ته ديوناگريءَ جو بنياد ئي سنڌ ۾ پيو هو. ان سلسلي ۾ مشهور عالم چوهڙمل هندوجا لکيو آهي ته: "سنڌي ٻوليءَ جا اصل اکر شاستري يا هندي آهن ، جن کي ديوناگري به ٿو چئجي. اهي اکر اصل ٺهيل آهن برهمي لپيءَ مان، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي اصل برهما ناهيا هئا. اهي برهمي اکر ٺهيائي سنڌ ۾. 'هندو سنڌي' يا 'سنڌي هٽائي اکر' اهي ئي اصلوڪا برهمي اکر آهن، جي صدين کان اجا تائين هلندا اچن. سنڌ ۾ ئي انهن اکرن کي سڌاريو ويو. ڪين سڌيو ويو سنسڪرت اکر. انهن اکرن ۾ ئي ويد شاستر لکيا ويا تنهنڪري اسان انهن اکرن کي سڏيندا آهيون شاستري اکر".[1]

## ديوناگري رسم الخط جي تاريخي حيثيت

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان معلوم ٿيو آهي ته ان جا مختلف ٺپ آهن. ڪي شيون پنج هزار سال قديم ته ڪي وري بعد جون آهن. ڊاڪٽر مجمدار، جنهن موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ ۾ حصو ورتو هو، تنهن مٽئين ٺپ مان لڌل ٺاٺون تي

اڪريل تصويرن ۾ لکت جي باري ۾ رايو ڏنو ته: "ها لکت عيسوي سنبت جي ٻي يا ٽين صديءَ جي آهي. ان مان اهو انومان واجب ٿو لڳي ته مٿئين زماني ۾ يعني ٻي يا ٽئين عيسوي صديءَ ڌاري اولهه سنڌ (موهن جي دڙي طرف) جي لپي هئي، جيڪا ناگري لپيءَ جي ماءُ ليکي وڃي ٿي."[5] ڊاڪٽر جيرالڊ رابرٽ هنٽر نالي وارو ماهر لسانيات هو. موهن جي دڙي ۽ ٻين قديم لکتن جي باهمي لاڳاپن بابت 1934ع ۾ "Script of Harappa & Mohen-Jo-Daro and its Connection with other Scripts" جي عنوان سان ڊاڪٽريٽ ڪئي هئي. ڊاڪٽر هنٽر پهريون محقق هو، جنهن سڀ کان پهرين اهو معلوم ڪيو ته سنڌو لکت ساڄي کان کاٻي طرف لکيل آهي. هو سنڌو رسم الخط لاءِ لکي ٿو ته: "سڄي برهمي الف-بي سنڌو لکت تان کنيل ٿي ڏسجي. اهو به سمجهيو وڃي ٿو ته اهي عالم جن برهمي لکت جو فينيقي (Phoenician) ۽ ڏکڻ وارين سامي زبانن جي لکت سان ڳانڍاپو ڏيکاريو آهي، اهي غلط ڪون آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙيون چٽيون پڌريون شاهديون موجود آهن جن جي آڌار تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سامي ۽ فينيقي لکت سنڌو لکت تان ورتل آهي."[3] شڪارپورا رگهوناٿ راءُ جو شمار هندستان جي وڏن آرڪيالاجسٽن ۾ ڪيو وڃي ٿو. سندس هڪ ڪتاب Decipherment of Indus Script وڏي اهميت رکي ٿو. هن جو خيال آهي ته: "موهن جي دڙي واري سنڌي ٻولي ۽ موجوده دور واري سنڌي ٻوليءَ سان هڪ لاڳاپو ۽ تسلسل موجود آهي. هن لکيو آهي ته: "سنڌو لکت، برهمي لکت کان اڳاتي آهي. هن اهو به چيو آهي ته برهمي لکت سنڌي تصويري آئيوگرا تان ورتل آهي."[4]

سنڌ جا اهي عالم، جيڪي سنڌي زبان لاءِ سنسڪرت وارو رايو رکن ٿا، انهن جو به اهو خيال آهي ته برهمي لپي جو اساس سنڌو لکت ئي آهي ۽ برهمي لپي مان وري ديوناگري جي اوسر ٿي. نالي وارو لسانياتي ماهر ڀيرومل

مهرچند آڏواڻيءَ لکي ٿو ته: "سنسڪرت ٻولي، جنهن لپي يا آئيويٽا ۾ لکجي ٿي، تنهن کي نالو ڏنائون "ديوناگري" يعني "ديوتائن جي ننگر" يا "شهر جي آئويٽا" ۽ اهو نالو اڄ تائين هليو اچي. ديوناگري اکر هڪڙي نموني لکندا هئا ۽ هينئر ٻئي نموني لکڻ ۾ اچن ٿا. قديم ناگري اڳي 'برهمي' سڏبي هئي، جنهن جي اکري معنيٰ برهما ملڪ (برهم لوڪ) جي آئيويٽا".[5] ديوناگري لپيءَ جي ڦهلاءَ جي سلسلي ۾ نالي وارو ماهر لسانيات ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي ته: "سڄي ڀارت ۾ ۽ ان کان ٻاهر پڻ، ڪيترن ئي ملڪن ۾ ديوناگري لپيءَ جي ڦهلاءَ جو مکيه سبب اهو آهي ته اها مڪمل طور سائنسي سرشتي واري آهي. هن لپيءَ ۾ ماترائن جو استعمال لازمي هئڻ ڪري لکيل ٻولي ۽ ڳالهائڻ جي ٻولي جي روپ ۾ گهڻي مشابهت آهي".[6] رچرڊ برٽن ديوناگريءَ جي تعريف ڪندي لکيو آهي ته: "ديوناگري جا سيني کان وڌيڪ علمي آئيويٽا آهي ۽ اها اسان جي الف- ب سان مشابهت رکي ٿي. ديوناگري: لغتن ويا ڪرڻن ۽ ٻين اهڙن پستڪن لاءِ ڏاڍي موزون آهي، جي يورپي ماڻهن کي ڏيهي ٻولي سيکارڻ لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا".[7]

هتي تاريخ جي مختلف دورن ۾ ديوناگري لپيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ڪارج نباهڻ جي سلسلي ۾ اسان کي جيڪي حوالا ملي سگهيا آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ مختصر جائزو وٺون ٿا:

### آريائي دور

آرين جي قومي ۽ ڌرمي زبان سنسڪرت هئي ۽ هو ديوناگري رسم الخط ۾ لکت پڙهت ڪندا هئا. سنڌي زبان جي ڄاڻو ۽ ماهر سراج ميمڻ لکيو آهي ته "سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي ته سنسڪرت

تي تہ سنڌيءَ جوان ڪان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي جائي آهي. سڌي طرح نہ سهي، اڻ سڌي طرح سهي".[8]

رگ ويد ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي آريائي نہ هئا بلڪ اهي قديم سنڌ جي ماڻهن جا هئا. جڏهن آريا هن ڌرتيءَ تي پهتا، تڏهن هنن ڏٺو تہ هتان جا ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي بہ سگهندا هئا. "ويد ننڍي کنڊ جو سڀ کان قديم ادبي خزانو آهن، جن بابت عام طرح اها راءِ بيٺي آهي تہ 2000 کان 1500 تائين قبل مسيح جي دور جا لکيل آهن. ويدن ۾ گنگا جو ذڪر بہ دفعا ملي ٿو سنڌو درياهہ جي عظمت کي ٽيهہ ڀيرا ڳايو ويو آهي".[9] رگويد ۾ سنڌو درياهہ جي تعريف ۽ ذڪر جي باري ۾ رام امر لعل پنجواڻي ۽ ساوتري ڪوڙو مل لکيو آهي تہ: "رگويد جي زماني جا رهواسي سنڌو نديءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا هئا. جيئن اگني ۽ اندر ديوتا هئا. تيئن سنڌو ندي بہ ديوي هئي. رگويد ۾ زندگي ڏيندڙ لفظن ۾ سنڌو نديءَ جي ساراهہ ڪئي وئي آهي. دل ۽ دماغ ۾ سرور پيدا ڪندڙ لفظن سان سنڌوءَ جي ساک ڀري وئي آهي. سنڌو نديءَ جي تعريف ڪرڻ لاءِ شاندار شلوڪ چيا ويا آهن. جنهن مان سنڌو نديءَ جي ساراهہ، واکاڻ صاف ظاهر آهي".[10] ان ادب مان سنڌ سان محبت ۽ تهذيب و تمدن ۽ حالتن جي خبر پوي ٿي. ٻين لفظن ۾ اهي شلوڪ سنڌ جي ثنا ۾ لکيا ويا آهن. ويدن ۾ آيل شاعريءَ بابت پروفيسر منگھارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ: "ڊاڪٽر پٽاوالا بہ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي آهي تہ ويدڪ ڪوي، جي سنڌو ماٿريءَ جي مٿئين پاڱي (پنجاب ۽ سنڌ) ۾ هئا، سي پنهنجا پوتر ڀڄن سنڌوءَ جيجل کي ارپڻ ڪندا هئا. يعني تہ ويد، جي سنسڪرت ساهتيہ جو بنياد آهن، سي سچ پچ مها سنڌ ديس جون ئي اوائلي تصنيفون آهن- پوءِ ڀلي سنسڪرت ۾ لکيل هجن، ڇو جو تنهن زماني ۾ سنڌ جي ٻولي ئي سنسڪرت هوندي هئي ۽ برهمي لپيءَ ۾ لکبي هئي".[11]

نالي واري محقق ليلا رام رچنداڻي لکيو آهي ته "آريا لوڪ جڏهن ڀارت ۾ گهڙيا، تڏهن هنن جو مڪاميلو جن ڏيهي جاتين سان ٿيو. انهن ۾ گنڌرو، يکش، اپسر پڻ هئا. گنڌرو ته راڳ جا پريمي چيا ويا آهن ۽ اپسر لوڪن ۾ نرتيه لاءِ وڏيڪ چاهه هو. اهي جاتيون سنڌو واديءَ ۾ ئي رهنديون هيون. خاص ڪري سنڌوءَ جي ڪناري، ايراضين ۾ انهن جو به سنڌو ماترجي سيپتا جي اڏڻ ۾ گهڻو هٿ هو. انهن پنهنجي گيت، سنگيت ۽ نرتيه جي ڪلا سان سنڌو تهذيب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا".[12]

## راماڻ ۽ مهاڀارت وارا دور

راماڻ ۽ مهاڀارت ۾ سنڌ جو ذڪر ان جي گهڻ ذات وارن ماڻهن جي حوالي سان ٿيو آهي. مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ ۽ سؤوير هڪ مُلڪ ليکيا ويندا هئا. ملتان جو حصو سؤوير جاتو ويندو هو. راجا جئدرٿ سنڌي هو. هن زماني ۾ آرين فيلسوفي، ادب ۽ هنرن ۾ وڏي ترقي ڪئي هئي. سنڌ جي جن آڳاٽن شهرن جو ذڪر راماڻ ۽ مهاڀارت ۾ آهي، اُهي هيٺيان آهن:

الور-اروڙ وئشي آرين جو تختگاهه.

پٽالا-سور آرين جوڙيو.

سيووستان- سيوي آرين تعمير ڪرايو هو.

مينانگر- سنڌ جي ڊيلٽا تي، سنڌ جو مشهور شهر.

هنگلاج- لس ٻيلي ۾ مهاڪاليءَ ديويءَ جي مندر جو تيرٿ".[13]

راماڻ ۽ مهاڀارت واري زماني ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا. جن ۾ سانکيه شاستر، پتنجليءَ جو يوگ شاستر، پورو ميما نسا ۽ اتر ميما نسا. سوتر، منو شاستر، پراڻ وغيره".[14] هن دور جي ادب جي سلسلي ۾ محمد جمن ٽالپر لکيو آهي ته: "هن دور جي ادب ۾ سڀ کان پهريائين ڊراما جو تصور اچي ٿو. عام طرح يونان کي ناٽڪي فن جو استاد چيو ويندو آهي، پر هي ملڪ

انهيءَ صنف ۾ پوئتي نه هو."[15] ساڳئي سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: "هن دور جي ادب ۾ سڀ کان پهريائين ناٽڪ جو تصور اچي ٿو. عام طرح يونان کي ناٽڪي فن جو بنياد ڇيو ويندو آهي، پر هي ملڪ به انهيءَ صنف ۾ پوئتي نه هو. دنيا جي سڀني قومن جي قديم مذهبي ڪتابن ۾ تقدير جو مسئلو گهڻو تڻو بحث هيٺ آيل نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري ان دور جي ناٽڪن ۾ پڻ تقدير جي مسئلي جو مذهبي پهلو گهڻو سمايل نظر اچي ٿو."[16]

### موريا گهراڻي جو دور

راماڻ ۽ مها ڀارت جي دورن کانپوءِ سنڌ ۾ طاقت جو محور هڪ دفعو ٻيهر بدليو. سنڌ تي ايرانين ڪاهون ڪيون. ان کان پوءِ سڪندر اعظم سنڌ تي حملو ڪري آيو. ان کان سواءِ ڪي ٻيا قبيلا پڻ سنڌ تي حملا آور ٿيا. سنڌ ۾ يوناني دور کانپوءِ موريا گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي.

هي دور سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو دور آهي. گوتم ٻڌ جي قولن کي اشوڪ جي زماني بعد مغربي لهجن يعني شوارسيني ۾ آندو ويو. اهڙين حالتن ۾ جڏهن ڪو متن هڪ لهجي مان ٻئي ۾ آندو ويندو هو. تڏهن پهرين لهجي جا ڪيترائي اثر ٻئي لهجي ۾ داخل ٿي ويندا هئا. ان مغربي لهجن ۾ ٻڌ جا قول ترجمو ڪري آندا ويا. جن کي " پالي" ڪري سڏيو ويو. پاليءَ جي لفظي معنيٰ آهي" متن". ان سلسلي ۾ جٿرامداس دولت رام لکي ٿو ته ... "موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان نڪر جا پنج ٿانو لڌا اٿن، جي پاڻي پيئڻ جي ڪم ايندا هئا. هر هڪ ٿانءَ تي اکريل آهي ته ٻڌ ڌرم جي کهڙي بکشوءَ جي اهو پيئڻ جو ٿانءُ هو. اها لکت پالي ٻولي ۽ برهمي لپيءَ ۾ آهي. هو وڌيڪ لکي ٿو ته پالي ٻولي به سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ سنڌ ۾ گهڻو چالو هئي، ان جو سنڌي ٻوليءَ سان جيڪو ناتو هو. تنهن تي اڃا اونهي کوج ڪانه ٿي آهي، اها

ٿيڻ گهرجي. منجهس ڪيترائي اکر آهن، جي سنڌي جهڙا آهن. سنڌ ۾ چالو پالي ڪيتري قدر ان زماني جي سنڌيءَ جو روپ، تنهن جي کوج لهڻي پر گهٽ ۾ گهٽ پاسجي ائين پيو ته برهمي لپي ٿي ان وقت (اٽڪل 17 صديون اڳ) سنڌ ۾ چالو هئي."[17] ياد رهي ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪنشڪ دور جي پالي عبارت ۾ لکيل هڪ ڪتبي جو نمونو ڏنو آ. جيڪو ٽامي جي ٽالهيءَ تي اکريل هو اها ٽالهي بهاولپور کان سورنهن ميل ڏکڻ – اولهه طرف ٻڌ ڌرم جي جهوني مندر "سئي وهار" جي ڪنڊرن مان هٿ آئي هئي. هن ڪتبي کي



"سئي وهار" مان لڌل "بختي پالي" ڪتبو، صاف صورتخطي ۾ لکيل

بختي پاليءَ جو ڪتبو مڃيو ويو آهي."[18] پاليءَ جو سنڌ ۾ راڄ گهرائي تائين سگهارو اثر هو. پر ان دور جون لکتون زماني جي انقلابن سبب شايد ضايع ٿي ويون .

## چندر گپت جو دور

چندرگپت جي دربار ۾ سنسڪرت جا ڪيترائي پنڊت، جوتشي ۽ شاعر رهندا هئا. چندر گپت ثاني عام طور 'وڪرماجيت' جي لقب سان مشهور آهي. سندس تختگاهه اجين هو. مالوه، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ تي سندس سڪو هلڻ

لڳو. سنڌس دربار ۾ سنسڪرت جا پنڊت، جوتشي ۽ شاعر رهندا هئا، جن مان ڪاليداس سنسڪرت جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن جا ناٽڪ 'شڪنتلا'، 'ميگهه دوت'، 'ڪمارسنڀور' ۽ 'رگهو ونس' مشهور آهن".[19]

چندر گپت جي زماني جي سنڌي شاعريءَ لاءِ ليلارام رچنداڻي لکي ٿو ته: "تاريخ ٻڌائي ٿي ته گپت زمانو ساهت جي لحاظ کان به سونو يگ هو. جوان زماني ۾ ڪيترو ئي ساهت لکجي ظاهر ٿيو. اهو ساهت البت سنسڪرت ۾ هو ۽ ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي شڪل صورت جو به پورو پتو اجا پئجي نه سگهيو آهي، ان ڪري اهو به ڪيئن چئجي ته سنڌ اندر به ساهت سرجيو هو ۽ ڪهڙيءَ صورت ۾؟ پر جڏهين ٻين هنڌن تي ان ڏس ۾ ڪجهه وڪون ڪنيون ويون هيون ته سنڌ ۾ به ضرور ڪجهه ٿيو هوندو".[20]

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: پاليءَ ڪانپوءِ سنسڪرت مان نڪتل ٻي شاخ پراڪرت، عيسوي سن 3- 4 صديون اڳ هندستان سان گڏ سنڌ ۾ به چالو ٿي، جا به ديوناگري ۾ لکي ويندي هئي. انهيءَ سنڌي پراڪرت ۾ جهوني ۾ جهونو پستڪ راجا راول جي منتري سير جو لکيل "راجائن لاءِ سکيا" ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو عيسوي سن کان اٽڪل ٽي صديون اڳ جوڙيل هو ۽ منجهس مهاڀارت جي لڙائي کان آڳاٽي سنڌ جي تاريخ تي روشني وڌل هئي ۽ پانڊون جي راڄ ڪانپوءِ ڪن هندو راجائن جون ڪهاڻيون به ڏنل هيون. ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي جي اهم کوجنا موجب اهو پهريون سنڌ ۾ لکيل پراڪرت نثر جو ڪتاب هو".[21]

سنڌ ۾ جبلن ۾ جي وڏي 'کير ٿر قطار' ڌرتيءَ جي وجود سان گڏوگڏ موجود آهي، انهن جبلن جي غارن ۾ اوائلي ٻير، پنڊت ۽ سنت تياڳ وٺندا هئا. انهن غارن ۾ به تصويري لکتن سان گڏوگڏ ديوناگري ۽ پاليءَ جون به ڪيتريون لکتون موجود آهن. جيڪي ڌرمي حوالي سان لکيون ويون آهن. بهرحال انهن لکتن جي دورن جو تعين نه ٿيو آهي. ويجهڙائي ۾ بدر ابڙي جو کيرٿر جي



ٿرجي ڏڪ مندر ۾ لکيل ديوناگري لکت

لکتن ۽ تصويرن تي ڪتاب ’ڪيرٿر ۾ ڇتسالي پڌيءَ جو سفر‘ (2011ع) شايع ٿيو آهي، ۽ عزيز ڪنگراڻيءَ پڻ ان سلسلي ۾ سٺو ڪم ڪري چڪو آهي. سنڌ ۾ هندو جين ۽ سڪ ڌرمن جا قديم مندر بہ موجود آهن، انهن تي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل ڪتبا اڄ بہ موجود آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ اظهار ۽ ڄاڻ جي لکتن لاءِ ديوناگري استعمال ۾ ايندي هئي. ان سلسلي ۾ ذولفقار علي ڪلهوڙو جو {Memorial Stones of Tharparkar (2017)} شايع ٿيل آهي.

## راءِ گهراڻي جو دور

سنڌي سماج ۾ تبديلي راءِ گهراڻي ڪان اڳ ئي اچي چڪي هئي. پروفيسر محرم علي خان موجب: ”سنڌ جو پهريون دارالحڪومت، جيڪو تاريخي طور تي اسان کي معلوم آهي، سو الور جو تخت- شهر آهي. انهيءَ شهر ۾ ئي سنڌ جي پهرين حڪمران خاندان راءِ گهراڻي جي حڪومت سن 495ع يعني پنجين صدي ڪان شروع ٿئي ٿي.“[22] راءِ خاندان جي آخري حڪمران راءِ سهاسي ثاني جي زماني ۾ سندس هڪ وزير راجا چچ جيڪو تعليم جو وزير هو. هن دؤر ۾

ملڪ اندر سڪا بہ جاري هوندا هئا. ان سلسلي ۾ ايچ-ٽي لئمبرڪ مطابق "هڪ مخصوص قسم جي سڪن لاءِ، جيڪي ٿلهي ليکي انڊو- ساساني سڏيا وڃن ٿا ۽ جن جي- رائج ٿيڻ جي تاريخ گهٽ ۾ گهٽ ڪري ستين صدي آهي، انهن لاءِ خيال آهي تہ اهي راءِ گهراڻي جي راجائن طرفان جاري ڪرايا هئا".[23]

پروفيسر محرم علي لکي ٿو تہ: "سنڌيءَ کي بہ اپڀرنش دفعي جو ٻولي شمار ڪري سگهجي ٿو ۽ اُن جي بيت ۾ عوامي زبان کي ڏنارن ۽ ڳنوارن جي ٻولي (اپڀرنش) سڏيو ويندو هو. اپڀرنش زبان ۽ ان جي شاعريءَ جي سنڌ جي تاريخ ۾ تلاش ڪرڻ بہ انهيءَ ڪري قديم سنڌي شاعريءَ جي ڳولا آهي". هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: "اپڀرنش ڪريتائون، ستين صدي عيسوي کان ملن ٿيون، سنڌ جي تاريخ ۾ اهو راءِ گهراڻي جي حڪومت جو زمانو آهي. اپڀرنش جا پراڻا ٻول (گاٿا) هيمچندر (1082-1088ع) پنهنجي ڪتاب 'سڌ هيمچندر' ۾ اڳئين زماني جي تصنيف سان گڏ ڪيا آهن".[24] اوائلي اپڀرنش جو نمونو آڳاٽي سنڌ جو اهڃاڻ چئي سگهجي ٿو. سنڌي شاعري، ديوناگري رسم الخط جي ساڳي سلسلي ۾ ليلا رام رچنداڻي لکي ٿو تہ "ٻيا بہ ڪيترائي سلوڪ آهن، جن ۾ ڪتب آيل پراڪرت ٻولي هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ سان ملي پئي اچي ۽ ان مان ظاهر پيو ٿئي تہ اها پراڪرت ٻولي سنڌي ٻوليءَ جي نزديڪ واري ڪا ٻولي هئي. ڪرتا جي لحاظ کان اهي بيت سلوڪن جو نمونو آهن".[25]

راءِ دور ۾ تعليم رڳو شهرن تائين محدود نہ هئي، بلڪ ڳوٺن ۾ بہ تعليم جو بندوبست ڪيو ويندو هو. تعليم ايترو تہ عام هئي جو لکت جو سرشتو پوري ملڪ ۾ رائج هو. برک محقق پرم ابيچنداڻي لکي ٿو تہ: "برهم گپت عيسوي سن 598ع ۾ سنڌ جي ڀلمل ڳوٺ ۾ ڄائو هو. هو سنسڪرت جو مشهور ودوان ٿي گذريو آهي ۽ ساڳئي وقت هو ڳڻت وديا ۽ جوتش سڏانت (Astronomy)۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن سنسڪرت ۾ ٻہ پستڪ لکيا. هڪ

هٿو 'براهمڦوٽ'، 'سڌانت' يعني سنسار سنبنڌي جي اڳهڻ جو ويچار جيڪو هن عيسوي سن 625ع ۾ سنڌ ۾ چچ ونس جي راجا ويگهر مک جي سرپرستيءَ ۾ لکيو ۽ ٻيو هو " کنڊ کاديڪ " يعني کاڌڻ گور پدارٿ، جيڪو هن اڄين ۾ عيسوي سن 665ع ۾ لکيو ".[26]

## برهمڻ گهراڻي جو دور

راءِ گهراڻي ڪانپوءِ، حڪومت جون واڳون برهمڻ گهراڻي وٽ آيون. سنڌ ۾ برهمڻ دور حڪومت جو بنياد راجا چچ وڌو. چچ نامي ۾ راءِ سهاسي ٻئي جي دور بابت چيو وڃي ٿو ته راجا چچ وڏي ڄاڻ وارو برهمڻ هو. هو تعليم جو قلمدان به هلائيندو هو. جيرامداس دولترام لکيو آهي ته: "چچ نامي ۾ ڄاڻايل آهي ته راجا ڏاهر جي راڄ ۾ سڪن جو رواج هو. هن ڪي سڪا ته خود پنهنجي هٿ قابل وزير جي نالي ڪڍيا هئا. هن مان سمجهجي ٿو ته راجا ڏاهر جي وقت ديو ناگري جو ڪو اڳاٽو روپ چالو هو ۽ سنڌي ٻولي انهيءَ ۾ لکبي هئي، سو چئبو ته ائين صديءَ جي پهرين سالن تائين اروڙ ۽ برهمڻ آباد جي حدن ۾ ديوناگري يا ان جهڙي لپي ڪم ايندي هئي".[27]

هن دور ۾ سنڌي زبان نه فقط پڙهي ويندي هئي بلڪ لکي به ويندي هئي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "راءِ گهراڻي (450ع-632ع) ۽ برهمڻ گهراڻي (632ع-712ع) وارن راجائن جي راڄ ۾ پراڪرت-سنڌي ۽ اپڀرنش-سنڌي لکڻ ۽ نرالين مڪاني سنڌي لپين جو واهپو سنڌ ۾ هلندڙ هو. سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ مروج انهن لکاوٽن جو وڪاس برهمي لپيءَ مان ٿيو هو انهن سڀني مڪاني نمونن کي گڏي اسين سنڌي لپيءَ يعني سنڌ ۾ مروج مڪاني نرالي لپيءَ جو نالو ڏئي سگهون ٿا".[28]

برهمڻ دور جي ادبي ترقيءَ جي سلسلي ۾ قريشي حامد علي خانائي لکيو آهي ته: "عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ هن ملڪ ۾ هندو برهمڻ

حڪومت قائم هئي ۽ عربن جي حملي وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻولي رواج ۾ هئي. سنسڪرت سندن مذهبي ۽ مقدس زبان هئي، جيڪا سنڌ اندر چالو هئي. لکڻ پڙهڻ ٻه انهيءَ ٻولي ۾ ٿيندو هو. علمي ۽ ادبي لحاظ کان ان قديم هندو دور جو ادب پڃنن، ڏند ڪٿائن ۽ ناٽڪن جي صورت ۾ ملي ٿو. جو نثر ۽ نظم جي شڪل ۾ هو. ان مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ان هندو دور ۾ نثر به هو ۽ جيڪا سنڌي ٻولي ان وقت ۾ رائج هئي، اها موجوده سنڌي جهڙي هئي. پر ان جي صحيح صورت ۽ ساخت جي ڪابه پروڙ پئجي ڪانه سگهي آهي. چچنامي ۾ ڪجهه اهڙا لفظ ۽ جملا موجود آهن، جيڪي هن وقت جي مروج سنڌي زبان ۾ به آهن. ليڪن وقت گذرندي اڄ اسان کي ان اوائلي دور جو ڪوبه علمي ۽ ادبي ذخيرو هٿ لڳي ڪونه سگهيو آهي".[29] انهيءَ دؤر سان تعلق رکندڙ سنڌي رسم الخط جا ڪجهه نمونا اسان کي برهمڻ آباد مان به مليا آهن. ٻوليءَ جي ماهرن ان لکت کي پروٽو-ناگري اکر (ناگري اکرن جو پراڻو روپ) سڏيو آهي. سن 1854ع ۾ اي. ايف بلئسز برهمڻ آباد /منصوره جي قديم آثارن جي کوٽائي ڪئي. هن باقاعدي اتي سروي ڪري هڪ ڪتاب An Account of the Ancient and ruined City of Brahmanabad in Sindh (ٻن جلدن ) ۾ لکيو. هن اتان راڄ ۽ برهمڻ دور جي راجائن جون جواهري پٿرن جون ٺهيل شيون ۽ سڪا لڌا، جيڪي اڄ لنڊن جي عجائب خاني ۾ رکيل آهن. مسٽر بلئسز لکيو ته: انهن سڪن ۽ شين تي ديوناگري يا ان جهڙا اکر لکيل هئا".[30] سڪن جي نسبت سان ڪنڊرن جي هڪ ٻئي عالم مسٽر هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب Antiquities of Sindh ۾ ڄاڻايو آهي ته: "هنن لڌل سڪن تي آڳاٽي ديوناگري جا اکر لکيل آهن ۽ عربن جي ڪاهه 712ع کان اڳ جي راجائن جا اهي سڪا ڏسجن ٿا".[31]

برهمڻ آباد کان علاوه، ڀنڀور جي قديم آثارن مان به عرب دور ۽ ان دور کان اڳ جي ڪيترن ئي ٺڪر جي ٿانون تي ديونا گريءَ جا اکريل نمونا

مليا آهن. ڀنڀور جي کنڊرن مان مِليل لکتن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته لاڙي يا لهاڻڪو رسم الخط هن علائقي ۾ عام هوندو هو، جنهن کي اسماعيلي مبلغن سڌاري پنهنجو مذهبي ادب لهاڻڪي رسم الخط ۾ محفوظ ڪيو هو.



ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته: "مشهور آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر ايف.اي. خان سن 1958ع ۾ ڪراچي جي اوڀر طرف چاليهه ميل دور سنڌ جي هيٺانهين علائقي ڀنڀور جي کوٽائيءَ دوران زمين مان نڪتل ٿانون جي آثار تي کوجنا ڪئي هئي ته انهن صديءَ جي ناگري لپي جا ڪي ليک خوجڪي لپيءَ سان هڪ جهڙائپ ڏيکارين ٿا". (32)

انهن نڪرين تي لکيل اکرن مان ائين پڻ واضح ٿئي ٿو ته هن شهر جا ماڻهو هڪ کان وڌيڪ رسم الخط لکي سگهندا هئا. ان مان اها به دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته هت رهندڙ ڌار ڌار قومن جو رسم الخط هوندو هو. لوهاڻا پنهنجو پنهنجو لوهاڻو يا لاڙي رسم الخط ته ٻيا هندو ارڌناگري رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. ان کان علاوه چچ نامي ۾ راجا ڏاهر جي عربن

ڏانهن لکيل خطن جي خبر پوي ٿي. عالمن قوي گمان ڪديو آهي ته اهي ديوناگري خط ۾ ئي لکيل هوندا. ڇو جو ملڪي سطح تي اهو ئي خط جاري هو. چچ نامي جي هيترن سارن لفظن جي تبديلي ۽ ترجمن جي باوجود اڄ به اهي لفظ موجود آهن. جيڪي سنڌ ۾ اڄ به هو بهو استعمال هيٺ آهن.

علامه سيد سليمان ندويءَ پنهنجي ڪتاب "عرب وهند ڪي تعلقات" ۾ اهڙن ڪيترن ئي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي عربن سنڌي زبان مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايا هئا. اهي ڪتاب ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل هئا.

## عربن جو دور

نئين قوم ٻولي، ثقافت ۽ مذهب جي حڪمرانن اچڻ سان سنڌ جي سماج ۾ وڏي تبديلي اچي وئي. ملڪ جي سرڪاري زبان عربي هئي، لکت، پڙهت جي نصابي ڪتابن ۾ تبديلي اچي وئي. سنڌي زبان، گرامر، رسم الخط ۾ عربي زبان جو تمام تيزيءَ گهڻو اثر پيو. عرب عالمن، مورخن ۽ سياحن سنڌي رسم الخط جي ڏار ڏار لکتن جو ذڪر ڪيو آهي. عربن جي دور ۾ ڪيترائي عرب سياح سنڌ ۾ آيا ۽ هنن سنڌ ۾ مروج رسم الخطن جي معلومات ڏني آهي. ان سلسلي ۾ جاحظ لکيو آهي ته: "سنڌ جي ماڻهن جي هڪ خاص سنڌي رسم الخط آهي، هن عالم ان رسم الخط جو نالو نه ٻڌايو آهي". اصطخري مطابق:"منصوره ملتان ۽ ان جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي". ابن نديم، جنهن سنڌي انگن جو نمونو به پنهنجي 'الفهرست' ۾ ڏنو آهي، هن لکيو ته: "سنڌ جي ماڻهن جون مختلف زبانون ۽ مذهب آهن، رسم الخط متعدد آهن . هنن جا اٽڪل 200 رسم الخط آهن. انهن مان نو (09) رسم الخط عام آهن."[33] ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي لکيو آهي ته" سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ

۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جو چرچو هو ۽ ٻهرين گهراڻن جو نثر ۽ نظم ضرور انهن قديم ٻولين ۾ هوندو".[34]

تاريخ جي مستند ڪتابن ۾ موجود آهي ته عربن جي دؤر ۾ قرآن شريف جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو هو. ان سلسلي ۾ بزرگ بن شهريار پنهنجي ڪتاب "ڪتاب الهند" ۾ ڄاڻايو آهي ته "الور جي هڪ هندو راجا، منصوره جي حاڪم عبدالله بن هباريءَ ڏي لکي موڪليو ته قرآن پاڪ ۽ مذهبي عقيدن کي سنڌي زبان ۾ ڪتاب ڏانهنس موڪلي. عبدالله بن هباري هڪ عراقي نسل جي سنڌي عالم کان ڪلام پاڪ جو ترجمو ۽ اسلامي عقائد ۽ تعليم تي ٻه ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي موڪليا".[35] پر افسوس جو ان ترجمي جو ڪو به قلمي نسخو موجود نه آهي. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو خيال آهي ته: "قوي گمان آهي ته اهو "ديوناگري" ۾ لکيو ويو هوندو جا ان وقت سنڌ ۾ ڪتب ايندي هئي".[36]

## غزنوي گهراڻي جو دور

عربن کانپوءِ سنڌ ۾ هڪ دفعو ٻيهر حڪومت هيٺين سنڌ ۾ مقامي سومرا گهراڻي جي هٿ لڳي مگر مٿئين حصي تي غزنوي گهراڻي کي واڳ ملي. غزنوي گهراڻو علم ۽ ادب جي ترقيءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو. سلطان محمود غزنوي جي دربار ۾ ڪيترائي عالم ۽ اديب رهندا هئا.جنهن وقت سنڌ جو مٿيون علائقو محمود غزنوي جي اثر هيٺ هو، ان وقت اٽڪل1017ع ڌاري البيروني سنڌ ۽ پنجاب، هندستان ڏانهن تحقيق جي سلسلي ۾ آيو.

البيرونيءَ سنڌ ۽ هند ۾ رسم الخط بابت پنهنجي ڪتاب 'ڪتاب الهند' ۾ هڪ باب لکيو. البيرونيءَ لکيو آهي ته "ڏکڻ سنڌ ۾ جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي ان کي 'مالوارِي' چئبو آهي. ٻهمنوا (منصوره) ۾ 'سئنڌو' رسم الخط ڪم ايندو هو. هو لکي ٿو ته: "حدود مالوا ۾ هڪ رسم الخط آهي، جنهن جو نالو 'ناگر' آهي. هيءَ فقط صورت ۾ ٻهرئين خط کان مختلف آهي. ان کان پوءِ

هڪ ٻيو خط آهي، جنهن جو نالو 'اردناگري'، يعني 'اڌ ناگري' آهي؛ چاڪاڻ جو ان ۾ مذڪور ٻئي خط مخلوط آهن. پاتيہ ۽ سنڌ جي ڪن شهرن ۾ اهو خط لکيو ويندو آهي." (٦٣) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "هڪ ٻي لپي بہ آهي، جنهن کي ارڌ-ناگري (آردناڪري) يعني اڌ ناگري چوندا آهن. انهيءَ کي اهو نالو ان ڪري ڏنو ويو، چاڪاڻ تہ ان ۾ ٻهرين ٻن لپين، سڌماترڪا ۽ ناگر، جو ميلاپ نظر اچي ٿو. انهيءَ جو استعمال "پاتيا" (ٻهاتيہ) ۽ سنڌ (السند) جي ڪجهہ حصن ۾ ٿيندو آهي." (٦٤)

## سومرن جو دور

سومرن جو دور سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ انتهائي اهم آهي. هن دور ۾ سنڌي ادب باقاعده ترقيءَ جون منزلون طئي ڪرڻ لڳو. مذهبي شاعريءَ کان سواءِ عوامي شاعري جا بہ ڪيترائي شاعر هن دور ۾ موجود هئا. هن دور ۾ لکت جي لحاظ کان هيٺيان مثال موجود آهن:

## خوجڪي لپيءَ ۾ گنان نويسي

هن دور ۾ اسماعيلي مبلغن جو مذهبي ادب، جنهن ۾ سنڌن شاعري ۾ گنان اچي وڃن ٿا، ان کي 'خوجڪي' يا 'پير صدر الدين جي سنڌي' ۾ محفوظ ڪيو ويو. خوجڪي رسم الخط ڪاٻي کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: "عام طرح بيان ڪيو ويندو آهي تہ هي رسم الخط پير صدر الدين ناهيو هو، پر چئي سگهجي ٿو تہ هي رسم الخط اسلام کان بہ اڳ هن قوم وٽ رائج هو. پير صدر الدين جو ڪمال اهو آهي تہ هن انهيءَ رسم الخط جو مطالعو ڪري، ان ۾ سڌارا آڻي، ماترائن جو رواج آڻي ان کي علمي لکت لاءِ موزون بڻايو. سندس مراد هئي تہ نوان خوجا اسلامي تعليم ۽ اصولن کي پنهنجي مقامي ٻوليءَ ۾ سکن. هن خط ۾

لکيل سوين ڪتاب موجود آهن، جيڪي موجوده زماني ۾ بہ پاڪستان، ڀارت، سيلون ۽ آفريقا جا اسماعيلي پڙهندا آهن."(39) خوجڪي رسم الخط پير صدرالدين، پير نور الدين، پير شمس الدين، پيرحسن ڪبير، پير تاج الدين، سيد امام شاهہ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر اچي وڃن ٿا. ان سلسلي ۾ ناظم مرچنٽ لکي ٿو تہ: "خوجڪي دستخطن جي ڪوجنڪ ممتاز علي صادق علي وٽ 62 (ٻاهٺ) جيترا املھ دستخط آهن. جن مان هڪ هست پرت خوجہ ڀيمجي ڀيڙيداس جو آهي، جنهن ۾ سنبت 1594 (عيسوي سنہ 1538) جاٿايل آهي. هن ۾ 192 پنن تي خوجن جو ڌارمڪ ساهتيہ خوجڪي ڀاشا ۾لکيل آهي. مون ڀاڻ وٽ محفوظ اتڪل 120 سال جهوني هڪ هٿ اکريءَ ۾ آغا خاني ڌرم پرچارڪ دادو پيرا جنهن جي درگاهہ ڀڄ ۾ آهي) جي مسافري ۽ هن جي ڀائرن ۽ خاندانن جي اتهاسڪ ماهيتي خوجڪي ڀاشا ۾ ڏنل آهي. ٻي هڪ اتڪل نوي سال جهوني خوجڪي هست پرت پير عالم علي شاهہ (حيرا وارو) دواران رچايل منهر گرنٿ جي آهي".(40)



خوجڪي رسم الخط جو نمونو

ساڳي سلسلي ۾ ڊاڪٽرمرليڌر جيتلي لکي ٿو تہ: "14-15عيسوي صديءَ کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ سنت ساهتيہ جون اهڙيون رچنائون موجود هيون، جيڪي ديوناگري حرفن ۾ قلمبند ڪيون ويندڀون هيون. (اسماعيلي پيرن جي رچيل گنانن) جي خوجڪي سنڌي لپي ۽ پنجاب ۾ استعمال ٿيندڙ گرمکي لپي پڻ ديوناگري نسل جون لکاوٽون آهن. ٻيون بہ ڪيتريون ادبي رچنائون هونديون، جن جي اسان کي اڃا تائين ڄاڻ نہ پئجي سگهي آهي. ممڪن آهي تہ راجستان، هرياڻا، گجرات، ڪڇ ۽ ٻين علائقن جي پراڻن گرنٿ ڀنڊارن ۾ ان دؤر جون سنڌي ڀاشا ۾ رچنائون سلامت رکيل هجن، جيڪي اڃا تائين عالمن جي ڌيان تي نہ آيون هجن."[41]

## پانڪي لپيءَ ۾ پٽن ۽ پانن جون ڳاهون

سومرن جي دور ۾ رومانوي ڪٿائن جو دور هو هن دور مومل راڻو، عمر مارئي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون وغيره جهڙن مشهور داستانن جنم ورتو. انهن قصن تي ان دور جي درٻار ي ۽ عوامي شاعرن ڳاهون جوڙي ڳاتيون. هنن قصن کي پانڪي لپي ۾ محفوظ بہ ڪيو ويو. پانڪي لپي، سماٽ گهراڻن "راءِ، سومرن ۽ سمن بادشاهن" جي قديم آبائي لپي پڻ قرار ڏئي سگهجي ٿو. اها لپي لاڙ ۾ لاڙي بندر ، فتح باغ، جوڻ، راڙي، بدين، راهمڪي بازار، ٻنگار ۽ پاتال ( پٽاليني) شهرن ۾ استعمال ٿيندي هئي. ان جا استعمال ڪرڻ وارا عام ماڻهو واپاري، پاٽ، پان ۽ چارڻ قبيلا هئا. ان کي "لاڙي موڙا اکر" بہ چوندا هئا. هن لپيءَ ۾ سومرن، سمن ۽ راجپوتن جا نسب ناما بہ لکيا ويا هئا. پر پانڪي لپيءَ جا اڃا صحيح نمونا پاڄ نہ ٿي آهي. ڍول مارو جو رومانوي قصو ، جيڪو سومرن جي دور کان اڳ يا ان دور ۾ رونما ٿيو. سومرن جي دور ۾ ڊاٽڪي ۾ محفوظ ڪيو ويو.

## ديوناگري لپيءَ ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت جا ترجما

هندن جي مذهبي ڪتابن 'مها ڀارت' ۽ 'رامائڻ' جا سنڌي ترجما بہ سومرن دور ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيا. ان سلسلي ۾ ايم ايڇ پنهور لکي ٿو تہ: "هندن جي مذهبي ڪتاب جهڙوڪ مهاڀارت جو سنڌي ترجمو ڏهين صديءَ ۾ ٿيو ۽ رامائڻ جو سنڌي ترجمو سومرن جي راڄ دوران ٻارهين صديءَ ۾ ٿيو چوڻ ۾ اٿين اچي ٿو تہ هي ترجما ديوناگري رسم الخط ۾ ڪيا ويا هوندا".[42]

## سمن جو دور

سمن جو دور سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن دور ۾ جيتوڻيڪ فارسي ملڪ جي رياستي ٻوليءَ جو درجو رکندي هئي، مگر سنڌي علم ۽ ادب بہ پنهنجي عروج تي پهتل هو. سمن جو دور حڪومت 1350ع کان 1520ع تائين هو. سمن جي دور ۾ شيخ حماد،اسحاق آهنگر،مخدوم احمد ڀٽي،قاضي قاضن،عيسي لنگوٽي،شيخ لاڏ جيو شاعر هئا.سمن جي دور ۾ سنڌي شاعري جي صنف ڳاهن ۽ عشقيہ داستان جي شروعات ٿي. سمن جي دور جو مشهور عشقيہ قصو نوري ڄام تماچيءَ جو داستان آهي. هن دور جي شاعرن جو ذڪر ڪتاب 'تحفتہ الڪرام' ۾ ملي ٿو. هن دور ۾ عربي سنڌي رسم الخط کان علاوه ديوناگري ۾ بہ ڪيترائي مثال موجود آهن.سمن جي دور جو وڏي ۾ وڏي شاعر ۽ عالم قاضي قادن (1463-1551) هو. ان کان علاوه مامئي ديو، شيخ پرڪيو، پربو ويرداس، پير صدرالدين، پير تاج الدين ، پير امام شاه ۽ سکن جي سنگهرن ۾ سنڌي شاعريءَ جا مثال ديوناگري لپين ۾ مليا آهن، جن مان ڪن جا حوالا ۽ نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

## ڪاجي ڪادن ڪِي ساکي

قاضي قادن سمن جي آخري دور ۽ ارغونن جي شروعاتي دور سان تعلق رکندڙ تمام وڏو شاعر ۽ عالم هو. سندس ڪيترائي مريد ۽ پوئلڳ سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان



قاضي قادن جو ڪلام ديوناگري لپيءَ ۾

ٻاهر گجرات ۽ ٻين علائقن ۾ موجود هئا. هن ڪي سنڌي شاعريءَ جو ابو به چيو ويندو آهي ۽ سندس ڪلام لکت ۾ موجود هو. اسان ڪي سندس ڪلام سڀ کان پهرين خط نستعليق ۾ شاهه ڪريم جي ڪلام سان گڏ مليو هو پر بعد ۾ سندس وڌيڪ ڪلام ديوناگري لپيءَ ۾ مليو آهي.

ان سلسلي ۾ هيري ٺڪر کي هرياڻا جي ڳوٺ راڻيلا جي مندر مان ديوناگري رسم الخط ۾ ڪلام هٿ آيو. هن گرنٿ ۾ قاضي قادن واري ڪلام جو عنوان آهي: "ڪاجِي ڪادَن جي ڪِي ساکي سنڌي اور ساڌان ڪِي ساکِي"، يعني: 'جناب قاضي قادن جي ساکي (ڪلام، بيت) ۽ پڻ ٻين درويشن جي ساکي، هڪ جاءِ ڪٺي'.

هن پستڪ ۾ ڪبير، سورداس، دادو ديال، شاهه حسين ۽ ٻين جي ڪلام سان گڏ قاضي قادن جو ڪلام ارڙهين صديءَ ۾ لکيو ويو هو. ان پستڪ ۾ سنڌ جي هڪ ٻئي شاعر شيخ پرکيو ڪاتيار (وفات 1519ع) جا به ڪجهه شعر به هٿ آيا آهن، جيڪي پڻ ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل هئا. ان کان علاوه پر يو ويرداس جا پڻ ڪجهه شعر ساڳئي مندر مان هٿ آيا آهن. هي سيئي شاعر سنڌ جي سمن حڪمرانن جي دور جا هئا.

## مامئي ديو جا شلوڪ

سمن جي دور ۾ مامئي فقيرن جا به ست بيت مشهور آهن. موجوده تحقيق ۾ جاچنا ڪانپوءِ خبر پئي ته اصل ۾ مامئي ديو شاعر ٿي گذريو آهي.هن بابت موهن ديوراج ٿونئيا لکي ٿو ته: "مامئي ديو تيرهين صدي عيسوي جي آخري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيو پر پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ڪڇ ۽ گجرات (انڊيا) ۾ گذاريائين. هي سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات ۾ رهندڙ مينگهواڙ مهيشوري قوم جو روحاني اڳواڻ هو. مامئي ديو هزارين بيت ۽ سلوڪ ديوناگري خط ۾ محفوظ ڪري لکيا. مامئي ديو جي ڪيترن بيتن ۾ پيشن گويون ٿيل آهي".[43] اهي بيت ديوناگري لپيءَ ۾ محفوظ آهن.

## گرمکيءَ ۾ سکن جو ڪلام

گرمکي رسم الخط بنيادي طور تي سک پنجابي لکتن لاءِ استعمال ٿيندي آهي، پر سنڌي لکتن لاءِ به هن رسم الخط جي تاريخ پراڻي آهي. سک مذهب جي پشيوا گرونانڪ ۽ ٻين گروئن جو ڪلام ۽ مذهبي چوٽيون هن رسم الخط ۾ محفوظ آهن. گرمکي خط پڻ برهمي رسم الخط مان جڙيو آهي. سکن جي گرو گرنٿ جن جو دور ساڳيو سمن وارو دور آهي. انهن ۾ سنڌي آميزش ڪيترائي شعر آهن. سترهين صدي عيسويءَ ۾ سکن جي پنجين گرو ارجن ديو 1604ع ۾ گرنٿ جو سنگرهه تيار ڪيو. جنهن ۾ بابا فريد جا سنڌي ۽ سرائڪي دوها به شامل آهن. اهو سمورو ڪتاب گرمکي لپي ۾ لکيل آهي.ان سلسلي ۾ مشهور محقق ليلا رام رچنداڻيءَ لکيو آهي ته: "انهيءَ عرصي ۾ (1469- 1538ع ) ۾ گرونانڪ پڻ هو. هن جي واڻي به گروگرنٿ صاحب ۾ ڪني ڪيل آهي. گرو جن جو هڪ شعر هي آهي جو راڳ مارو محلا پنج ۾ داخل آهي:

لوئڻ، لوئي، ڏٽ، پياس نہ ٻجهي مون گهڻي
نانڪ سي اکڙيان ٻين، جن ڏسندو سان پري

گرو واڻي ۾ ٻيا بہ انيڪ سلوڪ آهن، جن مان سنڌي جو هڳاءُ پيو اچي".[44]

مطلب تہ سمن جي دور ۾ اسان کي سنڌي ٻولي جي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي لکتن جا مثال ملن ٿا، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ عربي، فارسيءَ ۾ سنڌيءَ جو استعمال عام ٿيڻ لڳو هو. تنهن جي باوجود سنڌي ادب جو اهم ادبي ذخيرو اسان کي ديوناگريءَ ۾ ئي مليو آهي.

## مغليہ دور

سمن جي زوال کانپوءِ سنڌ جون واڳون غير مقامي، غير سنڌي حڪمرانن: ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي هٿ لڳيون. هي حڪمران فارسي دان هئا. ان دور ۾ چيو ويندو هو تہ " فارسي گهوڙي چاڙهسي". سنڌ جي تاريخ، علم ۽ ادب، درسي ڪتاب ، گرامر، لسانيات وغيره تي ڪيترائي ڪتاب فارسي ۾ لکيا ويا. سنڌي زبان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مگر ادب ملڪي حالتن جو رد عمل هوندو آهي. انهن ئي دورن ۾ سنڌي زبان ۽ ادب لکڻ جو رواج تحريڪ طور شروع ٿيو. پر اها تحريڪ عربي، سنڌي لکت ۾ شروع ٿي. ان سان گڏ ارغون ، ترخان ۽ مغل دورن ۾ سنڌي زبان لاءِ ديوناگري خط جي استعمال جا پڻ ڪيترائي مثال ۽ حوالا ملن ٿا.

## دادو ديال جي واڻي

انهن دورن جي شاعرن ۾ وڏو نالو دادو ديال (1544-1603) جو آهي. هو قاضي قادن جو فڪري پوئلڳ هو.دادو ديال راجستاني علائقي احمد آباد جو راهواسي هو. هو گهڻو وقت سنڌ ۾ رهيو. صوفي فڪر کان روشناس ٿيو. هن جو سنڌيءَ ۾ ڪلام پڻ ديو ناگري حرفن ۾ مليو آهي، جنهن کي پارت مان جهمتمل کوبچند چگاڻيءَ "دادو ديال جي سنڌي واڻي" جي نالي سان شايع ڪرايو. "[45]

## سوامي پراڻ ناٿ جي واڻي

سترهين صدي عيسويءَ ۾ گجرات ۾ مشهور سنت سوامي پراڻ ناٿ (1618ع کان 1694ع) جون سنڌيءَ ۾ 'چوپايون' ملن ٿيون، جيڪي ديوناگريءَ ۾ لکيل آهن. مهراج پراڻ ناٿ جو جنم ننگر (گجرات) هندستان ۾ ٿيو. هن جو اڪثر سنڌ اچڻ ٿيندو هو. هن جي ڪلام ڪي واڻي چئجي ٿو. هن جي شاعري ۾ اٽڪل 1875 سلوڪ مليا آهن. جيڪي گجراتي، سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ رچيل آهن."(46) مهراج پراڻ ناٿ جي سنڌي ڪلام کي ديوناگري رسم الخط مان ڪڍي عربي خط ۾ جهمون رامچند ڇڳاڻيءَ "مهامتي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻي" جي نالي سان 1991ع ۾ شايع ڪرايو. انهن کان علاوه اميرداس چارڻ، آسو چارڻ، شبوداس چارڻ، ميڪرڻ ڪاپڙي، سميه



سوامي پراڻ ناٿ جي واڻيءَ جو نمونو

سندو سئوري، روحل فقير ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر آهن، جن جو ڪلام ديوناگري رسم الخط ۾ سنڌ ۽ هند جي مختلف علائقن مان مليو آهي. اهڙي طرح هندستان جي گجرات واري صوبي ۾ سنڌي ادب جو قديم ذخيرو به مليو آهي، تي سگهي ٿو ته اتي اجا وڌيڪ مواد موجود هجي.

## ڪلهوڙن جو دور

ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب جي لحاظ کان سونهري دور سمجهيو ويندو آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي علم ۽ ادب، 'عربي سنڌي صورتخطي' وغيره پنهنجي عروج تي پهتل هو. ٻئي طرف ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو واهپو سنڌ ۾ شروع ٿيو جيڪو ان وقت واپار تائين محدود هو. ٽئين طرف هندو سنڌي واپار ۾ وڌيڪ اڳتي وڌيا ۽ ترقي ڪرڻ لڳا. ان واپاري لاڳاپي، سنڌ ۾ خدا وادي لپي، جيڪا خدا آباد جي واپاري طبقي ۾ عام هئي، ان واپاري طبقي تمام گهڻي ترقي ڪئي. خدا آبادي لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو خدا آباد (ڪلهوڙن جي دور جي گاديءَ جو هنڌ)، خاص طور تي ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ جو دار الحڪومت هو. ان جي عالمن ۽ اڪابرن ديوناگري لپيءَ مان ناتو جوڙيو هو.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپر سنڌ جا امير بڻيا. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي رياستي زبان فارسي هئي، پر عربي، سنڌي لکت چڱي خاصي معياري پد ۾ اچي وئي هئي. هن دور ۾ انگريز عملدارن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سروي ڪيو ۽ سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشي، جاگرافيائي، ادبي، علمي، لساني ۽ ٻين پهلوئن تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا ويا. هنن سنڌي رسم الخط جي باري ۾ به ڪافي معلومات ڏني. هنن مان اڪثر عملدارن لکيو آهي ته سنڌ ۾ خدا وادي لپي مروج آهي.

## ٽالپرن جي دور ۾ بائيبل جو ديوناگري ۾ ترجمو

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌي زبان جي لکت جا ڪيترائي حوالا موجود آهن. هن دور ۾ سنڌ جا واپاري ۽ ٻيا مختلف ناگري لپين ۾ لکت پڙهت ڪندا هئا، پر مذهبي ڪتابن لاءِ به ديوناگري لپين جو استعمال شروع ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي ته: "اڻويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ عيسائي مذهب جو به چڱو پرچار شروع ٿي ويو. ڪلڪتي ڀرسان سيرامپور جي عيسائي مشن، ڀارت جي گهڻين ئي ٻولين ۾ بائيبل جي ڪجهه حصن جا ترجما ڇپائي پڌرا ڪيا ۽ ان سلسلي ۾ اتان "متي" نالي سان بائيبل مان "سينٽ مٿيوز" جو سنڌي ٻوليءَ ۾

مورتي جي هڪ اهم شاعر پاتي، چين راءِ بچومل لند 'سامي' جو نالو ذڪر جوڳو آهي. "سامي" شڪارپور جو وينئل هو. سندس پيءُ واپاري هو. مگر هن جي دل ساڌ - سنگت ڏانهن مائل هئي. سندس ڪلام ويدانت جي اصولن تي ٻڌل آهي. "سامي صاحب پنهنجا سلوڪ ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونہ لکندو ويندو هو. پر ڪاغذن جي ٽڪرين تي شلوڪ لکي هڪڙي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. سندس پٽ گهنشام داس اُهي شلوڪ گڏ ڪري گرمکي اکرن ۾ لکايا. جتان پوءِ راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻي 1873ع ۾ وري عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيا. جنهن کي تعليم کاتي ٽن جلدن ۾ شايع ڪرايو." (49)

### انگريزن جو دور



جارج اسٽئڪ جي "سنڌي گرامر" ۾ ديوناگري سنڌي لپي ۾ ڇپيل [illegible] جو هڪ ورق (1849)

اها بہ دلچسپ ڳالھ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا اوائلي گرامر انگريزن لکيا. سنڌي ٻولي جون اوائلي لغتون بہ انگريزن تيار ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت اوائلي نظريا بہ انگريزن ڏنا. هن دور ۾ سنڌ اندر لغت لکڻ جي رجحان ۾ اضافو ٿيو. اهو سلسلو ان لاءِ بہ شروع ٿيو تہ جيئن انگريز عملدارن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ سولائي ٿئي. اِن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ 'سنڌي – انگريزي' ۽ 'انگريزي – سنڌي' لغتون لکيون ويون. سڀ کان اول ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي زبان ۾ گرامر ۽ لغت جا ڪتاب لکيا. جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ هئا:

1. Dictionary English and Sindhi- 1849
2. A Grammar of Sindhi Language- 1849
3. Translation of Matthew's Bible -1850
4. Dictionary English and Sindhi- 1855

انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جي جلد پنجين موجب هن مهل تائين سنڌي ساهت (ادب) جا هزارين ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. انهن ڇپيل ڪتابن کانسواءِ ارڙهين ۽ اڻويهين صدي عيسوي جا اٽڪل 200 قديم قلمي نسخا ديوناگري ۾ موجود آهن".[50]

## حوالا


1. هندوجا، چوهڙمل، "سنڌيت جي سوڌ ۾"، هند واسي، 16 آڪٽوبر 1955ع، ص 13
2. اين.جي. مجمدار، " سنڌ ۾ قديم کنڊرن جي کوٽائي"(مترجم: عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1997ع، ص 14
3. هنٽر، جي . آر. "سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان ڳانڍاپو"(ترجمو عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 1995ع، ص 22
4. راءِ ايس.آر. "سنڌو لکت ۽ ٻولي "(مترجم عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌي لئنگئينج اٿارٽي، حيدرآباد، 1994ع، ص 25
5. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "سنسڪرت ۽ ديوناگريءَ بابت ويچار"، ماهوار سنڌو جنوري- فيبروري، 1944ع
6. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ"، اکل ڀارتيه، سنڌي ساهتيه، دهلي 1999ع، ص 112
7. برٽن، رچرڊ، "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"(مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1971ع، ص 141
8. سراج، "سنڌي ٻولي"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 2009ع
9. لاشاري، فقير محمد: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ماهوار سنڌو سيپٽمبر 1986ع، ص 89
10. رام امرلال، "سنڌ رگ ويد کان شيخ اياز تائين"، مارئي، اڪيڊمي سڪرنڊ، 2002ع

11. ملڪاڻي، منگهارام، "سنڌ هندستان جو دروازو ۽ ان جي ادبي قدامت"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1962/3ع
12. رچنداڻي، ليلارام، "سنڌي نظم جي تاريخ"، گانڌي پور گجرات، 1988ع، ص 10
13. گيهاڻي، موهن، "سنڌ جي تواريخ - جهلڪون"، سورٺ پبلڪيشن، بمبئي، 1998ع، ص 31
14. ابيچنداڻي، پرم، "ست سار"، پوجا پبليڪيشن دهلي،1980ع، ص 75-76
15. ٽالپر، محمد جمن، ڊاڪٽر: "سنڌ جا اسلامي درس گاهه"، ثقافت کاتو حڪومت، 1982ع
16. ملڪاڻي، منگهارام، "سنڌ- هندستان جو دروازو"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1962/3ع
17. جيرامداس دولترام، "سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص 36، 37
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، 1990ع، ص 20
19. شيدائي، مولائي، رحيم داد، "جنت السنڌ"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 2006ع
20. رچنداڻي، ليلارام، "سنڌي نظم جي تاريخ"، گانڌي پور ،گجرات، 1988ع، ص 9
21. ملڪاڻي، منگهارام، "سنڌ- هندستان جو دروازو"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1962/3ع
22. شيخ، محرم خان، "سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2007ع ، ص 51
23. Lambrick .H.T.: "Sindh Before Muslim Conquest", Sindhi Adabi Board, Jamshro, 1996, P-176
24. شيخ، محرم خان، "سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2007ع ، ص 53-54
25. چنداڻي، ليلارام، "سنڌي نظم جي تاريخ"، گانڌي پور گجرات، 1988ع، ص 21
26. ابيچنداڻي، پرم، "ست سار"، پوجا پبليڪيشن دهلي، 1980ع، ص 75-76

27. جيرامداس دولترام، "سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس". سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. 2009ع. ص 38

28. جيتلي، مرليڌر، ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ". اکل ڀارتيه، سنڌي ساهتيه، دهلي 1999ع، ص 97

29. خاناڻي، حامد علي، پروفيسر "سنڌي نثر جا ابتدائي اهڃاڻ"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1971/4ع

30. E.F Blasis, "An Account of the Ancient and ruined City of Brahmanabad in Sindh", 1854

31. Henry Cousins, "The Antiquities of Sindh", Culture Department, Karachi, 1998, P-232

32. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2005ع، ص 336

33. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ"،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2013ع، ص 95،94

34. دائود پوٽو عمر بن محمد، ڊاڪٽر، "سنڌ جي ادبي تاريخ" (مضمون ۽ مقالا)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

35. راشدي، پير حسام الدين، "منصوره جي تاريخ جو هڪ باب"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، نمبر 1962/1

36. لاکو غلام محمد، "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"، مارئي سماجي سنگت، ملير ڪراچي، 1997ع، ص 275

37. البيروني، ابو ريحان (اردو ترجمو)، "ڪتاب الهند"، بڪ ٽاڪ، لاهور، 2013ع، ص 99، 100

38. جيتلي، مرليڌر، ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ"، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پرشد، دهلي، 1999ع، ص 111

39. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سومرن جي دؤر ۾ سنڌي ادب"، ماهوار نئين زندگي-مارچ 1972ع

40. ناظم مرچنٽ / ڪلاڌر متوا، "سنڌي ڀاشا ۾ استعمال ٿيندڙ لپيءَ سان خوجڪي جي ساميتا"، ماهوار ساهت ۽ ڪلا، بمبئي

# خدا وادي لپيءَ جي تاريخي اهميت

دنيا جي عالمن ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني ٻولين ۾ هڪ ٻڍائتي ۽ قديم ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڌيهي توڙي پرڏيهي عالمن پنهنجا رايا ڏنا آهن، پر ڪو بہ حتمي رايو ڏئي نہ سگهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ، ڊاڪٽر ٽرمپ، پادري جارج شرٽ، اين مجمدار، سنيتي ڪمار چيٽرجي، سرگريئرسن، مائيڪل بوون جهڙن پرڏيهي ماهرن ۽ ڌيهي ماهرن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڏيارام وسڻمل، جهمٽمل نارومل وسڻاڻي، جيرام داس دولترام، ڀوڳي هيراننداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ۽ ٻيا هن راءِ جا آهن تہ "سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي شاخ آهي يا سڌو سنئون سنسڪرت مان ڄائي آهي؛ ان لحاظ سان سنڌي زبان هند آريائي ٻولين سان واسطو رکي ٿي". ٻئي طرف سنڌ جا مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ايم. ايچ پنهور، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عطا محمد ڀنڀرو ۽ ٻيا عالم سنسڪرت واري نظرئي جا حامي نہ آهن پر هو سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد سنڌ جي سرزمين کي ئي سمجهن ٿا.

اهڙي ريت ڪيترن ئي برک لسانياتي ماهرن جا رايا آهن تہ خدا وادي سنڌ جي اصلوڪي ۽ مقامي لکت جو سسٽم آهي، جيڪو سنڌو لکت مان برهمي رستي اسريو آهي. تاريخي طور اسان کي جن قديم ٻولين جو رڪارڊ مليو آهي. انهن ۾ هن خطي جي سگهاري ٻولي'برهمي' شامل آهي، جنهن لاءِ قديم لپين جو ماهر ڊاڪٽر ايس لينگڊن پنهنجي تحقيق: The Indus Script ۾ لکي ٿو تہ "سنڌو لکت جي مطالعي کان پوءِ مان اها ڳالهہ خاطري سان چوان ٿو تہ هندستان جي آڳاٽي 'برهمي لپي' سنڌو لکت مان ورتي وئي آهي.ان سلسلي ۾ مشهور عالم

چوهڙمل هندوجا لکيو آهي تہ "برهمي اکر نهيائي سنڌ ۾. 'هندو سنڌي' يا 'سنڌي هٽائي اکرُ' اهي ئي اصلوڪا برهمي اکر آهن. جي صدين کان اجا تائين هلندا اچن. سنڌ ۾ ئي انهن اکرن کي سڌاريو ويو. کين سڌيو ويو سنسڪرت اکر. انهن اکرن ۾ ئي ويد شاستر لکيا ويا تنهنڪري اسان انهن اکرن کي سڏيندا آهيون شاستري اکر."[1]

ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو برک ودوان ڪشنچند جيتلي پنهنجي ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ "جنهن کي اسان هٽ واڻڪا اکر (خدا وادي خط) چئون ٿا، اهو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اصل خط آهي". هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: "جڏهن عربي لپي تي جهيڙو هلي رهيو آهي، ڪي ديوناگري تہ ڪي وري رومن خط جي فائدي ۾ آهن. ان ڪري تمام ضروري آهي تہ ان قديم ۽ اصل لپيءَ کي اختيار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان جون گهڻي قدر نشانيون قديم برهمي لکت، کروشتي ۽ موهن جي دڙي واري لپي سان ملن ٿيون. اهي نشانيون (Symbols) 5000 سالن، اجا بہ ان کان وڌيڪ قديم آهن. ان ڪري اها لپي سنڌي ثقافت جو هڪ حصو آهي. ان ۾ سنڌي آوازن/صوتين کي اچارڻ جو مڪمل طريقي ڪار موجود آهي".[2]

ساڳئي سلسلي ۾ هڪ ٻيو عالم گنگارام سمراٽ لکي ٿو تہ: "هٽائي اکر براهميءَ تان وڪرت ٿيل آهن.(موهن جو دڙو لپيءَ سان انهن جي ڀيٽ ڪرڻ مها مورکائي آهي) ان جو هڪ ننڍو مثال ڏسو: براهميءَ ۾ الف = I سڌي ليڪ. هنديءَ جي ‏ا جي نشاني آهي.ان ڪري الف کي مٿي وچين پٽيءَ وٽ آڏي ليڪ ڏيو ننڍي (تہ عيسائي ڪراس جيان شڪل ٺي ويندي ۽ ان جو اچار ٿيندو آهي "ڪ". هاڻي تڪڙ ۾ خواه روايتي طرح گهڙي گهڙيءَ لکڻ سان ان جو آڪار بدلجندو تہ "ڪ" جيڪو وڪرت روپ ٿيو سو هٽائي لپيءَ ۾ اڄ بہ موجود آهي ۽ لڳ ڀڳ ساڳيو روپ گجراتيءَ ۾ بہ آهي. اهو ڏسڻ سان توهان کي اهو راز سمجهڻ ۾ اچي ويندو. ائين تہ هنديءَ ۾ بہ ٿورو گول مول ڪرڻ سان اهو ئي روپ هن وقت آهي. پر 14 صديءَ جي هندي- ديوناگريءَ ۾ اهو ئي روپ هو

جيڪو هن وقت هٽ واڻڪي ۽ گجراتي لپيءَ ۾ آهي".[3]

لسانيات جو هڪ ٻيو ماهر ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "مشهور ڀاشا وگياني سنيتي ڪمار چٽرجي ۽ ٻيا گهٽيئي ڏيهي ودوان برهمي لپيءَ جو وڪاس موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي اڪريل سنڌو لپيءَ مان مڃين ٿا. انهيءَ جو مکيه سبب اهو آهي ته انهن ٻنهي لپين جي گهڻين نشانين جي پاڻ ۾ مشابهت آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي کيتر، ڀارت جون لپيون آهن.موجوده سنڌ ۽ ان جي آس پاس واريءَ ايراضيءَ ۾ پالي ۽ برهمي لپي جو ڦهلاءُ سمرات اشوڪ جي زماني ۾ ٿيو هئو ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي. ان ڪري گهٽي خاطريءَ سان اسين ان نتيجي تي پهچي سگهون ٿا ته سنڌي لپيءَ جو جنم برهمي لپيءَ منجهان ٿيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي (هٽ واڻڪائي) حرفن جو آڳاٽو لاڳاپو موهن جي دڙي جي لپيءَ سان پڻ آهي".[4]

موجوده دور جو هڪ ٻيو ودوان راڪيش لکاٽي لکي ٿو ته "سنڌ جي اصلوڪي برامڻي ڪرت لپي جي ڳولهه گهڻو نڻو واڻڪي توڙي خدا آبادي تائين اچي نبرندي آهي". سنڌ ۾ لپين جي وات انهن ڀاشا جي ماهرن موجب ڪجهه هن ريت آهي:



هو وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته"ڀاشا جي عالمن ۾ هاڻي هيڪلو رايو آهي ته نه رڳو ننڍي کنڊ جون پر سموري ڏکڻ ايشيا جي لپين جي ماءُ براهمڻي لپي آهي. جدا جدا لپيون انهن براهمڻي لپيءَ جي ڦير گهير مان ئي نڪتيون آهن. جيستائين واڻڪي جي مول جڙ جي ڳالهه ڪجي ته اهو مڃيو ويو آهي ته واڻڪي لنڊا مان نڪتل آهي جنهن جا به لهجا ٻڌايا پيا وڃن. هڪڙي پنجابي لنڊا ۽ ٻئي سنڌي لنڊا. پنجاب ۾ سکن سورهين صديءَ ۾ ته لنڊا کي بدلي گرمکي ڪيو پر سنڌ ۾ لنڊا لڳ ڀڳ پنهنجي پهرين وانگر ئي رهجي وئي. دلچسپ ڳالهه ته اها آهي لنڊا، ڪشمير، هماچل پرديش ۽ ڏکڻ ڪشمير جي جبلي (پهاڙي) ٻولين لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽڪري لپي سان واڻيڙو ڪندڙ هڪجهڙائي پئي رکي".[5]

هتي سنڌ ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو ته "مختلف ٻولين جي لفظي ذخيري مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ انهن ٻولين ۾ رائج ٿيا، جيڪي ٿوري صوتي اثر سان اڄ به ڳالهايا وڃن ٿا. ]تفصيل لاءِ ڏسو: A Comparative and Etymological Dictionary of Nepali Language by R. L. Turner [ان ڊڪشنريءَ ۾ هندستان جي قديم ٻولين جا ڌاتو(Roots) ۽ معنائون ڏنيون ويون آهن. حيرت جي حد تائين ڄاڻايو ويو آهي ته 55 سيڪڙي کان مٿي لفظ سنڌي ٻوليءَ جا آهن. جيڪي مختلف ٻولين ۾ ٿوري فرق سان اچاريا وڃن ٿا. ذڪر ڪيل حوالي موجب، سنڌ ۾ برهمي خط مان جيڪا لپي اُسري ان جو نالو 'خدا وادي'خط آهي، جيڪو برهمڻن جي دور 632ع کان انگريزن جي دور 1843ع تائين سنڌ ۾ باقاعده رائج هو."[6]

مٿئين عالمن جي حوالن مان ثابت ٿئي ٿو ته خدا وادي، سنڌ جي اصلوڪي ۽ مقامي لپي آهي، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اها سنڌ جي قديم ترين سنڌو لکت مان برهمي رسم الخط رستي اسري.ان لکت جو اساس سنڌو لکت هو خدا وادي لپي سنڌ ۾ صدين کان رائج هئي، مگر ادبي طور ابري نه سگهي هئي.

1. هندوجا، چوهڙمل، "سنڌيت جي سوڌ ۾"، هندواسي، 16 آڪٽوبر 1955ع، ص 13
2. Jetley, Kishanchand, The Date of Sindh, Hut Vanka, Script, Akhil Bhartiya, Sindhi Sahitiya, Poona, 1985, P-2.
3. سمرات، گنگارام، "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس"، گيان سنڌو- 1990ع، ص 49
4. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ"، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه، دهلي 1999ع، ص 92
5. لکاڻي، راڪيش، "واڻڪي هڪ وسريل لپي" (انٽرنيٽ تان ڪنيل)
6. اڄوڻ آفتاب، ڊاڪٽر "سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو"، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي، 2015ع، ص 241،242

# خدا وادي لپي جي مختلف نالن جي تاريخي اهميت

سنڌ ۾ برهمي ۽ ديوناگري رسم الخط، صدين کان هلندڙ هئا، ۽ انهن جا مختلف مختلف نمونا ۽ مختلف روپ هئا، مختلف حصن ۾ الڳ الڳ نالن سان ۽ انداز بيان ۾ لکيا ويندا هئا. انهن مان خداوادي به هڪ هو. خداوادي لپي، سنڌ جي هڪ قديم رسم الخط رهي آهي، پر مختلف علائقن ۾ ان جا نمونا مختلف ۽ نالا به مختلف آهن. مثال طور 'واڻڪي'، 'هٽ واڻڪي'، 'هٽڪي'، 'لُنڊا' (ڪترپل)، 'خدا وادي'، 'شڪارپوري'، 'ساڪرو'، 'هندو سنڌي' ۽ 'بنيا سنڌي' وغيره.

1853ع ۾ جيستائين انگريزن معياري عربي سنڌي الفابيٽ جو بندوبست نه ڪيو هو تيستائين ڪيترائي ناگري نسل جا اکر ۽ نسخي ۽ نستعليق رسم الخط سنڌ ۾ هلندڙ هئا. مثال طور ڪئپٽن رچرڊ برٽن لکيو ته :"سنڌي زبان لکڻ لاءِ گهڻن ئي قسمن جا اکر ڪم آڻيندا آهن، انهن کان سواءِ هندو گهٽ ۾ گهٽ اٺن قسمن جون آئيوٽائون ڪم آڻيندا آهن. مثلاً:

'خدا آبادي' يا 'واڻڪاڪر'، 'ٺٺئي'، جنهن جا به قسم آهن. (الف) 'لوهاڻا' ۽ (ب) 'پاتيه آئيوٽا'، 'سرائي'، جي اتر سنڌ ۾ ڪم آڻيندا آهن. 'خوجن جا اکر'، 'ميمڻن جا اکر'، 'پنجابيءَ جو اچڪو نمونو'، 'پنجابيءَ جي لهندي، صورت' ۽ 'گرمکي' يا پنجابي".[1] ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ خدا وادي لپي کي سمجهڻ لاءِ سنڌ ۾ مروج سترهن لپين جو اپياس ڪري، انهن جو گڏيل چارٽ جوڙيائين.اهي لپيون قديم دور کان 19 صديءَ تائين سنڌ ۾ رائج هيون. اهي خط کابي کان ساڄي طرف لکيا ويندا هئا، اهڙن خطن ۾'ديوناگري خط'، 'خدا وادي خط'، 'شڪارپوري خط'، 'ساڪرو

خط، 'لهاٹکو خط'، 'ياتيا خط'، 'لاڙائي خط'، 'ونگائي خط'، 'راجائي خط'، 'خوجڪو خط'، 'ٺٽائي خط'، 'حيدرآبادي خط'، 'سيوهاڻي خط' ۽ 'ڏاڪٹو لهندا خط' شامل ڪيا آهن.

سر گريئرسن جي مشهور ڪتاب "دي لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" ۾ ديوناگري رسم الخطن جا نمونا ڏنل آهن ۽ هن سنڌ ۾ برهمي لپي جي ڪل 13 نمونن جو ذڪر ڪيو. مثال طور : 'خدا وادي'، 'شڪارپوري'، 'ساکرو'، 'لهاٹکو'، 'ياتڪو'، 'لاڙائي'، 'ونگائي'، 'راجائي'، 'خوجڪو'، 'ميمڻڪو'، 'ٺٽائي'، 'حيدرآبادي'، 'ٻانيڻ'، 'سيوهاڻي'، 'پائيبندي' ۽ 'هٽ واڻڪو' وغيره. ان سلسلي ۾ برک عالم ڀيرومل مهرچند لکيو آهي ته: "انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪڙي مقرر ٿيل آئيوينا ڪانه هئي. سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٿورا ٻيا ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا. جن جو اڳي ٻيو نمونو هو ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا پائيبند هندو- سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ لاڪنائون يا ماترائون ڪينهن ۽ پنجاب جي 'لُنڊا' يا ٽِڪن اکرن وانگر آهن. ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا. اهي اڄ تائين به پنهنجو حساب ڪتاب، هندو-سنڌي اکرن ۾ رکندا آهن: هندن ڪان به خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاڪنائون يا ماترائون ڪم آڻين ٿا".[2]

سنڌ ۾ خدا وادي لپيءَ (خط) جي هڪ تاريخ آهي ۽ اهو خط مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو. ڪيترن ئي ودوانن جو خيال آهي ته: "خدا وادي لپي" به دراصل برهمي لپي مان نڪتل آهي، جنهن جو اساس موهن جي دڙي مان لڌل 'سنڌو لکت' ئي آهي. سنڌ ۾ خدا وادي ۽ جا ايترا نمونا هجڻ جا ڪي خاص سبب پائنجن ٿا.ان جي باوجود انهن کي الڳ ڪري به پيش ڪيو ويندو آهي.حقيقت اها آهي ته ٿوري ٿوري فرق سان، اها هڪ ئي لپي آهي. هتي انهن سيني لپين جو احوال تاريخي حوالن سان پيش ڪجي ٿو:

## خدا آبادي لپي

ڪيتران ئي نالي وارن ڏيهي لسانياتي ماهرن ان لپيءَ کي ’خدا آبادي‘ جو نالو ڏنو آهي، جيئن ٻين شهرن سان تعلق رکندڙ شڪارپوري، ساڪرو، سيوهاڻي، حيدرآبادي وغيره وغيره آهن. انهيءَ ريت خدا آبادي لپيءَ جو اصطلاح خدا آباد شهر سان منسوب ڪيو ويو آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ خدا آباد شهر وڏي اهميت رکندڙ هو. ڪلهوڙن خدا آباد کي به سنڌ جي راڄ ڌاني بڻايو هو. هن شهر ۾ هڪ عاليشان مسجد به جوڙائي هئائون. ان وقت هي شهر سنڌ جي سياسي، سماجي، واپاري سرگرمين جو مرڪز هو. ان دور ۾ هندو واپارين لاءِ مشهور آهي ته هنن پنهنجي حساب ڪتاب لاءِ جيڪا ڳجهي لکت ايجاد ڪئي، ان کي ”خدا آبادي لپي“ سڏيو ويو.

ان سلسلي ۾ انسائيڪلوپيڊيا وڪيپيڊيا ۾ ڪنهن نامعلوم ليکڪ جي بقول ته ”خدا آبادي يا خدا وادي لپي خدا آباد جي سروانڪار (سونارن) ڪميونٽي، جيڪي لوهاڻن جي ننڍي ذات مان هڪ آهن، هنن اٽڪل 1550ع ۾ خدا آباد ۾ رهندي، محسوس ڪيو ته هو ڪا اهڙي سولي لکت ايجاد ڪن، جنهن ذريعي هو پنهنجي دور دراز وينل رشتيدارن کي پيغام خيريت موڪلي سگهن“.[3] ساڳئي سلسلي ۾ برک اسڪالر ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته ”خدا آبادي رسم الخط خدا آباد جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪتب آڻيندا هئا“.[4] ڊاڪٽر هدايت پريم لکيو آهي ته: ”خداوادي لپي، جيڪا خدا آباد ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، سان خدا آباد جا عالم، اڪابر ۽ واپاري استعمال ڪندا هئا. خدا آباد، جيئن ته سنڌ جو تخت گاهه هو تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اها رسم الخط سنڌي ٻولي جي ان زماني جي معياري لهجي کي تحرير ڪرڻ ۾ ڪم ايندي هئي“.[5]

## هٽ واڻڪي / هٽائي لپي

سنڌ جا اڪثر هندو جيئن ته واپار ۾ مسلمانن جي ڀيٽ ۾ اڳتي هئا ۽ هو سنڌ کان ٻاهر به درآمدي ۽ برآمدي ڪاروبار ڪندا هئا. هو واپار سان گڏوگڏ

دڪان يا هٽ بہ هلائيندا هئا. ان ڪري هو جنهن لپيءَ ۾ ڪاروبار لاءِ لکت پڙهت ڪندا هئا، ان کي پنهنجي ڌنڌي جي لحاظ کان "هٽ واڻڪي لپي" سڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ گنگارام سمرات لکي ٿو تہ "حقيقت ۾ هٽائي لپيءَ جو وڏيڪ اپيوگ (واهپو) وڻج واپار ۾ ئي ٿيو. عام ماڻهو تہ ان جو اپيوگ گهٽ ڪندا هئا. ڇو تہ ڇا ۾ اپيوگ ڪن بہ؟ مشڪل سان ڪير ڪنهن کي چٺي چپاٺي لکندو هو سو بہ شادي — غميءَ ۾".[6]

پوپٽي هيراننداڻيءَ هٽ واڻڪي لپيءَ جي تاريخ لکي آهي، سندس خيال آهي تہ: "دنيا جي ان تمام پراچين (قديم) لپيءَ جو روپ اڄ بہ سنڌي قوم جي هٽڪائي (واڻڪي) لپيءَ ۾ نظر اچي ٿو جنهن ۾ ڪيترائي اکر آهن، جيڪي هٽي قوم جي لپي، پينڪ جاتي جي لپي ۽ موهن جي دڙي جي لکيتن سان ميل ڪائين ٿا. هٽڪائي لپي ۾ حرف علت لاءِ ڪي بہ ماترائون ڪم نہ آنديون وينديون آهن هٽي قوم جو اپياس ڪندڙ هڪ پرسڌ اتهاسڪار او آر گرني شام جي ڪناري تي، 'راس ثمرا' نالي شهر مان هري جاتي جي ڪن لکتن کي هٿ ڪيو آهي. جن لکيتن ۾ صرف حروف صحيح اکر ڪم آندا ويا آهن ۽ انهن سان ڪي بہ ماترائون شامل ڪونہ آهن. هري جاتيءَ جو ان سان گهرو ناتو هو. ان هري قوم جو هڪ ٻوليءَ جو نالو ئي 'واڻڪ' هو. جو نالو سنڌين جي هٽڪائي يعني واڻڪي سان برابر ميل ڪائي ٿو ان طرح دنيا جي هڪ پراچين ٻولي ۽ لپي دنيا جي تمام پراچين سيميٽڪ ديشن ۾ رئي ۽ اتي ڦهلجي ڪيترين ئي ٻين ٻولين ۽ لپين کي پينڪ جاتيءَ جي روپ ۾ جنم ڏنائين. چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي هڪ پراچين ٻولي ۽ ان ٻوليءَ جي واڻڪي لپي هڪ پراچين لپي هئي".[7]

مطلب تہ هٽن ۽ دڪانن جي واڻين پنهنجي سهنج لاءِ جيڪا الفابيٽ استعمال ڪئي، ان کي پنهنجي ڪاروبار جي حساب سان "هٽ واڻڪي" يا "هٽائي" سڏيو ويو.

### لنڊا يا واڻڪا اکر

سرگريئرسن لکيو آهي تہ: "لنڊا پنجاب جي لپي هئي، جيڪا دڪاندار استعمال ڪندا هئا. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ لنڊا کي بنيا يا واڻڪي ٻولي

چوندا آهن".[8] سنڌ جي برک محقق محمد اسماعيل عرساڻيءَ ان سلسلي ۾ لکيو آهي ته:"جيئن ته سنڌي زبان يقيناً سنسڪرت زبان تان نڪتي آهي، تنهن ڪري ان جي رسم الخط به دراصل ديوناگري هئي. وري سنڌي ٻوليءَ جو واسطو سنڌوسنئون پنجابي ٻوليءَ سان رهيو آهي، تنهن ڪري سنڌي اکرن جو پنجابي اکرن سان واسطو هجڻ بلڪل لازمي آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ ڄاڻايل آهي ته پنجابي زبان جي آئيوتا خود ديوناگري اکرن مان نڪتل هئي ۽ انهن پنجابي اکرن جو نالو "لنڊا اکر" هو. يعني ته اهي اکر لنڊا يا پٺا سڏيا ويندا هئا. جيئن وقت گذرندو ويو، تئين انهن اکرن جون ماترائون به بگڙنديون رهيون ۽ سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته انهن لنڊن اکرن وچي موجوده هندو سنڌي اکرن جي صورت اختيار ڪئي".[9]

ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق" هي لپي به ساڳي هٽ واڻڪي آهي، جنهن کي پائيبند واڻيا، واپاري بندين ۾ استعمال ڪندا هئا".[10] جڏهن ته پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: "انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٿورا ٻيا ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا. جو اڳي ٻيو نمونو هو ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا پائيبند هندو- سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ لاڪنائون يا ماترائون ڪونهن ۽ پنجاب جي 'لنڊا' يا پٽن اکرن وانگر آهن. ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا- اهي اڄ تائين به پنهنجو حساب ڪتاب هندو- سنڌي اکرن ۾ رکندا آهن".[11]

### شڪارپوري لپي

شڪارپور اتر سنڌ جو هڪ تاريخي شهر آهي، جيڪو ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ انفرادي حيثيت جو حامل آهي.هن وقت به هي شهر هڪ ثقافتي ورثي جي حيثيت رکي ٿو. شڪارپور جا واپاري ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ واپار ڪندا هئا. سنڌن واپاري لکت پڙهت جو پنهنجو طريقو هوندو هو. هن شهر جا واپاري پنهنجي ڪاروبار لاءِ جيڪا لکت استعمال ڪندا هئا، ان کي مقامي طور 'شڪارپوري

لپي' چوندا هئا. شڪارپوري دراصل علائقائي ناگري/هٽ واڻڪي لپي آهي. هيءَ لپي بہ گهڻو ڪري هندو واپارين وٽ رائج هئي. اڄ بہ شڪارپور جا ڪي پوڙها هندو واپاري، هن لپي ۾ پنهنجو حساب ڪتاب لکندا پيا اچن. بهرحال ان جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن جو تعداد ٿي سگهي ٿو تہ گهٽ هجي. 1856ع ۾ ٿيل تحقيق مطابق شڪارپور جا ماڻهو سکر وارن جي لکت نہ سمجهندا آهن ۽ سکر وارا شڪارپور وارن جي لکت نہ سمجهندا آهن. حالانڪ ٻئي شهر (سکر ۽ شڪارپور) هڪ ٻئي کي ويجهو آهن".[12] ان سلسلي ۾ نالي وارو مورخ گنگارام سمراٽ لکي ٿو تہ:" اتر سنڌ خاص ڪري شڪارپوري هندو سنڌي (هٽائي) لپي ۽ وچين سنڌ ۾ (دادو، لاڙڪاڻو حيدرآباد، نواب شاهہ جي گڏيل) لپيءَ ۾ فرق هوندو هو. شڪارپوري هٽ واڻڪا اکر تہ روپ آڪار ۾ بہ پيد رکندا هئا. باوجود ان جي سمجهي سگهڻ ويجهو هو".[13] ياد رهي تہ جڏهن خداوادي آئيوٽا جي اصلاح ڪئي وئي هئي تہ "ر" جو حرف شڪارپوري آئيوٽا مان کنيو ويو هو.

## ساڪرو لپي

سکر پڻ سنڌ جي تاريخ جو هڪ قديم شهر آهي. جيئن شڪارپور جو آچار مشهور رهيو آهي، اهڙيءَ طرح سکر، گڙ جي ڪري مشهور هوندو هو. سکر شهر جو سنڌ جي وڻج واپار ۾ بہ وڏو حصو رهيو آهي. سکر جي واپارين جي لکت پڙهت لاءِ پنهنجو هڪ خاص رسم الخط هوندو هو. جنهن کي 'ساڪرو لپي' يعني 'سکر واري لپي' سڏيو ويندو هو. اها لپي گهڻو ڪري سکر جا هندو واپاري، هٽائي يا دڪاندار استعمال ڪندا هئا. اها لپي سکر جي نالي سان ائين ئي مشهور هئي، جيئن خدا آبادي ، شڪارپوري، سيوهاڻي، حيدرآبادي وغيره. يعني اها سکر جي هٽ واڻڪي رسم الخط هئي، پر مشهور اهو هوندو هو تہ شڪارپوري واپاريءَ کي ساڪرو لپي سمجهہ ۾ گهٽ ٿي اچي ۽ سکر وارن کي شڪارپوري گهٽ ٿي سمجهہ ۾ اچي. هن وقت هن رسم الخط جا لکندڙ ۽ پڙهندڙ باقي ڪي بچيا هوندا".[14]

### ونگائي لپي

"هيءَ رسم الخط موجوده بدين ضلعي ۾ اڳوڻي چاچڪان سرڪار جي ونگو ولهار، ڪوڙي پرڳڻن ۾ ڪم ايندو هو پراڻ تي هڪ وڏي بندر ونگي پٽڻ، ٻنگار جي شهر ۾ باغ جي پٽڻ جا رهاڪو توڙي ولهار ڪوڙي جا ماڻهو هي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا، انهيءَ ڪري ان کي ونگائي رسم الخط چون ٿا".(15)

### راڄائي لپي

"هيءَ رسم الخط ، ميرپور ساڪرو ۾ جاڪي بندر جا واپـاري ڪتب آڻيندا هئا".(16)

### سيوهاڻي ياٻڙڪا اکر

هيءَ لپي سيوهڻ ۾ رائج هئي. جنهن کي سيوهڻ جا ٻاڙا واپاري ڪتب آڻيندا هئا.سيوهڻ کي تاريخي طور تي وڏي اهميت حاصل آهي. سيوهڻ مذهبي ، ڪاروباري، سياسي، سماجي ۽ تاريخي طور سنڌ ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هتي جا اوائلي واپاري ۽ ٻيا هن رسم الخط ۾ لک پڙهه ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو علائقائي حساب سان هي رسم الخط مشهور هو".(17)

### هندو ـ سنڌي لپي

"حاڪم قومون هميشه محڪوم قومن کي اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ته سنڌن حڪومت هنن مٿان خدا طرفان مقرر ٿيل آهي. سنڌ ۾ جيڪي به حڪمران آيا انهن سنڌ مٿان نه صرف پنهنجي ٻوليءَ کي نافذ ڪيو مگر اسڪول ، تعليم ، ادب ، سرڪاري ڪاروبار لاءِ به هنن پنهنجي ٻوليءَ کي زبردستيءَ مڙهيو. جڏهن ته انگريزن ٻين قومن جي برعڪس پنهنجي ٻولي مڙهڻ بجاءِ مقامي ٻولي (سنڌي) کي اوليت ڏني، انگريز سامراجين سنڌ تي مڪمل قبضو ڪرڻ کان پوءِ ، معمول جي خلاف ، سنڌي ٻوليءَ تي وار نه ڪيو. انگريزن جي ان چالبازيءَ جا ڳڻ اڄ تائين اسڪولن کان يونيورسٽين تائين ساراهيا وڃن ٿا".(18) انگريزن سنڌي زبان ۾ پنهنجي مطلب جو ادب تخليق ڪرايو ,جنهن ۾ اهو تاثر ڏنو ويو ته اها حڪومت سنڌن مٿان خدا جي طرفان نازل ٿي آهي. ان کان علاوه هنن اهڙو ادب تخليق ڪرايو

جنهن ۾ سنڌ جي ماڻهن جي تقسيم جو عنصر ملي ٿو ان جي بدلي هنن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري طور درجو ڏنو. سنڌي الفابيٽ ناهي ويئي، اسڪول قائم ٿيا. هنن سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ نوان اصطلاح جوڙيا. هنن جو سچو مطلب اهو هو ته مقامي آباديءَ کي مذهبن، عقيدن ۽ ڏرمي رسم الخطن ۽ تعليم ۾ ورهائي مٿن آسانيءَ سان حڪومت ڪئي وڃي.

هنن پنهنجي ڪامياب حڪمت عملي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو" جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ جي لکت جي سسٽم کي مذهب جي بنياد تي نالا ڏئي سنڌي ماڻهن کي ورهائي ڇڏيو هو مسلمانن جي لکت لاءِ "عربي —سنڌي لپي" ۽ هندو ماڻهن لاءِ "هندو- سنڌي لپي" يا "بنيا لپي" جا اصطلاح استعمال ڪندا هئا.

1868ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت جي سسٽم کي مذهب جي بنياد تي نالا ڏئي سنڌي ماڻهن کي جهڙوڪر ورهائي ڇڏيو. اڻويهين ۽ ويهين صديءَ جي ادب ۽ سياست ۾ ان تضاد جا اولڙا پسي سگهجن ٿا. تعليم جو ٻٽو نظام هلايو ويو. هڪ شهر ۾ سنڌي ٻولي جا الڳ اسڪول ، الڳ ڪتاب، الڳ استاد، استادن جون الڳ پگهارون ۽ الڳ امتحانن جو نظام هوندو هو. اهڙي ريت ٻولي هڪ هئي پر لکڻ جا سرشتا ٻه هئس.

**خدا وادي لپي**

جنهن لپيءَ جا ايترا نالا آهن ان جو ضرور تاريخي پسمنظر پڻ قديم هوندو. جنهن لاءِ اسان کي ماضيءَ جا ورق ورائڻا پوندا.درحقيقت جنهن لپيءَ کي ايترن نالن سان سڏيو وڃي ٿو ان جو اصل نالو 'خدا وادي لپي' آهي. باقي مٿي ذڪر ڪيل لپيون خداواديءَ جا علائقائي نالا آهن. اهي سڀئي لپيون ٿوري ٿوري فرق سان فقط واپارين استعمال ڪيون.

ڪئپٽن اسٽئڪ مطابق: "خداواديءَ جو گهڻو استعمال حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ٿيندو هو. نالي واري ٻوليائي ماهر ڊيوڊ ڊرنگر به ان ڳالهه جي تصديق ڪندي لکيو آهي ته: "تمام اهم رسم الخط خدا وادي حيدرآباد ۾ استعمال ٿيندي هئي، جا پڙهيل ڳڙهيل هندو واپاري ان کي سڄي ملڪ ۾ استعمال ڪندا هئا. شڪارپوري ۽ ساڪرو خدا واديءَ کان ٿوري مختلف هوندي آهي. لنڊا خط، جنهن کي سنڌيءَ ۾ بنيا يا واڻڪو (واپارين جي لپي)،

1868ع ۾ ان کي سرڪاري درجو ڏنو ويو. ان اسڪولن جي استعمال، سنڌ ۾ ڪتابن جي اشاعت لاءِ استعمال ڪيو ويو."[19]

فارسي لفظ "خدا" هندو عامل ، منشي، واپاري وغيره عام استعمال ڪندا هئا. هندو ڪميونٽي ۾ جهڙي طرح برهمي لپيءَ کي ڌرمي حيثيت ڏيندي برهما جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي، اهڙيءَ طرح "خدا وادي" کي پڻ ڌرمي خط ڄاڻائيندي "خدا جو آواز" سڏيو آهي. ڇوجو فارسيءَ ۾ واد جي معنيٰ آهي 'آواز' يعني 'خدائي آواز'.

مٿي ڄاڻايل سڀني لپين کي جاچڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن لپين ۾ ڪو گهڻو فرق نه آهي ، سنڌن نالا الڳ آهن ۽ علائقن ۾ ورهائجي انفراديت جوڙي اٿن. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر جي ڪتاب ۾ هنن، لپين جي الفابيٽ جا ڏنل نمونا آهن، انهن ۾ گهڻي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. ان کان علاوه اهي سڀئي لپيون هندو واپارين جي استعمال هيٺ هيون.

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اٺين صديءَ کان پوءِ مسلمان واپارين جا به ڪي خاص طبقا منظر عام تي آيا، جن ۾ شيخ، ميمڻ ۽ خوجه اهم آهن، جن استعمال هيٺ اهي ناگري لپيون آيون. برک مورخ ۽ محقق مائيڪل بوون ان معاملي تي ڪافي بحث ڪيو آهي، هو لکي ٿو ته: "هڪ شهر ۾ به مختلف هندو واپاري ذاتيون به الڳ خط لکت پڙهت جو استعمال ڪنديون هيون. ان جو مقصد اهو ٿي سگهي ٿو ته واپار ۾ مقابلي ۽ ڪاروباري لکت پڙهت کي هڪ ٻئي کان ڳجهو رکڻ لاءِ الڳ لپيءَ جو استعمال ڪندا هئا. ٻئي طرف مسلمانن جي هڪ ذات ميمڻ جو الڳ مسئلو هو اهي پڻ ٻن مختلف شهرن ۾ مختلف لپيون استعمال ڪندا هئا."[20]

ميمڻڪي لپي گهڻو ڪري واپاري ميمڻ مسلمان استعمال ڪندا هئا. هن جا به مختلف نمونا هئا، ڇوجو حيدرآباد جا ميمڻ پنهنجي نموني لکندا هئا ته ڏيپلي ۽ ٺٽي جا ميمڻ پنهنجي نموني لکندا هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق: "هيءَ رسم الخط ٺٽي، حيدرآباد، راهموڪي بازار ۽ ٻين شهرن جا ميمڻ، خاص طور تي واپاري استعمال ڪندا هئا."[21]

## حوالا


1. برٽن، رچرڊ، "سنڌ ۽ سنڌي ماڻريءَ ۾ وسندڙ قومون" (مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1971ع، ص 140
2. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، حيدرآباد 1956ع
3. Encyclopedia, Wikipedia (online)
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2016ع، ص 43
5. پريم، هدايت، ڊاڪٽر "خداوادي لپي" (سنڌي رسم الخط بابت مضمون ۽ مقالا- مختيار احمد ملاح)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2016ع، ص 90
6. سمرات، گنگارام، "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس"، گيان سنڌو- 1990ع، ص 51، 52
7. هيرانندائي، پوپٽي، "ڀاشا شاستر"، چندن پرنٽنگ پريس، بمبئي 1962ع، ص، 199، 200
8. جي اي گريئرسن (ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين)، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع، ص 277
9. عرساڻي، محمد اسماعيل، "چار مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع، ص 2
10. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2016ع، ص 43
11. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، حيدرآباد، 1956ع، ص 259
12. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2013ع، ص 186
13. سمرات، گنگارام، "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس (گيان سنڌو)، 1990ع، ص 48
14. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2013ع، ص 186، 187
15. محمد سومار شيخ، "بدين"، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، 1979ع
16. ساڳيو حوالو

17. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي
حيدرآباد، 2013ع، ص 186

18. امرجليل، "لهندڙ سج جي لام"، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، 2010ع، ص 15

19. David Diringer, "The alphabet- a key to the history of mankind, (Volume 1),1968, P-296

20. Boivin, Michel, Professor, A Note on Khudawadi- A Vanishing Script of Sindh", Journal of Historical Society, 2015, P -9

21. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد،
2016ع، ص 42

# خدا وادي ۽ خدا آباديءَ جو بحث

اسان وٽ سنڌي رسم الخط جي تاريخ تي گهڻي تحقيق ڪرڻ ٿي آهي. اسان جا ٻولياڻي محقق ۽ ماهر لسانيات "خدا وادي" ۽ 'خدا آبادي' جي اصطلاحن ۾ منجهيل نظر اچن ٿا. ڪجهه عالمن جو خيال آهي ته صحيح لفظ 'خدا آبادي' آهي ۽ ڪجهه جو خيال آهي ته "خدا وادي" درست آهي ۽ ڪجهه وري "خدابادي" لکن ٿا. اسان مٿي انهن اصطلاحن جو تفصيل سان ۽ ٻولياڻي ماهرن جي حوالي سان بحث ڪري چڪا آهيون ۽ چٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي ته ان لپيءَ جو اصل نالو "خدا وادي" آهي. اها سنڌ جي قديم لپي آهي ، جيڪا پنهنجي علائقائي نالن سان ٻه مشهور آهي. اسان هتي ان بحث وڌيڪ واضح ڪنداسين:

جڏهن اسان وڏي فخر سان چئون ٿا ته سنڌ جي تهذيب قديم ۽ سگهاري آهي. ته يقينن ان جي ٻولي ٻه اوتري قديم هوندي، جيڪا تاريخ جي لاهن چاڙهن مان گذرندي، اڄ هن صورت ۾ پهتي آهي. اسان کي اهو ٻه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ٻولين جي جوڙجڪ فطري هوندي آهي، جيڪا هزارين سالن جي واهپي کان پوءِ پنهنجي حيثيت اختيار ڪندي آهي. وقت گذرڻ سان، ٻولين جي لفظي ذخيري ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي. ڌارين جي والار سان، سنڌن ٻولين جا ڪي لفظ ان ذخيري ۾ شامل ٿي ويندا آهن. ساڳي طرح اسان جا ڪي لفظ انهن ڌارين ٻولين ۾ شامل ٿي ويندا آهن. اسان مٿين بابن ۾ ٻولياڻي ماهرن جي حوالن سان ٻڌايو آهي ته "برهمي رسم الخط جو ٻڻ بنياد 'سنڌو لکت' آهي ۽ ننڍي کنڊ جون قديم ناگري لکتون سنڌو خط مان اسريل برهمي مان ورتل آهن. ان حساب سان 'خدا وادي'، سنڌ جي قديم لپي آهي، جنهن جو بنياد برهمي لپي آهي.

اسان کي خبر آهي ته قديم دور کان سنڌي سماج قومن ۽ قبيلن ۾ ورهايل هو هر قبيلي جو منهن پنهنجو هوندو هو هو محدود زندگي گذاريندا هئا. سنڌن

سفر گذر جو ذريعو پوکي راهي مال مويشي پالڻ هو. ٻئي طرف واپاري طبقو الڳ زندگي گذاريندو هو. پوءِ بہ هر خطي ۾ لکڻ پڙهڻ جو رواج ٿوري گهڻي فرق سان موجود هوان سلسلي ۾ ابن نديم پنهنجي ڪتاب 'الفهرست' ۾ لکيو تہ "سنڌ جي ماڻهن جون مختلف زبانون ۽ مذهب آهن. رسم الخط متعدد آهن . هنن جا اٽڪل 200 رسم الخط آهن. انهن مان نو (09) رسم الخط عام آهن". ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، جنهن خدا وادي لپي جو باقاعده اڀياس ڪري مختلف لپين جا چارٽ جوڙيا، انهن جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ انهن ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي ۽ اهي سڀ واپارين جي استعمال هيٺ ايندڙ لپيون آهن. سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي تعليم ڪاتي نہ هئڻ ڪري نہ سنڌي ٻوليءَ جي انهن لپين ترقي ڪئي نہ وري ادب جي لکت ۾ اچي سگهيون.

اسان ڪي اها بہ خبر آهي تہ لپين جي بڻ بنياد ڪي مذهبي عقيدن سان ڳنڍيو ويندو آهي. مثال طور: هندو ڌرم وارن برهمي لپيءَ کي ڌرمي حيثيت ڏيندي برهما جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي، ۽ ديوناگريءَ کي "ديوتائن جي لکت" سڏيو آهي. 'گرمکي' جي لفظي معنىٰ آهي گرونانڪ ديوجي جي وات مان نڪتل ٻولي". مسلمانن عربيءَ کي فرشتن جي ٻولي سڏيو آهي.اهڙي ريت خدا وادي يعني خدا+واد= آواز (فارسي) سڏي وئي يعني "خدا جو آواز". فارسي لفظ "خدا" هندو عامل ، منشي، واپاري وغيره عام استعمال ڪندا هئا. ساڳي طرح "خدا وادي" کي بڻ ڌرمي نالي سان سڏيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو تہ "خدا واديءَ لاءِ اسان جي راءِ هيءَ آهي تہ ان وقت ان صورتخطيءَ کي نهايت اهميت حاصل هئي، ڪي تہ ان کي خدا جو آواز (چاڪاڻ تہ واد معنىٰ آواز آهي) سمجهندا هئا. جيئن عربن وٽ عربي الله، ملائڪن ۽ فرشتن جي زبان تصور ڪئي ويندي آهي. ٻيو تہ سنڌ ۾ پڙهيل لکيل طبقو اها صورتخطي استعمال ڪندو هو مسلمان مذهبي ڳالهين لاءِ عربي ۽ سرڪاري لکپڙهہ لاءِ فارسي استعمال ڪندا هئا. ٿيون تہ جيڪا صورتخطي وڻج واپار ۾ استعمال ٿيندي هوندي، يقيناً اها پڪي پختي ۽ نوس بنيادن تي ٻڌل هوندي، چاڪاڻ تہ واپار ۾ هميشہ ٻہ ۽ ٻہ چار ٿيندا آهن. سنڌ جو

واپار ان وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل هو چوڻون تہ اها صورتخطي هزارين سالن کان سنڌ ۾ استعمال هيٺ هئي".[1]

اسان جي ڪن عالمن جي راءِ آهي تہ درست لفظ 'خدا آبادي' آهي، ڇاڪاڻ تہ اُها ڪلهوڙن جي دور ۾ سندن تختگاہ، خدا آباد مان جاري ٿي. سنڌ ۾ جيئن تہ بوليون شهرن جي نالي سان سڃاتيون وڃن ٿيون، جيئن شڪارپوري، ساڪرائي، ونگائي وغيره. عبدالغفار صديقي، محمد حنيف صديقيءَ جي ترجمو ڪيل رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون" جي حوالي سان لکيو آهي تہ: "هن (خدا آباد) شهر ۾ ڪيترائي تاريخي فيصلا ٿيا. ٺٽي (جهوڪ شريف)، سبي (بلوچستان)، تي حملي جو منصوبو هتي جوڙيو ويو. خدا آباد مان ڪلهوڙن سنڌ کي سٺو آبپاشي نظام ڏنو. خدا آباد جي دربار سان ڪيترائي عالم ۽ اديب لاڳاپيل هئا. سنڌ جي واپارين هتي ئي پهرين الف-ب ناهي جيڪا پوءِ "خدا آبادي آئيوينا" سڏجڻ ۾ آئي".[2]

تاريخي طور ميان يار محمد ڪلهوڙي پنهنجي تختگاہ لاءِ هڪ نئون شهر جوڙيو، جنهن جو نالو 'خدا آباد' رکيو ويو. ڪلهوڙن جي درباري ليکڪن عربي زبان ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا. ڪلهوڙن جي دور ۾ فارسي پنهنجي عروج تي پہتل هئي، ۽ ملڪ جي دفتري زبان پڻ هئي، مير عبدالجليل بلگراميءَ سنڌ ۾ ويهي 'ماثر الاڪرام' ۽ "يدبيضا" لکيا. منشي عبدالرؤف 'سيوستاني' ڪلهوڙن جي دربار ۾ ويهي ڪيترائي ڪتاب لکيا. باغ علي 'خائف' فارسيءَ ۾ 'نامہ نغز' لکيو. سنڌ جي تاريخ جو نالي وارو مورخ مير علي شير قانع ڪلهوڙن جو درباري ليکڪ هو هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جيڪي سڀ فارسيءَ ۾ لکيل آهن. ان کان علاوہ هن دور ۾ محسن ٺٽوي، مير جان الله ، محمد پناهہ رجا، مير ابوالبقا، غلام علي مداح، مير غلام علي آزاد بلگرامي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شيخ محمد اعظم ۽ ٻيا ڪيترائي فارسي نظم ۽ نثر جا اديب موجود هئا. جڏهن تہ هندو عالمن ۾ پنڊت موهن لال، راءِ ريان آنند رام، منشي شيوڪ رام "عطارد" ڪلهوڙن جي دربار سان وابسطہ هئا. هي سڀ فارسي زبان جا ليکڪ هئا. هنن عربي سنڌي يا خدا وادي ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو.

ٻئي طرف، عربي سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي لکت جو طريقو رائج ٿي چڪو هو. اهي مدرسا گهڻو ڪري ان دور جا عالم ۽ اديب پنهنجي ذاتي خرچن سان هلائيندا هئا. انهن مان ڪي چند مدرسا هوندا هئا، جن کي سرڪاري گرانٽ به ملندي هئي. ڌارين حڪمرانن طرفان سنڌي سماج تي جيڪا فارسي علمي، ادبي ۽ لساني يلغار ٿي رهي هئي اها هن دؤر ۾ پنهنجي عروج تي پهتل هئي. ان جي رد عمل ۾ سنڌ جي سجاڳ عالمن ۽ استادن، پنهنجي مدرسن ۾ سنڌي ميڊيم درسگاهن جي ضرورت محسوس ڪئي. ان جي سڀ کان اول شروعات مخدوم ابوالحسن کان ملي ٿي. سنڌي ڪتابن لکڻ لاءِ سنڌي الف-ب تيار ڪئي.جنهن سان 1703ع ۾ هن طويل نثري نظم ۾ "مقدمته الصلواة" تحرير ڪيو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جيڪي سنڌي ڪتاب مدرسن ۽ درس و تدريس ۾ ڪم ايندا هئا، انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا :

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف جو نالو |
|---|---|---|
| 1 | بناءُ الاسلام | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| 2 | تنبيهه نامو | ايضاً |
| 3 | قوت العاشقين | ايضاً |
| 4 | سگ نامو | مخدوم حافظ عبدالله نرائي |
| 5 | ڪنزالعبرت | ايضاً |
| 6 | مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي | مخدوم ضياءُ الدين |
| 7 | وصيت نامہ | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| 8 | ذبح شڪار عرف راحته المومنين | ايضاً |
| 9 | زاد الفقير | ايضاً |
| 10 | مطلوب المومنين | مخدوم عبدالخالق ٺٽوي |
| 11 | بدر المنير | مخدوم حافظ عبدالله نرائي |
| 12 | نور الابصار | ايضاً |
| 13 | قمرالمنير | ايضاً |
| 14 | مخدوم محمد ابراهيم جي سنڌي | مخدوم محمد ابراهيم ٺٽي |

مٿئين ڪتابن ۽ عالمن جي حوالي ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته اگر ڪلهوڙن حڪمرانن جي تختگاه جي شهر ۾ ڪا رسم الخط تيار ٿي هوندي، ضرور ان جي ڪجهه نه ڪجهه سرڪاري سرپرستي به ٿي هوندي، جيئن فارسي جي

ٽيندي هئي. تہ پوءِ خدا آبادي ۾ لکيل ڪو ڪتاب، ڪو سرڪاري خط، ڪو شعر ڇو موجود نہ آهي؟ جڏهن تہ عربي، فارسي ۽ عربي سنڌي ۾ لکيل مواد موجود آهي؟ ان کان علاوه اهو بہ چيو ويو آهي تہ خدا آباد جي واپارين ، خاص طور تي سونارن اها لپي ايجاد ڪئي هئي. اگر ان ڳالهہ کي صحيح سمجهيو وڃي تہ پوءِ واپارين جي ڪميونٽي پنهنجي اثر ۽ رسوخ جي باوجود پنهنجي لپيءَ کي ترقي ڏياري نہ سگهيا ۽ هو ان دور ۾ بہ تعليم فارسيءَ ۾ وٺندا هئا؟ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ خدا آبادي نالي لپيءَ ۾ تعليم ۽ سرڪاري لکت پڙهت جو ڪو بہ بندوبست ان شهر ۾ بہ ڪونہ هوجتي چيو وڃي ٿو تہ اها لپي ٺهي هئي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ ۾ واپاري سرگرميون شروع ڪري چڪي هئي، جنهن سان هندو واپاري طبقو واپار ۾ مسلمانن جي ڀيٽ ۾ اڳتي اچي چڪو هو. ٻئي طرف مسلمانن ۾ ميمڻ ۽ کوجا اڳيرا هئا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دورن ۾ جن انگريزن سياحن ۽ عملدارن سنڌ جو سفر ڪيو ۽ سفرناما يا رپورٽون تيار ڪيون ۽ ذاتي طرح سنڌ کي ڏٺو ۽ واپارين جو لکتون اکين سان ڏٺيون، انهن هن لپيءَ لاءِ 'خداآبادي' جي بجاءِ 'خدا واديءَ' جو لفظ استعمال ڪيو آهي. مثال طور جيمس ميڪمرڊو، ٿامس پوسٽنس، ڪئپٽن ليوپولڊ، ڪئپٽن ايسٽوڪ، جارج ڪلرڪ، ڪئپٽن لشنگٽن، ڪئپٽن ڊڪسن، رچرڊ برٽن، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڪئيٽ پرنگل، لارڊ فاڪلئنڊ، اي.ڊبليو هيوز ، مسٽر ايٽڪن ۽ ٻين "خدا وادي" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جڏهن تہ ٻوليائي ماهرن جهڙوڪ سنيتي ڪمار چيٽرجي، مرليڌر جيٽلي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي، مائيڪل بوون، ميٿيو ڪڪ، انشمن پانڊي، ۽ ٻين بہ ان کي خدا وادي لکيو آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي مختلف علائقن جي لهجن مطابق ڏسون تہ اهڙا ڪيترائي لفظ ملندا، جيڪي ٿوري ٿوري فرق ۾ بدلجندا رهن ٿا. مثال طور: نوري آباد، سنڌ جو هڪ شهر آهي. هن شهر کي ڪٿي نوري آباد تہ ڪٿي

نوري باد ۾ ڪٿي نوري باڏ به سڏيو ويندو اهي. ساڳي نموني خدا وادي جو لفظ خدابادي ۾ خدا آبادي ۾ بگڙجندو رهيو آهي.

مٿئين بحث مان معلوم ٿئي ٿو ته خدا وادي، سنڌ جي قديم لپي آهي، ان کي ڪلهوڙن جي دور تائين محدود ڪري نه ٿو سگهجي .خدا وادي ۾ خدا آبادي صرف اچار جو ڦير آهي. اها لپي ڪلهوڙن جي دور حڪومت کان گهڻو قديم آهي، ۾ ان جا مختلف علائقن ۾ مختلف نالا آهن. هندن واپارين وٽ ان جو استعمال الڳ ۽ مسلمان واپارين وٽ الڳ آهي. ان ڪري ان لپيءَ کي فقط خدا آباديءَ جو نالو ڏيئي بلڪل محدود ڪرڻ نه گهرجي.

## حوالا


1. ابڙو، ڊاڪٽر آفتاب، "مختلف دورن ۾ سنڌي بوليءَ جي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز، 2012ع ، ص 286
2. عبدالغفار صديقي، "تخت گاهه خدا آباد "(مرتب نظير احمد پند)، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، ڪراچي، 2004ع، ص 84

# خدا وادي لپيءَ ۾ اکريل لکتون

سنڌ ماٿريءَ جي تهذيب، دنيا جي چند قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي، جڏهن 1925ع ۾ سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرايو ته کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن ۽ انهن تي اکريل لکت دنيا جي ماهر لسانيات کي حيران ڪري وڌو. ان لکت، تحقيق لاءِ نوان دروازا کوليا، جنهن ۾ خود لکت جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن به اچي وڃن ٿا. سنڌ ۾ اکريل لکت جو پهريون مثال ، سنڌو تهذيب جي لپيءَ ۾ ملي ٿو. ان کان پوءِ کيرٿر جبلن تي غارن ۾ اکريل لکتن جا به ڪيترائي



موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهر

نمونا مليا آهن. خدا وادي لپيءَ جا ڪيترائي مثال مندرن جي پٿرن تي اکريل ملن ٿا. هندو ڪميونٽي پنهنجي مندرن ۽ ٻين ڌرمي جاين تي به خدا وادي جو استعمال ڪندي هئي. اهڙي اکريل لکت لسانياتي ماهرن کي حيران ڪري وجهي ٿي.

سنڌ ۾ اکريل لکت جي حساب سان سنڌ جو برک مترجم ۽ محقق عطا محمد ڀنيرو سنڌو رسم الخط لاءِ لکي ٿو ته: "سنڌو لکت جي مهرن تي نظر ايندڙ تصوير ۽ تحرير اهڙي ته سهڻي من موهڻي آهي، جو انهن جو دنيا ۾ مثال ئي موجود ڪونه

آهي. هيءَ حقيقت مون کي سمجهه ۾ نٿي اچي ته ان دؤر جا سنڌي ڏاڍا سياڻا سيبتا ۽ سپورنج ماڻهو ۽ ڏاڍ ۽ ڏات جا ڌڻي هئا. مٿي به هنن جي هٿن مان نڪري سون بڻجي پوندي هئي ۽ جنهن پٿر کي ڇهندا هئا، اهو پٿر به هيرو لعل ماڻڪ ۽ موتي بڻجي پوندو. سندن ڪاريگري هنن جي ڏات ۽ ڏانءَ جي ساراهه جا ڏڪ پئي پري".[1]



ڪيرٿرجبلن ۾ اڪريل لکت جو نمونو

ان ڪان پوءِ ڪيرٿر جبل جي قطارن جي غارن ۾ اڪريل لکتن جا به ڪيترائي نمونا مليا آهن،جن جي باري ۾ بدر ابڙي جو ڪتاب "ڪيرٿر ۾ چئسالي ٻڌيه جو سفر" 2011ع شايع ٿيو. هنن قطارن ۾ پالي، ديوناگري ۽ خدا وادي جون لکتون ملن ٿيون. سنڌ جي لاڪين جي دڙي مان پڻ تصويرن ۾ اڪريل لکتن جو نمونو هٿ آيو آهي. جين ڌرم جي مندرن ۾ اڪريل لکتن جا مثال موجود آهن. اهڙي طرح خدا وادي لپي ءَ جا ڪيترائي مثال، سنڌ جي مختلف مندرن جي پٿين تي اڪريل ملن ٿا. هندو ڪميونٽي پنهنجي مندرن ۽ ٻين ڌرمي جاين تي به خدا وادي جو استعمال ڪندي هئي. اها اڪريل لکت لسانياتي ماهرن کي حيران ڪري وجهي ٿي. مشهور عالم پروفيسر مائيڪل بوون لکيو آهي ته: "ان سلسلي ۾ ڪجهه جاين تي جتان خدا وادي جون اڪريل لکتون مليون آهن ، انهن ۾ اڏيري لال جي درٻار به آهي، جيڪا حيدرآباد کان اتر اولهه طرف ، ڀٽ شاهه جي پرسان آهي. هڪ ٻئي کان وڌيڪ اڪريل لکتون خدا وادي لپيءَ ۾ ملن ٿيون".[2]

## پير پٺي جي مزار پرسان ڪاٺ تي اڪريل خداوادي لکت

مڪليءَ جي جبل جي تاريخي شروعات سما خاندان جي گاديءَ جي هنڌ **ساموئي** سان ٿئي ٿي ۽ پڇاڙي هڪ وڇايل بندرگاهه تي ٿئي ٿي، جنهن کي پير پٺو جي واديءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جڏهن هندستان جي تغلق گهراڻي سنڌ تي حملو ڪيو هو. محمد تغلق جي موت ۽ فيروز تغلق جي ناڪامي جي حوالي سان هن علائقي ۾ هڪ چوڻي ڏاڍي مشهور آهي:

**بابرڪت پير پٺو هڪ مُٺو هڪ ڏٺو.**



پير پٺي جا ڪيترائي هندو توڙي مسلمان مريد هئا. پير پٺي جي نشاني هڪ دستار آهي، جيڪا اڄ به ميلي جي موقعي تي سجاده نشين پائي وڏي شان سان خانقاهه کان مزار تائين مريدن سان ملندو آهي. پير پٺي جي مزار جي پرسان هڪ خالي قدم جڳهه آهي، اتي هڪ ڪاٺ جي تختين تي خداواديءَ جي اڪريل ڪيترائي قديم نمونا اڄ به موجود آهن، جن تي دعائون درج ٿيل آهن. ڪاٺ تي سنڌي ۾ "گرو گورڪناٿ آس پوري ڪر" جهڙا جملا هاٿوڪي سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. ان جا ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا:







(ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي ٿورن سان مليل)

## اڏيري لعل جي درٻار تي اکريل خدا وادي لکت

اڏيري لال جي شخصيت بابت سنڌ ۾ ٻه روايتون هلندڙ آهن. هندو ڪيس "اڏيري لال" جي نالي سان جهولي لال جو اوتار سمجهن ٿا. "سنڌن روايت موجب، اڏيرو لال نصرپور جي رتنراءِ لوهاڻي جي گهر ۾، چيٽي چنڊ، 1007 سنبت ۾ ڄائو. ڄمڻ وقت ايستائين ماءُ جو کير نہ پيتائين، جيستائين سنڌوءَ درياهہ جو پاڻي سندس وات ۾ نہ پيو. ان روايت مطابق ڪيس "درياهہ شاهہ جي اوتار" جي نالي سان پڻ ڄاتو



اڏيري لال جي درٻار مان مليل نمونو

ويندو آهي. هڪڙي هندو اڳواڻ بيدار سنگهہ پٽ شامداس اُڏيري جي آستان جي سنبت 1634 ۾ اڏاوت ڪرائي. خدا وادي لپي جا ڪجهہ ڪتبا 1885ع جا لکيل آهن، جيڪي مائيڪل بوون پنهنجي مضمون ۾ ڏنا آهن".(3)

## ساڌ ٻيلي جي مندر تي اکريل خدا وادي لکت

ساڌ ٻيلو سنڌو درياهہ ۾ سکر جي ويجهو ۽ بکر جي اولهہ ۾ هڪ ٻيٽ آهي، جنهن کي ساڌو ٻيلو چيو وڃي ٿو. هن ٻيٽ ۾ مشهور ۽ تاريخي مندر موجود آهي، جيڪو بابا بنکنڊي چنڊ شرما ٺهرايو هيو. پاڻ 1803ع ۾ پنهنجو اباڻو ملڪ نيپال ڇڏي اچي روهڙيءَ ۾ آباد ٿيو. بعد ۾ ويهن سالن کان پوءِ هن



ساڌ ٻيلي جي درٻار مان مليل نمونو

بيٽ تي اڇي ھي شاندار مندر ٺھرايائين، جنھن جي تاريخي لحاظ کان تمام گھڻي ۽ اھم حيثيت پئي رھي آھي. ساڌو بيلي ۾ ٺھيل ھن مندر جي تعمير نھايت وڻندڙ آھي. ھن کي ڏسي اھو چئي سگھجي ٿو تہ تعمير جو ھھڙو منفرد نمونو سنڌ ۾ موجود مندرن مان شايد ئي ڪنھن مندر جو ھجي. ھن مندر ۾ بہ خدا وادي لکت جون ڪي اڪريل لکتون ملن ٿيون.

اھڙي ريت روھڙيءَ جي سامھون سنڌو درياہ ۾ بکر جي بيٽ جي پر سان ھڪ ننڍڙو بيٽ آھي، جنھن کي مسلمان خواجہ خضر جو آستان چون ٿا. ھندن ھن ٽڪريءَ تي "زندھ پير" نالو رکيو ھو. ھتي پڻ خدا وادي جا ڪي اڪريل مثال آھن.

شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪراچي جي پڻ ڪجھہ مندرن تي مختصر طور تي خدا واديءَ جا ڪي نشان موجود ملن ٿا. پر اھي فقط جڳھن جي نشاندھي لاءِ لکيل آھن. ان کان علاوہ شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي مندرن ۽ مارڪيٽن ۾ پڻ تختيون ملن ٿيون. جن تي خدوادي لکت موجود آھي.

## شڪارپور ۾ خدا وادي لکت جا اڪريل مثال



شڪارپور ۾ 18 صدي ۾ ٺھيل ھڪ مسڄ تي اڪريل خداوادي لکت

شڪارپور سنڌ جي وڏن شھرن ۾ ليکجي ٿو. ماضي ۾ ھي شھر واپار جي لحاظ کان اھم رھيو آھي. قابل، قنڌار، سمر قند، بخارا ۽ تاشقند جا واپاري ھتي ايندا ھئا. ھي شھر پنھنجي خوشحالي، ترقي، تعليم ، صحت، ادب علم، وڻج واپار، ثقافت، تاريخ، مطلب ھر شعبي ۾ پنھنجي اوج تي پھتل ھو. ھن شھر ۾ ٺھيل عمارتون اڄ بہ فن تعمير جو شاھڪار آھن.ھن شھر جي ادب ۽ تاريخ تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا ويا آھن. شڪارپور ۾ انگريزن کان اڳ بہ

لوهيا اسڪول هلندا هئا. انگريزن جي دور ۾ ڪيترائي هندو سنڌي اسڪول به قائم ٿيا، جن مان ڪي پاڪستان جي قيام تائين هلندا رهيا. هن شهر ۾ آس پاس جي مندرن ۽ مسٽن تي خدا وادي لکت جون اڪريل لکتون اڄ به موجود آهن".[٥] ان بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته شڪارپور ۾ هندو ڪميونٽي



شڪارپور ۾ هڪ لوهيا اسڪول تي اڪريل خداوادي لکت

وٽ شڪارپوري يا خداوادي جا خط موجود هئا، ۽ هو ان کي ڪاروبار کان علاوه مندرن، مسٽن ۽ اسڪولن ۾ به ڪتب آڻيندا هئا.

## جيڪب آباد جي ڪپڙي جي مارڪيٽ تي اڪريل لکت

جيڪب آباد لاءِ هيءَ چوٽي به مشهور آهي ته "جيڪب آباد دل آباد". جان جيڪب هڪ انگريز فوجي جرنيل هو. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن خانڳڙهه ۾ قبائلي سردارن جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ جان جيڪب کي هتان جو پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو. هن خانڳڙهه جو نالو بدلائي پنهنجي



جيڪب آباد جي ڪپڙي جي مارڪيٽ تي اڪريل لکت

نالي جي پٺيان 'جيڪب آباد' ڪرايو. جان جيڪب هن علائقي ۾ اسڪول کولرايا ۽ راندين جا ميدان ٺهرايا، ميلا ڪرايا ۽ نوان مارڪيٽ قائم ٿيا. ان کان

علاوه جيڪب آباد ۾ ان جي پسگردائيءَ ۾ هندو واپاري ڪميونٽيءَ جي گهڻي هئڻ سبب هتي خدا واديءَ جو بہ استعمال ٿيندو هو. جيڪب آباد جي ڪپڙي جي مارڪيٽ جي عمارت سازيءَ جو ڪم 1898ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ 1900ع ۾ ان وقت جي بمبئي جي گورنر مسٽر اسٽافبارن نائڪوٽ ان جو افتتاح ڪيو هو. ان ۾ اٽڪل هڪ سو دڪان ٿيندا. جيڪي برطانوي ڪالوني دور جو بهترين مثال چئي سگهجن ٿا. ان ان تختي تي لکيل ڪتابت عربي سنڌي ۽ خدا وادي اکرن ۾ ڪيل آهي. اها تختي نانڪ واڙا مندر جي ڪنڌ تي لڳل آهي". (5)

هنن مثالن مان سوال ٿو اڀري تہ خدوادي لپي جنهن لاءِ سڀني لسانيات ۽ رسم الخط جي ماهرن متفق طور تي ٻڌايو آهي تہ ان جو استعمال فقط هندو واپاري لکت لاءِ ڪيو ويندو هو، تہ پوءِ ان جو ڌرمي طور مندرن، اسڪولن ۽ مسٽن ۾ استعمال ڪيئن ٿيو؟ اسان کي خبر آهي تہ هندو ڪميونٽي ۾ جيئن برهمي لپيءَ کي ڌرمي حيثيت ڏيندي برهما جي نالي سان منسوب ڪيو ريو آهي، اهڙي ريت 'خدا وادي' کي پڻ ڌرمي خط ڄاڻائيندي "خدا جو آواز" سڏيو ريو آهي. ان ڪري خدا وادي جو وهنوار فقط واپاري ڪنڌي يا حساب ڪتاب تائين محدود نہ هو بلڪہ اسان کي خدا وادي لپيءَ جا تاريخي نشان ڪتابن ۽ قلمي نسخن ڪانسواءِ بہ ملن ٿا. ان سلسلي ۾ پروفيسر مائيڪل بوون لکي ٿو تہ: "ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو تہ خدا وادي جو استعمال درياهہ پنٿي مريدن وٽ گهڻو هوندو هو؟ اهو سچ آهي تہ سيٺي درياهہ پنٿي لوهاڻي ذات جا آهن. اسان جي ڄاڻ مطابق خدا واديءَ جو استعمال هندو واپارين وٽ هوندو هو ۽ سنڌ ۾ واپارين جو وڏو انگ لوهاڻن جو آهي، ان سان اسان خدا وادي ۽ مندرن جو رشتو سمجهي سگهون ٿا". (6)

ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو ثبوت ان وقت جي بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر جارج ڪلرڪ پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ڏيندي لوهاڻن جي لکت جي حوالي سان لکيو آهي تہ "لوهاڻن جو دعائون گهڻو ڪري پنجابي ۾ لکيل هونديون آهن. تمام ٿوريون سنسڪرت ۽ فارسي زبانن ۾ آهن. انهن لاءِ چيو وڃي ٿو انهن مان ڪي لفظ سنڌي زبان ۾ خدا وادي لپيءَ ۾ لکيل هوندا آهن. پر اهي هو يورپي ماڻهن کي نہ ڪپائي ڏيندا آهن نہ وري ڏيکاريندا آهن". (7)

## حوالا


1. عطا محمد ڀنڀرو، "سنڌو لکت جي ٻاڄ"، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2007ع، ص 14

2. Boivin, Michel, Professor: A Note on Khudawadi- A Vanishing Script of Sindh", Journal of Historical Society, 2015, P -16

3. C.A Kincaid, Folk Tales of Sindh and Guzrat", the Daily Gazette Press, Karachi, 1925, P- 13

4. Naseem Mughal, Shikarpur Heritage, An Illustrated Journey through History", Sindh Archives, 2012, P-389

5. Bullo, Momin, "From Upper Scinde Frontier to Jacobabad", District Government, Jacobabad, Sindh & PHPPS, 2011, P-46

6. Boivin, Michel, Professor, A Note on Khudawadi- A Vanishing Script of Sindh", Journal of Historical Society, 2015, P -17

7. James C. Mechvill: "Reports of Sir George Clerk, on the Administration of Scinde; with the appendices thereto, and all Reports of Mr. Pringle and of Mr. Frere, 1854

هي (واڻيا) وزن لاءِ هلڪا وٽ استعمال ڪندا آهن. پر قسم وڏا وڏا ڪٿندا آهن، هو پنهنجو حساب ڪتاب اهڙي خط ۾ لکندا آهن، جنهن کي خدا ڪانسواءِ ڪو بہ پڙهي نہ ٿو سگهي."

(ايچ. رائڊلي: "دي پيپلز آف انڊيا"، 1908 ع، ص 128)

اوائلي دور ۾ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ڪجھ اهڙا خصوصي لکڻ جا طريقا هوندا هئا، جيڪي ڳجهي ۽ واپاري ڏنڌي جي حساب ڪتاب لاءِ مخصوص هوندا هئا. انهن لپين ۾ ڪي خاص نشانيون هونديون هيون، جيڪي هر ڪنهن جي سمجھ کان بالاتر هونديون هيون. اهڙيون لپيون گهڻو ڪري خاص قبيلن، ذاتين يا گروهن وٽ هونديون هيون. انهن کي ڪو ٻئي گروھ جو ماڻهو سمجهي نہ سگهندو هو. اهڙي ريت قديم هندستان ۾ بہ هندو واپاري ۽ دڪاندار خفيہ نشانين واريون لپيون استعمال ڪندا هئا، جيئن سندن حساب ڪتاب کي ڪو پڙهي ۽ سمجهي نہ سگهي. هندستان جي پنجابين جي هڪ گروھ 'مونڊي پنجابي لپي' استعمال ڪندو هو جنهن کي فقط هو پاڻ ئي سمجهي سگهندا هئا.

سنڌي ٻولي جي لکت لاءِ هندو واپارين مختلف شهرن، علائقن ۽ قبيلن ۾ مخصوص رسم الخط ايجاد ڪيا، جيڪي کاٻي کان ساڄي طرف لکيا ويندا هئا. اهي لپيون قديم دور کان 20 صديءَ تائين سنڌ ۾ رائج هيون. اهڙن لپين ۾ 'خداآبادي'، 'شڪارپوري'، 'ساڪرو'، 'لهاڻڪو'، 'پاٽيا'، 'لاڙائي'، 'ونگائي'، 'راجائي'، 'خوجڪو'، 'ميمڻڪو'، 'ٺٽائي'، 'حيدرآبادي'، 'سيوهاڻي' وغيره ۽ شامل آهن. انهن مان ڪي هندو ۽ مسلمان واپاري پنهنجو حساب ڪتاب ۽ لکت ان خط ۾ ڪندا هئا. هنن خطن جي خوبي يا خامي اها هوندي هئي تہ ان ۾ لکيل حساب ڪتاب فقط لکندڙ ئي سمجهي سگهندو هو.

ڪلهوڙن جي دور حڪومت کان اڳ مغلن جي دؤر ۾ سنڌي زبان عربي، فارسي خطن سان گڏ سنڌي ديوناگري خط ۾ پڻ لکي ويندي هئي، ۽

ڪاروباري لکت پڙهت جا دستاويزي ثبوت موجود آهن. سراج ميمڻ پنهنجي مضمون "سنڌيءَ جو آڳاٽو ادب" ۾ مغليه دؤر جو هڪ ڪاٻاڙو ڏنو آهي، جيڪو خداوادي لپيءَ ۾ لکيل آهي ۽ عيسوي سال 1640ع کان 1650ع جي زماني جو معلوم ٿئي ٿو. ڪاٻاڙي جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

سنبت 1710: ورک ناريءَ (نهريءَ) چنڊ، گروار (خميس)ڏهاڙيءَ اکر ڪيا: ننگر ساموئيءَ پيتري ڏنک نامي: لهاڻي سورجيءَ پرٿياڻيءَ لهٽا: اڌاراٽک نامي پاٽيي رامل تورسياڻيءَ کني رپيا 101 انگين اکرين سو ايڪوترا: پورا: ڪرا: آکڙا: حالي چڪي (سڪي) جا: شاهجاڻي: وهاج (وياج) سان: وياج ماس پريت (در مهيني) ايڪ ايڪوترا ورتي ڏيندو: ڏيندي هر هج (حجت) کانہ ڪندو: ناڙي ني (ڏسي ڪري) ڪاٻاڙو لکيو: ديس پرديس سهي (صحيح): جڏهين سورجي پرٿياڻي گهرندو تڏهين رامل تورسياڻي پري جباب (جواب) ڪندو: اجر (عذر) ۽ مالو (دير) نہ ڪندو: پيرو ماسڌ هي ڪاٻاڙو انگي اڌارو نيائين: سهي (صحيح): بيو اجر(عذر) ڪونہ ڪندو: مت: رامل تورسياڻي جما (جمع) ٿيا: اکر سهي: رپئين ايڪوتر سو: وهاج (وياج) پڻ ايڪوتر"[1]



حوالي ۾ آيل سنڌي ڪاٻاڙو

مغلن کان پوءِ سنڌ هڪ دفعو ٻيهر مقامي ماڻهن يعني ڪلهوڙن حڪمرانن جي هٿ هيٺ آئي. هن دور کي ادبي لحاظ کان "سونهري دور" سڏيو وڃي ٿو. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جو علم، ادب ۽ تعليم وغيره پنهنجي عروج تي پهتل هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ ۾ واپاري سرگرميون شروع ڪري چڪي

هئي، جنهن سان هندو واپاري طبقو واپار ۾ مسلمانن جي پيٽ ۾ اڳتي اچي چڪو هو جنهن دور ۾ ڪلهوڙن خدا آباد کي سنڌ جي راڄ ڌاني بڻايو. تڏهن هندو واپارين پنهنجي حساب ڪتاب لاءِ جيڪا ڪتب آڻيندا هئا هئا ان کي 'خدا آبادي لپي' سڏيو ويو.

انگريز عملدارن جن خاص طور تي ٽالپرن جي دور کان وٺي سنڌ جي مختلف رخن کان سروي ڪئي، انهن پڻ 'خدا وادي رسم الخط' جو ذڪر واپاري لکت ۽ پڙهت جي حوالي سان پنهنجي ڪتابن ۾ ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ جيمس ميڪمرڊو 1812ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو. هو صاحب پنهنجي رپورٽ Mc Murdo Account of Sindh ۾ لکي ٿو ته: "سنڌ جي ٻولي لکت واري آهي ۽ ان جو هڪ مخصوص رسم الخط آهي. اهو خط کاٻي کان ساڄي هٿ لکيو ويندو آهي ۽ هندو بڻ بڻياد جو آهي، اهو خط بلڪل سادن اکرن جو ٺهيل آهي، جيڪي هڪ ٻئي ۾ آسانيءَ سان رلجي وڃن ٿا".[2]

ٿامس پوسٽنس سنڌ ۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. سندس ڪتاب "Personal Observation of Sindh" سنڌ جي تاريخ بابت اهم دستاويز آهي. هو لکي ٿو ته: "سنڌي ٻولي هندو نسل جي آهي، جيڪا سنسڪرت مان نڪتل آهي، ۽ اها گجرات جي وادين تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ان کي هڪ مخصوص رسم الخط آهي. جنهن کي "خدا وادي" چيو ويندو آهي. سمورا هندو پنهنجو حساب ڪتاب ۽ لکت ان خط ۾ ڪندا آهن. جڏهن ته عدالتي زبان فارسي آهي".[3]

اهڙي طرح جرمن عملدار ڪئپٽن ليوپولڊ وون آرلچ 1842ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو هو. سندس سفرنامو "Travels in India Including Sindh and the Punjab" 1845ع ۾ شايع ٿيو. هن سنڌ ۾ هلندڙ رسم الخط لاءِ لکيو آهي ته: "سنڌ جي زبان، تحرير ۽ بيان باقي هندستان کان گهڻو مختلف آهن. بلڪ حڪمران ۽ عوام ان زبان کان اڪثر واقف نه آهن. ان رسم الخط کي "خداوادي" چوندا آهن، جيڪا گهڻو ڪري واپاري استعمال ڪندا آهن".[4]

ڪئپٽن ايسٽوڪ، جنهن سنڌ بابت ڪيترا ڪتاب لکيا هئا، انهن مان هڪ "Hand Book of Punjab, Western Rajputana, Kashmir and Upper : Sindh" به وڏي اهميت رکي ٿو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو ته: "جنهن رسم الخط ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لکندا آهن، اها آهي "خدا وادي، جنهن کي يورپي ليکڪن نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ان لاءِ هندستاني خط جو لفظ استعمال ڪري ٿو. جنهن جو خراب نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪجهه موضوع لفظن تائين رسائي به مشڪل ٿي پوي ٿي. سنڌي انتهائي سخت ۽ ڳلي ۾ ڏکي نڪرندڙ زبان آهي، جهن جي ادائگي لاءِ ٻٽا حروف صحيح آهن. خدا وادي ۾ حروف علت ايستائين استعمال ڪرڻ ڪيا ويندا آهن ، جيستائين انهن جي ضرورت هجي. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين لغت 1840ع ۾ شايع ٿي هئي، اها 'خداوادي' اکرن ۾ لکيل هئي."[۵]

رچرڊبرٽن پنهنجي مختلف ڪتابن ۾ خدا وادي لپيءَ جو لوهاڻن جي واپاري نکيءَ جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي ۽ فارسي جي لفظ "خدا" جي لفظ جي حوالي سان بحث ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

For instance, the Lohana, in general, say of the Khuda-wadi, one of their subdivisions: "Khudawadi Khudda khe ghere wanjan". The Khudawadi deceive the Almighty.

"مثال طور لوهاڻا عام طور تي چوندا آهن ته خدا وادي سندن ٻوليءَ جي شاخ آهي .خدا وادي خدا کي گهيري وجهن ("خدا وادي خدا کي به نکي وڃن".[6]

رچرڊبرٽن ساڳي ڳالهه پنهنجي ٻئي ڪتاب ۾ به لکي آهي ، مگر اتي لفظ خداوادي جي وضاحت ڪئي اٿائين. هو لکي ٿو ته

The Khudawadi deceive the Khudzi (Self-existent One; God).

يعني خدا وادي نکي سگهن ٿا خدي کي (هڪ موجود خدا کي) ".[7]

مسٽر ايٽڪن به خدا وادي لپيءَ جو ذڪر پنهنجي گزيٽئر ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته: "برطانوي راڄ کان اڳ سنڌ ۾ هندو واپاري پنهنجي حسابن کي محفوظ رکڻ واسطي خدا وادي لپي استعمال ڪندا هئا. جيڪي ديوناگري اکرن سان لکبي هئي."[۸]

مسٽر مارڪ اينٿوني لکي ٿو ته: "هندو واپارين ۾ قديم دور کان حساب ڪتاب ۽ ڪاروباري لکت پڙهت جو خفيه نظام جو رواج موجود هو. هو وڌيڪ لکي ٿو ته "هي لکت مختصر، ڳجهي ۽ تڪڙي لکڻ لاءِ بهترين لپي هئي. بيو ته اها لکت هر ڪنهن جي پڙهڻ کان ڏاڍي هئي. ان کي سکڻ لاءِ هڪ ته ان ۾ موجود حروف صحيح ياد ڪرڻ لاءِ محنت جي ضرورت هوندي هئي".[9]

انگريزن جي دور کان اڳ ۽ پوءِ "سنڌ ورڪي•" جو عروج هو. "سنڌ ورڪين ۾ گهڻو تعداد هندو واپارين جو هو. هو پنهنجي لکت پڙهت ۽ ڪاروبار هٽ واڻڪي لپي استعمال ڪندا هئا".[10] عبدالله مگسي مانجهند جي سنڌ ورڪين جي استعمال واري لپيءَ لاءِ لکي ٿو ته "مانجهند جا سنڌ ورڪي پنهنجي ڪارخاني جو سڄو حساب ڪتاب خدا آباد ي واڻڪن اکرن ۾ ڪندا هئا. انهي آئيوٽيا ۾ سراسري چاليهه اکر هوندا هئا. انهن مان ڏهه حرف علت ۽ ٽيهه حرف صحيح جا هوندا هئا. واپارين يا سيٺين جي مقرر ٿيل منشين ۽ عاملن جو انهن لکتين سان ڪو به واسطو ڪو نه هوندو هو. سيٺين کي جدا خدا آبادي اکرن ۾ پنهنجي ليکي چوکي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اسان جي نظر ۾ ان جا هي سبب ٿي سگهن ٿا:

1. ان وقت جا واپاري سيٺ پنهنجن روزنامچن ۾ پنهنجو حساب ڪتاب خاص آئيوٽيا ۾ لکي عام ماڻهو پنهنجن پلاوٽن، منشين ۽ پائيوارن کان واپار ۾ ٿيل نفعي ۽ نقصان کي راز ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.
2. ڪين اهڙي لپي استعمال ڪرڻ سان ڦيري وارن کان وٺي پائيوارن تائين حساب ڪتاب ۾ دوکي ڏيڻ، وياج، مسافري جو خرچ، اوزار وغيره جي نالي ۾ استحصال يا ڦرلٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي. هندو عاملن کي به جعلسازي ڪري ڏيڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي".[11]

---

• جڏهن سنڌ جا بندر برباد ٿي ويا، ته سنڌي وڻجارن جي اولاد مان اڳتي هلي سنڌ ورڪي پيدا ٿيا، جن پنهنجي محنت سان سڄي دنيا ۾ سنڌ جي سڃاڻپ ڪرائي. سنڌ جي هنروارن ڪاريگرن ۾ سونارا، لوهار، واڍا، ڪوري، رازا، ۽ ڪاشيگر شامل هئا. سنڌ تي جڏهن انگريزن قبضو ڪيو ته سنڌي ڪاريگرن پنهنجي نامياري دستڪاري واري سامان ۽ ڪپڙي جو پرڏيهه ۾ واپار ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌي ڪاريگر پنهنجي هٿ جي هنر سبب جڳ مشهور هئا ۽ پرڏيهه ۾ انهن جي نامياري شين کي سنڌي ڪم (WORK) سڏيو ويندو هو سنڌي ورڪ جو واپار ڪندڙ سنڌ ورڪي سڏجڻ لڳا. اهو نالو اهڙو پڪو ٿي ويو، جو خود سنڌ جا سنڌي به کين سنڌ ورڪي ڪوٺڻ لڳا.

ان لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته فقط واپارين لاءِ هيءَ لپي انتهائي مناسب هئي. واپارين کان علاوه جاسوسي ۽ ڳجهن سنيهن (Cipher) لاءِ به هيءَ لپيءَ ڪارآمند هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو انگريز شروع کان ئي هن لپي جي سکڻ ۾ دلچسپي وٺندا هئا. چاڪاڻ ته هو هندستان جي مختلف شهرن ۾ رهندي گرمکي ۽ ديوناگري اڳي ئي سکيل هوندا هئا. ان ڪري سنڌ ۾ ڪيترن آفيسرن جي اوليت خدا وادي لپي هوندي هئي. بمبئيءَ جي گورنر پڻ "خدا وادي" جي حمايت ڪندي لکيو هو ته " اسان کي سنڌي ٻولي ادب لاءِ نه پر ڪاروباري لکت پڙهت لاءِ لاڳو ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ خداوادي مناسب آهي".[12]



اڻويهين صديءَ جي خداوادي لکت جو هڪ قلمي نمونو

# حوالا


١. سراج، "سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل"، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڪراچي، 2016ع، ص 370

2. Mc. Murdo's Account of Sindh (Edited by Dr.Mubarak Ali), Takhleeqat, Lahore, 1994, P-50

3. Postans, Thomas, "Personal Observation of Sindh", London, 1843 (E-Book)

4. Captain Leopold, "Travels in India Including Sindh and the Punjab" (E-Book)

5. Estwick, E.B, Captain, "Hand Book of Punjab, Western Rajputana, Kashmir and Upper Sindh", London John Murray, Almerabale Street, 1883,P-62

6. Richard Francis Burton, "Scinde; or the unhappy valley", London Richard Bentley, New Burlington Sreet, 1851, P-237

7. Richard Francis Burton, Sind Revisited", London Richard Bentley, New Burlington Street, 1877, P-237

8. Aitken. E.H, "Gazetteer of Sindh, Mercantile Press, Karachi, 1907, P-473

9. Fazlon,Mark Anthony, Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora, 1860-2000, Brill Laden Boston, 2004, P-272

10. ساڳيو حوالو ص 273

11. مگسي، عبدالله، "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1994ع، ص 265

12. Mallah, Mukhtiar Ahmed, "The Development of Sindhi Language and Script during English Period". Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-89

## سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري قبوليت ۽ خداوادي کي مليل مڃتا

1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري ٽالپر حڪمرانن کي فارغ ڪري ڇڏيو ٽالپر دور حڪومت ۾ ۽ ان اڳ وارن دورن ۾ بہ فارسي سنڌ جي سرڪاري ٻولي هوندي هئي. ان کان بہ اڳ جي ڪيترن حڪمرانن سنڌي زبان کي سرڪاري سرپرستيءَ جي حوالي سان نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. انگريز سنڌ تي قبضي کان اڳ بہ سنڌ بابت ڪيترائي ڪتاب لکي چڪا هئا .1843ع کان 1847ع تائين چارلس نيپيئر سنڌ جو گورنر جنرل رهيو. جيئن ئي هو 1847ع ۾ رٽائر ٿيو تہ سنڌ کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ، بمبئي پريزيڊنسي ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ رچرڊ پرنگل کي سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. هو فقط ٽي سال سنڌ ۾ رهيو.

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏيارڻ بنيادي طور انگريزن جي هندستان ۾ مجموعي حڪمت عمليءَ جو حصو هئي، پر وڏو ڪردار سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل* ۽ حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو هٿ هو. مسٽر پرنگل سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ سنڌي اسڪول کولرائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ورتيون. هن بمبئي جي گورنر کي لکي موڪليو تہ جيئن هندستان جي ٻين صوبن ۾ مقامي زبانن کي سرڪاري ٻولين جو رتبو ڏنو ويو آهي، اهڙي طرح سنڌي زبان کي بہ سنڌ جي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. 1847ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل پنهنجي زيردست عملدارن کي خط لکي پڇيو تہ ٻڌايو وڃي تہ سنڌ ۾ تعليم جو ڪهڙو نظام هلندڙ آهي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سينئي عملدارن ڪيس جواب ڏنو تہ سنڌ

---

* رچرڊ ڪيٿ پرنگل (1810-1897ع) بنيادي طور تي سول سروس جو ماڻهو هو ۽ سنڌ جي تاريخ جو پهريون ڪمشنر ٿيو. هن جو ٽن سالن جو عرصو سنڌي ٻوليءَ لاءِ بهترين رهيو. هن ڏٺو تہ عوام جي ٻولي سنڌي آهي ۽ سرڪاري لکت پڙهت فارسيءَ ۾ عجيب نموني هلندڙ آهي. هن پنهنجي ماتحت آفيسرن ڏانهن تعليم جي سلسلي ۾ رپورٽون گهرايون. سنڌ ۾ تعليمي پستي ڏسي بمبئي حڪومت کان اسڪول کولڻ سان گڏو گڏ سنڌي زبان کي ملڪ جي سرڪاري ٻولي قرار ڏيڻ سڄي گهر ڪيائين. سندس صلاحن کي ڏسندي اپريل 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ واضح طور تي اعلان ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي.

۾ نہ تہ سرڪاري سطح تي اسڪول آهن نہ وري ڪي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ان حقيقت ڪي جواز بڻائيندي مسٽر پرنگل بمبئي گورنمينٽ ڪان سنڌ لاءِ اسڪول کولڻ ۽ سنڌيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ٻئي طرف ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 1845ع کان سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنري تي ڪم ڪري رهيو هو. هو ان سلسلي ۾ بمبئي سرڪار کي خط لکي سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي مڃرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.فيبروري 1848ع ۾ بمبئي جو گورنر جارج ڪلرڪ سنڌ آيو هو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کيس پنهنجا لکيل ڪتاب ڏيکاريا هئا ، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت بيان ٿيل هئي. آخرڪار، 24 اپريل 1848ع ۾ بمبئي پريزيڊنسي جي گورنر جارج ڪلرڪ هي حڪم نامو جاري ڪيو:

"اسان کي گهرجي تہ اسان سرڪاري ڪاروبار لاءِ ملڪي ٻولي سنڌي ٻولي کي متعارف ڪرايون. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اسان جا روينيو ۽ انصاف کاتي جا عملدار (چاهي سندن کاتن ۾ ڪچهرين جو ڪم ڪهڙي نموني چو نہ مقرر ڪيو ويو هجي) فارسي يا انگريزي جهڙي هڪ ڌاري ٻوليءَ ذريعي ڪيئن اثرائتي نموني ڪم هلائي سگهندا. عملدارن کي ارڙهن مهينن جو وقت ڏجي ٿو تہ سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪن".

"مان سمجهان ٿو تہ سندن امتحان جي تياري لاءِ ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي جوڙيل ڊڪشنري ۽ گرامر سهولت مهيا ڪندا. انهن ڪتابن جي ڇپائي جي منظوري ڏجي ٿي".[4]

جارج ڪلرڪ جو مٿيون حڪم نامو "عربي-سنڌي" ۽ 'هندو سنڌي' جي سرڪاري مڃتا لاءِ نوان بحث ڪٺي آيو. مسٽر پرنگل ان حڪم نامي کي جواز بڻائيندي 30 مئي 1848ع تي پنهنجي زيردست عملدارن ڏي هڪ حڪمنامو جاري ڪيو تہ هو جاچ ڪري ٻڌائين تہ سنڌ ۾ سرڪاري لک پڙهہ ۽ عام ماڻهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪهڙو رسم الخط ڪارگر ٿيندو".[5] جڏهن پرنگل پنهنجي عملدارن کان رپورٽون گهرايون تہ مسئلو خدا وادي/ ديوناگري ۽ عربي تي هلندڙ هو. ڇاڪاڻ جو ٻنهي لپين جو هڪ تاريخي، ادبي، سماجي ۽ مذهبي

پسمنظر بہ هو. ان ڏس ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ ، ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن ۽ ڪن ٻين پنهنجا رايا ۽ رپورٽون تيار ڪري سرڪار وٽ جمع ڪرايون.

## ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن پاران خدا واديءَ جي مخالفت

رچرڊ فرانسز برٽن (1821-1890ع) جي سڃاڻپ بطور هڪ جاگرافيدان، ليکڪ، ڪارٽوگرافر، لسانياتي ماهر، جنسياتي ماهر، سفير، ماهر ارضيات، آبپاشي، معاشرتي ۽ معاشي علمن جي ڄاڻوءَ طور هئي. هو اٽڪل 30 ٻوليون ڳالهائي سگهندو هو. سندس چوڻ هو ته هن هڪ اهڙو فارمولا ناهيو آهي، جنهن سان دنيا جي ڪا بہ ٻولي سکي سگهجي ٿي. واهن جي پيمائش جي سلسلي ۾ برٽن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ڏٺي ۽ نقشا تيار ڪيا. برٽن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن، ادب، لوڪ ادب، ٻولي، رسم الخط، ريتن ۽ رسمن، ماڻهن ۽ شهرن وغيره تي چار ڪتاب لکيا:

7. Sindh or the unhappy valley (1851)
8. Sindh and Races that inhabits in valley of Indus(1851)
9. Falconry in the valley of Indus (1877)
10. Sindh Revisited (1877)

سڀ کان اول ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن پنهنجي رپورٽ 2 جون 1848ع تي جمع ڪرائي. هن 'عربي – سنڌي' رسم الخط (نسخي) جي حمايت تي زور ڏنو. سندس دليل هو تہ: "سنڌ جو مشهور علم ۽ ادب ان ئي خط ۾ لکيل آهي. هن خدا وادي لپي لاءِ لکيو تہ" هن لپيءَ ۽ آئيوينا ۾ سراسري چاليهہ اکر هوندا آهن، جن مان ڏهہ حروف علت آهن ۽ ٽيهہ حروف صحيح. اهي اکر هندي ۽ گرمکيءَ جي معرفت ديوناگريءَ مان نڪتل تا نظر اچن. سنڌ ۾ هندو هميشه اتر کان پئي آيا آهن. تنهنڪري ممڪن آهي تہ هنن اهي آئيويتائون پنجاب مان انهيءَ صورت ۾ آنديون آهن، جيڪا نانڪ شاهہ ڪتب آندي هئي. شايد انهيءَ رواجي اکرن جي صورت ورتي ۽ ان ۾ ايتريون تبديليون ٿيون، جيتريون نياتيون هيون. پر اهي سڀ آئيويتائون هن وقت بيڪار آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ انهن ۾ پورا حروف علت ڪونہ آهن، جنهن جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ واپاري پنهنجو ليکو چوکو

بہ نہ ڪري سگھندا آھن، جيستائين يادگيري ھوندي اٿن“.
ھن وڌيڪ لکيو تہ ”خدا وادي خط جي حمايت انھيءَ ڪري ڪئي وڃي ٿي، جو اھي اکر اڳئي گھڻي قدر ڪتب آندا وڃن ٿا، پر انھن جو استعمال ھندن تائين محدود آھي، جيتوڻيڪ اھو تمام اھم فرق آھي، ھندن ۾ بہ فقط واپاري طبقو اھي اکر ڄاڻي ٿو، منشين ۽ عالمن جو انھيءَ سان ڪو بہ واسطو نہ آھي“. ھن وڌيڪ دليل ڏيندي لکيو تہ ”ھن وقت ساري سنڌ ۾ ھندو عامل اھي اکر پڙھي نہ ٿا سگھن، مگر ھو نستعليق سنڌي يا فارسي اکرن کان واقف آھن، جنھن ڪري ڪين انھن اکرن سکڻ ۾ مشڪلات ڪا نہ ٿيندي“.[1]

## ڪئپٽن اسٽئڪ پاران خدا وادي لپيءَ کي اپنائڻ جي حمايت

خدا وادي لپيءَ جو سڀ کان وڏو حمايتي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ديوناگري لپيءَ ۾ ’سنڌي گرامر‘ ’انگريزي سنڌي ڊڪشنري‘ ’سنڌي انگريزي ڊڪشنري‘ ۽ بائيبل جو ترجمو ڪيو ھو. ھو سنڌي ٻوليءَ تي وڏي مھارت رکندڙ ھو ھن صاحب 28 آگسٽ 1848ع تي ڪمشنر طرفان سنڌي رسم الخط جي سلسلي ۾ گھرايل پنھنجي رپورٽ ڪمشنر جي آفيس ۾ جمع ڪرائي. ھن جي رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڪتب ايندڙ مختلف لپين جي باري ۾ بحث ٿيل آھي. ھن پنھنجي رپورٽ ۾ سنڌي ٻولي لاءِ رومن، گرمکي ۽ ديوناگري خطن اپنائڻ جي سلسلي ۾ بہ بحث ڪيو آھي مگر سنڌس ترجيح ۽ مطالبو خدا وادي لپي جي اختيار تي ٻڌل ھو. ان سلسلي ۾ ھن دليل ڏنا آھن تہ خدا وادي لپي ڇو اختيار ڪجي؟ ھن پنھنجي گرامر جي ڪتاب ۾ بہ خدا وادي لپي جي اپنائڻ تي بحث ڪيو آھي ۽ ان ڪتاب ۾ ھن خدا وادي لپي کي سمجھڻ لاءِ سنڌ ۾ مروج سترھن لپين جو اڀياس ڪيو ۽ انھن جو ڳنڍيل چارٽ جوڙيائين. سنڌس ڏاھيل چارٽن ۾ ’رومن‘، ’ديوناگري‘، ’گرمکي‘، ’خداوادي‘، ’شڪارپوري‘، ’ساکرو‘، ’لوھاڻڪي‘، ’ڀاٽيا‘، ’لاڙائي‘، ’ونگائي‘، ’راجائي‘ ’حيدرآبادي‘، ’ٺٽائي‘، ’پنجابي‘، ’ميمڻڪو‘، ’سيوھاڻي‘ وغيره شامل آھن.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي رپورٽ جي ڪجهه حصن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

1. سنڌي ٻولي اِيتري ته شاهوڪار ٻولي آهي، جو هي ڪن به مخصوص حد بندين جي قبوليت کان ٻاهر آهي، ۽ سنڌس اها پڻ خوبي آهي ته هيءَ ٻولي پنهنجا لفظ ۽ لهجا ڪنهن گهٽ ادبي ۽ علمي اظهار لاءِ استعمال لاءِ نه ڏيندي آهي. مثال طور جيڪڏهن ٻين ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ سان ملائبا يا جوڙيا ويندا ته اصل ٺيٺ سنڌي لفظ انهن ٻين لفظن کي قبول نه ڪندا ۽ ڌاري ٻوليءَ جا لفظ اڳ نمايان ٿي نظر ايندا. ان ڪري اهو فضول ۽ ناڪاره ٿيندو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ٻي ڌاري ٻوليءَ جا لفظ مڙهيا وڃن.

2. سنڌ جي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ جي اپياس کي هميشه ناپسند ٿي ڪيو خاص طور تي اهي جيڪي پڙهيل هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيا هئا. جاڻو سنڌي عربي ۽ فارسي ۾ لکي ۽ پڙهي سگهن ٿا ۽ هندو فارسي، پنجابي ۽ هندي ۾. جيڪا سندن مادري ٻولي (سنڌي) هئي، ان کي هو مسخرن لاءِ مناسب ٻولي سمجهي رهيا هئا. پر مون کي اعتماد آهي ته ماهر لسانيات وٽ سنڌي ٻولي، هندستان جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ اهم ثابت ٿيندي.

3. مون کي سيني ٻولين : رومن، فارسي، گرمکي ۽ ديوناگري ٻولين مان سنڌي ٻولي سهڻي کان سهڻي لڳي، ان جي سهڻي هئڻ جا ڪيترائي سبب آهن. جيئن ته هن ٻوليءَ ۾ حروف علت گهٽ آهن، جنهن ڪري ڪو به لفظ بيان ڪرڻ ناممڪن نه آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هر لفظ سمجهڻ سولو ۽ آسان آهي. ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان مون سوچيو ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙا اکر ڪتب آڻيان. ان لاءِ چئن رسم الخطن تي غور ڪيم. رومن، فارسي، گرمکي ۽ ديوناگري.

4. رومن رسم الخط مون کي بلڪل سمجهه ۾ نه آئي، مون کي ته ٻا ۾ ڪنهن کي به مشڪل سان سمجهه ۾ ايندي آهي. ان ٻوليءَ جي سکڻ مان ڪو به فائدو ڪو نه ٿيندو. چوجوان ۾ تمام گهڻيون نشانيون ۽ بيهڪ جون نشانيون آهن. ان ذريعي مشرقي ٻولين کي لکڻ لاءِ تمام گهڻيون نيون نشانيون مقرر ڪرڻيون پونديون. ان ڪري مون نه ٿي چاهيو ته سنڌي الف-ب جي هڪ نئين مونجهاري ۾ ڦاسجي. رومن اکرن ، نشانين ۽ آوازن جون ڪي خاص خوبيون نه آهن. جيڪي سنڌي ٻولي جي اکرن ۽ نشانين ۾ آهن.

5. فارسيءَ تي ويچار ڪرڻ مناسب ئي نه سمجهيم. اها ڪارگر نه آهي، ڇو جو ان جا اڳ وارا مثال مون وٽ موجود آهن. هينري واڻين جو گرامر ۽ ڪي ٻيا ڪتاب فارسي لپيءَ ۾ هئا. پر منجهن فارسي لفظن کي ڇڏي باقي ڪن آوازن کي لپيءَ ۾ آڻڻ لاءِ ڪي وڌيڪ نشانيون ڏيڻ درڪار هيون.

6. مون کي ٻه لپيون: گرمکي ۽ ديوناگري پسند آهن، گرمکي جي خوبي اها آهي ته ديوناگري جي ڀيٽ ۾ اها سنڌي ٻوليءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي، جڏهن ته ديوناگري سنڌ جا هندو وڌيڪ ڄاڻيندا آهن. گرمکي ان ڪري پسند آهي ته يورپي ماڻهو به ان مان واقف آهن. ٻيو ته ان جو بڻ بنياد سنڌي ٻولي آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جو گرمکيءَ سان خاص ڳانڍاپو آهي.

7. منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻولي کي هڪ پنهنجو لکت جو نظام آهي، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان ٻوليءَ جي لکت لاءِ ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ جي اظهار جو ذريعو آهي. جيتوڻيڪ ان جو تعليم ۽ ادب ۾ ڪارج انتهائي محدود آهي، سنڌي ٻوليءَ مٿان ڌاريي ملڪ جي لکت جو نظام مڙهڻ نه گهرجن. خدا وادي لپيءَ حيدرآباد جي آسپاس وارين ايراضين ۽ ملڪ جي ٻين حصن ۾ اڳئي سنڌي واپاري ڪتب آڻيندا آهن.

8. خدا وادي  لپي سنڌيءَ جي خاص پنهنجي ۽ نرالي لپي آهي، جيڪا صدين کان وٺي انهيءَ ٻوليءَ لکڻ لاءِ استعمال ٿيندي پئي اچي. انهيءَ لپيءَ جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو لکت ۾ به نرالو وجود قائم رکي سگهبو خدا وادي ، ديوناگري  اکرن کي ڇڙبو آهي . ديوناگري لپي  جي الف بي  سنسڪرت مان ورتل آهي، جيڪي پنجابي ۽ گجراتي  ٻولين سان ملن جلن ٿا. اها لپي  واپاري ۽ ، منشي رسيدن ۽ باندن جي استعمال  لاءِ ڪتب آڻيندا آهن.

9. ان کان اڳ جو خدا وادي  (ديوناگري اکر) کي اپنائجي . مناسب ٿيندو  ته ان ۾ ضروري ترميمون ڪجن، ته جيئن  اها عام  استعمال لاءِ بهتر ٿي پوي. الفابيٽ اها ٿي بهتر هوندي جيڪا ٻولي وانگر پاڻ سنسڪرت  مان اپري اهڙو نمونو ۽ سگهه وٺي جيئن  ان جون ساٿياري ٻوليون پنجابي ، گجراتي ۽ ٻيون  ٻوليون ساڳي خاندان سان تعلق رکن ٿيون. ان خط ۾ فقط واپاري پنهنجو  حساب ڪتاب ۽ وصوليون  لکندا آهن. ان  الفابيٽ ۾ ڪو به ادبي ڪتاب لکيل ڪو نه آهي.ان جا حرف صحيح سنڌي ٻوليءَ جي سيني آوازن لاءِ بلڪل مناسب آهن، جيڪي حروف علت جي شامل ڪرڻ سان مڪمل ٿي ويندا.

10. ان سلسلي ۾ مان خدا وادي  لپيءَ ۾ سنڌي آوازن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪي نشانيون لڳائي ڇڏيو آهي،اضافي حروف علت گرمکيءَ مان کنيا ويا آهن، جن مان عام  ماڻهو اڳي ئي واقف هئا. پر اهي گهٽا ڪين آهن نه وري اچارڻ ۾ گهڻو تفاوت اٿن، اهي نشانيون بلڪل ضروري آهن. گرمکي حروفن سان اصلاح ڪيل الفابيٽ عام  ماڻهن جي لکڻ جي لائق ٿي پوندي ۽ جيڪي اڳ  ئي گرمکيءَ مان واقف آهن، انهن کي خدا وادي  پڙهڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿيندي".[4]

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ  پنهنجي ڪتاب Language Grammar of Sindhi ۾ سنڌي لپيءَ  جي مختلف لپين جا نمونا چارٽن جي صورت ۾ ڏنا آهن، اهي چارٽ هتي  ڏجن ٿا.




(کپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)




(ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)



(ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)




(ڪئپٽن جارج اسٽڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)



(ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)



(ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي گرامر' ۾ آيل چارٽ)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي هنن چارٽن جي باري ۾ برک مورخ ۽ محقق مائيڪل بوون لکيو آهي ته: "ڪئپٽن اسٽئڪ جي جوڙيل چارٽن کي جاچڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن لپين ۾ ڪو به گهڻو فرق نه آهي. فقط نالا الڳ اٿن. اسٽئڪ اهي چارٽ هٿ سان جوڙيا آهن. ڇاڪاڻ ان وقت انهن چارٽن کي لکڻ لاءِ ڪا به پريس موجود ڪا نه هئي.ان جو مطلب اهو ٿيو ته ان وقت تائين اهي لکتون فقط قلمي نسخن يا اڪريل صورتن ۾ موجود هيون".(۵)

## سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل پاران خدا واديءَ جي حمايت

سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل وٽ لپيءَ جي مسئليڪي طئي ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهربل رپورٽون جمع ٿيون، 26 اپريل 1849ع تي هن بمبئي پريزيڊنسي کي خط لکي، رهنمائي جي لاءِ عرض ڪيو. هن لکيو ته: "مان ليفٽيننٽ برٽن جي پلان تي گهڻو ويچاريو ڪيو آهي ۽ آءُ سمجهان ٿو ته عربي- سنڌي رسم الخط سنڌ ۾ ناقابل استعمال رهندو. سواءِ ڪجهه پڙهيل لکيل سنڌين جي، سڀئي سنڌي ان کي فارسي ۾ لکي ۽ پڙهي نه ٿا سگهن. ان کان علاوه اڪثر عملدارن جو خيال آهي ته سنڌي ٻولي، هندو ٻڻ بنياد مان آهي، ان ڪري ان لاءِ رسم الخط به ان نسل مان هئڻ گهرجي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پاران ڏنل سنڌي لپي جي سلسلي واري صلاح وڌيڪ مناسب آهي، جنهن کي وڌيڪ بهتر ڪري اختيار ڪري سگهجي ٿو".(۶)

## بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪلئنڊ پاران خدا واديءَ جي حمايت

بمبئيءَ جي گورنر پنهنجي ويچارن ۾ 'خدا وادي' جي حمايت ڪندي فائيل کي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ڏانهن موڪليو. هن پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو ته: "مان ان ڳالهه سان به سهمت ڪريان ٿو ته 'سنڌاريل خدا وادي' کي سنڌي ٻولي لاءِ اپنايو وڃي. منهنجي راءِ ۾ اها ڳالهه به وزن رکي ٿي ته خدا وادي سنڌ جي مقامي الفابيٽ آهي ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ جي راءِ مطابق ان کي بهتر ڪرڻ لاءِ مختصر درستگيون درڪار ٿينديون. مقصد اهو آهي ته غير فطري ۽ زبردستي مڙهيل سسٽم جي جاءِ تي فطري

الفابيٽ جو سسٽم آڻجي. عربي الفابيٽ جو ڪيس ڪمزور آهي. مان برٽن جي خدا وادي جي مخالفت سان متفق نہ آهيان. عربيءَ جو استعمال وچولو ۽ قطعي طور تي ڏکيو هوندو. هڪ نئين الفابيٽ جي سسٽم کي ناهڻ لاءِ وڏي محنت وارو ڪم ڪرڻو پوندو. هڪدم عام استعمال ۾ ايندڙ الفابيٽ جي ڪاميابي مشڪوڪ ٿي پوندي. برٽن جي تجويز ڪيل 'نسخي خط' مقامي نہ آهي، جيتوڻيڪ سڀ مسلمان ان کي پڙهي سگهندا هجن. پر سڀئي پڙهيل سنڌي (سواءِ سرڪاري آفيسرن جي) فقط فارسيءَ جي خط نستعليق کي پڙهي ۽ لکي سگهن ٿا. ان کان علاوه برٽن جي راءِ گهٽ ڪري ادبي حوالي سان آهي، جيڪا عام ماڻهن جي لحاظ کان ناقابل عمل آهي. اسان کي اهڙو لکت جو نظام گهرجي جنهن سان سرڪاري ڪاروبار هلائي سگهجي".[7]

## ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جو فيصلو

8 ڊسمبر 1852ع ۾ ايسٽ انڊياڪمپنيءَ جي عملدارن پنهنجو فيصلو بمبئي حڪومت کي موڪلي ڏنو. هنن لکيو تہ: "سڀ کان پهرين ذڪر ڪيل آفيسر (برٽن) عربي يا نسخي الف-ب جي پرٿواري ڪئي آهي. سنڌي لفظن جي اظهارلاءِ سندس دليل آهي تہ موجوده سنڌي جو مقبول ادب ان خط ۾ لکيو ويو آهي. اهو مقامي تعليم يافتہ ماڻهن لاءِ سمجهڻ آسان هوندو. جاڪاڻ تہ اهي فارسي نستعليق ۾ لکندا آهن. ان ڪري ان کي اخذ ڪرڻ ۾ سڀ کان پهرين ٿورين تبديلين ۽ واڌارن جي ضرورت پوندي. ٻئي طرف ڪئپٽن اسٽئڪ جو ميچڻ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اوڻاٽ کي ڪنهن بہ ٻاهرين ٻوليءَ جي خصوصي آوازن سان، بنا ڪنهن تڪليف جي پورو پري سگهبو ۽ ڪنهن بہ ٻاهرين ٻوليءَ جي خصوصي آوازن سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو. هو تجويز ڪري ٿو تہ خدا وادي خط کي قبول ڪجي ۽ ان ۾ حروف تهجي جي کوٽ گجراتي يا گُرمکي الف-ب مان پوري ڪري سگهجي ٿي. هنن وڌيڪ لکيو تہ "اسان گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ عربي خط اپنائڻ جي مؤقف جي حمايت ڪيون ٿا".[8]

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي متئين حمايت جي آڌار تي مارچ 1853ع ۾ سنڌ سرڪار ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جي ڪميٽي ناهي 'عربي-

سنڌي' الف- بي جوڙي. اسان جي تحقيق موجب ڪميٽيءَ ۾ هيٺيان ميمبر شامل هئا:

**ڪميٽيءَ جي سرڪاري ميمبرن جا نالا**

1. بي ايچ ايلس: اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ (تعليم کاتي جو انچارج)-نگران
2. هينري گولڊ سمڊ، اسسٽنٽ ڪمشنر جاگير کاتو
3. ڪئپٽن ڊسٽنرول، ڊپٽي ڪليڪٽر ڪراچي

**ڪميٽيءَ جي ڏيهي ميمبرن جا نالا**

1. نارائڻ جگن ناٿ وئديه
2. منشي ننديرام ميراڻي
3. منشي پريداس آنند رام
4. منشي اڌارام ٿانورداس
5. منشي ميران محمد شاهه
6. ميان محمد
7. قاضي غلام علي
8. منشي غلام حسين قريشي

نئين لهيل الفابيٽ کي سرڪاري طور تي جولاءِ 1853ع ۾ اسڪولن، آفيسن، ڪورٽن، پوليس کاتي، جاگير کاتي سميت سڀني سرڪاري ڪاروبار ۾ نافذ ڪيو ويو. پر عربي سنڌي جي سرڪاري طور رائج ٿيڻ سان خدا وادي کي سرڪاري سرپرستيءَ ۽ سرڪاري طور رائج ڪرڻ وارو بحث ختم نه ٿيو پر، بلڪ اهو بعد ۾ به جاري رهيو.

## حوالا


1. James C. Mechvill: Reports of Sir George Clerk, on the Administration of Scinde; with the appendices thereto, and all Reports of Mr. Pringle and of Mr. Frere, 1854
2. Mallah, Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017,P-75
3. برٽن، رچرڊ: "سنڌ ۽ سنڌي ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" (مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ. ڄامشورو.1971ع. ص 141، 142
4. Mallah, Mukhtiar Ahmed: The Development of Sindhi Language and Script under Early English Administration". Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, P-80-82
5. Boivin, Michel, Professor: "A Note on Khudawadi- A Vanishing Script of Sindh", Journal of Historical Society, 2015, P -8
6. Mallah, Mukhtiar Ahmed: "Development of Sindhi Language and Script during English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017, P-P-87
7. ساڳيو حوالو ص 129
8. ساڳيو حوالو ص 164، 166

# خدا وادي لپيءَ جي سرڪاري طور قبوليت لاءِ هلچل

جولاءِ 1853ع ۾ جڏهن عربي سنڌي الفابيٽ کي سرڪاري طور تي اسڪولن، آفيسن، ڪورٽن ۽ ٻين ڪاتن ۾ نافذ ڪيو ويو، تڏهن مسلمان استادن ، عالمن ، ڪيترن انگريز اهلڪارن، ۽ خود هندو ودوانن اهو سمجهيو ته سنڌ ۾ لکت پڙهت جي نظام اچڻ بعد شايد اهو مسئلو هائي هميشه لاءِ حل ٿي ويو. ان دور ۾ مسلمان تعليم جي ميدان ۾ پوئتي هئا، نوڪرين ۾ هندو وڌيڪ هوندا هئا، اديبن ۽ استادن ۾ به هندو سنڌين جي اڪثريت هئي. پر هندو ودوانن، واپارين، دڪاندارن ۽ سياسي اثر رسوخ رکندڙن عربي سنڌيءَ جي فيصلي کي دل سان قبول نه ڪيو ۽ خدا واديءَ کي سرڪاري قبوليت ڏيارڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر هلچل شروع ڪئي. ان هلچل جا هيٺيان سبب هئا:

### 1) هندو ڪميونٽيءَ جي هلچل

انگريزن جي دور ۾ سنڌ جي هندو ڪميونٽيءَ کي مسلمانن تي بالادستي حاصل ٿي چڪي هئي. ڪاروبار ۾ هندو واپاري ديس پرديس ۾ مشهور ٿي ويا هئا، ان ڪري انگريز سرڪار وٽ سندن اثر رسوخ تمام گهڻو هو. جڏهن عربي سنڌي الف بي متعارف ٿي ته هندو ڪميونٽيءَ ان فيصلي کي قبول نه ڪيو. ان سلسلي ۾ سرڪاري رپورٽون رڪارڊ تي موجود آهن. هڪ مثال ان دور جي سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر جي. جي. مور جي رپورٽ مان به ملي ٿو. هن لکيو ته: "اهو هر هڪ کي معلوم آهي ته سنڌ جو وڏو حصو هندو آدمشماريءَ تي مشتمل آهي، جيڪي گهڻو ڪري واپاري ۽ دڪاندار آهن، اهي سرڪاري آفيسن ۾ هلندڙ ۽ اسڪولن ۾ هلندڙ عربي سنڌي لکت جي خلاف آهن."[1]

ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي لکيو آهي ته: "جڏهن انگريزن جي قبضي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي انتظامي طور رائج ڪيو ويو ته برطانوي نياڪڙيءَ، قابل عالمن ۽ گرامر جي ماهرن جي راءِ جي ابتڙ سنڌي لاءِ عربي

لپيءَ کي سرڪاري لپيءَ طور لاڳو ڪيو. ان وقت سنڌي هندن پاران انهيءَ خلاف هلچل هلي، جنهن جي نتيجي ۾ انگريز سرڪار اصلوڪي سنڌي (خدا وادي) کي ٻي لپي طور منظور ڪيو. جيڪا سنڌ اندر ميونسيپل اسڪولن ۾ پڙهائڻي هئي".[2]

راڪيش لڪاڻي به ان سلسلي ۾ معلومات ڏيندي لکيو آهي ته: "سنڌ ۾ انگريزن کان اڳ دفتري ٻولي عربي توڙي فارسي هئي. جن کي نوڪريون ڪرڻيون هونديون هيون، اهي عربي ۽ فارسي پڙهيا.باقي رهيا واڻيا ته هنن لاءِ واڻڪي ئي سٺي . ايئن به سندن لاءِ لپي جيتري ڳجهي هجي اوترو ئي سٺو. پر جڏهن سنڌ ۾ مسلمانن جو راڄ ختم ٿيو ۽ سنڌي ٻولي تسليم ٿي ته صحيح لپي لاءِ ضرورت محسوس ٿي. تن ڏينهن ۾ سنڌ سنسڪار سڀا پاران سنڌي واڻڪي بابت جام جدوجهد ڪئي وئي. سندن پاران اها ڪوشش ڪئي وئي ته واڻڪي کي ئي سنڌي ڀاشا جي ٻولي تسليم ڪجي".[3]

## 2) سامراجي حڪمت عملي : "ورهايو ۽ حڪومت ڪيو"

هندو ڪميونٽيءَ جي هلچل ته پنهنجي جاءِ تي پر، انگريز سرڪار جي سموري هندستان ۾ اها ئي حڪمت عملي هوندي هئي ته هندن ۽ مسلمانن کي مذهبن، عقيدن ، ٻولين ، لهجن ۽ رسم الخطن جي بنياد تي ورهائي مٿن حڪومت ڪئي وڃي. انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي لکت کي "هندو سنڌي" ۽ "عربي سنڌي" جي نالن ۾ ورهائي لپين جا نوان اصطلاح ايجاد ڪيا. 1853ع ۾ عربي سنڌيءَ جي سرڪاري نفاذ کان پوءِ بمبئي حڪومت جو عملدار سي. جي. ارسڪن پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ لکي ٿو ته: "سنڌي زبان کي سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ ملڪ ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي ۽ ورنيڪيولر (مقامي) اسڪولن ۾ پڻ سنڌي ۾ پڙهائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پر هندو مسلم جي تفاوت جي ڪري ضروري آهي ته مسلمانن لاءِ 'عربي سنڌي اسڪول' ۽ هندن لاءِ 'هندو سنڌي اسڪول' کولجن. انهن ۾ پڙهائڻ واسطي 'عربي سنڌي خط' ۽ هندن لاءِ 'هندو سنڌي خط' (خدا وادي) ۾ هوندو".[1]

هنن اهڙو ٻج پوکيو جنهن سان هندو ۽ مسلمان سنڌي ٻن مختلف سياسي نظرين ۽ پليٽ فارمن ۾ ورهائجي هڪ ٻئي جي مخالفت ڪرڻ لڳا.

**3) انگريز عملدارن ڪي ديوناگري جي معلومات هئڻ**

انگريزن سترهين ۽ ارڙهين صدين کان وٺي هندستان ۾ پنهنجا پير پختا ڪري ورتا هئا. هندستان ۾ رهندي هو ديوناگري ، گرمکي وغيره جا امتحان پاس ڪري دسترس حاصل ڪري وٺندا هئا. هنن مان ڪيترائي اهڙا به هئا، جن سنڌ جي جاگرافي، سنڌو درياهه ، سياست ، سماج، ٻولي، گرامر وغيره تي ڪيترائي ڪتاب ۽ رپورٽون تيار ڪري ورتيون هيون. سنڌ ۾ ايندڙ انگريز عملدار ديوناگريءَ ۾ امتحان ڏيڻ ۾ آسانيءَ سمجهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو ڪئپٽن اسٽئڪ، ڊڪسن، ڪئٽ پرنگل، ڪئپٽن ايسٽوڪ، لارڊ فاڪلئنڊ، سي.جي ارسڪن، ڪئپٽن ينگ هسبنڊ، ڪئپٽڻ مارسٽن ۽ ٻيا انگريز اهلڪار چاهين پيا ته سنڌ ۾ خدا وادي لپي کي سرڪاري طور نافذ ڪجي. 1819ع ۾ "متي" نالي سان بائيبل مان "سينٽ مٿيوز" جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ ترجمو شايع ڪيو. هينري واٿين سنڌي ٻوليءَ جو گرامر (A Grammar of Sindhi Language) انگريزيءَ ۾ لکيو. هينري واٿين جو ڪتاب سال 1836ع ۾ ڇپيو. رابرٽ ليچ هندستان جي حڪومت لاءِ هندستان جي ستن ٻولين ۾ لفظن جي هڪ لغت 1838ع ۾ لکي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ شامل هئي.

8 آڪٽوبر 1851ع تي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر سنڌ جي ڪليڪٽرن ۽ ٻين آفيسرن کي خط لکيو ته:"بمبئي سرڪار عارضي طور عربي سنڌي الفابيٽ جي اجازت ڏني آهي، ان ڪري ان کي آفيسن ۾ استعمال ڪيو وڃي. ان خط جي جواب ۾ ڪيس ٹرپارڪر جي ڊپٽي ڪليڪٽر لکي موڪليو ته "سندس ضلعي ۾ گجراتي ڪاميابيءَ سان هلندڙ آهي، ان ڪري هو عربي سنڌي الفابيٽ استعمال ڪرڻ کان لاچار آهي، ان ڪري سندس ضلعي ۾ 'عربي سنڌي' الفابيٽ پڙهائڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي".[5] اهو فيصلو بعد ۾ سنڌ سرڪار، ان خط جي روشنيءَ واپس ورتو ويو.

# حوالا


1. Report By J. G. Moore, Esq., C.S., Educational Inspector In Sind, For 1868-69

2. ڏاسواڻي، چندر جي، ڊاڪٽر: "ٻقا جي لپي"، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، سنڌي ٻولي اٿارٽي، حيدرآباد، اپريل جون، 2009ع، ص 64

3. لڪاڻي، راڪيش: "واڻڪي هٽ وسريل لپي" (انٽرنيٽ تان کنيل)

4. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1857-58. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla. 1859, P-389

5. Mallah, Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017,P-150

# خدا وادي آئيوينا جي جوڙجڪ لاءِ سرڪاري ڪوششون

سنڌ جي هندو ڪميونٽي جي اثر رسوخ ۽ خدا وادي جي سرڪاري مڃتا لاءِ هلايل هلچل رنگ لاتو بمبئي سرڪار سنڌن پراڻي گهر ڪي ڏرمي، انتظامي ، ڪاروباري ۽ تعليمي بنيادن جو جواز ڄاڻائيندي سنڌ جي حڪومت کي احڪامات جاري ڪيا ته خدا وادي جي قابل قبول الفابيٽ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن. هتي، اسان ان ڏس ۾ ڪيل ڪوششن جو جو مختصر جائزو وٺنداسين:

## سر بارٽل فريئر جون ڪوششون

سر هينري بارٽل فريئر 1834ع ۾ لسانيات ۽ انتظامي معاملن جو امتحان پاس ڪري سول سروس ۾ ليکڪ طور ملازمت اختيار ڪئي. 1850ع ۾ انگريز سرڪار بارٽل فريئر کي سنڌ جو ڪمشنر مقرر ڪيو. بارٽل فريئر هڪ ذهين، محنتي، ترت فيصلا ڪندڙ ارادي جو پڪو شخص هو. هن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ تيزيءَ سان اقتصادي ترقي ٿي. سنڌ ۾ زرعي ۽ آبپاشي ترقيءَ لاءِ واهه کوٽيا ويا ۽ سکر بئراج لاءِ ڪميشن جوڙي ويئي. سنڌ ۾ پوسٽل نظام وجود ۾ آيو. فريئر ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي تجارتي ميلا منعقد ڪرايا.هن 1850ع کان سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري درجي جو ڪيس وڙهڻ شروع ڪيو جيڪو 1853ع ۾ نافذ العمل ٿيو. 1853ع ۾ عربي سنڌي الفابيٽ کي پهريون دفعو سنڌ ۾ دفترن، اسڪولن ۽ رياستي معاملن ۾ لاڳو ڪيو ويو.ان کان علاوه هن هندو سنڌي الفابيٽ جي نفاذ لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ ان ۾ به ڪامياب ٿيو. هتي بارٽل فريئر ۽ سندس ساٿين جو هندو سنڌي (خدا وادي)الفابيٽ جي جوڙجڪ لاءِ ڪيل ڪوششن جو جائزو وٺنداسين:

### 1. هندوسنڌي الفابيٽ کي نافذ ڪرڻ جي پهرين ڪوشش

بارٽل فريئر جنهن سنڌ ۾ عربي سنڌي جي لکت جو نظام نافذ ڪيو، پر هو خدا وادي لپيءَ جو مخالف نه هو. شروع جي ڪجهه مهينن ۾ هن تجربي طور خدا وادي خط کي سرڪاري طور نافذ ڪيو.ان سلسلي ۾ 8 آگسٽ 1851ع

تي بمبئيءَ حڪومت واضح طور تي سنڌ جي ڪمشنر کي هدايت جاري ڪئي هئي ته سنڌ ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ "ڪئپٽن اسٽئڪ جي تجويز ڪيل الفابيٽ" سنڌي ٻوليءَ جي دستاويزن لکڻ ۽ ڇپائي لاءِ استعمال ڪئي وڃي، جڏهن ته ٻين لپين کي بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي".[1]

مگر پوءِ بارٽل فريئر پنهنجي تجربي جي آڌار تي پنهنجي راءِ تبديل ڪري ڇڏي. هن 6 سيپٽمبر 1851ع ۾ بمبئي حڪومت کي هڪ ٻيو خط لکي عربي سنڌي کي رائج ڪرڻ تي زور ڏنو. هن پنهنجي خط ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ جي رپورٽ جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ لکيو تہ: "مان توهان جي 8 آگسٽ 1851ع واري راءِ کي مناسب سمجهان ٿو اهو رسم الخط ۽ لکڻ جو طريقو يقيناً سڌاريو ويندو ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ نافذ ڪيو ويندو. مون کي ياد ٿو اچي تہ ڪئپٽن اسٽئڪ جو لکت وارو سسٽم ڪنهن بہ هندو-سنڌي مان ٻيا حرف ڪٽي خدا وادي ۾ شامل ڪري پوءِ معياري شڪل ڏيڻي آهي ۽ جڏهن ان ۾ گهڻيون لکڻيون (writings) اچي وڃن، تڏهن ان ۾ اصلاح آڻي عام استعمال لاءِ نافذ ڪري سگهجي ٿي. ڪئپٽن اسٽئڪ جو پلان هن وقت محض مفروضي تي مبني آهي ۽ ان کي قابل استعمال ڪرڻ لاءِ وڏو ڪم ڪرڻو پوندو. هن شايد تفصيلي رپورٽ جمع ڪرائڻ کان اڳ ان ۾ گهڻيون تبديليون ڪيون هونديون".[2]

1853ع ۾ عربي سنڌي خط جي نفاذ کان پوءِ، بارٽل فريئر 9 اپريل 1855ع تي بمبئي حڪومت کي سرڪاري طور 'هندو-سنڌي' اکرن (خدا وادي) جي متعارف ڪرائڻ جي منظوري گهري. هن خط ۾ لکيو تہ: "مون کي يقين آهي تہ هاڻي سنڌ جا مقامي ماڻهو پنهنجو ڏنڌو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪندا ۽ ان کي انهيءَ خط ۾ لکندا. جنهن کي سڀئي پڙهيل مسلمان ۽ هندو جن جي ( ¼ ) حصو آدمشماري ۾ حصو آهي. انهيءَ خط کي آسانيءَ سان سمجهي سگهندا ۽ لکي سگهندا هوندا. مگر اهو بہ ضروري آهي تہ هندن کي ذاتي لکڻ، پڙهڻ ۽ حساب ڪتاب لاءِ پنهنجو لکڻ جو نظام هئڻ گهرجي. جيئن تہ انهن کي ڪيترائي علائقائي اکر آهن، جيڪي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ بہ هڪ ٻئي

ڪي سمجهه ۾ نه ٿا اچن، انهن ڪي گجراتي اکرن سان بهتر ڪيو ويو ۽ ان کي هندن لاءِ سرڪاري طور متعارف ڪيو ويو".[3]

2 بمبئي پريزيڊنسي جي عملدار سي.جي. ارسڪن سان لکت پڙهت

سنڌ ۾ هندو سنڌي الفابيٽ تي ، سنڌ جو ڪمشنر مسلسل بمبئي سرڪار سان رابطي ۾ رهندو آيو ۽ ڪم تي ٿيندڙ پيش رفت بابت کين آگاهه ڪندو رهندو هو. ان سلسلي ۾ بمبئي حڪومت جي تعليم جي عملدار سي. جي. ارسڪن، ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن، بمبئي سرڪار جي نمائندگي ڪندو هو۽ سنڌ جي ڪمشنر سان لکت پڙهت ڪندو هو ان سلسلي ۾ هن سنڌ حڪومت کي 12 فيبروري 1856ع ۾ خط لکيو جنهن ۾ سنڌ ۾ الف-بي جي نفاذ بابت پاليسي کي واضح ڪندي لکيو ته: "موجوده حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ هندو ۽ مسلمانن جي تفاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مسلمانن لاءِ عربي-سنڌي اسڪول ۽ هندن لاءِ هندو-سنڌي اسڪول هجن ۽ اتي سنڌن ڏرمي لپين ۾ پڙهايو وڃي، جيڪي عربي ۽ خدا وادي هوندا. هن وڌيڪ لکيو ته مسٽر فريئر جيڪو سنڌي زبان جي لکت لاءِ مسلمانن جو عربي ۾ ۽ هندن جو ديوناگري ۾ ٺهراءُ جمع ڪرايو آهي، اهو بلڪل انصاف تي ٻڌل آهي".[4]

3. جنوري 1855ع وارو سنڌ جي ڪمشنر جو حڪم نامو

بمبئي حڪومت، سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر جي نئين حڪمت عمليءَ جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ مئي 1855ع ۾ بارٽل فريئر جي نئين منصوبي: 'عربي سنڌي' سان گڏو گڏ 'هندو سنڌي' الفابيٽ جوڙڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي هئي. ان کان اڳ 8 جنوري 1855ع ۾ پنهنجي سيني ڪليڪٽرن کي سرڪيولر جاري ڪري "هندو-سنڌي" (هندو سنڌي لپي)جي ممڪنه الف- ب لاءِ چارٽ موڪلڻ جي گهر ڪئي. هن سرڪاري خط ۾ چيو ويو ته:

1) توهان کي گذارش ڪندي خوشي ٿي رهي آهي ته توهان پنهنجي سرڪاري مصروفيت دوران ڪنهن به هوشيار هندوءَ سان رابطو ڪري ڪيس سرڪاري الف بي (عربي سنڌي) جي ڪاپي ڏيکاريندي، هندو سنڌي اکرن جو هڪ اهڙو چارٽ جوڙائيندا، جنهن ۾ هڪ پاسي 'عربي سنڌي اکر' ۽ ٻئي

پاسي ’هندو سنڌي اکر‘ هجن. جيڪي توهان مطابق هندو اکر، عربي اکرن جي متبادل. هر آهنگ ۽ قابل قبول هجن ۽ جدا جدا لسٽن ۾ اکر هئڻ گهرجن، انهن جون ٽي (03) مختلف صورتون : شروعاتي، ثانوي ۽ آخري ڏنل هجن.

2)جڏهن ڪنهن هندو اکر جو متبادل اکر موجود نہ هجي ، تڏهن اهو ديوناگري، گرمکي، گجراتي، مراٺي، مودهي يا ڪنهن بي الفابيٽ مان اڌارو ڪٽي سگهجي ٿو يا ڪو بہ نئون اکر پنهنجي طرفان جوڙي سگهجي ٿو.

3)اهو مناسب رهندو تہ جنهن آفيسر جي راءِ طلب ڪئي وئي آهي، اهي ڏيان سان يقين ڪن تہ چارٽ جوڙيندڙ هڪ قابل ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي قابليت سان هندو سنڌيءَ جو چارٽ جوڙيندو. جيئن هو عربي سنڌي الف بي جو چارٽ بہ آساني سان ٺاهي سگهندڙ هوندو“.[5]

سنڌي جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي احڪامن کي قابل عمل ڪرائڻ لاءِ سندس معاون / اسسٽنٽ ڪمشنر بي.ايچ ايلس ڪوششون ورتيون. ان کان پوءِ اهي ذميواريون مسٽر فريڊرڪ ليسٽر جي مٿان آيون. انهن جو ذڪر هتي ڏجي ٿو:

## بي. ايچ. ايلس جون ڪوششون

سر بيرو هربرٽ ايلس (1823-1887ع) ، سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر جو اعتماد رکندڙ آفيسر هو ۽ فريئر جي غير موجودگيءَ ۾ سنڌ جي ڪمشنر جا فرائض بہ انجام ڏيندو هو. ساڳئي وقت سنڌ ۾ تعليم کاتي جو انچارج بہ هو. هن صاحب سنڌ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ، سنڌي رسم الخط، سنڌي درسي ۽ ادبي ڪتابن جي ڇپائي، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي بابت علمي ڪم، سنڌ ۾ اسڪول کولرائڻ، استاد مقرر ڪرڻ جي ڪمن ۾ حصو ورتو. خدا واديءَ جي سرڪاري طور نفاذ جي سلسلي ۾ بي. ايچ. ايلس جي ڪردار بابت سيٺ نائونمل لکيو آهي تہ: ”ڪمشنر جو روينيو نائب مسٽر ايلس، هڪڙو دوررانديش ۽ هوشيار ماڻهو هو ۽ لاجواب حافظي جو مالڪ هو. ۽ هن پهرين لکيل لپي، يعني عربي سنڌي الف بي تيار ڪري سنڌ تي دائمي احسان ڪيو. ان کان اڳ سنڌ جي واپاري طبقي جي هندن کي هڪ آٿيوٽا هوندي هئي، جا تمام ناقص غير مستقل ۽ مخصوص هئي. انهيءَ ڪري سڀ ڪنهن محسوس پئي ڪيو تہ اهڙي ڪا لپي تيار ڪجي، جو عام ڪاروبار لاءِ ۽ گهٽي کان گهٽ ماڻهن جي ڪم اچي. اهڙي الف بي جا هاٿي

صوبي ۾ عام رائج ٿي وئي آهي، ان کي متعين ڪرڻ ۽ شڪل ڏيڻ جو سهرو هن جي سر تي آهي. مسٽر ايلس جي مداحن کي معلوم هجي ته هن جي سنڌ جي تعليم ۾ دلچسپي، سنڌ ۾ رهڻ واري عرصي تائين ڪانه هئي، 1869ع ۾ جڏهن هندو سنڌي يا واڻڪن اکرن کي سنڌ جي اسڪولن ۾ رائج ڪرڻ ۽ انهن ۾ ترميمن ڪرڻ جو سوال زير بحث هو، تڏهن به هن ان معاملي ۾ گهڻي دلچسپي ورتي هئي."[۶] ايلس 1855ع ۾ سنڌ جي تعليم بابت هڪ رپورٽ ناهي، جنهن ۾ هن 'خدا وادي خط' جي حمايت ڪئي. هن واضح طور تي جيڪا خداوادي لاءِ رٿا ڪئي هئي، اها تعليم جي حصول کان علاوه خدوادي کي آفيسن ۾ متعارف ڪرائڻ جي به هئي. هن رپورٽ جي پيرا نمبر 43 ۾ لکيو آهي ته" اسان هندن کي پبلڪ سروس ۾ شامل ڪرڻ ۾ نظرانداز ڪري به ٿا سگهون ۽ ڪين سندن ٻوليءَ جي لکت جي نظام 'هندو سنڌي' کان به محروم رکي نه ٿا سگهون. جنهن کي مسلمان ڪڏهن به قبول نه ڪندا. جڏهن ته هندو تمام وڏي تعداد ۾ آهن ۽ اثر رکندڙ ڪميونٽي به آهن. اهي ڪڏهن به نه چاهيندا ته اسان سندن گهر کي نظرانداز ڪري ڇڏيون. هن پيرا نمبر 44 ۾ لکيو ته: "خدا وادي خط اختيار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ ڪتاب شايع ڪيو وڃي ۽ ان جي پڙهائڻ جو بندوبست ڪجي ته ڪنهن کي ان ۾ ڪو به اعتراض نه ٿيندو. ان خط جي ڪئپٽن اسٽئڪ به حمايت ڪري چڪو آهي. ان ۾ ٿورين ضروري تبديلين سان الف-بي تيار ٿي ويندي، جنهن کان پوءِ ان کي سنڌي جي لکت لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو."[۷]

ڊاڪٽر عظيم الشان حيدر خدا واديءَ جي منظوري لاءِ لکي ٿو ته "بٿرو ايلس جنهن سن 1853ع ۾ نئين عربي سنڌي صورت خطيءَ جي تياريءَ ۾ موچارو حصو ورتو هو، ديوناگري سنڌي صورت خطيءَ جي اصلاح ۾ پڻ گهڻي دلچسپي ورتي."[۸]

## ڪمشنر آفيس جي سرڪاري حڪم نامي تي ضلعي آفيسرن جا جواب

سربارٽل فريئر جو حڪم نامو سڄي سنڌ ۾ پهچي ويو ۽ ڪليڪٽرن اهو سرڪيولر پنهنجي ڊپٽي ڪليڪٽرن کي موڪليو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن وري پنهنجي ماتحت آفيسرن ۽ منشين کي موڪلي ڏنو. هندو سنڌي الف بي جوڙڻ جو ڪم بلآخر هندو منشين تي رکيو ويو. انهن پنهنجي ذهانت سان هندو سنڌي الف بي جا رٿيل

چارٽ جوڙي موڪلي ڏنا. هتي اسان سنڌ جي ڪليڪٽرن پاران جوڙيل چارٽن ۽ سنڌن خطن جي متن جو جائزو وٺنداسين ته جيئن خبر پوي ته ضلعي ۽ تعلقي جا عملدار هڪ نئين الفَ بي جي باري ۾ ڇا سوچي رهيا هئا.

هن سرڪيولر ڪي جاچڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر پنهنجي ماتحت آفيسرن يعني ڪليڪٽرن کان گهر ڪئي ته هو هندو سنڌي الفابيٽ تجويز ڪن. ڪليڪٽرن وري پنهنجي ماتحت ڊپٽي ڪليڪٽرن کان گهر ڪئي ته هو پنهنجي مقامي ملازمن خاص طور تي منشين کان، جيڪي ذاتي طور ڄاڻو ۽ قابل هجن، اهي اهڙو چارٽ جوڙي، جنهن ۾ مروج عربي سنڌي ۽ هٽي پاسي تجويز ڪيل هندو سنڌي اکر هجن. هتي اسان انهن جا جواب ۽ سنڌن پاران موڪليل چارٽن جو جائزو وٺنداسين:

## جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

سنڌ جي ڪمشنر جي سرڪيولر جو جواب سڀ کان اول جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جون اسٽون ڏنو. هن 30 مارچ 1855ع تي خط لکي ڪراچي جي ڪليڪٽر کي آگاهه ڪيو ته: "جڏهن توهان جو خط موصول ٿيو، جنهن سان ڪمشنر جي خط ، نمبر70، تاريخ 8 جنوري 1855ع جي ڪاپي پڻ منسلڪ ٿيل هئي، ان وقت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ منهنجي گهر ۾ ملاقات لاءِ موجود هو. مان سندس موجودگيءَ جو فائدو وٺندي، کانس گهربل معلومات جي سلسلي ۾ ڄاڻ حاصل ڪئي. هن وڏي قرب سان موڪليل چارٽ کي پريو ، جيڪو هاڻي مان پيش ڪندس. هندو اکر جيڪي لکيا ويا آهن، اهي گهڻا خراب لکيل رهيا آهن، مون کي خبر آهي ته دستاويز غلطين سان ڀريل آهن. پر مون کي يقين آهي ته توهان جي گهربل معلومات کي پڻ سارا هيندا". [٥]

جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جون اسٽون پاران موڪليل چارٽ ۾ گرمکي، ٺٽائي، حيدرآبادي خطن وغيره جا نمونا ڏنا ويا آهن. سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته سندس چارٽ ۾ نالي واري عالم ارنيسٽ ٽرمپ جو تجربو به شامل هو. ارنيسٽ ٽرمپ، بي . ايچ ايلس پاران جوڙيل الف بي جي خلاف هو ۽

پنهنجي طرفان هڪ نئين الف بي جوڙيو ويئو هو. سنڌس موجودگي ڪئپٽن جون اسٽون لاءِ انتهائي اهم هئي.




(جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جون اسٽون جو موڪليل چارٽ)




(جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جون اسٽون جو موڪليل چارٽ)

## سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

اُن وقت سيوهڻ جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ڊسٽنرول (1820-1865ع) هو. جيڪو سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو هو. جڏهن سنڌس ترقي ٿي هئي ته ڪيس ڪراچي جو ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو جتي هو ڇهه سال رهيو. هو عربي سنڌي الف بي جي اصلاح واري ڪميٽيءَ ۾ سرڪار طرفان ميمبر پڻ هو. 1854ع ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڊڪشنرين جي اشاعت بابت ڪميٽيءَ جو نه فقط ميمبر هو، بلڪه ان کي ديوناگري خط مان عربي سنڌي ۾ آڻڻ جو ڪم به هن جي حوالي هو.هن 26 اپريل 1855ع ۾ ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي معرفت هندو سنڌيءَ جو چارٽ سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن موڪلي ڏنو. هن لکيو ته: "ڪمشنر جي خط نمبر 70 ، تاريخ 8 جنوري 1855ع جي حوالي سان توهان جو خط نمبر 80، تاريخ 30 فيبروري 1855ع مليو. مون کي شرف آهي ته مان هندو سنڌيءَ جو هڪ نمونو موڪلي رهيو آهيان، جنهن جي ڀئي پاسي عربي سنڌي جو چارٽ (جيڪو صوبي ۾ هلندڙ آهي)، ڏنل آهي." (١٥)

ڪئپٽن ڊسٽرن وائيل جو جوڙيل چارٽ سيني ڪان آسان ۽ ڪمشنر پاران گهريل گهرجن مطابق هو. هن پنهنجي الف بي جي اسڪيم کي سولو ۽ مطلب مطابق رکيو. هن چارٽ جي هڪ پاسي سرڪاري طور مروج عربي سنڌي اکرن ۾ الف-ب جي پٽي ڏني ، هر هڪ اکر جي سامهون ان سان ٺهڪندڙ لفظ ڏنو آهي، جيئن الف-اکر ، ب-بار، ٻ-ٻوڙ، ت – تلوڪ، ٽ – ٽانو، ٿ – ٿليو ٺ – ٺاڪر، ث – ثابت وغيره ۽ ٻئي پاسي تجويز ڪيل هندو سنڌي اکر ۾ ساڳيا ئي اکر ۽ لفظ هڪٻئي جي متبادل ۽ هم آهنگ ڪري پيش ڪيا آهن.سندس جوڙيل چارٽ هتي ڏجي ٿو:

47



| | |
|---|---|
| ا | اکس |
| ب | بار |
| ٻ | ٻوڏر |
| ڀ | ڀائي |
| ت | تلوڪ |
| ٿ | ٿاءُ |
| ٽ | ٽلبؤ |
| ٺ | ٺاڪرن |
| ث | ثابت |
| پ | پريد |
| ڦ | ڦٽن |
| ج | جيرام |
| ڄ | ڄانجي |
| خ | خورو |
| ڃ | وڃٹو |
| چ | چاگلو |
| ڇ | ڇيلو |
| ح | حرام |
| خ | خانو |
| د | ديلو |
| ڌ | ڌيرو |
| ڏ | ڏيئو |
| ڊ | ڊکر |

(سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ڊسترول جو موڪليل چارٽ)




(سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ڊسترول جو موڪليل چارٽ)

## شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

ان وقت شاهبندر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ، ڊبليو. آءِ ڪول هو. هو سنڌي زبان جو خاص امتحان به پاس ڪري چڪو هو. هن 4 جون 1855ع ۾ ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي معرفت هندو سنڌيءَ جو چارٽ سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن موڪلي ڏنو. هن لکيو ته: ” توهان جي گذريل مهيني جي ياداشت نامي نمبر 108، جي سلسلي ۾ عرض آهي ته منهنجي سنڌي ٻولي جي ڄاڻ انتهائي محدود آهي، جو مان پنهنجي طرفان ان تي ڪو به رايو ڏئي سگهان. بهرحال، مان هڪ چارٽ پنهنجي منشيءَ کان ٺهرايو آهي، اهو هن خط سان گڏ موڪلي رهيو آهيان“.(11)

ليفٽيننٽ، ڊبليو آءِ ڪول جي منشيءَ جو جوڙيل چارٽ تمام وڏي شيٽ تي ٺهيل هو جنهن کي هتي مختلف حصن ۾ ورهائي پيش ڪيو ويو آهي. جڏهن ته جنهن منشي، چارٽ ٺاهيو ان جو نالو نه ٻڌايو ويو آهي. هن پنهنجي الف بي جي تجويز ڪيل چارٽ جي هڪ پاسي سرڪاري طور مروج عربي سنڌي اکرن ۾ الف-بي جي پٽي ۽ ان جو اچار ڏئي، هر هڪ اکر جي سامهون ان سان ٺهڪندڙ لفظ ڏنو آهي، مثال طور: ا (الف اک، ب (بي) بابو ٻ (ٻي) ٻڪري، پ (پي) پاءُ، ت (تي) تربو ٿ (ٿي) ٿانو، ٽ (ٽي) ٽانڊو، ث (ثي) ثمر، ڀ (ڀي) ڀيءُ وغيره ۽ ٻئي پاسي تجويز ڪيل هندو سنڌي اکرن ۾ ساڳيا ئي اکر ۽ لفظ هڪٻئي جا متبادل ۽ هم آهنگ ڪري پيش ڪيا آهن. هن جي چارٽ جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن سنڌي انگ به شامل ڪيا آهن. ان کان علاوه الف بي سيکارڻ لاءِ فارسي ۽ خدا وادي ۽ ۾ قاعدا ڏنا آهن. سنڌس چارٽ هر لحاظ کان عمدو ۽ معلوماتي هو.



(شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ ڊبليو آءِ ڪرل جو مرڪليل چارٽ)



(شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ ڊبليو آءِ ڪول جو موڪليل چارٽ)



(شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ ڊبليو. آءِ ڪول جو مرڪليل چارٽ)

# نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

نوشهري فيروز ڪي ان دور ۾ ساهتي ڪليڪٽوريٽ چيو ويندو هو. جنهن سال ۾ هندو سنڌي چارٽ جي گهر ڪئي وئي ، ان وقت اتي ليفٽيننٽ. اي. سيمبرٽ. ڊپٽي ڪليڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو. هن پنهنجو چارٽ حيدرآباد جي ڪليڪٽر معرفت ڪمشنر ڏانهن موڪلي ڏنو. هن پنهنجي خط ۾ لکيو ته: " توهان جي خط جنهن ۾ 'هندو سنڌي' الفابيٽ جي حوالي سان ڪمشنر آفيس جي خط نمبر 70 ، بتاريخ 8 جنوري 1855ع جي ڪاپي لڳل هئي، مون کي خوشي آهي ته مان هندو سنڌي الفابيٽ. جنهن جي ٻئي طرف عربي سنڌي اکر پڻ لکيل آهن. اهي موڪلي رهيو آهيان. ان چارٽ ۾ خواهش مطابق هر هڪ اکر جو نمونو ، انهيءَ جي سري مطابق ڏنو ويو آهي. مان پاڻ ايا تائين سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري نه سگهيو آهيان، ان ڪري پاڻ کي اهل نه ٿو سمجهان ته هندو سنڌي اکرن جي عربي سنڌي آوازن جي حوالي سان ڪا راءِ ڏئي سگهان، پر هڪ ڪاپي ٺاهي وئي آهي، جيڪا منهنجي هڪ مقامي منشيءَ انتهائي توجهه سان جوڙي آهي. مون کي يقين آهي ته اهڙو گهربل گهرجون پوريون ڪندي".(12)

هن پنهنجي الف بي جي تجويز ڪيل چارٽ جي هڪ پاسي سرڪاري طور مروج عربي سنڌي اکرن ۾ الف-بي جي پٽي ۽ هرهڪ اکر جي سامهون ان سان ٺهڪندڙ لفظ ڏنو آهي ۽ ٻئي پاسي تجويز ڪيل هندو سنڌي اکر ۾ ساڳيا ئي اکر ۽ لفظ هڪٻئي جا متبادل پيش ڪيا آهن. هن جي چارٽ جي بي خاص ڳالهه اها آهي ته هن هر لفظ جون ٽي ٽي مختلف صورتون : شروعاتي، ثانوي ۽ آخري پڻ ڏنيون آهن.



(نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ سيمبرٽ جو موڪليل چارٽ)



(نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ سيمبرٽ جو موڪليل چارٽ)

## ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

ان دور ۾ ميهڙ ۽ سيوهڻ سب ڊيويزن هوندا هئا. تاريخ : 17 مئي 1855ع تي ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جي. ڪيوري، اتر سنڌ جي ڪليڪٽر (سکر ڪليڪٽوريٽ) ڪي خط لکي آگاهه ڪيو هو ته: "توهان جي جنرل ڪاتي جي خط نمبر 453، 1855ع جي حوالي سان بيان ڪيان ٿو ته مان بندوبست ڪري نه سگهيس ۽ افسوس سان چوان ٿو ته هندو سنڌي الفابيٽ جو چارٽ جوڙائي نه سگهيس، جنهن جي ڪمشنر آفيس گهر ڪئي هئي، پر تمام جلد جوڙائي موڪلي ڏيندس".

بعد ۾ ليفٽيننٽ جي. ڪيوري پنهنجي منشيءَ کان چارٽ جوڙائي اتر سنڌ جي ڪليڪٽر معرفت هڪ نئين خط ذريعي ڪمشنر ڏانهن ڏياري موڪليو. ليفٽيننٽ جيمس، اتر سنڌ جي ڪليڪٽر، ڪمشنر سنڌ کي خط ۾ دير جو سبب ڄاڻائيندي لکيو ته "ليفٽيننٽ جي. ڪيوري، ڊپٽي ڪليڪٽر، ميهڙ جي طرفان 15 مئي تائين چارٽ نه موڪلڻ ڪري دير ٿي وئي جڏهن ته ڪيس هدايت ڪئي وئي هئي ته هو يڪدم ڪاپي موڪلڻ جي تعميل ڪري".[13]

ليفٽيننٽ جي. ڪيوري، ڊپٽي ڪليڪٽر، ميهڙ جي موڪليل چارٽ کي جاچڻ سان خبر پوي ٿي ته هن پنهنجي الف بي جي تجويز ڪيل چارٽ جي هڪ پاسي سرڪاري طور مروج عربي سنڌي اکر ن ۾ الف-ب جي پٽي ۽ ٻئي پاسي تجويز ڪيل هندو سنڌي اکرن ۾ هر لفظ جون ٽي ٽي مختلف صورتون : شروعاتي، ثانوي ۽ آخري پڻ ڏنيون آهن. هن جي چارٽ جي ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته هن هندو سنڌي انگ به چارٽ ۾ شامل ڪيا آهن.



(ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جي ڪيوري جو موڪليل چارٽ)



(ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جي. ڪيوري جو موڪليل چارٽ)



(ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جي. ڪيوري جو موڪليل چارٽ)



(ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ليفٽيننٽ جي. ڪيوري جو موڪليل چارٽ)

## شڪارپور ۽ سکر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو جواب

تجويز ڪيل سيني چارٽن مان وڏيڪ اهم ۽ معلوماتي چارٽ شڪارپور ۽ سکر جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن پي.آر. ولاس، پنهنجي ڪليڪٽر جي معرفت 9 مئي 1855ع تي ڪمشنر ڏانهن موڪلي ڏنو هن پنهنجي چارٽ سان گڏ هندو سنڌي الف بي تي ويچار بہ ڏنا آهن. هو لکي ٿو تہ: "توهان جي ياداشت نامي نمبر 46، 1855ع ۾ آيل هدايت جي پوئواري ڪندي، مون کي اعزاز حاصل آهي تہ مان هندو سنڌي الفابيٽ جي ڪاپي موڪلي رهيو آهيان، جنهن ۾ منهنجي ضلعي ۾ جيڪي بہ هندو خط مروج آهن. انهن جي حوالي سان جوڙيل اکر عربي سنڌي خط مطابق شروعاتي، ثانوي ۽ آخري صورتون ڏنل آهن. اهڙا اکر جيڪي هندو سنڌيءَ ۾ ملي نہ سگهيا، اهي گرمکيءَ مان ورتا ويا آهن. اهڙا نڪتا، جيڪي مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ هلندڙ مختلف هندو نسل جي لپين مان کنيل آهن، اهي هندو سنڌي پنهنجي غير معياري تصوراتي خط کي وڏيڪ بهتر ڪري آساني سان جوڙي اپنائي سگهيا، جنهن ۾ سندن ڪيترائي مذهبي ۽ قانوني ڪتاب لکيل آهن. انهن ساڳين سببن جي ڪري گرمکي جي نظام مان حروف علت جا نڪتا کنيا ويا آهن، جيڪڏهن عربي سنڌي خط جو استعمال وڏيڪ ٿيندو تہ اهو بہ ممڪن آهي تہ هندو سنڌي لپي اهميت حاصل ڪري نہ سگهي.

ديوناگري خط جو استعمال ڏکيو آهي، ۽ اهو گرمکيءَ وانگر آسانيءَ سان استعمال ڪري نہ ٿو سگهجي ، ان سبب ڪري هندو سنڌيءَ جي اوڻاين کي پورو ڪرڻ واسطي گرمکيءَ جو انتخاب ڪيو ويو آهي. هندو سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي اکر آهن ، جيڪي عربي سنڌي رسم الخط ۾ ڪونهن ۽ اهڙن اکرن

ڪي هڪ ڪان وڏيڪ خطن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ شايد مشڪل ٿي پوي، پر هن الفابيٽ (چارٽ) جي مرتب بهرحال سوچيو ته انهن اکرن کي به هن ڪم ۾ ظاهر ڪرڻ گهرجي.“[14]

ڪئپٽن پي.آر. ولاس جي منشيءَ جو جوڙيل چارٽ تمام وڏي شيٽ تي ٺهيل هو، جنهن کي هتي مختلف حصن ۾ ورهائي پيش ڪيو ويو آهي. هن الفابيٽ جو مرتب منشي وينلداس سيوهاڻي هو، جيڪو ڪئپٽن پي.آر. ولاس جي آفيس ۾ فوجداري شعبي ۾ منشي طور ڪم ڪندو هو. سندس باري ۾ ڪئپٽن پي.آر. ولاس پنهنجي سرڪاري خط ۾ ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: ”منشي سنڌي الف بي جي موضوع تي تمام جهجهي معلومات گڏ ڪري چڪو هو. هن ڪئپٽن گولڊسمڊ جي هدايتن تي ڪيترائي عربي سنڌي خط ۾ ترجمو ڪيا هئا . ڪئپٽن پي.آر. ولاس هن جي خدمتن جي عيوض ڪنهن خاص مهربانيءَ جي سفارش پڻ ڪئي آهي. هن چارٽ ۾ شڪارپور، سکر ۽ نوشهري فيروز ۾ مروج ناگري لپين جا نمونا ۽ پنجابي اکرن جا نمونا ڏنا ويا آهن. انهن جي حوالي سان جوڙيل اکر عربي سنڌي خط مطابق شروعاتي، ثانوي ۽ آخري صورتون به شامل آهن. اهڙا اکر، جيڪي ڪيس هندو سنڌيءَ ۾ ملي نه سگهيا، اهي هن گرمکي لپيءَ مان ورتا آهن. مرتب موجب خدا وادي لپيءَ جي اوڻاين کي پورو ڪرڻ واسطي گرمکيءَ جو انتخاب ڪيو. هن جي چارٽ جي اها خاص ڳالهه اها آهي ته الف بي سيکارڻ لاءِ سنڌي ۽ خدا وادي خطن ۾ قاعدا پڻ بيان ڪيا آهن.



(سکر ۽ شڪارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن بي. آر. ولاس جو موڪليل چارٽ)



(سکرۂ شکارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن بي، آر. ولاس جو موڪليل چارٽ)



(سکر ۽ شڪارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن پي. آر. ولاس جو موڪليل چارٽ)



(سکرءِ شڪارپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن بي. آر. ولاس جو موڪليل چارٽ)

## ڪئپٽن فريڊرڪ ليسٽر جون ڪوششون

سر بارٽل فريئر کان وٺي ڪيترن ئي سرڪاري آفيسرن خدا وادي جي الفابيٽ جوڙڻ ۽ ان جي اصلاح جي سلسلي ۾ ڪم جاري رکيو. ڪجهه آفيسر بدلي به ٿي ويا. 1856ع ۾ تعليم کاتي جي سارسنڀال سان گڏ، خدا وادي الفابيٽ جي سلسلي ۾ جيڪو ڪم ٿي چڪو هو، اهو ڪئپٽن ليسٽر جي حوالي ڪيو ويو.

ڪئپٽن فريڊرڪ ليسٽر (1825-1915ع)، 1842ع ۾ بمبئي آرمي ۾ شموليت اختيار ڪئي. سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري چڪو هو. سنڌي زبان جو خاص امتحان پڻ پاس ڪيو هئائين. 1856ع ۾ ڪئپٽن ليسٽر کي سنڌ ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. هن عهدي تي هو 28 فيبروري 1856ع کان پهرين سيپٽمبر 1857ع تائين رهيو. هن جو اهم ڪم تعليم کاتي جي انتظامي معاملن کان علاوه اهو به هو ته هندو-سنڌي (خدا وادي) خط جي آيل رپورٽن جي آڌار تي اصلاح ڪرائي. 1857ع ۾ هن سنڌ جي تعليم بابت رپورٽ جوڙي. ان رپورٽ ۾ هو لکي ٿو ته: "هندو-سنڌي" تي تياريءَ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو هو. ڪم کي ڪيترن ئي قابل مقامي عالمن، مختلف مفيد چارٽن، جيڪي اتر سنڌ جي روينيو آفيسرن ناهيا هئا. انهن جي مدد سان ڪم کي ڪنيو ويو ۽ ان مطابق تيار ڪري منهنجي روانگيءَ کان ٿورو اڳ ڪمشنر سنڌ کي منظوري لاءِ پيش ڪيو هو. ان جي سرڪاري طور نفاذ لاءِ ان کان پوءِ ڇا ڪيو ويو آهي، ان جي مونکي خبر نه آهي. پر ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪثر ڇڏي نه وئي هئي. مون کي پڪ آهي ته ان الفابيٽ کي اسڪولن ۾ ضرور رائج ڪيو ويندو."(15)

## وشواسنات نارائڻ  مينڊلڪ جون ڪوششون

وشواسنات نارائڻ  مينڊلڪ (1833-1889ع) جو تعلق هندستان جي چٽپون ڪٽنب سان هو . هو ڪمشنر جي سنڌ  واري آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. ڪيترائي سال سنڌ ۾ رهيو ۽ سنڌي زبان جو خاص امتحان پاس ڪيو هئائين. هندستاني ٻولين ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سنڌ جي اسڪولن ۽ نون استادن جي ڀرتي جو ڪم هن حوالي هوندو هو.هن سنڌي زبان ۾ ڪجهه درسي ڪتاب  پڻ لکيا، جن ۾ حسابن ۽ آلجبرا  تي 'جبر و مقابلہ' جي نالي سان 1856ع ۾ پروفيسر ينگ جي انگريزي ترجمو ڪيائين. شروع ۾ هندو سنڌي الفابيٽ جي اصلاح جو ڪم هن جي حوالي هوندو هو. هن اهي سڀ چارٽ، جيڪي منشين جوڙيا هئا، انهن جي آڌار تي ڪم ڪري رهيو هو تہ 1856ع ۾ سندس بدلي ٿي وئي.

سي جي ارسڪن، ڊائريڪٽر پبليڪيشن انسٽريڪشن پنهنجي خط بتاريخ 12 فيبروري 1856ع ۾ لکي ٿو تہ: "مسٽر فريئر جو گمان آهي تہ راٺو صاحب وشواسنات نارائڻ (هاڻي ٺنا ڪيلڪٽوريٽ جي اسڪول وزيٽر) جي سنڌ مان بدلي سان هندو سنڌي الفابيٽ جي جوڙجڪ جو ڪم رڪجي سگهي ٿو. جيڪو سندس اهم جوابداري ۾ شامل آهي. جيڪڏهن ڪائونسل ۾ اسان جو عزت مآب گورنر سنڌ جي هندو اسڪولن لاءِ ڪنهن وزيٽر کي مقرر ڪري تہ راٺو صاحب  وشواسنات نارائڻ  کي ڏنل ذميواري  وارو ڪم يقيني بڻائي گهٽ ۾ گهٽ هندو سنڌي  الفابيٽ  جي جوڙجڪ جو ڪم پورو ڪري سگهجي ٿو."[16] بهرحال ڪجهه وقت لاءِ سندس بدلي کي روڪيو ويو.

## 1856ع ۾ هندو سنڌي الفابيٽ کي نافذ ڪرڻ جو ٻيو تجربو

اسان مٿي بحث ڪري چڪا آهيون تہ بارٽل فريئر ، 1851ع ۾ تجربي طور ڪجهه مهينن لاءِ سنڌ ۾ هندو سنڌي (خدا وادي ) الفابيٽ کي سرڪاري طور

نافذ ڪيو هو جيڪو بعد ۾ هن پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪندي ختم ڪري ڇڏيو هو ٻن سالن ۾ بي.ايچ ايلس، ڪئپٽن ليسٽر، نارائڻ مينڊلڪ ۽ ٻين جي مسلسل جدوجهد جي نتيجي کان پوءِ هندو سنڌي الفابيٽ جو ڊرافٽ تيار ٿي ويو ۽ تجرباتي بنيادن تي سرڪار متعارف ڪرائي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ڪئپٽن ليسٽر لکيو ته "خدا وادي الفابيٽ کي سڌاري، 1856ع ۾ ايلس جي حڪمن تي نافذ ڪئي وئي."[17]

هي اهو دور هو جنهن ۾ هندو ڪميونٽي، عربي سنڌي الفابيٽ سان سنڌ جي تعليم ۽ نوڪرين ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي هئي. سرڪار لاءِ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو ته هڪدم هڪ نئين الفابيٽ کي سنڌ ۾ نافذ ڪري وٺن. ڇوجو هندو ڪميونٽي ان لاءِ ذهني طور تيار ٿي ڪا نه هئي. نتيجو اهو نڪتو جو "سنڌ جي ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن جهڙوڪ ڪئپٽن پريڊي (ڪراچي)، ڊپٽي ڪليڪٽر ٽرپارڪر، ٽي.اي اسٽائرٽ ڊپٽي ڪليڪٽر (اپر سنڌ)، گولڊ اسمڊ، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ ۽ ٻين پڻ ان کي سرڪاري طور لاڳو ڪرڻ ۾ دلچسپيءَ جو مظاهرو نه ڪيو."[18] انهن سببن جي ڪري، حڪومت فلحال، خدا واديءَ کي سرڪاري طور جاري رکڻ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو ۽ ڪورٽ آف ڊائرڪٽرس به اهڙين حالتن کي ميجي ورتو."[19]
هي تجربو ناڪام ٿيو ۽ وقتي طور مسئلي کي وڏيڪ سنجيدگيءَ سان ڏسڻ ۽ سرڪاري طور تي خدا وادي الفابيٽ ۾ وڌيڪ اصلاح جي ضرورت تي زور ڏنو ويو.

# حوالا

1. Mallah, Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017,P-127

2. ساڳيو حوالو ص 128

3. ساڳيو حوالو ص 228

4. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1857-58. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla, 1859,P-389

5. Naomal Hotchand: "A forgotten Chapter of Indian History" , Oxford University Press, 1982

6. B. H Ellis: Report on the Education of Sindh", University of Sindh Hyderabad Sindh, 1971, 15,16

7. Haider, Dr. Azeem-us-Shan: "History of Karachi with special reference to Educational and Commercial Development, Feroz Sons, 1974.

8. Mallah, Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017, P-233

9. ساڳيو حوالو ص 236

10. ساڳيو حوالو ص 236

11. ساڳيو حوالو ص 239

12. ساڳيو حوالو ص 243

13. ساڳيو حوالو ص 247

14. ساڳيو حوالو ص 254

15. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1857-58. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla, 1859, P-393

16. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1857-58. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla. 1859, P-389

17. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1856-57. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla. 1858, P394

18. Dr. Hamida Khuhro: "The Making of Modern Sind", Oxford Press, Karachi, 1999, P- 256 & 276

19. ساڳيو حوالو

ياد ڪرڻ لاءِ محنت جي ضرورت هوندي هئي ۽ پيو ته ان ۾ موجود خاص نشانين کي ياد ڪرڻ لاءِ ذهني مشق ڪرڻ جي ضرورت پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن لکندڙ پنهنجي مطلب ۽ مقصد تحت نشانيون رکندو هو ته پلي پيو خدا وادي سمجهندڙ به سندس لکت پڙهي نه سگهي".(٦)

## نارائڻ جگن ناٿ وئديہ جي سربراهيءَ ۾ جوڙيل ڪميٽي

ڊاڪٽر عظيم الشان حيدر خدا واديءَ جي منظوري جو پسمنظر بيان ڪندي لکي ٿو ته:"سن 1868ع ۾ نارائڻ جگن ناٿ جيڪو اڳ ماستر هو ۽ ان کانپوءِ ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف اسڪول ٿيو ديو ناگري سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪجهه اصلاح ڪئي. سن 1868ع ۾ پڻ بمبئي حڪومت خدا وادي صورتخطيءَ جي بنياد تي ديوناگري سنڌيءَ جي اصلاح ڪيل صورتخطي جاري ڪرڻ لاءِ منظور ڪئي".(٨)

1867ع ۾ خدا وادي جي اصلاح لاءِ 2400 روپين جي خاص رقم رکي وئي ۽ 1868ع ۾ هڪ نئين ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن جي ميمبرن مان سيني جو تعلق تعليم کاتي سان هو انهن ميمبرن مان ڪي اهڙا به هئا، جيڪي عربي سنڌي الفابيٽ جي اصلاح ۾ به حصو وٺي چڪا هئا.

## ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا

1. جي. جي مور، تعليم کاتي جو انسپيڪٽر، سرپرست اعليٰ
2. نارائڻ جگن ناٿ وئديہ، سربراهه
3. منشي پريداس آنند رام، ميمبر
4. منشي اڌارام ٿانورداس ، ميمبر
5. مسٽر ڪرشن شاستري، ميمبر
6. مسٽر ڪوڙومل چندن مل، ميميبر
7. مسٽر آلومل ٽيڪمداس،، ميمبر

متي ڄاڻايل عالمن وڏي محنت ڪئي ۽ اصل خدا وادي اکرن کي سامهون رکي سنڌي ٻوليءَ جي آوازن مطابق اصلاح ڪئي ۽ سرڪاري طور تي هڪ متفق هندو سنڌي (خدا وادي ) جي الفابيٽ تيار ڪئي، جنهن کي سرڪار منظور ڪيو. 1868ع ۾ هندو سنڌي (خدا وادي) کي سرڪاري طور نافذ ڪرڻ لاءِ سرڪار هڪ نوٽيفيڪيشن جاري ڪيو جنهن ۾ نئين الفابيٽ کي عام ڪرڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ جا جواز بہ ڏنل هئا. ان سلسلي ۾ سر گريئرسن لکي ٿو تہ "هندو-سنڌي لکت کي پڙهڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪوششون بہ ڪيون ويون. 1868ع ۾ ان موضوع تي هڪ سرڪاري ڪميٽي غور ڪيو هو جنهن هڪ بهتر صورتخطي ٺاهي، جنهن ۾ اهي بہ اکر هئا، جيڪي مڪاني صورتخطي ۾ ڪو نہ هئا. اها خدا وادي نموني تي ٻڌل هئي، پر ز' جو اکر شڪارپوري مان کنيو ويو هو".[5]

موجوده سنڌي الف-ب (عربي سنڌي خط) ۾ خدا واديءَ جا ڪي اکر عربي الف-ب جي اکرن سان هڪجهڙائي ظاهر ڪن ٿا. جيئن د، ذ، ڏ، ج، ع، ح، ف، و، ل ۽ ڪ اکرن جون تصويرون خدا واديءَ الف-ب ۾ موجود آهن. "خدا واديءَ ۾ 69 حروف آهن، جنهن ۾ 37 حروف صحيح (consonants) ۽ 10 حروف علت (vowels)، 9 ننڍا حروف علت (vowel diacritics) ۽ 9 زيرين ۽ زبرن واريون علامتون ۽ 2 متفرق نشانيون حروف صحيح ۾ وڌايل آهن".[6]

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي مطابق "برهمي خط وسيلي سنڌ ۾، "خدا وادي خط" رائج ٿيو، جنهن ۾ قديم سنڌي زبان جا سمورا آواز موجود آهن".[7]

# هندو سنڌي (خداوادي) جي نفاذ جو سرڪاري اعلان

گورنمينٽ جو ٺهراءُ نمبر698
تاريخ: 12 ڊسمبر 1868ع

## پڌرنامو

اهو هر هڪ کي معلوم آهي تہ سنڌ جو وڏو حصو هندو آدمشماريءَ تي مشتمل آهي، جيڪي گهڻو ڪري واپاري ۽ دڪاندار آهن. اهي سرڪاري آفيسن ۾ هلندڙ ۽ اسڪولن ۾ هلندڙ عربي سنڌي لکت جي خلاف آهن، ۽ وڏيڪ جاٽائجي ٿو تہ واڻڪي سنڌي خط جو استعمال مٿي ڄاڻايل ماڻهن ۾ انتهائي ڏکيو آهي، سواءِ لکندڙ جي ڪو بہ ان کي سمجهي نہ ٿو سگهي، اهو بہ ڄاڻائجي ٿو تہ ان خط ۾ ڪو بہ ادبي ڪم لکيل نہ آهي، مٿين حقيقتن کي سامهون رکندي، حڪومت هڪ قابل قبول واڻڪي سنڌي يا هندو سنڌي الفابيٽ متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن لاءِ اميد آهي تہ:

- اسان جي اسڪولن ۾ ان جي استعمال سان، ٿي سگهي ٿو تہ ان ذريعي داخلائن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي پوي.
- ان نئين لپيءَ ۾ ڪتابن جي اشاعت سان، واپارين ۽ دڪاندارن جي ٻارن جي تعليم ۾ سهولت ۽ سندن ڄاڻ جي کوٽ کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهندي.
- ان نئين لپيءَ جي مرحليوار استعمال سان، اسان کي ڪورٽن ۾ هندو سنڌيءَ ۾ لکيل دستاويزن جي سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي.

تعليم کاتي جي انسپيڪٽر ان نئين الفابيٽ شيٽ جي 3000 ڪاپين کي شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي، جن کي هر هنڌ ورهائي ڇڏبو هن، شاگردن کي پڻ هدايت ڪري ڇڏي آهي تہ اهي شاگرد جيڪي اسان جي نارمل اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ، انهن کي هن لپيءَ ۾ هاڻي تعليم ڏني ويندي، ۽ ورنيڪيولر اسڪولن جا سيئي استاد هي خط سکندا ۽ انهن

هندو شاگردن کي ان ئي لپيءَ ۾ تعليم ڏيندا. جيڪي ان لپيءَ ۾ پڙهڻ جي خواهش ڪندا. تمام جلد، اميد ٿي ڪجي تہ ان لپيءَ ۾ اسڪولي ڪتاب شايع ڪيا ويندا ۽ اسڪول بہ ان حوالي سان قائم ڪيا ويندا.

ان دوران سنڌ جو ڪمشنر ان نئين لپيءَ کي عام ڪرڻ لاءِ هندو عوام جي دلي تعاون جي خواهش ظاهر ڪري ٿو، ۽ هو سڀني هندو منشين ۽ صوبي جي هندو ڪميونٽيءَ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي سربراهن کان گهر ڪري ٿو تہ پنهنجي پاڻرن لاءِ مثال جوڙڻ واسطي ، ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ هن نئين لپيءَ کي اپنائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن.

هن دعوت کي عام ڪرڻ وارن جا نالا ڪمشنر جي ڏيان ۾ آندا ويندا ۽ ڪنهن مناسب نموني کين سلو ڏنو ويندو".[۸]

ڊبليو ايل ميري ويدر
ڪمشنر سنڌ




1868ع ۾ سٽاريل هندو سنڌي الفابيٽ جو چارٽ (سراي جي گريئرسن جي ڪتاب تان ورتل)

## حوالا


1. Online Encyclopedia Wikipedia

2. عرساڻي، محمد اسماعيل: "چار مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع، ص 2، 3

3. Fazlon,Mark Anthony:Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora, 1860-2000, Brill Leden Boston, 2004, P-272

4. Haider, Dr. Azeem-us-Shan: "History of Karachi with special reference to Educational and Commercial Development, Feroz Sons, 1974

5. جي. اي گريئرسن (ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين)، "برِصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع، ص 64

6. Online Encyclopedia Wikipedia

7. ابڙو، آفتاب، ڊاڪٽر: "سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو"، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڪراچي، 2016ع، ص 242

8. Report By J. G. Moore, Esq., C.S., Educational Inspector In Sind, for 1868-69, Educational Societies Press, Byculla, 1869, P-213

# خدا وادي لپيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون

1868ع ۾ خدا وادي کي سرڪاري حيثيت ملي. حڪمرانن سنڌي لکتن کي مذهبي رنگ ڏنو. مسلمانن جي لکت کي 'عربي سنڌي' ۽ هندن جي لکت کي 'هندو سنڌي' يا 'بنيا سنڌي' چوندا هئا. جڏهن ته سنڌي عالم ان کي اڪثر ڪري ديوناگري لپي ڪري سڏيندا هئا، ۽ ڪي ٿورا ان کي 'خدا وادي' يا 'خدا آبادي' يا 'خدا آبادي' لپي ڪري سڏيندا هئا. عام ماڻهو ان کي هٽ واڻڪي سڏيندا هئا. هن لپيءَ کي اسڪولن ۾ عام ڪرڻ لاءِ الفابيٽ شيٽ جون 3000 ڪاپيون شايع ڪري سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ مفت ورهايون ويون. هندو شاگرن کي تاڪيد ڪيو ويو ته عربي سنڌي ڇڏي هندو سنڌي اکرن ۾ تعليم حاصل ڪن. هندو سيٺين، زميندارن، آفيسرن، منشين ۽ مشهور ماڻهن کي گذارش ڪئي وئي ته سڀ هن نئين الفابيٽ کي هر حال ۾ ڪامياب ڪن. نوان استاد ڀرتي ڪري کين هندو سنڌيءَ ۾ سکيا ڏياري وئي. استادن کي خاص وظيفا، رعايتون ۽ آفرين ناما ڏنا ويا. هندو سنڌيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري خط لکڻ لاءِ خصوصي طور تي ٽائيپ رائيٽر جوڙايو ويو. ليٿوگرافڪ پرنٽنگ پريسون قائم ٿيون ،جنهن سان سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. سنڌ جي تعليم جي عملدارن کي خاص هدايتون ڏنيون ويون ته هندو سنڌيءَ ۾ تعليمي نظام کي ڪامياب ڪرڻ خاص اپاءَ ورتا وڃن. بهرحال، انگريزن هندو سنڌي (خداوادي) کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سرڪاري طور تي ڪيترائي قدم کنيا، جن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

## هينري پريسٽلي جيڪب (1844-1894ع) جون ڪوششون

ايچ. پي جيڪب سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. هو ترقي ڪندو ايلفنسٽن هاءِ اسڪول بمبئيءَ جو پرنسپال مقرر ٿيو. بعد ۾ کيس بمبئي ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولز مقرر ڪيو ويو. جولاءِ 1887ع ۾ کيس سنڌ جي تعليم جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. هن پنهنجي زندگي سنڌ جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ۽ ڪراچيءَ ۾ ئي وفات ڪيائين.

مسٽر جيڪب ڪجهه اهم رٿون جوڙي سرڪار کان منظور ڪرايون جن سان ضلعي سطح تي آفيسر مقرر ٿيا، جيڪي اسڪولن جي انتظامن لاءِ پنهنجون حدون مقرر ڪري ڪم ڪرڻ لڳا. اهڙي عمل سان پوري ملڪ ۾ تعليم تي مثبت اثر پيا. هونئن ته سنڌ جي سموري تعليم جي ترقيءَ ۾ ايچ بي جيڪب جو حصو آهي، پر مسٽر نارائڻ جگن ناٿ وئديه کان پوءِ هن صاحب هندو سنڌي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر چينو لالواڻي لکي ٿو ته: "سال 1890ع ۾ سنڌ جي ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٿورا 'هندو سنڌي' اسڪول کوليا ۽ هندو سنڌي آئيوٽا ۽ ماترائون گڏايائين. اهو ڪم راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ڪيو. اِن نئين آئيوٽا ۾ ڪي هندو سنڌي درسي ڪتاب به ڇپيا".[1]

## مسٽر اي. جي. رائيٽ جون ڪوششون

مسٽر اي جي رائيٽ (1860-1919ع)، 5 ورهين تائين سنڌ جي تعليم جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر رهيو ۽ 1910ع ۾ عدن شهر ڏانهن موڪليو ويو ۽ ساڳئي سال ناگپور بدلي ٿي ويو. سنڌ ۾ رهڻ دوران هن صاحب وڏي محنت سان ڪم ڪيو. هن اچڻ سان سنڌ جي تعليمي مسئلن جو گهرو اڀياس ڪيو. ان لاءِ هن ڳوٺن ۽ شهرن جي اسڪولن جا دورا ڪيا ۽ ان کان علاوه تعليم کاتي جي ننڍن وڏن ملازمن سان گڏجاڻيون ڪيون. هن تمام جلد تعليمي مسئلن کي سمجهي ورتو. مسٽر اي جي رائيٽ ڊي جي سنڌ ڪاليج، ڪراچي جي ڪميٽيءَ جو پڻ مکيه ميمبر هو ۽ انهي ڪاليج جي هر ڪنهن ترقيءَ جي ڪم ۾ به چڱي طرح مددگار ۽ سرگرم هو.

هن پڻ سنڌ ۾ هندو سنڌي اسڪول ۽ ڪتاب سڌارڻ ۾ وڏيون ڪوششون ڪيون. هن بابت سيد مصطفيٰ علي بريلوي لکي ٿو ته: "سنڌ جي هڪ ٻئي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مسٽر رائيٽ پڻ ڏاڍيون ڪوششون ڪيون. مسٽر رائيٽ سنڌي زبان جي لاءِ ٻنهي رسم الخط کي ڳوٺن ۾ رائج ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي".[2]

## ڪوڙيمل ڪلناڻي (1844-1916ع) جون ڪوششون

راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل چندنمل هڪ مثالي استاد هو ادبي ۽ علمي خدمتن ۾ سيني کان اڳتي هو. جڏهن نارائڻ جگن ناٿ وئديه سنڌ جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿي آيو تڏهن ان کيس شڪارپور اينگلو ورنيڪيولر اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو. مسٽر ايچ. پي جيڪب ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي ڏينهن ۾ نارمل ٽريننگ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. اڪثر درسي ڪتاب سندس ئي لکيل هئا. هن عالم خدا وادي ۽ گرمکي لپين ۾ به درسي ۽ ادبي ڪتاب لکيا.

خدا وادي لپي جي اصلاح جي سلسلي ۾ ايچ پي جيڪب، ديوان ڪوڙيمل جي رهنمائيءَ ۾ ڪميٽي جوڙي هئي، ان ۾ سندس وڏو ڪم هو. ان کان علاوه هن صاحب هندو سنڌي جي تعليم لاءِ بهترين استاد ڳوليا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "1890ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب جي مدد سان ديوان ڪوڙيمل حيدرآباد جي ڪن اسڪولن ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ پاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن لاءِ ڪي درسي ڪتاب به ناگريءَ ۾ لکرايا ويا هئا، پر اها ڪوشش ناڪامياب ٿي هئي ۽ 1910ع کان پوءِ ڇڏي ڏنائون".[3]

## ماستر جهمٽمل نارومل جون ڪوششون

ماستر جهمٽمل نارومل وسڻاڻي (1847-1926ع) شڪارپور جو هڪ وڏو سنڌي ودوان ٿي گذريو آهي. هو سنسڪرت توڙي فارسيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. هن صاحب ڪيترائي عالماڻا ڪتاب لکيا. لغت جي سلسلي ۾ "وئتپتي ڪوش" يعني اشتقاقي لغت (Etynological Dictionary) سنڌيءَ ۾ سال 1886ع ۾ ڇپرايو جيڪو خدا وادي لپيءَ ۾ لکيل هو بعد ۾ ان کي عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾ مٽائي ڇاپيو ويو ۽ سنڌي گرامر تي ڪتاب "نئون سنڌي وياڪرڻ" سنه 1892ع ۾ لکيائين.

جهمتمل نارومل وسڻاڻي پنهنجي گرامر "سنڌي ٻوليءَ جو نئون وياڪرڻ" ۾ خدا وادي لپيءَ بابت تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ هو لکي ٿو ته :

1- سنڌي، نج سنسڪرتي ٻولي آهي.

2- وياڪرڻي روپن ۽ ناهه ۾، سنڌي ٻولي، ٻين سيني پراڪرت زبانن کان گوءِ کڻي ويئي آهي، يعني، جي روپ ٻين ۾ گم ٿي ويا آهن، سي سنڌيءَ ۾ اجا تائين قائم آهن.

جهمتمل وسڻاڻي، خدا واديءَ کي اصلاح ڪيل صورت ڏني، جنهن تي هن پنهنجي سر ماترائون ڏئي محنت ڪئي هئي. هو لکي ٿو ته "سيني هندو سنڌي سرن کي اصل يا مثيل روپ ۾ هميشه ساڳيا آواز آهن. ائين نه آهي جو هڪڙي سر کي ٻه يا وڌيڪ آواز آهن. انهيءَ ڳالهه ۾ بلڪل گهڻو فائدو آهي جو هجي ڪرڻ ۾ چوڪ يا شڪ يا هبڪ ڪڏهن نه ٿيندي. مطلب ته جيتري قدر سنڌيءَ ۾ آواز آهن اوتري قدر هندو سنڌي سرن جو بندوبست بلڪل پورو ۽ بي عيب آهي."[4]

## حوالا


1. لالواڻي، جيٺو ڊاڪٽر: "برطانوي دؤر ۾ سنڌي ٻولي"، يونيورسٽي آف ممبئي، 2000ع، ص80
2. بريلوي، سيد مصطفيٰ : "سنڌ جي مسلمانن جي تعليم" (اردو)، آل پاڪستان ايجوڪيشن ڪانفرنس، ڪراچي، 1986ع، ص 111
3. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر: "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 1993ع، ص 35
4. وسڻاڻي، جهمتمل : "نئون سنڌي وياڪرڻ"، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڪراچي، 1892ع، ص 12،11



سنڌي لپي ماترائن سان گڏ (جهمٽمل وسنالي، ١٨٩٢)

# هندو- سنڌي اسڪولن جو قيام

سنڌ ۾ ٽالپرن جي دور ۾ فارسي جي سکيا لاءِ مڪتب ۽ مدرسا هوندا هئا. ڪن مڪتبن ۾ سنڌي زبان ۾ بہ تعليم ڏيڻ جو بندو بست هوندو هو. ڪجهہ هنڌن تي هندو سنڌي اسڪولن ۾ تعليم پڻ ڏني ويندي هئي. ان سلسلي ۾ پهلاجراءِ ليلارام واسواڻي لکيو آهي تہ: "هندو سنڌي سکڻ لاءِ ڪي جايون هيون، جن کي 'اوجها اسڪول' ڪري چوندا هئا. اهي اسڪول اڪثر ٿورا هئا، انهن ۾ تعليم ڏيندڙ کي 'واجهہ' چوندا هئا. اجا تائين بہ جڏهن ننڍڙن ڇوڪرن کي هندو سنڌي اکرن سيکارڻ لاءِ پٽي تي آئيوڻا لکي ڏبي هئي تہ هي لفظ بہ انهن کي سيکارڻ لاءِ ڏبا هئا: "چوهارو جنڊ پير کي ، جرو واجهي کي". هندو سنڌي اسڪول اهڙا زور تي نہ هئا ڇاڪاڻ تہ اتي رڳو واپار ڪندڙ هندو ماڻهو پنهنجا ٻار سکڻ لاءِ موڪليندا هئا ۽ مسلمانن منجهان ميمڻ برادري جا ماڻهو جن کي واپار ۽ ڏيتي ليتي جو ڌنڌو هو تن جا ٻار سکڻ ويندا هئا. انهن کي لکڻ پڙهڻ کان سواءِ ٿورو حساب جيئن تہ جوڙ ڪٽ ڪرڻ بہ سيکاريندا هئا، ۽ ڪوڙا سوايا ڏيڍا اڍايا بر زبان چڱي طرح استعمال ڪرائيندا هئا، انهي لاءِ تہ هو ڪو بہ حساب زباني ڪري وجن، جنهنڪري هٽ تي ڏيڻ وٺڻ جي ڪاروبار ۾ چالاڪ ۽ حاضر جواب ٿي سگهن. رفتہ رفتہ هندو سنڌي اوجها اسڪول بند ٿيندا ويا ڇاڪاڻ جو ماڻهو پنهنجن ٻارن کي اسڪول ۾ موڪلڻ جي بدران هٽن ۽ دڪانن تي پنهنجي حاضري ۾ وهاري هندو سنڌي اکر سيکارڻ لڳا ۽ ان سان هٽ جي خريد ۽ فروخت جو وهنوار بہ سيکاريندا هئا، انهي لاءِ تہ جيئن سڀني کان ٿي وٺي پنهنجي ڌنڌي ڪرڻ ۾ ۽ ڏيتي ليتيءَ جا پوري طرح واقف ٿين".[1]

انگريزن جي دور ۾ تعليم لاءِ سڀ کان پهرين ڪوشش حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن رٿبورن 1845ع ۾ ورتي، هن هندستان سرڪار سان ساليانو ٽي هزار رپين جي منظوريءَ لاءِ لکپڙهہ ڪئي. اصل مسئلو استادن جي کوٽ ڄاڻايو ويو هو ٽي سال لک پڙهہ ڪندو رهيو پر ڪامياب نہ ٿيو. اڳتي هلي

ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊيءَ کي ڪاميابي ملي وئي ۽ سندس ڪوشش سان 1846ع ۾ فري اسڪول جوڙيو ويو جيڪو هڪ مقامي ڪميٽيءَ کي ان شرط سان ڏنو ويو ته تعليم ۽ تربيت عيسائي مذهب موجب ٿيندي، يعني ان ۾ انجيل به شامل هوندو. 1853ع ۾ سنڌي کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي تسليم ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ پهريون سرڪاري اسڪول 1854ع ۾ نارائڻ جڳن ناٿ وئديه (اين جي وي) جي نالي سان ڪراچيءَ ۾ کوليو ويو جنهن ۾ پڙهندڙ اڪثر شاگرد هندو هئا. ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ ۾ سندن اڪثريت هوندي هئي، پر اسڪول ۾ ڪنهن جي به داخلا تي پابندي نه هئي. جڏهن ته 1868ع ۾ خدا وادي (هندو- سنڌي) لپيءَ کي سرڪاري حيثيت ملي.

1869ع ۾ ڪراچي ۾ هندو-سنڌي اسڪول قائم ڪيو ويو. بعد ۾ شڪارپور ، حيدرآباد،ڪوٽڙي، ميهڙ، لاڙڪاڻي، سکر، گمبٽ، ٽاٽوبولا خان، ماٽيلي، ٽنڊو محمد خان، ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ جتي هندو ڪميونٽيءَ جي گهڻائي هئي اتي به هندو اسڪول قائم ٿيا، ۽ پڙهڻ لاءِ 'هندو—سنڌي' کي لازمي قرار ڏنو ويو. محمد جمن ٽالپر لکي ٿو ته : "انگريزن جي اوائلي دور ۾ سنڌ ۾ اسڪولن جا مکيه ٽي قسم هئا: (1) مسلم پرائمري اسڪول، جتي قرآن شريف بنا معنيٰ جي پڙهايو ويندو هو. (2) هندو- سنڌي اسڪول، جتي خدا آباد ي ۽ سنڌي جا ٻيا قسم سيکاريا ويندا هئا ۽ انهيءَ سان گڏ حساب ڪتاب جو ڪم پڻ سيکاريو ويندو هو."[5]

اهڙي ريت گرمکي رسم الخط کي به هٿيايو ويو. ان لپيءَ بابت سر ايلس پنهنجي تعليمي رپورٽ جي پيرا نمبر 87 ۾ لکي ٿو ته "ڪراچي ۽ شڪارپور ۾ سنسڪرت ۽ گرمکي پڙهائي وڃي ٿي. پر شاگردن جو تعداد تمام ٿورو آهي، ڪل 85 شاگرد پڙهن ٿا. سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به هندو اهي ٻوليون پڙهن ٿا پر اهي برهمڻن ۽ گرونانڪ جي وديالن تائين محدود آهن. هندن جا ڪافي مذهبي ڪتاب گرمکيءَ ۾ لکيل آهن."[6]

سال 1872ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر رپورٽ ۾ لکيو ته: "هندو- سنڌي اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ، استادن ۽ ٻارن جي امتحان ۾

حاضر ٿيڻ جي حوالي سان خاطرخواهه اضافو ٿيو اهي، پر ڊپٽي انسپيڪٽر جو چوڻ آهي تہ هندو ڪميونٽي جي طرفان نئين لپي کي اپنائڻ جي باري ۾ اجا گهٽ اعتماد جي ضرورت آهي، جو تہ صحيح نموني ان کي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اجا نہ اپنايو ويو آهي".[4]

سال 1875ع ۾ سنڌ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ايم-ايچ فلٽن هڪ پڌرنامي جي ذريعي استادن ۽ تعلقي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ: "هاڻي اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن ۾ جتي پگهار پنجاهہ رپين کان گهٽ آهي، اهي هتي 1876ع تائين هندو- سنڌي صورتخطي ۾ امتحان پاس ڪري وٺن. هن نوٽيفيڪشن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ اها هئي تہ اهي ماڻهو جن هندو- سنڌي صورتخطي ۾ امتحان پاس ڪيا آهن، انهن لاءِ عربي – سنڌي صورتخطي ۾ امتحان پاس ڪرڻ ضروري نہ هوندو".[5]

حيدرآباد ۾ ايليمينٽري سنسڪرت اسڪول ميونسپالٽيءَ پاران قائم ٿيو هو، جنهن ۾ گهڻو ڪري برهمڻ ٻار پڙهندا هئا. هن اسڪول ۾ صرف سنسڪرت پڙهائي ۽ سيکاري ويندي هئي، هي اسڪول حيدرآباد جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ٿيندو هو. هن اسڪول جو سمورو خرچ ميونسپالٽي وارا ڀريندا هئا.هي اسڪول زناني اسپتال جي سامهون هو ۽ ورهاڱي کانپوءِ بند ٿي ويو".[6] هن اسڪول ۾ لکت پڙهت لاءِ هندو- سنڌي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا.

شڪارپور ۾ 1889ع ۾ پريتم ديو سيا جي ڪوششن سان 'پريتم سيا' اسڪول قائم ٿيو هو، جتي هندو- سنڌي (خدا وادي الفابيٽ) ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.اسڪول پاران روزانہ "پريم"، "ساپتاهڪ"، ۽ "سنڌ سماچار" اخبارون نڪرنديون هيون".[7]

مطلب تہ نون اسڪولن جي قيام کي همٿايو ويو. اسڪولي نظام جي سلسلي ۾ زرين قلم پنهنجي تقرير ۾ چيو هو تہ: " ٻوليءَ جي سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ خاص نموني جا اسڪول کوليا ويا، جتي ماستر تربيت حاصل ڪري رهيا هئا ۽ ٽريننگ وارن ادارن ۾ هئا، انهن کي مجبور ڪيو ويو تہ هو پاڻ نئون رسم الخط سکن ۽ پوءِ شاگردن کي سيکارين. ان طرح اها بہ ڪوشش ڪئي وئي تہ

ميونسپالٽيءَ جي حدن ۾ اينڊز سيني اسڪولن ڪي هڪ نظام ۾ آندو ويو، باوجود ان جي ته اسڪولن جو سارو خرچ پڪي گڏيل مال گذاري ۽ ڍل مان هلايو ٿي ويو ڏهن سالن يعني 1860-1870ع تائين، مسلمان شاگردن جو انداز ٻه فقط ٻيڻو ٿيو پر انهن جي مقابلي ۾ هندن جو انداز پنجوڻو رهيو".[4]

هندو-سنڌي جي حاضري وڌائڻ لاءِ انگريز اهلڪارن ذاتي ڪوششون ورتيون. هڪ مثال ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هن صاحب تڏهوڪي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪيلڪٽر مسٽر وليم ايلنس ( William Aliens) جي حوالي سان لکيو آهي ته: "هن 14 مارچ 1877ع ۾ پرائمري اسڪول بنگل ديري جي وزيٽرس بڪ تي پنهنجو رايو هن ريت لکيو:

"اڄ تعليمي انسپيڪٽر ساليانو امتحان ورتو. 40 مان فقط 25 شاگرد امتحان ۾ شريڪ ٿيا. منهنجو خيال آهي ته هندو شاگردن جو چوڻ آهي ته عربي سنڌي انهن لاءِ ڪنهن ڪم جي نه آهي ۽ پار هندو سنڌيءَ ۾ پڙهڻ جي گهر ڪن ٿا".[5]

1890ع ۾ سنڌ جي تڏهوڪي تعليم جي انسپيڪٽر مسٽر ايچ .پي جيڪب هندو سنڌي الفابيٽ ۾ تعليم ڏيڻ ۾ گهڻي دلچسپي ورتي ۽ مختلف شهرن ۾ ڪيترائي اسڪول کولياٿين. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو ته: "هندو طبقي جي فائدي لاءِ سنڌ جي تعليم ۾ سڌارا آندا ويا ۽ 'هندو سنڌي خط' سموري هندو واپاري طبقي لاءِ پڙهڻ لائق بنايو ويو. جيڪو ديوناگري يا سنسڪرت تي آڌاريل هو. سال 73-1872ع ۾ هندو سنڌي ٽائيپ جوڙڻ جي اجازت ڏني ويئي، جنهن ۾ درسي ڪتاب ڇاپيا ويا ۽ هندو سنڌي خط جي استعمال لاءِ ڪيترائي اسڪول سرڪاري بندوبست سان کوليا ويا، جتي صرف انهيءَ خط ۾ پڙهائي جو بندوبست ڪيو ويو، جنهن ۾ فقط هندو سنڌيءَ ۾ سيکاريو ويندو هو. پر نتيجا اطمينان بخش نڪري نه سگهيا. عربي سنڌي خط هاڻي مڪمل طور تي سيکاريو ويندو هو ۽ نافذ ٿيل هو.'هندو سنڌي'، جنهن کي "بنيا- سنڌي' به چوندا هئا، مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي هئي. صرف چند شهرن ۾ جهڙوڪ شڪارپور وغيره جتي هندو آباديءَ جي اڪثريت هئي ۽ هندو قومي جذبو موجود هو. اتي ان طرز جا اسڪول هلي رهيا

آهن ۽ جتي چند مسلمان ڪاشتڪار پڙهي لکي ٿي سگهيا، انهن جي مرضيءَ سان انهن جو حساب ڪتاب ۽ بئنڪن ۾ ڪاتا انهيءَ خط ۾ هلي رهيا آهن لوڪل اسڪولن جي بورڊن ۾ ان خط ۾ تعليم لازمي قرار ڏني وئي".[١٥]

هندو سنڌي اسڪولن ۾ سماجي، ادبي ۽ ڌرمي تنظيمن ڪي ٻه هلايو ويندو هو. ان سلسلي ۾ آپ سڌارڪ منڊل (سنگت/تنظيم) سن 1932ع ۾ شڪارپور شهر جي مشهور تعليمي اداري خوبسنگهه منگهن سرتو مل هندو سنڌي اسڪول نمبر ون (هاٿوڪي پرائمري اسڪول لکي در) پاران قائم ڪيو ويو هو. هن منڊل جو روح روان اسڪول جو هيڊ ماستر ٺڪرهولارام سهجرام هو. هن منڊل پاران ٻاراڻي ماهوار رسالي 'بالڪ' کان سواءِ خاص ڏينهن تي پڻ يادگار ڪتاب ۽ پمفليٽ شايع ڪري ٻارڙن ۾ مفت ورهايا ويندا هئا. هن منڊل پاران اسڪول جي ساليانې ڪارڪردگيءَ جون رپورٽون ٻه شايع ٿينديون هيون.

1907ع ۾ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي* ۾ ٿي، ان ۾ شمس الدين بلبل سنڌ جي مسلمانن جي تعليم بابت رپورٽ پيش ڪئي هئي. بعد ۾ اها رپورٽ 1914ع ۾ شايع ٿي ۽ ساڳي رپورٽ 1946ع ۾ مولانا غلا محمد گرامي ٻيهر ايڊٽ ڪري شايع ڪرائي. ان رپورٽ ۾ مسلمانن مطالبو ڪيو هو ته هندو سنڌيءَ جي تعليم مسلمانن جي ٻارن کي ٻه ڏياري وڃي. ان جو سبب ڄاڻائيندي هو صاحب لکي ٿو ته:"ان کان سواءِ اسين سرڪار ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن جو خاص طرح ڌيان ڇڪايون ٿا ته جيڪڏهن ٿي سگهي ته ملن جي مڪتبن ۾ ٻه نه ته لوڪل بورڊ يا ميونسپل ورنيڪيولر اسڪولن ۾ ته ضرور باالضرور پهرين کان چوٿين درجي تائين، هندو سنڌي اکر سکڻ ۽ انهن ۾ ليکي چوڪي، حساب ڪتاب رکڻ جو ڪورس مقرر ڪجي جو تمام ضروري ڪم آهي. مسلمان گهڻو ڪري کهڙي ٻه تعليم وٺن ٿا يا اڌوري پرائمري تعليم وٺي نڪرن ٿا ته انهن ۾ ايترو عقل ٻه نه ٿو ٿئي، جو واڻين سان پنهنجو ليکو چوکو سمجهي ۽ لاهي سگهن يا انهن جون رقمون جاچين ته برابر آهن يا نه؟ ۽ جوڙ پورو آهي يا نه؟ اها ضرورت عام مسلمانن کي ٻي تعليم

---

* اها تاريخي ڪانفرنس ڪراچيءَ جي برنس گارڊن ۾ ٿي هئي. ان ڪانفرنس ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ٻه شرڪت ڪئي هئي.

ڪان وڏيڪ ڏسجي ٿي، جو تہ هندو رياج خور ڪين ڪنڌن ڪٺائڻ ۾ هر طرح سان نڳين ٿا ۽ هو سنڌن اکرن نہ ڄاڻڻ ڪري سنڌن فريب ۾ اچيو وڃن ٿا. اسين ڀانيون ٿا تہ انهن هندو سنڌي اکرن سکڻ ۽ ليکي چوکي جي واٽن رکڻ لاءِ هندو بہ اعتراض ڪين ڪندا، جو تہ جيئن مسلمان قرآن پاڙهڻ لاءِ ملن وٽ پنهنجا ٻار چاڙين ٿا تيئن عام هندو پنهنجي هندو سنڌي اکرن لاءِ خانگي اسڪول رکن ٿا. پر جيڪڏهن سرڪاري اسڪولن ۾ ڪين اها سکيا ملندي تہ هو خوشيءَ سان اها ڳالهہ قبول ڪندا. تنهن ڪري جيڪڏهن هيٺين درجن مان ٻيا غير ضروري ڪم ڪڍي، انهن جي بجاءِ انهن اکرن سکڻ ۽ حساب ڪتاب رکڻ جو ڪمن رکبو تہ ان ۾ ڪا حرڪت نہ ٿيندي".[11]

1868ع کان وٺي 1910ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي اسڪول هندو سنڌيءَ جي تعليم لاءِ کوليا ويا. ڪجهہ عرصي لاءِ ڪاميابي ۽ زور شور سان هليا يا هلايا ويا. مگر ڏهن پندرهن سالن جي مختصر عرصي ۾ هڪ هڪ ٿيندا بند ٿيندا ويا. ڪن شهرن ۾ هندو شاگردن کي زبردستي پڙهائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي وئي، مگر حڪمت عملي ڪامياب نہ ٿي سگهي.

آخر ۾ شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي جي اين جي وي اسڪول ۾ ڪن ٻين هندن تي وس وارن هندو اميرن جي تعاون سان پڻ اسڪولن ۾ تعليم جو سلسلو جاري رکيو ويو مگر 1910ع کان 1915ع تائين اهو سلسو گهٽجو سرڪاري سطح تي ختم ٿي ويو پر خانگي سطح تي پوءِ بہ محدود سطح ۾ هلندو رهيو.

## حوالا


1. واسواڻي ،پهلاجراءِ ليلارام : "سنڌي ٻوليءَ جو ابتدائي احوال". ماهوار سنڌو، آڪٽوبر ۽ نومبر 1932ع

2. ٽالپر،محمد جمن، ڊاڪٽر: "سنڌ جا اسلامي درس گاهہ". ثقافت کاتو حڪومت، 1982ع

3. B. H Ellis: Report on the Education of Sindh", University of Sindh Hyderabad Sindh, 1971, P-25

4. Report by E.McG. H. Fulton, Educational Inspector in Sindh for 1871-72, Educational Societies, Byculla, 1872, P-311

5. Report by E. McG. H. Fulton, Educational Inspector in Sindh, for 1875-76, Educational Societies, Byculla,1877

6. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ، (جلد پهريون)، چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر پروفيسر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000ع، ص 358

7. نسيم بخاري: "شڪارپور جو تعليمي پسمنظر"، ماهوار پيغام ، سنڌ اطلاعات کاتو ڊسمبر 2004ع، ص 83

8. Zarin Qalam: "A Note on Sindhi Alphabet", The Journal of the Sind Historical Society, September 1943

9. Siddiqi'Dr. Habibullah: "Education in Sindh Past & Present", Institute of Sindhology, Jamshoro,1987, P-169

10. ساڳيو حوالو ص 168

گرامي ،غلام محمد: "مسلمان ۽ تعليم"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ، (ڇاپو ٽيون) 1977ع

# هندو- سنڌي درسي ڪتابن جي اشاعت

خدا وادي الفابيٽ ۾ پهريون لکيل ڪتاب ڪئپٽن ايسٽوڪ جو A Vocabulary of Sindhi Language مليو آهي. هيءَ هڪ لغت آهي، جيڪا 1840ع ۾ شايع ٿي. هن ڪتاب بابت ڪئپٽن ايسٽوڪ لکيو آهي تہ "هي ڪتاب سنڌ جي مقامي لپي يعني خدا واديءَ ۾ لکيو ويو آهي ، جيڪو خصوصي طور تي شڪارپور جي واپارين ۽ حيدرآباد ۽ سنڌ جي بين شهرن ۾ استعمال ٿيندو آهي".[1] هن ڪتاب ۾ ايسٽوڪ انگريزي-سنڌي لفظن جون "معنائون ۽ مڪالما" جي نالي سان هڪ باب آندو آهي، هن ڪتاب ۾ ڏنل سنڌي ووڪيبلري ٽيڪنيڪل لفظن تي مبني آهي، جاڪاڻ تہ ان ۾ جسم جي عضون جا نالا، مختلف بيمارين جا نالا، ڏينهن، مهينن جا نالا، طرف ۽ جانور، جيتن جا نالا، مڇين، ڪيڙن ماڪوڙن جا نالا ، پوشاڪ، خوراڪ جا نالا ، قانون جا اصطلاح، زراعت جا اصطلاح، اسڪول، ڪاليج ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن وغيره جا اٽڪل 1500 (پندرهن سئو) لفظ ڏنا آهن.



ڪئپٽن ايسٽرڪ جي لکيل ڪتاب جو ڏيک

انگريزن جي دور ۾ سنڌ اندر لغت لکڻ جي رجحان ۾ اضافو ٿيو. اهو سلسلو ان لاءِ بہ شروع ٿيو تہ جيئن انگريز عملدارن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ سولائي

ٿئي. اِن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ 'سنڌي – انگريزي' ۽ 'انگريزي – سنڌي' لغتون لکيون ويون. سڀ کان پهريائين حيدرآباد جي اُن وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ قدم کنيو ۽ "انگريزي – سنڌي لغت" لکي، جيڪا بمبئيءَ مان 1849ع ۾ شايع ٿي.

1868ع ۾ جيئن ئي سنڌ ۾ هندو سنڌيءَ کي سرڪاري اسڪولن ۾ متعارف ڪيو ويو، تيئن ئي نئين لپيءَ ۾ ڪيترن ئي درسي ڪتابن جي اشاعت شروع ٿي . پهرين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين درسي ڪتاب شايع ڪرايا ويا. درسي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ سيٺ نائونمل جي آتم ڪٿا واري ڪتاب جي نوٽ ۾ سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر سر هينري جيمس لکيو آهي ته: "هندن جي فائدي لاءِ هڪ هندو سنڌي لپي ديوناگري يا سنسڪرت مان نڪتل آهي جا


ॿियो किताबु.

سنڌي سون مختلف اکراوادي خط ۾ لکيل

سنڌ جي سڀني واپارين لاءِ ناهي ويئي. 1872ع - 1873ع هندو- سنڌيءَ لاءِ ڇاپخانو گهرائي کي اسڪولي ڪتاب ڇپيا ويا ۽ ٿورا اسڪول پڻ کوليا ويا، جن ۾ فقط واڻڪي سنڌي سيکاربي هئي".[2] ساڳي سلسلي ۾ راڪيش لکاٽي لکي ٿو ته: "سنڌ ۾ ان لپيءَ ۾ نه رڳو ٻاراڻي تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو پر عدالت جا رڪارڊ يا دستاويز تائين لکجڻ لڳا. ان بعد هوريان هوريان ان لپيءَ ۾ سنڌي ادب پڻ شايع ٿيڻ لڳو. ان لپي ۾ سڀني کان اڳواٽ دودو چنيسر جي لوڪ ڪٿا شايع ٿي".[3]

جاگرافيءَ جي ميدان ۾ منشي گرڌنو لا ل سنگهه سيوهاڻي جو نالو اهم آهي.هو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر (ضلع ڪراچي ۽ شڪارپور) جي آفيس ۾ هيڊ منشيءَ جي عهدي تي فائز هو هن جي تحرير ڪيل "بمبئي ڪاتي جي جاگرافي" 1868ع ۾ هندو سنڌي الفابيٽ ۾ شايع ٿي. 1869ع ۾ رياضي جي مضمون تي نارائڻ جگن ناٿ هڪ ڪتاب "ليکي جي پيڙهه" ليٿو تي تعليم ڪاتي طرفان شايع ٿيو. هي پڻ ننڍڙو ڪتاب هو جيڪو تعليمي مقصد لاءِ لکيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ 32 صفحا ڏنل هئا.آلومل ٽيڪمداس "سنڌ جي مختصر تواريخ" کي 1880 ۾ مختصر ڪري 48 صفحن ۾ خدا وادي لپيءَ ۾ پڻ شايع ڪرايو.

شڪارپور واري پوڪرداس ۽ سکر واري هريسنگهه ڏنگومل عربي سنڌي رسم الخط کان سواءِ خدا وادي لپين ۾ پڻ ڪيترائي ڪتاب ڇپايا. "پوڪرداس ڪتابن جي ڇپائيءَ جي واپار کي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ به وڌايو. مشهور مورخ گنگا رام سمرات لکي ٿو ته: "19صدي تائين هٽ واڻڪا اکر شڌ برهمي (ديوناگري) ۾ لکيا ويندا هئا. ايتري قدر جو اسڪولن جا سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ به ان هندو- سنڌي، هٽ واڻڪي ۾ ڇپيا ۽ پڙهيا ويندا هئا. بمبئيءَ جي سرڪاري لئبريري ۾ اهي ڪتاب اڃا به موجود آهن".[4]

1853ع کان 1900ع تائين خدا وادي/ هندو سنڌي رسم الخط ۾ شايع ٿيل ڪجهه درسي ڪتابن جي لسٽ هيٺ ڏجي ٿي، جيڪا محقق ڊاڪٽر الهه رکيي ٻٽ جي ته ماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل مضمونن تان ضرورت مطابق ڪنيل آهي:

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|---|
| .1 | سنڌي پهرين ڪتاب | اڌارام ٿانور داس | 1868ع |
| .2 | سنڌي ٻيون ڪتاب | اڌارام ٿانور داس | 1868ع |
| .3 | ليکي جي پيڙهه | نارائڻ جگن ناٿ | 1871ع |
| .4 | سنڌي ٽيون ڪتاب (سڌاريل) | ڪوڙومل چندنمل | 1872ع |
| .5 | سنڌي چوٿون ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل | 1876ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .6 | سنڌي پنجون ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل | 1883ع |
| .7 | وهنواري رواجي ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل | 1870ع |
| .8 | دنيا جي چوپڙي | علي مراد | 1894ع |
| .9 | پهرين سنڌي چوپڙي | علي مراد | 1894ع |
| .10 | سنڌي گرامر | اڌارام ٿانور داس | 1875ع |
| .11 | سنڌي انگريزي لغت | ڪئپٽن جارج اسٽئڪ | 1855ع |
| .12 | ڪوڙا | | 1875ع |
| .13 | بمبئي ڪاتي جي جاگرافي | گرڌنومل | 1868ع |
| .14 | بمبئي ڪاتي جي مختصر جاگرافي | هريسنگهه | 1875ع |
| .15 | سنڌ جو مختصر نروار | محمد رمضان آخوند | 1872ع |
| .16 | هندستان جي مختصر تاريخ | پريداس قسمتراءِ | 1868ع |
| .17 | الف بي (سٽاريل ڇاپو) | هري سنگهه | 1872ع |

سن 1853ع ۾ عربي سنڌي الف بي نافذ ڪئي وئي، پر ان الفابيٽ ۾ اوڻايون ۽ ڪوتاهيون رهجي ويون، جن تي اڄ سوڌو تنقيد ۽ بحث مباحثا جاري آهن، ان ڪان پوءِ ان جي وڌيڪ اصلاح لاءِ ڪم شروع ڪيو هو. سن 1868ع ۾ هندو سنڌي لپيءَ کي به متعارف ڪيو ويو. ان ۾ به ڪيترين ئي اوڻايون رهجي ويون. ساڳئي سال تعليم ڪاتي جي زير نگراني ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو. سنڌ جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي هٿ هيٺ، صدر سان گڏ ڪميٽيءَ جا 8 ميمبر هئا. ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو هيڊماستر ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هوندو هو. مذڪوره ڪميٽيءَ جو بين ذميوارين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي عربي سنڌي ۽ هندو-سنڌي (خدا وادي) لپين جي هڪجهڙائي صورتخطي مقرر ڪرڻ جو ڪم شامل هو."[٥] اهڙي طرح ورنيڪيولر ڪميٽيءَ جا ميمبر تبديل ٿيندا رهندا هئا. سن 1869-70ع ۾ ان ڪميٽيءَ ۾ هيٺيان ميمبر شامل هئا:

| نمبر | نالو | عهدو |
|---|---|---|
| 1 | مسٽر نارائڻ جگن ناٿ وئديه | سربراهه |
| 2 | مسٽر آلومل ٽيڪمداس | ميمبر |
| 3 | مسٽر ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي | ميمبر |
| 4 | مسٽر پريداس آنند رام | ميمبر |
| 5 | مسٽر ميان محمد | ميمبر |
| 6 | آخوند غلام علي | ميمبر |
| 7 | مسٽر ڪرشنا شاستري | ميمبر |
| 8 | مسٽر اڌارام ٿانور داس | ميمبر |
| 9 | آخوند عبدالرحيم | ميمبر |

اڳتي هلي ٻنهي لپين جي اصلاح لاءِ الڳ الڳ ڪميٽي ون ڪم ڪنديون هيون. انهن لپين جا الڳ الڳ اڳواڻ هوندا هئا. پر سندن تعلق تعليم کاتي سان هوندو هو. سنڌ جي تعليم کاتي جا سربراهه انهن ڪميٽي ن جا سرپرست هوندا هئا. جڏهن ته اسڪولن جا قابل استاد انهن لپين جي اصلاح ڪندا هئا. نوان ڪتاب تيار ڪندا هئا ۽ اڳ شايع ٿيل ڪتابن جون درستگيون ڪندا هئا.

مٿي اسان بحث ڪري چڪا آهيون ته "هندو سنڌي الفابيٽ" جو نفاذ سياسي ۽ مذهبي بنيادن تي ٿيل هو ۽ حڪمرانن جو ان مان مقصد سنڌي ماڻهن کي ورهائي ۽ مٿن حڪومت ڪرڻ هو. ان تقسيم ۽ تضاد جا اولڙا ان دور جي ادب، سياست، سماج ، تعليم ادارن ۽ درسي ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. اسان هڪ مثال هتي موضوع جي حساب سان درسي ڪتابن جي مسئلي تي اخبار تعليم مان ڏيون ٿا: "هي وڏي ڳالهه جنهن ۾ رايا مختلف آهن سا هي آهي ته ڪتابن ۾ هندو نالا ، لفظ ۽ خيال ۽ مسلماني نالا ، لفظ ۽ خيال ڪيتري قدر هئڻ گهرجن. انهن بابت سنڌ جي مسلمانن جو تحرڪ گهڻو آهي. انهن ڏينهن کان پڪار هلي اچي ته هندو الفاظ ۽ نالا سنڌي درسي ڪتابن ۾ بلڪل گهڻا آهن. اها پڪار زائل ڪرڻ لاءِ سرڪار هاڻي هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي آهي.

جنهن جا ٽي ميمبر مسلمان ۽ فقط هڪ هندو آهي. سردار محمد يعقوب، مسٽر صادق علي مرزا، مسٽر قليچ بيگ مرزا ۽ ديوان ڪوڙومل انهيءَ ڪميٽيءَ جا ميمبر مقرر ڪيا ويا آهن ۽ انهن سان صلاح واسطي مسٽر پريمچند اوتراءِ پڻ شامل ڪيو ويو آهي".[6]

هندو سنڌيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ۽ ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري خط لکڻ لاءِ خصوصي طور تي ٽائيپ رائيٽر جوڙايو ويو. سنڌ جي تعليم جي انسپيڪٽر پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو ته: "هندو سنڌي جوڙائڻ لاءِ بمبئيءَ ۾ آرڊر ڏنو ويو آهي. ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪمپازيٽر پڻ ڀرتي ڪيا ويا آهن".[7] ڊاڪٽر عظيم الشان حيدر به ان سلسلي ۾ لکيو آهي ته: سن 1873ع ۾ سنڌي ٽائيپ رائيٽر تيار ڪيو ويو ۽ درسي ڪتاب شايع ڪيا ويا".[8]

انگريزن جي دور کان اڳ سنڌ ۾ پرنٽنگ پريسون ڪو نه هيون. ڪتابن جي اشاعت ڪو نه هئي. سنڌي الف-ب جي سرڪاري منظوريءَ سان اسڪول کوليا ويا، ڪتاب لکيا ويا، اخبارون ۽ رسالا جاري ٿيا. ليٿوگرافڪ پرنٽنگ پريسون قائم ٿيون، جنهن سان سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ان وقت جي سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر جي.جي مور پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته: "ڪجهه پراڻن ڪتابن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جي گهرج ٿي آهي ۽ نون ڪتابن جي اشاعت جي ضرورت آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته هڪ نئين ليٿوگرافڪ پريس خريد ڪجي، ڇو جو موجوده ٻه پريسون هن وقت گهربل مقصد لاءِ پوريون نه ٿيون پون. جڏهن ته اسڪولن ۾ هندو سنڌي ۽ گرمکي خط کي عورتن جي اسڪولن ۾ متعارف ڪرڻ سان ڪتابن جي اشاعت جو ڪم وڌي ويو آهي".[9]

مٿين بيانن مان ثابت ٿئي ٿو ته درسي ڪتابن جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ پهرين ڪلاس کان پنجين درجي تائين سائنس، جاگرافي، رياضي، تاريخ، سنڌي سميت ڪيترائي ڪتاب خدا وادي (هندو سنڌي) لپيءَ ۾ شايع ٿيا. ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ تعليم کاتو نصابي ڪتاب شايع ڪندو هو ته خانگي ادارا انهن جون شرحون شايع ڪندا هئا.

# حوالا


1. Estiwick ,Lt.E.B: A Vocabulary of Sindhi Language",1843
2. Naomal Hotchand: "A forgotten Chapter of Indian History" Editor's Note, Oxford Press, 1982, P- 165
3. لڪاڻي ,راڪيش: "واڻڪي هڪ وسريل لپي". (انٽرنيٽ تان ڪنيل)
4. سمرات، گنگارام: "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس"(گيان سنڌو). 1990ع، ص 46
5. ٻٽ ، الهه رکيو ڊاڪٽر: "1819ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو" ، ٽه ماهي مهراڻ نمبر 1 ،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع
6. ماهوار نومبر 1904ع اخبار تعليم ، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ، ص 2
7. Report by E.McG. H. Fulton, Educational Inspector in Sindh, for 1872-73, Educational Societies, Byculla, 1874
8. Dr. Azeem-us-Shan Haider: "History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development", 1974
9. Report by J. G. Moore, esq., c.s., Educational Inspector in Sindh, for 1868-69, Educational Societies, Byculla,1870

# هندو- سنڌي ادبي ڪتابن جي اشاعت

ڊاڪٽر الهه رکئي ٻٽ، جيڪا 1819ع کان وٺي سنڌي ڪتابن جي لسٽ مهراڻ رسالي ۾ شايع ڪرائي هئي، ان ۾ هندو-سنڌي ۾ شايع ٿيل ڪيترن ئي ڪتابن جي معلومات ملي ٿي جنهن ۾ قصا، ڪهاڻيون، تاريخ، جاگرافي، سماجي، اقتصادي، لسانيات، گرامر ، درسي ڪتاب، ناول، ناٽڪ، ڌرمي ڪتاب وغيره اچي وڃن ٿا.

سنڌي زبان جي پهرين لغت ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جوڙي. هن جو اهم ڪم English and Sindhi Dictionary آهي. هي ڪتاب آمريڪن مشن پريس بمبئي مان 1849ع ۾ شايع ٿيو. هن ڊڪشنريءَ تي جارج اسٽئڪ تمام گهڻي محنت ڪئي، ڪئپٽن اسٽئڪ عيسائين جي مقدس ڪتاب گاسپل آف سينٽ ميٿيوز (Gospel of Saint Matthews) جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي ترجمو هن ديوناگري رسم الخط ۾ لکيو. هي ڪتاب ان وقت جي اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو. عيسائي مذهب جا ڪتاب، برٽش ۽ فارين بائيبل سوسائٽي، لنڊن جي خرچ تي ڇپجي پڌرا ٿيا. ڪراچيءَ ۾ مشن اسڪول کلڻ کان گهڻو پوءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ مشن اسڪول کليا.



1859ع ۾ 'يوحنا جو باب' گرمکي اکرن ۾، لنڊن ۾ ڇاپيو ويو. ان کان پوءِ به مسلسل هر سال مذهبي ڪتاب ڇپبا رهيا. 1870ع ۾ سينٽ ميٿوز جي بائيبل جو هندو سنڌي اکرن ۾ ترجمو ڪيو ويو. 1890ع ۾ لنڊن ۾ بائيبل جو نئون ڇاپو ڇپيو

ليفٽيننٽ ڊبليو ڊي ڊڪسن سنڌي زبان جو هڪ گمنام آڪاٽي نويس آهي. هو شڪارپور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي فائز هو. هن 1851ع ۾ گليڊ ون جي انگريزي ڪتاب "پرشين منشي" (Persian Munshi) جو سنڌيءَ ۾ ترجمو خدا وادي لپيءَ ۾ ڪيو. 1858ع ارنيسٽ ٽرمپ هڪ ڪتاب: "Sindhi Reading Book in the Sanskrit and Arabic Characters" نالي سان لنڊن جي واٽس پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هي ڪتاب ديوناگري ۽ عربي اکرن تي آڌاريل هو. هن ڪتاب ۾ تبليغي مواد به ڏنو ويو هو ڇاڪاڻ ته ٽرمپ عيسائي چرچ جو مشنري (مبلغ) هو. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ هو صاحب لکي ٿو ته: "هي ڪتاب سنڌ ۾ ايندڙ عيسائي مبلغن جي شايع ڪرڻ لاءِ مذهبي مواد ۽ مذهبي ڪتابن لکڻ ۾ مدد ملندي."(1)



خداواديءَ ۾ محمد يوسف جو جوڙيل پهرين قصو "دودو چنيسر" (1893ع)

1868ع ۾ سنڌي هندن جي مطالبي تي انگريز سرڪار جي تعليم کاتي سنڌي درسي ڪتاب خدا وادي لپيءَ ۾ ڇپائي پڙهڻ لاءِ ميسر ڪيا هئا. محمد يوسف ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ٽالپرن جي دور کان منشي طور خدمتون سرانجام ڏيندو هو. سندس ڪيترائي ڪتاب ڪراچيءَ مان شايع ٿيا. اڻويهين صديءَ ۾ محمد يوسف ڪراچيءَ ۾ نه رڳو

ڪتاب شايع ڪندو هو. محمد يوسف بنيادي طور تي درسي ڪتاب وڏيڪ لکيا، پر هن ڪجهه قصا پڻ لکيا، جن ۾ "دردو چنيسر" اهم آهي. هن قصي کي محمد يوسف 1893ع ۾ لکيو. هي پهريون قصو هو. جنهن کي خدا وادي لپيءَ ۾ شايع ڪيو ويو.

اڌارام ٿانور داس ميرچندائي (1823-1883ع) ناميارو ليکڪ، مترجم ۽ تعليمدان هو. اوائل ۾ جيڪي درسي ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ لکيا ويا تن مان ڪيترائي هن صاحب جا هئا. هن جي لکڻي ڏاڍي سهڻي ۽ وڻندڙ هئي، هو گهرو ۽ نج سنڌي لفظ ڪم آڻيندو هو."[2] اڌارام ٿانور داس، تعليم کاتي پاران جيڪي قصا ڇپايا هئا، انهن ۾ لالي پکٽ جي قصي 'ڪامسين ۽ ڪامروپ' جو قلمي نسخو ڪيس خدا وادي لپيءَ ۾ لکيل مليو هو. هن "راءِ ڏياچ جو قصو" (1876ع) پڻ خدا واديءَ ۾ لکيو.سن 1870ع ۾ اڌارام 'ايسپ جون آکاڻيون' ترجمو ڪري تعليم کاتي طرفان هندو سنڌي الفابيٽ ۾ شايع ڪيو. سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو 1854ع ۾ ديوان ننديرام ميراڻيءَ ان جو عربي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. 1869ع ۾ خدا وادي الفابيٽ ۾ 'دلپسند آکاڻيون' پڻ لکيائين.



سورٺا جا دوها 1861

ان سلسلي ۾ نارائڻ داس جو 'قصو عمر مارئي جو' 1892ع ۾ شايع ٿيو. پريتمداس ولد قسمتراءِ جي هندو سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن ۾ 'هندستان جي مختصر تواريخ' (1873ع) ۽ 'قصو توپي ۽ پڳ جو' (1872ع) شامل آهن. ان کان علاوه 'ليکي جي پيڙهه' (1869ع) لکيائين.

"تاميارِي پبلشر پوڪرداس ٿانور داس (1968- 1934ع)، سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ فارسي، گرمکي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ ٽوڙي سنسڪرت، ڪاٺاواڙي، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ٻه ڪتاب شايع ڪرايا. هن ذاتي طور تي ٻه خدا وادي الفابيٽ ۾ ڪتاب لکيا ، جن ۾"هير رانجهو" (1898ع)، 'پچن دڪا ۽ نواس' (1898ع)، 'ڪٿا نارائڻ داس' (1898ع)، 'پريچا' (1899ع) ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن. هريسنگهه ڏنگومل سکرواري ٻه عربي سنڌي کان سواءِ خدا وادي الفابيٽ ۾ ٻه ڪتاب شايع ڪرايا. منشي خوشيراه ولد موتومل هيرانندائي 19 صدي جا ڪيترائي نثري ڪتاب هن جي هٿن سان لکيل آهن . منشي خوشيرام جو مزاحيه قصو 'ملا ۽ موالي' جولاءِ 1889ع ۾ خداواديءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ڪتاب جون ساڍا ست سؤ ڪاپيون ليٿوگرافيءَ ۾ شڪارپور پريس مان ڇپيون. ساڳئي سال ۾ منشي خوشيرام جا ٻه ڪتاب هڪ 'قصورات ۽ گهوڙي جو' ۽ 'زال مڙس جو جهيڙو' خداوادي لپيءَ ۾ ڇپائي پڌرا ٿيا. هتي هڪ نمونو 1890ع ۾ ترجمو ٿيل هڪ آکاڻيءَ جو ڏجي ٿو جنهن جي خدا وادي صورت چارٽ ۾ ڏنل آهي:



هِڪَ ماٺُهو کي ٻہ پُٽَ هوا. تن مون ننڍي پيءُ کي چَيو "اي بابا، مالَ مان مون جيڪو ڀاڱو منهجو ٿئي سو مون کي ڏي تہ انهي مال تن کي وراهي ڏنو. ۽ ٿورن ڏيهن کان پوءِ اهو ننڍو پٽ سيڪي گڏ ڪري هڪڙي ڏورئي ڏيهہ ڏي هليو ويو ۽ اتي پهنجو سڀ مال اجهلائي ۾ وڃائي ۽ جڏه سڀ کپائي رهيو تہ انهيءَ ڏيهہ ۾ ڏاڍو ڏڪار اچي پئو ۽ اهو پروس ٿئڻ لڳو تہ انهيءَ

ڏيهه جي هڪڙي رهندڙ کي وچي چنبڙيو ۽ انهيءَ پهنجي ٻنيءَ ۾ سٺر چارڻ لاءِ موڪلئس ۽ اتي ٿي پانياءَ تہ جيڪي چلون سٺر ٿا کائين تن مان پهنجو پيٽ ڀريان ۽ انهي کي ڪنہ بہ نہ ٿي ڏنو. تڏہ سنڀال ۾ اچي چياءَ مهنجي پيءَ وٽ ڪيترن پورهيتن کي جهجي ماني ٿي ملي ۽ آءٌ هت بک پٺو مران. تہ آءٌ اٿي پهنجي پيءَ ڏي ويندس ۽ چوندوساس اي بابا مون آسمان جو ۽ تنهنجو گناہ ڪيو آهي ۽ هاڻي انهي لائق نہ آهيان جو وري تنهجو پٽ چوايان سو مون کي پهنجي پورهيتن مون هڪ جهڙوڪري چاڻ".(6)

هتي اها ڳالهہ بہ اهم آهي تہ مسلمان بہ خدا وادي لپيءَ ۾ ادبي ڪتاب لکندا هئا. خدا وادي لپيءَ ۾ شايع ٿيل ڪجهہ ڪتابن جي لسٽ ڏجي ٿي، جيڪا محقق ڊاڪٽر الهہ رکيي ٻٽ جي تہ ماهي 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيل مضمونن تان ضرورت مطابق کنيل آهي:

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|---|
| .1 | سسئي پنهون | منگهن داس | 1893ع |
| .2 | سسئي پنهون | پوڪرداس | 1898ع |
| .3 | قصو عمر مارئيءَ جو | نارائڻ داس | 1892ع |
| .4 | ڪامسين ڪامروپ | لالو ڀڳت | 1879ع |
| .5 | راءِ ڏياچ | | 1872ع |
| .6 | قصو ڪامسين ڪامروپ | خوشيرام | 1879ع |
| .7 | حاتم طائي | | 1898ع |
| .8 | قصو گوپچند | سانوڻمل | 1892ع |
| .9 | قصو گوپچند | فيض محمد شاهہ | 1892ع |
| .10 | گڏيل پنج قصا | پوڪرداس | 1898ع |
| .11 | گوپچند ميناوتي | | 1899ع |
| .12 | گڏيل ٽي قصا | منگهن داس | 1896ع |
| .13 | گيتا ولي | هوتچند سگنومل | 1900ع |
| .14 | قصو ٽوپي ۽ پڳ جو | پريداس قسمتراءِ | 1882ع |
| .15 | قصو شادي ٻڌاپڻ جو | حافظ ميان محمد | 1888ع |
| .16 | سي حرفي بردوي | | 1899ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .17 | پنج مداحون | | 1899ع |
| .18 | هندو لا | نولراءِ شوقيرام | 1875ع |
| .19 | جپ صاحب | | 1875ع |
| .20 | پرارٿنا مالا | اننتا پاواڻي | 1878ع |
| .21 | جپ صاحب ارٿ سميت | شامسنگھ پنجابسنگھ | 1875ع |
| .22 | ھي پوٿي ڀڳوت گيتا | گرداسمل ٿانونداس | 1878ع |
| .23 | پارٿهن ماھ امام | موتيرام ۽ جمناداس | 1890ع |
| .24 | شري ڀڳوت گيتا جو سر | ڏيارام گدومل | 1892ع |
| .25 | ننڊا مالها | علي مراد | 1893ع |
| .26 | منور نجڪ مالا | ڪرشن مهراج | 1896ع |
| .27 | رامائڻ | وسٽمل جيرامداس | 1900ع |
| .28 | ماءُ ڏيءُ | ڏيارام گدومل | 1891ع |
| .29 | عشق مجازي | روچيرام موهنداس | 1893ع |
| .30 | سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي | موٽومل چٽنراءِ | 1898ع |
| .31 | نيتا ڪرم | چيتومل | 1898ع |
| .32 | اتم پت | پوڪرداس ٿانورداس | 1899ع |
| .33 | اندر سڀا | | 1904ع |

1880ع ۾ اڏيري لال بابت ڪتاب 'جنم ساکي اڏيرو لال صاحب جي' شايع ٿيو. اڏيري لال جي شخصيت بابت روايت موجب، اڏيرو لال نصرپور جي رتنراءِ لوهاڻي جي گهر ۾ ڄائو ڄمڻ وقت ايستائين ماءُ جو کير نہ پيتائين، جيستائين سنڌو درياھ جو پاڻي سندس وات ۾ نہ پيو. ان روايت مطابق کيس "درياھ شاھ جي اوتار" جي نالي سان پڻ ڄاتو ويندو آهي. اڏيري لال جا هزارين مريد هرسال چيٽي چنڊ ملهائيندا آهن ۽ اڏيري لال جا "پنجڙا" ڳائيندا آهن. ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ادبي ، ڌرمي ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب شايع ٿيا. عيسائي مذهب وارا پڻ پنهنجي ڌرمي پرچار لاءِ خدا وادي خط جو استعمال ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا. بائيبل جا مختلف ترجما شايع ڪرايا ويا. پادري شرٽ ڪيترائي ڪتاب لکيا.



1899ع ۾ خدا وادي لپيءَ ۾ سنڌي ادب جي پهريون ادبي رسالو 'سوکڙي' پڻ شايع ٿيو ان رسالي جي ڪري به ڪيترو ئي ادبي ذخيرو گڏ ٿيو. 1910ع تائين هندو سنڌي لپيءَ ۾ درسي ڪتاب ۽ 1920ع تائين ادبي ڪتاب سٺي تعداد ۾ شايع ٿيا. پر پوءِ اهو سلسلو آهستي آهستي بند ٿي ويو ۽ سنڌ جي هندو توڙي مسلمان ليکڪن عربي سنڌي لکڻ کي اوليت ڏني.

## حوالا


1. Trump .Ernest: ""Sindhi Reading Book in the Sanskrit and Arabic Characters", 1872

2. ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻي: "چوندسنڌي نثر". سنڌر پرنٽنگ پريس اجمير 1951ع، ص 31

3. اي جي گريئرسن :" برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"(ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين) ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،حيدرآباد، 2011ع، ص 177

# خدا وادي لپيءَ جي ڪامياب نہ ٿيڻ جا ڪي سبب

خدا وادي لپيءَ کي سرڪاري سطح تي ان ڪري متعارف ڪيو ويو هو تہ جيئن مسلمانن سان گڏ هندن کي بہ راضي رکيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ واپار، سياست، تعليم ۽ نوڪرين ۾ هندو مسلمانن جي ڀيٽ ۾ اڳتي هئا. پر پوءِ هندو- سنڌي اسڪولن جي پوئتي پيل حالت ۽ اُستادن جي پاڙهڻ جو عجيب طريقو ڏسي، اهو محسوس ڪيو ويو تہ مسلمانن جي مقابلي ۾ هندن جو توجهہ علم جي تحصيل ڏانهن گهٽ آهي.انگريز سرڪار جي وڏي چال اها ٿي هوندي هئي تہ: "ماڻهن کي مذهبن ، عقيدن ، ذاتين، قومن ۾ ورهايو ۽ مٿن حڪومت ڪيو". هنن سنڌين کي 'عربي- سنڌي' ۽ 'هندو- سنڌي' ۾ اهڙو تہ ورهائي ڇڏيو جو هو ڪڏهن بہ هڪ ٿي نہ سگهيا. حقيقت اها آهي تہ خدا وادي خط فني بنيادن تي بہ گهٽين خامين جو شڪار هو. عالمن جي نظر ۾ ڪي هيٺيان سبب هئا، جن جي ڪري خدا وادي لپيءَ ڪاميابي ماڻي نہ سگهي:

### 1. ماترائن کان خالي لپي

خدا وادي لپيءَ جي سڀ کان وڏي وڪيل، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ اعتراف ڪيو هو تہ: "هن خط ۾ حروف علت (Vowel) نہ آهن".[1] اهڙي ريت هڪ مشهور يورپي عالم ارنيسٽ ٽرمپ پڻ خدا واديءَ کي سنڌي زبان جي استعمال لاءِ غير مناسب سمجهي ٿو. هو لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ رائج واڻڪا اکر سنڌي ٻوليءَ جي ادبي مقصدن لاءِ قطعي ناموزون آهن، ڇوتہ وقت جي وهڪري سان اهي اکر نهايت بيڍولا ۽ ڇچڙجي چڪا آهن ۽ ساڳئي وقت سنڌي سرن ۽ ويڃن جي سرشتي لاءِ بلڪل اڻ پورا آهن. واڻيا پنهنجن ئي ٻندين ۾ لکيل لفظ ڪجهہ عرصي بعد صحيح پڙهي نہ ٿي سگهيا. سنسڪرت الف بي کان وڌ ٻي ڪابہ الف بي سنڌي ٻوليءَ لاءِ موزون ڪونہ آهي. ڇوتہ سنڌي ٻولي سنسڪرت ۽ پراڪرت جي حقيقي ڌيءَ آهي. سنسڪرت جا اکر سنڌي آوازن لاءِ نهايت

مناسب آهن، پر ملڪ جي مذهبي تنگ نظريءَ سبب سنسڪرت الف بي رائج ڪرڻ لاءِ رنڊڪون پيدا ڪيون ويندڀون".[5]

2. علائقائي ۽ گهٽ نالي واري لپي

مٿي اسان تفصيل سان بحث ڪري چڪا آهيون تہ خدا وادي لپي مختلف علائقن ۾ مختلف نالن سان مشهور هئي، جن ۾ هڪجهڙائي نہ هئي. ان سلسلي ۾ مشهور لسانياتي ماهر جان بيمس لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ هندو سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ ٻارنهن تيرنهن قسمن جا رسم الخط استعمال ڪندا آهن، جن مان ڪيترائي هڪ ٻئي کان مختلف آهن. تازو ئي سنڌيءَ لاءِ عربي اکر استعمال ڪرڻ شروع ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي آوازن جي ادائگي لاءِ غلط ڍنگ ۾ ڪم آندا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط تجويز ڪئي وڃي ٿي، پر مان سمجهان ٿو تہ اها بہ سنڌ ۾ بلڪل استعمال ڪو نہ ٿيندي آهي".[6] ان کان سواءِ اهو بہ مشهور هوندو هو تہ سکرجو واپاري شڪارپوري لکت کي ڪو نہ سمجهي ۽ شڪارپور وارو سکر واري کي نہ سمجهي.

3. هندو واپارين تائين محدود لپي

جيتوڻيڪ ڪي هندو ودوان خدا وادي لپيءَ کي پنهنجي ڌرمي لپي مڃن ٿا، پر حقيقت اها اهي تہ خدا وادي ڌرمي مقصدن کان وڌيڪ هندو واپارين جي استعمال جي لاءِ هڪ قابل اعتماد، مستند ۽ خفيہ (Cipher) لکت هئي، ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هئي. رچرڊ برٽن، خدا واديءَ تي تنقيد ڪندي لکيو هو تہ "خدا وادي اکرن جو استعمال ان ڪري ڪيو وڃي ٿو تہ اهي اڳ گهڻي مروج آهن، پر انهن جو استعمال هندن جي فرقي تائين محدود آهي".[8]

4. غير ادبي لپي

رسم الخط کي هنديءَ ۾ 'لپي' بہ چيو ويندو آهي.رسم الخط مان مطلب هوندو آهي تہ "لکت جو رواج." هر سڌريل ٻوليءَ کي هڪ مخصوص، مناسب ۽ نهڪندڙ رسم الخط (Script) ضرور هوندو آهي. جن ٻولين وٽ رسم الخط جي نعمت نہ هوندي آهي، اهي اڻ سڌريل ، ادب کان خالي، جهنگلي ۽ پسيون

زبانون سڌيون آهن ۽ انهن جي حيثيت صرف ڳالهائڻ واري زبان (Spoken language) تائين محدود هوندي آهي. ان کان علاوه عالمن جو اهو به چوڻ آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي وڏي خوبي اها هوندي آهي ته ان ۾ لکت جو طريقو معياري هجي ۽ ان ۾ ادب جو ڀنڊار هجي. خدا وادي هندو واپارين جي استعمال جي هڪ قابل اعتماد ۽ مستند لپي هئي. اهو واپاري طبقو ايڏي اثر رسوخ جي باوجود ان لپيءَ کي ادبي ۽ علمي سطح تي آڻي نه سگهيو.

ٻئي طرف انگريزن کان اڳ حڪمرانن جي سرڪاري زبان فارسي هئي، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي به ڪا سرڪاري همت افزائي نه هئڻ جي باوجود 'عربي- سنڌي' رسم الخط ۾ ڪيترو ئي ادب ميسر ٿيو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دورن ۾ ڪو به اهڙو ادبي شاهپارو خدا وادي لپي ۾ نه مليو آهي، جنهن سان انهن دورن ۾ ان خط جي ڪا علمي ۽ ادبي حيثيت پرکي سگهجي. ان سلسلي ۾ رچرڊ برٽن لکيو آهي ته: "سنڌي ادب لاءِ ايترو چوڻ گهڻو آهي ته جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو تڏهن ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ۽ ادب موجود ڪونه هو جيترو سنڌيءَ ۾ موجود آهي ، پر ان جي شاهوڪاري عربي ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر آهي. ڪتابن جي پوري ڪٿ نٿي ڪري سگهجي. پر ايترو يقين آهي ته ٻه ٽي سؤ قلمي نسخا ڪٺا ڪري سگهيا".(۶)

12 ڊسمبر 1868ع واري سرڪاري پڌرنامي ۾ هندو سنڌي لاءِ ڄاڻايو ويو آهي ته ان لپيءَ ۾ اڳ ڪو به ادبي ذخيرو موجود نه آهي. مطلب ته اها لپي بلڪل غير ادبي هئي، جنهن ۾ ان وقت تائين ڪو به ڪتاب لکيل ڪو نه هو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جنهن سڀ کان اول ان لپيءَ جي حمايت ڪئي هئي، ان به پنهنجا ڪتاب خدا وادي جي بجاءِ ديوناگري ۾ لکڻ کي ترجيح ڏني.

### 5. تعليم کان خالي لپي

سنڌ جي تاريخ ۾ خدا وادي لپي تعليمي مقصدن لاءِ ڪنهن خاص استعمال هيٺ نه آئي هئي ۽ جڏهن آئي ته ناڪام ٿي. اسان کي خبر آهي ته

خدا وادي جو استعمال ڪندڙ واپاري ۽ طاقتور طبقو هو جن جو معاشري ۾ وڏو اثر رسوخ هوندو هو انهن به تعليم لاءِ ڪڏهن به خدا واديءَ جي سرپرستي نه ڪئي. ٻئي طرف عامل طبقو جيڪو نوڪرين ۾ هوندو هو اهو فارسي سکڻ ۽ پڙهڻ کي ترجيح ڏيندو هو. جن اسڪولن ۾ ان لپيءَ ۾ تعليم جو بندوبست ڪيو ويو، اتي اهو ناڪام ثابت ٿيو. ان سلسلي ۾ هڪ مثال ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پنهنجي ڪتاب ۾ تذهوڪي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪيلڪٽر مسٽر وليم ايلنس (William Aliens) جي حوالي سان لکيو آهي ته: " ٻارهن سالن جي تجربي کان پوءِ ڊپٽي ڪيلڪٽر مسٽر وليم ايلنس ۽ سندس معاون اڏارام 7 جولاءِ 1888ع ۾ وزيٽرس بڪ تي لکيو ته: "شهر جي لحاظ سان حاضري تمام گهٽ آهي. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته چو هندو ماڻهو اسڪول طرف توجهه نٿا ڏين، جڏهن ته ماستر سندن ٻارن کي پراڻي هندو سنڌي لپيءَ ۾ سندن گهربل مطلب موجب تعليم ڏيڻ لاءِ موجود آهن ".[6] ان جو مطلب اهو ٿيو ته تعليم جي مقصد لاءِ اهو هڪ غير فطري لکت جو طريقو هو. جڏهن ان کي تعليم لاءِ استعمال ڪيو ويو ته تعليمي نظام پنهنجا گهربل نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيو.

### 6. هڪجهڙائي کان وانجهيل لپي

جيتوڻيڪ جو خدا وادي آئيونا جي ان دور جي مجيل عالمن اصلاح ڪئي، پر ان جي باوجود ان ۾ يونيفارمٽي يا هڪجهڙائي اچي نه سگهي. مطلب ته ان جي لکڻي هر ماڻهوءَ وٽ مختلف هوندي هئي. جيڪڏهن لکيو هو ته "گنگو اجمير ويو" ۽ وري پڙهيو هو "گنگو اڄ مري ويو". ان سلسلي ۾ ڪيترائي لطيفا به مشهور آهن. هڪ لطيفو ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي: "هڪ لطيفو پاٽ شهر جي هڪ قاضي سان واسطو رکي ٿو. قاضي قطب الدين کي هڪ هندو سيٺ هندو سنڌيءَ ۾ خط لکيو جيئن ته هو ان لپي ۾ پڙهي نه ٿي سگهيو ان ڪري هن هڪ ٻئي ڳوٺ جي هندو واپاري کي پڙهڻ لاءِ ڏنو. سو ٻئي هندو ان کي هن ريت پڙهيو : "قاجي ڪ جات. رافجاڻي

جات، قاجي ڪتو بي دين سل ۾ رنبو." جڏهن ته اصل سيٽ ڪيس لکيو هو ته: "قاضي القضاة رفيع الدرجات، قاضي قطب الدين سلمه ربه."[7]

هڪ ٻيو لطيفو مارڪ اينٽونيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ هن ريت لکيو آهي: "هڪ ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ اباڻو گهر ڇڏي ساهراڻي گهر هلي وئي. ڪجهه هفتن ڪانپوءِ سندس ساهرن هڪ خط خدا وادي لپي ۾ لکيو ته "هوءَ هري مري وئي آهي". يعني ساهرن جي گهر ۾ بلڪل ٺهي وئي آهي. پر سندس مائٽن ڪي پڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿي ۽ هنن ان جو مطلب ڪڍيو ته "هري مري وئي آهي". (هوءَ فوت ٿي وئي آهي) بس خط پهچڻ جي دير هئي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو."[8]

اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال موجود آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته خدا وادي آئيوٽا ۾ ماترائن گڏجڻ ڪان پوءِ به ان ۾ هڪجهڙائي اچي نه سگهي.

## 7. خدا وادي لپي پڙهندڙن کي سرڪاري نوڪريون

خدا وادي يا هندو سنڌيءَ ۾ تعليم جو بندوبست ته ڪيو ويو هو، پر ان جي پڙهندڙن کي نوڪريءَ ڏيڻ جو انتظام اچا ڪو نه ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته ان لپيءَ جي دفتري استعمال جو منصوبو اچا نه جوڙيو ويو هو. ان ڪان سواءِ اها به حقيقيت هئي ته ان جي پڙهندڙن ۾ نوڪريءَ ڏانهن ڪو خاص لاڙو نه هو. ڇاڪاڻ ته خدا وادي پڙهندڙ هندو واپارين ۽ دڪاندارن جي ٻارن کي تعليم ڏني ويندي. اهي ٻار پڙهائي پوري ڪري وري ڌنڌي ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. ان ڪري هندو سنڌي ۾ تعليم حاصل ڪري نوڪري جي ترجيح ۽ حاصلات نه هئڻ سبب به هيءَ لپي ناڪام ٿي. ديوان ننديرام جو ڪتاب "سيکاڻتو نروار" 1856ع ۾ شايع ٿيو هن ڪتاب ۾ تعليمي سرشتي ۽ تعليم جي اهميت واري موضوع تي بحث ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ننديرام لکي ٿو ته:"گهڻو ڪري عاملن جا ڇوڪر رڳو فارسي هن گهرج ڪان سکن ٿا ته سرڪاري ڪارخانن ۾ انهن کي نوڪري ملي. هاڻي ته سيني ڪچهرين ۾ سنڌي هلي ٿي."[9]

سنڌي ٻولي جي باري ۾ ۽ نوڪرين جي سلسلي ۾ نارائڻ جگن ناٿ لکي ٿو ته: "سنڌي ٻولي ڪيترن ئي ٻولين مان نڪتل آهي پر سندس پاڙ شاستري

ٻولي آهي، پوءِ ان سان عربي ۽ فارسي گڏ ٿي سنڌي ٺهي آهي. سنڌ ۾ اکرن جا چار قسم آهن: هڪڙا عربي، جي سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪم اچن ٿا ۽ پڻ مسلمانن جي دين جا ڪتاب انهيءَ صورت جي اکرن ۽ عربي ٻوليءَ ۾ آهن ۽ ٻيا واڻڪا اکر جي واپاري خواهه شاهوڪاري ۾ ڪم اچن ٿا. ٽيان گرمکي اکر جي هندو ڌرم جي ٻولين لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڪم اچن ٿا ۽ چوٿان ديوناگري اکر جنهن ۾ اڪثر هندن جا شاستر لکيل آهن تن جي سنڌ جي هندن مان ٿورن کي خبر آهي".(10)

اهڙي محدود واهپي سبب هندو سنڌي فقط ٻن ڏهاڪن ۾ ئي ناڪام ٿي وئي، ان لپي ۾ ڪي ودوان ۽ اديب پيدا نہ ٿي سگهيا. واپاري طبقو بہ تمام جلد ان مان بيزار ٿي پيو. ان سلسلي ۾ ڏيارام گدومل لکي ٿو تہ " تجارتي جماعتون بہ هن نئين خط مان بيزار ٿي پيون آهن ۽ هندن جا ٻار هن خط کي رڳو تيستائين سکي رهيا آهن، جيستائين اسڪولن ۾ آهن. اسڪولن ڇڏڻ کان پوءِ، هو هن نئين خط کي وساري ٿا ڇڏين، ۽ پراڻي شارٽ هينڊ واري خط کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن".(11)

## 8. عربي سنڌي الفابيٽ جي پختگي

سنڌ ۾ عربي سنڌي الفابيٽ جي خود هڪ وڏي تاريخ آهي. ائين صدي عيسويءَ کان عربي ۽ فارسي زبانون سنڌ ۾ سرڪاري ۽ تعليمي ٻولين جو درجو رکندڙ هيون. سنڌ ۾ هڪ رهندڙ عالم، اديب، عملدار، پنڊت ڪنهن نہ ڪنهن غرض سان فارسي ۽ عربي زبانن ۾ لکڻ پڙهڻ سگهندا هئا.نسخ ۽ نستعليق رسم الخطن ۾ ڪيترائي سنڌي ڪتاب لکجي چڪا هئا.مطلب تہ صدين کان هندو ۽ مسلمان عالمن جي ڪوشش سان سنڌي ڪتابن جو جيڪو ذخيرو گڏ ٿي چڪو هو، ان کي نظر انداز ڪرڻ ڏکيو هو. اهڙي طرح آفيسن جو نظام بہ عربي سنڌي رسم الخط ۾ هلايو وينڊو هو. ان جي ڀيٽ ۾ خدا وادي لپيءَ ۾ نہ تہ ڪا ادبي تاريخ هئي نہ وري تعليمي ڪارج هو. ٻئي طرف عربي سنڌي صورتخطي نہ فقط مسلمانن ۾ ڪامياب ٿي پر هندو عالمن ۽ اديبن ان لپيءَ ۾ وڏو نالو پڻ ڪمايو. سنڌ جا هندو جڏهن هجرت

ڪري هندستان ويا، تڏهن هنن وٽ ساڳيو مسئلو ڪڙو ٿيو ته هنن جي استعمال لاءِ ڪهڙي لپي هئڻ گهرجي. هو اتي سنڌيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هنن ۾ هڪ گروهه وڏي مهم هلائي ته هاٽي ديوناگري کي علم ۽ ادب جي استعمال لاءِ اپنائڻ گهرجي، پر هندستان جي عالمن، اديبن ۽ استادن جي وڏي اڪثريت عربي سنڌي رسم الخط کي چالو رکڻ جو فيصلو ڪيو. اهو خط اڄ به هند ۽ سنڌ ۾ ڪاميابيءَ سان چالو آهي. ۽ جيڪي عربي سنڌي الفابيٽ جا مخالف هوندا هئا، اهي به لکندا ان ئي لپيءَ ۾ هئا. ان علاوه به ڪيترائي سبب آهن، جن جي ڪري خدا وادي لپي سنڌ ۾ تعليمي ۽ ادبي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي.

## حوالا


1. George Stack, Captain: "A Grammar of Sindhi Language", Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001,P-11
2. Trump, Dr. Ernest: Grammar of Sindhi Language", Turnor & Comapnay, London, 1872
3. Beams, John: "A comparative Grammar of Modern Aryan Languages of India", 1872, (E-Book)
4. Burton, Richard F.: Sindh and the Races that Inhabit the Valley of the Indus", Indus Publication, Karachi, 1988, P-154
5. ساڳيو حوالو ص 133
6. Siddiqi, Dr. Habibullah: "Education in Sindh Past & present", Institute of Sindhology, Jamshoro,1987, P-168
7. ساڳيو حوالو ص 169
8. Fazlon,Mark Anthony: "Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora, 1860-2000", Brill Leden Boston, 2004, P-272
9. ننديرام ميراڻي : "سيکائڻ جو نروار"، تعليم کاتو 1856ع، ص 18
10. نارائڻ جڳن ناٿ: "سنڌ جو نروار"، تعليم کاتو 1865ع
11. Zarin Qalam: "A Note on Sindhi Alphabet", The Journal of the Sind Historical Society, September 1943

# خداوادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪاري سطح تي سفارشون

جنهن جوش وخروش سان خدا وادي لپيءَ جي 1855ع ۾ اسڪولن ۾ متعارف ڪرڻ واسطي منظوري ورتي وئي ۽ 1868ع ۾ ان کي سرڪاري طور اسڪولن ۽ ٻين شعبن ۾ نافذ ڪيو ويو پر تجربو ڪامياب ٿي نه سگهيو. ان صورتحال اهو ثابت ڪيو ته 'عربي – سنڌي' سان گڏ 'خدا وادي الفابيٽ' آڻڻ جو عمل هڪ سياسي مصلحت کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ وظيفا، سرٽيفڪيٽ ، پگهارن ۾ اضافا وغيره ارپيا ويا. ان جي برعڪس اهو خط ڪامياب ٿي نه سگهيو. خود هندو عالمن ، اديبن ، شاگردن ۽ انگريز عملدارن ان کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪار کي سفارشون موڪليون. ان سلسلي ۾ هتي ڪجهه رايا پيش ڪجن ٿا:

### سر اي جي گريئرسن

ڊاڪٽر جارج ابراهم گريئرسن، سنڌي رسم الخط جي سلسلي ۾ به ڪافي تحقيق ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ جي مقامي رسم الخطن جا نمونا هٿ ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنا. خدا واديءَ جي ناڪامي لاءِ سرگريئرسن لکيو ته: "ڊالـن کي سنڌيءَ ۾ "ٻنيا" يا واڻڪا اکر به چوندا آهن، جيڪو تمام اڻ پورو رسم الخط آهي جنهن ۾ وچ وارا سر يا حرف علت (Vowel) ڪو نه هوندا هئا. اها اصلوڪي لکندڙ ڪان سواءِ ٻين کي گهٽ سمجهه ۾ ايندي، بلڪه خود ان کي به ڪڏهن ڪڏهن سمجهه ۾ ڪا نه ايندي آهي". هو وڌيڪ لکي ٿو ته "واڻڪي لکڻيءَ کي پڙهڻ لائق بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون آهن. اها سڌاريل هندو الف-ب اسڪولن ۾ به سيکاري ويئي، ان ۾ ڪتاب به ڇپايا ويا، پر اها سرڪاري سرپرستيءَ جي باوجود ڪامياب نه ٿي. ان لاءِ ٽيندڙ ڪلاس ختم ٿي ويا ۽ ماڻهو هاڻي به پنهنجي طريقي سان لکڻ کي ترجيح ڏين ٿا".(1)

اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. هن وقت بہ ائين ٿي ٿي رهيو آهي. هندو واپاري، پنهنجي حساب ڪتاب لاءِ ڪي لِڪل نشان ۽ ڳجهون علامتون ٿا رکن، جن کي فقط پاڻ ئي سمجهي ٿا سگهن، ۽ ان جي تشريح بہ پاڻ ئي ڪري ٿا سگهن. هو ان کي 'هٽڪي' ٿا سڏن. اهو لازمي ٿي پيو تہ هندو واپاري، پنهنجي 'هٽڪي' خط جي هوندي، ڪنهن اهڙي طرز تحرير سان دلچسپي رکن، جنهن کي هر ڪو شخص آسانيءَ سان سمجهي ٿي سگهيو."[3]

**مسٽر ايڊورڊ جائلس**

مسٽر ايڊورڊ جائلس سال 1895ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جو انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ ٻہ سال رهيو. انهن سالن ۾ سنڌ جي تعليم جي مسئلن مان واقف ٿي ويو ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. سندس خاص خوبي اها هئي تہ پيسي وارن ماڻهن کان چندا وٺي تعليم جي ڪمن ۾ استعمال ڪندو هو. سندس ڀاءُ رابرٽ جائلس ڪيترائي سال شڪارپور ۽ حيدرآباد جو ڪليڪٽر رهيو ۽ بعد ۾ سنڌ جو ڪمشنر بہ مقرر ٿيو هو.

ڏيارام گدومل جي ان سفارش ۽ بيان جي تائيد، مسٽر جائلس بہ ڪئي. 1886ع ۾ سنڌ جي اسڪول انسپيڪٽر مسٽر جائلس پنهنجي تعليم واري رپورٽ ۾ ڄاڻايو تہ: "هندو ڇوڪرا پڙهي گهٽ ڪري هندو سنڌي صورتخطي ڇڏي عربي سنڌي صورتخطي سکن ٿا. فقط شڪارپور ۾ هندو سنڌي، هندو شاگردن ۾ مقبول آهي. تعليم يافتہ هندو ڪتب عربي سنڌي کي ترجيح ڏين ٿا. هندو- سنڌي لپيءَ جو ڪو خاطر خواهہ مستقبل نظر نہ ٿو اچي."[4]

سرڪار، هندو-سنڌيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو بہ سرڪاري طور نوٽيفيڪيشن جاري ڪونہ ڪيو پر استادن ۽ شاگردن جي عدم دلچسپيءَ سبب اول ڪتابن جي اشاعت بند ڪئي وئي، پوءِ اسڪولن ۾ ڪم ڪندڙ استاد رضاڪاراڻي نموني 'عربي سنڌي' اسڪولن ڏانهن رجوع ٿيڻ لڳا آهستي آهستي ادبي ڪتابن جي اشاعت خانگي ادارن بہ بند ڪئي.

# حوالا


1. جي. اي گريئرسن (ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين) ، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع، ص 63،64
2. Naomal Hotchand: "A forgotten Chapter of Indian History" Editor's Note, Oxford Press, 1982, P- 165
3. Zarin Qalam: "A Note on Sindhi Alphabet", The Journal of the Sind Historical Society, September 1943
4. Report by Giles, esq., c.s., Educational Inspector in Sindh, for 1885-86

# خدا وادي لپيءَ کي ختم ڪرڻ تي تنقيدون

اسان کي عام طور تي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخدانن فقط ايترو ٻڌايو آهي ته انگريزن صرف 'عربي – سنڌي' رسم الخط کي سرڪاري طور رائج ڪيو هو ۽ ان جي اصلاح لاءِ اٺ رڪني ڪميٽي به جوڙي وئي هئي. ان انداز سان هڪ تاريخي سچ کي لڪايو ويو آهي. پر حقيقت هيءَ آهي ته انگريزن عربي- سنڌي سان گڏوگڏ خدا وادي لپيءَ کي پڻ سرڪاري طور نافذ ڪيو پر اها ناڪام وئي. ان جي ناڪاميءَ سان گڏ تنقيدن جو هڪ اڻ کٽ بحث به شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي.ان بحث ۾ گهڻو ڪري هندو اديب ۽ عالم شامل هئا، جيڪي پنهنجي سر عربي -سنڌي رسم الخط ۾ وڏو نالو ڪمائي چڪا هئا، مگر سندن دلي لڳاءُ خدا واديءَ سان ئي هو. هتي عربي سنڌي جي مخالف راين جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

### پيرومل مهرچند آڏواڻي

پيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو وڏو وڊوان ، عالم ۽ ڄاڻو هو. ڪاڪي پيرومل "سنڌي ٻوليءَ جو وڏو وياڪرڻ"، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌ جي اتهاس تي "قديم سنڌ" ۽ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" (ٻه ڀاڱا) وڏا شاهڪار ڪتاب لکيا آهن. هن صاحب، سنڌ ۾ ان وقت جي ۽ نالي واري ماهوار مخزن 'سنڌو' جي جنوري 1934ع واري پرچي ۾، هڪ عالماڻو مضمون لکي ڄاڻايو ته : سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڻوڪي عربي سنڌي لپي غير سائنسي ۽ نقصانڪار آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سائنسي ۽ سرل لپي ديوناگري آهي. پيرو مل مهر چند لکيو آهي ته: "لپي يا آئيوڻا ناهڻ لاءِ پهرين ۽ مکيه ڳالهه هيءَ آهي ته ورن مالا (آئيوڻا) جا سڀ اکر پوري ترتيب سان بيهارجن. مثال لاءِ ديوناگري آئيوڻا ڏسو جنهن ۾ پهريائين ڪنٺ ۽ نڙيءَ جي اچار وارا، پوءِ تارونءَ جي اچار وارا، ۽ پوءِ چپ، ڏندن ۽ چپن جي اچار وارا اکر آهن. انسان جيڪي اکر وات مان ڪڍي ٿو تن جا اچار اهي ئي واتون

وٽي ٻاهر نڪرن ٿا، تنهنڪري چٽيو تہ ديوناگري آئيڊيا بلڪل "سائنٽيفڪ" يا وگيانڪ ريت ٺهيل آهي".[1]

پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ آهي تہ "مسلمان حاڪمن ڪڏهن بہ ڪنهن کي عربي خواهہ فارسي سکڻ لاءِ ٻڌل نہ رکيو هو. جنهن صورت ۾ خوجہ ميمڻ اڄ تائين هندو-سنڌي اکر پيا ڪم آڻين. تنهن صورت ۾ انهن ۾ لاڪنائون يا ماترائون گڏي، اهي چالو ڪرڻ کپندا هئا. جيئن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌ ۾ ٿي صلاح ڏني هئي. جيڪڏهن انهن اکرن تان ڪن کي اعتراض هو تہ اردو آئيوينا جا اڳي چالو هئي، سا سنڌيءَ لاءِ اختيار ڪن ها. مطلب تہ "نئين آئيوينا" جوڙڻ ٿي غلط ڪم هو سنڌي ٻولي لسٻيلي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ، توڙي ملتان جي حد تائين ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، پر اسان جي هاٽوڪي آئيوينا هو سمجهي نہ ٿا سگهن، جنهن جي ڪري اسين ڌار ٿي پيا آهيون. سنڌي ساهت، سنڌ کان ٻاهر ڦهلجي نٿو سگهي".[2]

## ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

شاهہ لطيف جي شارح ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، جيڪو عربي ۽ فارسيءَ تي وڏي دسترس رکندڙ عالم هو. ڀ هن بہ لکيو تہ "هاٽوڪي صورتخطي ڪري ، هڪ وڏو صدمو جو سنڌي ٻوليءَ کي رسيو آهي، سو هي آهي، جو ماڻهو ان جي اصل ۽ بنياد کان اڻ واقف رهجي ويا آهن. عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي واقفيت ڪري شاگردن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، عربي ۽ فارسي ٻولين جي تحصيل ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي ۽ ديوناگري اکرن جي سکڻ جي خطري کان، سنسڪرت ٻولي، جنهن مان اصل سنڌي ڦٽي نڪتي آهي، تنهن جو ڪوبہ اڀياس ڪيو نہ ٿو وڃي. انهيءَ بي پرواهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو سنڌي ۾ ڪوبہ خاطر خواهہ سڌارو نہ ٿيو آهي".[1]

## ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي

ڏيارام وسڻمل سنڌ جو نالي وارو عالم ۽ اديب هو. سنڌ جي هن مشهور عالم 32 سال اين جي وي اسڪول، ڪراچيءَ ۾ پڙهايو. 1931ع کان 1935ع تائين، اسڪول

جو هيڊ ماستر رهيو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ 'چونڊ سنڌي نثر' (ترتيب 1935ع) 'سنڌي گرامر' وغيره شامل آهن. ڏيارام وسٽمل لکي ٿو ته:
"ڪيترن ماڻهن منجهه اهو وهم ويٺل آهي ته سنڌي ٻولي اوائل کان عربي فارسي لپي ۾ لکجي پئي آئي آهي، پر حقيقت هن ريت آهي ته چالو لپي انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ 1853ع ۾ سرڪاري طور جاري ڪئي وئي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌي ٻولي ڪي ڪا اصل لپي ڪا نه هئي . ماڻهو هندو سنڌي ٻٽا اکر يعني ماترائن کان سواءِ ڪم آڻيندا هئا. جي پڻ ديوناگري جي نموني هئا". هو وڌيڪ لکي ٿو ته: " جنهن صورت ۾ عربي سنڌي آئيويتا سرڪاري طور چالو ڪئي وئي آهي ، ته اها پل قائم هجي ان سان گڏ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ پڻ لکي وڃي ٿي ۽ ائين هيٺيان فائدا ٿيندا:

1) اسان کي لفظن جي بنيادن جي اصلوڪي روپ ۾ جا ڦيرگهير پئي ٿي آهي تنهن جي پروڙ ٿي سگهندي.
2) سنڌي ماڻهو سنڌي ۾ جي اها لپي استعمال ڪندا پوءِ هنن کي هندي يا سنڌي يا سنسڪرت ۾ ڪا به ارچڻ ڪا نه ٿيندي، ۽ پنهنجي هندو ڌرم ، سڀيتا جي پوري سوجهه ٻوجهه پوندي.
3) ٻين پرڳڻن جا هندو جهڙوڪ مرهٽا ، گجراتي، بنگالي ، يورپ وارا جي سنڌ ۾ بينڪ وجهي ويٺا آهن سي پڻ آسانيءَ سان ديوناگري لپي ۾ سنڌي سکي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي اڳي ئي ان لپي مان واقف آهن.
4) سنڌي ماڻهو مسلمان توڙي هندو عربي فارسي لپيءَ مان واقف آهن پر جي اهي هيءَ لپي سکن به ته هندو توڙي مسلمان هڪٻئي جي خيالن ۽ ڌرم ڪرم مان ڄاڻو ٿيندا ۽ ٻنهي جي هڪٻئي ڏانهن همدردي ٿيندي".[4]

## ڪشنچند جيٽلي

پنڊت ڪشنچند جيٽلي هٽ واڻڪي لپيءَ تي گهڻو لکيو. ان سلسلي ۾ هو لکي ٿو ته " موهن جو دڙو اسان جي تهذيب جو ورثو آهي، اسان جو

نعرو آهي تہ اچو تہ موهن جي دڙي جي تهذيب تي ناز ڪيون، پر اهو چا ضروري نہ آهي تہ اسين موهن جي دڙي جي تهذيب مان ملندڙ جلندڙ لپيءَ جو تحفظ ڪيون، ان کي ڦهلايون ۽ ان ڏس ۾ هٽ واڻڪي لپي کي مشهور ڪيون، جيڪا ان دور ۾ نظرانداز ڪئي وئي هئي. عربي سنڌي رسم الخط اسان جي قديم ورثي جو حصو نہ آهي. عربي سنڌي رسم الخط هڪ هٿ ٺوڪي ماهرن جي ڪميٽي ، جيڪا ايسٽ انڊيا ڪمپني سال 1853ع ۾ جوڙي اسان جي معاشري مٿان زوري مڙهي هئي."[5]

## ديوان لوڪناٿ جيٽلي

ديوان لوڪناٿ جيٽلي جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو سنسڪرت جو عالم هو. ان کان علاوه هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ،ناٽڪ ۽ ٻيا ڪتاب بہ لکيا. هن صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لپي' (1959ع) ۾ عربي سنڌي لپيءَ کي غيرسائنسي قرار ڏنو هو. ان جي جواب ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي صورتخطي"(1964ع) نالي ڪتاب لکي ڪيس جواب ڏنا .ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: "سنڌي صورتخطيءَ (عربي- سنڌي صورتخطي) تي خاص ڪري انهيءَ سبب جي ڪري بہ قلم کنيم، جو تازو هندستان ۾ مسٽر لوڪناٿ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لپي' ۾، عربي-سنڌي صورتخطيءَ خلاف سخت ڪلاميءَ کان ڪم ورتو آهي. ديوان لوڪناٿ عربي- سنڌي رسم الخط کي غير و گيانڪ (unscientific) ثابت ڪرڻ لاءِ خود عربي رسم الخط جي خلاف غير وگيانڪ دليل ڏنا آهن. هنن لفظن لکڻ مان منهنجي اها مراد ڪانهي تہ ديوناگري خط غير وگيانڪ آهي. پر ديوان لوڪناٿ جي ڪتاب ۾ ڪيل بحث ثابت ٿو ڪري تہ پاڻ سنڌي صوتياتي نظام توڙي عربي رسم الخط جي اصولن بابت گهڻ ڄاڻ ٿو رکي، نہ تہ جيڪر پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو اظهار هرگز نہ ڪري ها. ديوناگري خط سان بي پناهہ محبت يا ڪٽر هندستانين وٽ سرخرو

ٿيڻ لاءِ پيا بہ ڪيترائي رستا ٿي سگھن ٿا".[6]

ديوان لوڪناٿ عربي سنڌي تي خاص طور هيٺيان اعتراض ڪيا آهن:

(الف) "عربي- سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اُچارن سان ڪوبہ تعلق نہ آهي، اُچار هڪڙو تہ لکڻ جو طريقو ٻيو. هن زماني ۾ تہ خود آمريڪا ۾ انگريزيءَ کي سڌاري، اُچارن موجب لکيو ٿو وڃي، ۽ نہ ڪہ جهوني طريقي سان، جنهن ۾ اکر جون ماترائون هڪڙيون تہ اُچار ٻيو".

(ب) "عربي- سنڌي بنهہ غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي بہ سپاويڪ اُچار ڪري ٿي، عربي لپي انهن اُچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي."

(ت) "هن (عربي- سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت بدلائي ڇڏي آهي. نہ فقط ايترو، ليڪن هن غير وگيانڪ لپيءَ جي هڪ سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پيئي آهي، جنهنڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اُچار اهڙا ڪندا آهن، ڄڻ تہ عربي ويئا پڙهن".[7]

## سلامتراءِ گراماڻي

سلامتراءِ گراماڻي سنڌي ٻوليءَ جو عالم ۽ اديب هو. هن لکيو تہ:"هندو سنڌي اکرجنهن کي ٻين اکرن ۾ هٽڪائي اکر ٿو چئجي ۽ جيڪا سنڌ ۾ ۽ هندستان ۾ بہ هلندڙ آهي ان لپيءَ کي اپنائجي. هٽڪائي اکرن جي پنيرائي جان مارشل موهن جي دڙي ۾ مليل سڪن تي اکريل لپيءَ جو مثال ڏيندي ڪئي آهي. عربي فارسيءَ ۾ ڪي تہ اکر اهڙا آهن جن جو اچار بلڪل ساڳيو آ ي پر ٻن ٻن، ٽن ٽن نمونن ۾ لکجن ٿا ۽ اڄ ڪلهہ جي ٻارن کي انهن ۾ مونجهارو ٿئي ٿو.مثال : ا، ۽ ع، ڪ، ق، ذ، ز ظ، ض، ت، ط، س، ث، ص . هٽڪائي اکرن کي لپي ڪري ڪم آڻجي ان لاءِ منجهن سڌاري جي ضرورت آهي جو منجهن ماترائون ٿين ئي ڪونہ. اها رٿ اهڙي ٿيندي جهڙو انگريزي ۽ هنديءَ جي چڪر ۾ اچي هندستان لاءِ سنسڪرت ٻوليءَ کي راجيہ ڀاشا مڃڻ! جو تہ ڏکڻ جا

ماڻهو سنسڪرت چڱي طرح ڄاڻن ۽ اتر وارا هنديءَ جا حمايتي آهن انهن ڪي سنسڪرت اپنائڻ ۾ ڪو عار ٿيڻ نہ گهرجيا".(8)

**پروفيسر منگهارام ملڪاڻي**

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، سنڌي ادب جو نالي وارو محقق، نقاد ۽ ناٽڪ نويس هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن پنهنجو رايو عربي سنڌي جي خلاف لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ: "1853ع ۾، سنڌ فتح ڪرڻ جي ڏهن سالن اندر، سنڌ جي پهرئين چيف ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي سرجوشيءَ سان (جنهن جو يادگار فريئر هال ڪراچيءَ ۾ آهي) ۽ عربي- فارسيءَ جي عالم سَر رچرڊ برٽن جي سفارشن سان (جنهن مشهور ڪتاب (Arabian Night) لکيو هو ۽ ٻين سنڌي عالمن- ديوان اُڌارام ٿانورداس ۽ مرزا صادق علي بيگ (مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڀاءُ)، جي مدد سان، هاڻوڪي 52- حرفي عربي آئيوينا نهي تيار ٿي. ڪئپٽن اسٽئڪ، جو سنسڪرت توڙي عربيءَ ۾ ماهر هو تنهن جو رايو هو تہ سنڌي لکڻ لاءِ ديوناگري لپي وڌيڪ ڪارگر ٿيندي؛ پر سنڌ ملڪ ۾ مسلمانن جي اڪثريت جي مدِنظر تي، ڪلڪتي مان اِيسٽ انڊيا ڪمپنيءَ عربي آئيوينا ۽ لپي منظور ڪئي. هن نئين رسم الخط ۾ چار نجا سنڌي حرف- ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڱ وڌائون؛ ۽ چار نجا عربي حرف - ف، خ، غ ۽ ز بہ گڏيائون؛ ۽ ڪي فارسي ۽ ترڪي حرف پڻ ملايائون؛ جنهن ڪري شايد دنيا ڀر ۾ ايترن حرفن واري آئيوينا ڪانہ ملندي .نتيجو اهو آهي جو سنڌي ماڻهن جي ڳلن مان ايترا نرم خواهہ سخت اُچار نڪري سگهن ٿا، جيترا ٻيءَ ڪنهن بہ قوم جا لوڪ ڪين ڪڍي سگهندا".(9)

**موتيرام. ايس رامواڻي**

موتيرام. ايس رامواڻي (1910_ 1997ع) نالي وارو محقق ۽ مورخ هو. هن ڪيترائي اهم ڪتاب لکيا، جن مان 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو' بهترين ڪتاب آهي. هن پنهنجي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ: "وچ ۾

هندن گهٽوئي پکاريو ۽ ٻي آئيوينا جوڙڻ جون تياريون ڪيائون. پر سندن سڀ ڪوششون اجايون ٿيون ۽ پوءِ ٿڏا ناڪر ٿي ويهي رهيا. هن وقت تائين، سنڌي ۾ نظم ۽ نثر جا هزارها ڪتاب، هاٽوڪي آئيوينا ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا آهن. تہ بہ آئون جيڪر چوان، تہ انهيءَ ڳالهہ جو ڪوبہ خيال نہ ڪري، هاٽوڪي عربي-سنڌي آئيوينا کي عربي سمنڊ ۾ لوڙهي، وڏي دل سان ديوناگريءَ اکر ڪم آڻڻ گهرجن".[10]

## پروفيسر مائيڪل بوون

"ڊاڪٽر مائيڪل بوون (Michel Boivin) فرانسيسي اسڪالر آهي، سنڌ سميت پوري پاڪستان جي ڪيترن سوسائٽين ۽ ادارن جو اعزازي ميمبر آهي. هو ڪيترائي دفعا سنڌ ۾ سير ۽ سفر ڪري چڪو آهي. هن جي لکڻين جو خاص موضوع سنڌ جو صوفي ازم، برطانوي بينڪيت ۽ ان جي سنڌي معاشري تي اثر جي تناظر ۾ آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي ثقافت، آثار قديمہ، علم ۽ ادب بہ هن جي تحقيق جو مرڪز رهيا آهن. هن هڪ ڀرپور مقالو خدا وادي بابت لکيو جنهن ۾ هن مختلف رخن کان ان لپيءَ جو جائزو ورتو هو لکي ٿو تہ " خدا وادي لپيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ ڪتابڙيون شايع ٿيون. افسوس جو اها لپي هندن ۾ ئي ڪا باهمي اتفاق ناهڻ ۾ ناڪام ٿي وئي .19 صديءَ جي آخر تائين خدا وادي ۾ ڪتاب شايع ٿيڻ ختم ٿي ويا، جڏهن تہ 20 صديءَ ۾ ڪجهہ مندرن تي خدا وادي ۾ ڪي اڪريل لکتون ملن ٿيون".[11]

## راڪيش لکاڻي

راڪيش لکاڻي هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ آهي. سندس مضمون "واڻڪي هڪ وسريل لپي" ڪيترن ئي مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿي. سندس تنقيد واري حصي کي هيٺ ڏجي ٿو: " گريئرسن ٻاران سنڌ ۾ براهمڻي لپي جي ڪل 13 لهجن جو ذڪر ڪيو ويو پر وڏي ڳالهہ تہ اها هئي تہ اهي سڀئي لهجا هڪ

ٿئي سان ملندڙ جلندڙ هئا. سنڌ ۾ واڻڪي جا ايترا وڌيڪ نمونا هجڻ جا هڪ
ڪان وڌيڪ سبب ٿا پائنجن:

1. 712ع کان پوءِ وارن حڪمرانن پاران سنڌي ٻولي جي نسبت ڪا به دلچسپي نه وٺڻ سنڌي عربن جي ڪاهه بعد بلڪل نڌڻڪي ٿي پئي.

2. واڻين پاران لپي جي تمام گهڻي ڦير گهير ڪرڻ (ممڪن آهي ته هو پنهنجا حساب جا ڪاتا ڳجها رکڻ نسبت ائين ڪيو هجي )

3. ٻانڀڻن پاران يا استادن پاران واڻڪي ۾ ماترائن جي چڪن ڪي سڌارڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي وئي هوندي.

4. هندن پاران ساهتيه واري لپي نه هجڻ سبب ان لپيءَ ۾ غلطين بابت ڪنهن جو به ايترو ڌيان نه ويو هجي .

5. سنڌ ۾ انگريزن کان اڳ دفتري ٻولي عربي توڙي فارسي هئي. هندن مان جن کي نوڪريون ڪرڻيون هجن سي عربي فارسي پڙهن. رهيا واڻيا ته هنن لاءِ واڻڪي ئي سٺي. هونئن به سندن لاءِ لپي جيتري ڳجهي هجي اوترو ئي سٺو. پر جڏهن سنڌ ۾ مسلمانن جو راڄ ختم ٿيو ۽ سنڌي ٻولي تسليم ٿي ته صحيح لپي جي ضرورت محسوس ٿي. تن ڏينهن ۾ سنڌ سرڪار سيا پاران سنڌي واڻڪي بابت جام جدوجهد ڪئي وئي. سندن پاران اها ڪوشش ڪئي وئي ته واڻڪي کي ئي سنڌي ڀاشا جي ٻولي تسليم ڪجي.

جيستائين هندستان جا سنڌي سنڌ ۾ رهيا، هو واڻڪي کي هڪ سنڌي لپي جي روپ ۾ تسليم ڪونه ڪرائي سگهيا. ايئن ٿيڻ به مشڪل هو. سنڌي مسلمانن ڪڏهن به ان کي تسليم ڪونه ڪرڻ ڏين ها. جيڪر انگريز حڪومت سنڌي واڻڪي کي تسليم به ڪري ها ته به مسلمان پنهنجي بگڙيل عربي فارسي لپي جو ئي استعمال ڪندا رهن ها. يا اهو به ممڪن آهي ته هو به پنجابي توڙي ڪشميري مسلمانن وانگر اردو کي هڪ وڏي معيار جي ٻولي

تسليم ڪندي ان کي سنڌ ۾ بہ دفتري ٻولي تسليم ڪرڻ جي گهر ڪئي ها ۽ ان ۾ مسلم ليگ وارا بہ پورو ساٿ ڏئين ها".[12]

## ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

موجود دور ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو جنهن برطانوي دور جي رسم الخط جي ترقي تي ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. هن خدا واديءَ جي حق ۾ ڪيترائي مضمون بہ لکيا آهن.هو لکي ٿو تہ "جيڪڏهن سنڌ ۾ خدا وادي خط اختيار ڪيو وڃي ها تہ هوند اسان جي ٻولي ۽ ثقافت پوري نندي ڪنڌ ۾ آساني سان سمجهي وڃي ها. اسان ان جي ڀين ڀينر ٻولين جي ادب کي سولائي سان پڙهي وڃون ها. ان خط وسيلي سنڌي ٻوليءَ جو پنج هزار ورهين وارو سلسلو قائم رهي ها".[13]

## ڊاڪٽر ميٿيو. اي.ڪوڪ

"ڊاڪٽر ميٿيو اي.ڪوڪ، آمريڪا جي اين.سي.سي يونيورسٽيءَ ۾ ايشيائي ٻولين جو پروفيسر آهي ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڪافي تحقيق ڪري چڪو آهي. خداوادي رسم الخط تي هن هڪ پيپر ايسوسيئشن آف ايشين اسٽڊيز ڪانفرنس ۾ 27 مارچ 2014ع ۾ پيش ڪيو هو:

The Forgotten Colonial History of Sind's Khudawadi Writing System

ڊاڪٽر ميٿيو اي.ڪوڪ، 9 ڊسمبر 2017ع تي ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة السلام يونيورسٽي ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد" تي ليڪچر ڏنو. سندس ليڪچر جو وڏو موضوع اڻويهين صديءَ ۾ سنڌي الفابيٽ جي نفاذ جي ٿيل سرڪاري بحث بابت هو. هن عربي- سنڌي الفابيٽ تي تنقيد ڪندي چيو تہ ان جو نفاذ سياسي بنيادن تي ڪيو ويو ۽ خدا وادي رسم الخط کي سيني لياقت جي هوندي نظرانداز ڪيو ويو. هن وڌيڪ چيو تہ ان اڳ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن جي رپورٽن مان ظاهر ٿئي تہ انهن فارسي ۽ هندي جي جاءِ تي سنڌي ٻولي جي لاءِ سفارش ڪئي هئي. سنڌي ٻولي جي معياري الفابيٽ جي اپنائڻ

لاءِ سروي مطابق نسخ جي ٻن ورٺن جي پيٺ ۾ خدا وادي لپيءَ کي ٽن ورٺن جي حمايت شامل هئي."(14)

ان کان علاوه به ڪيترائي ٻولي جا عالم آهن، جن جا ويچار سنڌن ڪتابن ۽ مضمونن ۾ لکيل موجود آهن. ان سلسلي ۾ برک مورخ سيد سليمان ندوي جا هي لفظ تمام گهڻي اهميت وارا آهن ته: "انگريز آفيسرن مان، هڪ عربي رسم الخط کي ۽ ٻئي هندي رسم الخط کي پيش ڪيو پر اتفاق ۽ بخت جي ڳالهه چئجي جو سنڌ جي مسلمانن جي گهڻائيءَ جي ڪري عربي رسم الخط جي تجويز ڪامياب ٿي ۽ انگريزن جي اثر ۽ دلچسپيءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو هندن به مجبور ٿي ڪري، ان رسم الخط کي قبول ڪيو. ليڪن سنڌي هندن ۾ اڄ تائين، ان جي خلاف تحريڪون اٿنديون رهيون آهن، بلڪل ائين جيئن سکن فارسي رسم الخط کي ته قبول ڪيو آهي، پر هُو گورمکي لاءِ به ڪوشش ۾ مشغول آهن."(15)

## حوالا


1. آڏواڻي ، ڀيرومل مهرچند: "هاٺوڪي آئيوٽا مان نقصان"، ماهوار سنڌو جنوري 1934ع

2. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو،1956ع

3. گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" سنڌ ثقافت کاتو" حڪومت سنڌ

4. ميرچنداڻي ،ڏيارام وسٽمل: "سنڌي ٻولي ۽ ديوناگري"، ماهوار سنڌو، جنوري 1944ع

5. Jetley ,Pt. Kishanchand T: The Date of Sindhi (Hata Vanika) Script & the need to Propagate it", Akhil Bhartiya Sindhi Sahtiya, Pune, 1985, P-8

6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي صورتخطي"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2016ع ، ص 13

7. ساڳيو حوالو ص 13، 14

8. گراماڻي، سلامتراءِ: "اسين آخر ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون". نيئن زندگي ، جبل پور
جولاءِ 1963ع
9. ملڪاڻي، منگهارام : "سنڌ- هندستان جو دروازو" ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، 1962/3ع
10. راموائي، مرتيرام -ايس: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو"، شاردا پرڪاش، بمبئي، 1994، ص 41.
11. Boivin, Michel, Professor: A Note on Khudawadi- A Vanishing Script of Sindh", Journal of Historical Society, 2015, P -18
12. لڪاڻي ،راڪيش: "واڻڪي هڪ وسريل لپي" (انٽرنيٽ تان ڪنيل)
13. ابڙو، آفتاب، ڊاڪٽر، " خدا وادي خط جي تاريخي اهميت" ڪاوش مدوڪ ميگزين، 14 آڪٽوبر، 2015ع
14. US scholar traces origins of Sindhi script at SMIU festival, Published in Dawn, December 10th, 2017
15. ندوي ،سيد سليمان : "سنڌي رسم الخط جي تاريخ"،معارف" اعظم ڳڙهه نمبر 6-جلد5

# خدا وادي لپيءَ جو سنڌ ۾ انجام

اسان پنهنجي تحقيق جو مفروضو (Hypothesis) ثاهيو هو ته ديوناگري هڪ ادبي ، تعليمي لپي هئي، ان جي برعڪس خدا وادي غير فطري، غير سائنسي لپي هئي، جنهن جو ناڪام ٿيڻ هڪ فطري عمل هو ان جي اپنائڻ سان سنڌي ٻوليءَ کي نقصان ٿئي ها. البته ڪاروباري لکت پڙهت جي لاءِ ان جو استعمال انتهائي اهم هو. اسان پنهنجي تحقيقي حوالن سان اهو ظاهر ڪيو ته خدا وادي لپي سنڌ جي اصلوڪي لپي آهي، جنهن ۾ لکت جو هڪ خاص نظام هلندڙ هو. هڪ وڏي با اثر طبقي جي استعمال هيٺ هئڻ باوجود هو ان کي علمي ادبي لکت جي ڪارج لاءِ مفيد بڻائي نه سگهيا.

اسان انگريز عملدارن جي رپورٽن مان معلوم ڪيو ته سرڪار خدا وادي لپيءَ کي ٽي دفعا سرڪاري ۽ تعليمي مقصدن لاءِ متعارف ڪيو:

8 آگسٽ 1851ع تي بمبئيءَ حڪومت واضح طور تي سنڌ جي ڪمشنر کي هدايت جاري ڪئي هئي ته سنڌ ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ "ڪئپٽن اسٽئڪ جي تجويز ڪيل الفابيٽ" سنڌي ٻوليءَ جي دستاويزن لکڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي، ان بعد ٽن مهينن لاءِ تجرباتي طور هندو سنڌي (خدا وادي) کي هلايو ويو. ٻيو دفعو خدا وادي الفابيٽ کي سڌاري ، 1856ع ۾ ايلس جي حڪمن تي نافذ ڪيو ويو ۽ سنڌ جي ڪليڪٽرن ۽ ٻين عملدارن پڻ ان کي سرڪاري طور لاڳو ڪرڻ ۾ دلچسپيءَ جو مظاهرو ڪيو پر حڪومت خدا واديءَ کي سرڪاري طور جاري رکڻ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو. ٽيون دفعو 1868ع ۾ اسڪولي نظام ۾ ان کي شامل ڪيو ويو پر سندن هي تجربو پڻ 1915ع کان وڌيڪ هلي نه سگهيو.

اسان جو خيال آهي ته خداوادي کي تعليمي مقصد جي بجاءِ ڪاروباري لکت لاءِ معياري بڻائي اصلاح ڪئي وڃي ها ته بهتر ٿئي ها.بهرحال، اسان عالمن ۽ اديبن جي حوالن مان معلوم ڪيو ته اها لپي ڪهڙن مرحلن مان گذري.

1910ع کان پوءِ سنڌ جي تعليمي ۽ ادبي سرشتي مان خدا واديءَ جو استعمال تيزيءَ سان ختم ٿيڻ شروع ٿيو پر اها به عجب جي ڳالهه آهي ته سنڌ کان ٻاهر سنڌي واپارين ان جو استعمال جاري رهيو. حقيقت به اها هئي ته خدا واديءَ جو استعمال قديم دور کان هوئي خانگي ادارن ۾. مسٽر مارڪ اينٿوني لکيو آهي ته "هن نيشنل آرڪائيوز آف مالٽا ۾ ڪيترن ئي هندو سنڌي واپارين جون لکتون ڏٺيون. انهن ۾ پراڻي ۾ پراڻي 1908ع جي هئي".(1)

ساڳي سلسلي ۾ گنگارام سمراٽ لکيو آهي ته: "عربي لپي گهڻو پوءِ اثر ڪيو جڏهن تعليم ئي ان لپيءَ ۾ هلڻ لڳي. ته به حساب ڪتاب، لکپڙهه سڀ هٽائي يعني هندو سنڌي لپيءَ ۾ ئي ٿيندي هئي.ڪراچيءَ ۾ انگريزي ڪمپنيون گهٽيون هونديون هيون، ان ڪري ڪي ديسي فرمون انگريزيءَ ۾ حساب ڪتاب ۽ لکپڙهه ڪنديون هيون. باقي ٻي طرح هڪ ننڍي هٽ کان وٺي وڏي ڪوٺيءَ تائين هٽائي لپيءَ جو ئي راڄ هو. عربي سنڌيءَ ۾ ڪو به حساب ڪتاب ڪو نه رکندو هو جنهن لاءِ ئي لپيءَ جو اپيوگ ٿيندو آهي.شڪارپور کان ڪراچيءَ تائين سمورو وهنوار هٽائي اکرن ۾ ٿيندو هو. البت چٺي چپاٺي عربي سنڌيءَ ۾ لکڻ جو رواج غير واپاري طبقي ۾ ڦهلجي رهيو هو".(2) سنڌ جي آرڪائيوز لائبريري ۾ اڄ به ڪيترائي ڪاروباري خط موجود آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته خدا وادي آئيويٽا اسڪولن کان ٻاهر پنهنجو وجود برقرار رکندي آئي، ڇو جو ان جو اصل مقام تعليم گاهن ۾ نه پر خانگي واپاري طبقي ۾ هو.

1947ع جي ورهاڱي سبب خدا واديءَ جا اڪثر لکندڙ هندستان لڏي ويا، ۽ سنڌ ۾ خدا وادي لپي ختم ٿي وئي. بهرحال، ٿي سگهي ٿو ته شڪارپور ۽ ڪن ٻين شهرن ۾ باقي ڪي ان لپيءَ جا ڄاڻيندڙ موجود هجن، جيڪي خدا واديءَ جو استعمال ڪندا هجن. خدا وادي خط سنڌ جي تاريخ جو حصو آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم جا لفظ ڏاڍا وزندار محسوس ٿين ٿا ته: "خدا وادي رسم الخط سنڌيءَ ٻوليءَ جو هڪ يادگار رسم الخط آهي، پر سنڌيءَ ۾ عربي رسم الخط ۾ گهڻو ئي ادب خصوصاً شاعري وڏي عرصي کان تحرير ۾ اچي

چڪي هئي ۽ عربي فارسي رسم الخط جي گھٽين خوبين سببان سنڌي ٻوليءَ لاءِ ان کي اختيار ڪيو ويو. اهڙي طرح خدا وادي خط سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي ورقن ۾ هڪ وساريل ورق بڻجي ويو".[3]

## حوالا


1. Fazion , Mark Anthony: "Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora, 1860-2000", Brill Leden Boston, 2004, P-274

2. سمرات، گنگارام: "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس"،گيان سنڌو- 1990ع، ص 47

3. پريم، هدايت ڊاڪٽر "خدا وادي لپي" (سنڌي رسم الخط بابت مضمون ۽ مقالا)، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2016، 93.

# خدا وادي لپيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ عالم

سنڌ ۽ هند ۾ ڪيترائي عالم آهن، جن سنڌي رسم الخط جي باري ۾ ڪافي ڪتاب، تحقيقي مقالا ۽ مضمون پڻ لکيا آهن، جن مان ڪن خدا وادي لپي جي حمايت تہ ڪن مخالفت ڪئي آهي ۽ ڪن تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون لکيا آهن. خدا وادي جي حمايت ۾ اڪثر هندو سنڌي عالمن لکيو آهي. جڏهن تہ اسان هتي ڪجهہ عالمن جي خدمتن جو جائزو وٺنداسين، جن خدا وادي لپيءَ کي سرڪاري طور رائج ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي:

## ڪئپٽن اسٽئڪ جي زندگيءَ جو مختصر احوال

"جارج بيگٽ اسٽئڪ جو جنم 26 جنوري 1819ع ۾ ايڊورڊ اسٽئڪ جي گهر ۾ ٿيو."[1] هو پنهنجي والد جو پنجون نمبر پٽ هو. سندس والد مسٽر ايڊورڊ اسٽئڪ آئرلينڊ جو وڏو پادري هو. هن پنهنجي تعليم ٽيوبرڊ مان حاصل ڪئي. سندس تعليم سان گڏ مذهبي ماحول ۾ پرورش ٿي. ان دور جي اڪثر نوجوانن وانگر هن فوجي ٿيڻ کي ترجيح ڏني. هن کي ننڍي هوندي کان هندستاني ٻولين سان خاص دلچسپي هئي. جنهن ڪري اردو، پنجابي، هندي، سنسڪرت ۽ ٻين هندستاني ٻولين جو هن خاص مطالعو ڪيو. هندستاني ٻولين جي ڄاڻ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني لاءِ ترجمان طور بہ ڪم ڪيائين."[2]

## سنڌ ۾ آمد

هو سنڌ ۾ انگريزن جي ان فوج سان گڏ آيو هو، جنهن چارلس نيپيئر جي اڳواڻي هيٺ، حيدرآباد ويجهو ٽالپرن کي شڪست ڏيئي سنڌ ۾ انگريز حڪومت جو بنياد وڌو. انگريزن، سنڌ کي انتظامي طور تي ٽن ضلعن هر هڪ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ۾ ورهائي ڇڏيو. 1843ع ۾ کيس حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. 1853ع ۾ بارٽل فريئر جي ڪمشنري ۾ هن ٿوري عرصي لاءِ ڪمشنر جي آفيس ۾ معاون يعني اسسٽنٽ ڪمشنر طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون."[3]

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ هڪ عالم، اديب هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سٺو آفيسر به هو. سرڪاري فائيلن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت آفيسرن ۾ سنڌس وڏي عزت هئي. سنڌس مٿيان آفيسر، هن جو وڏو خيال رکندا هئا. جڏهن به ڪنهن معاملي ۾ هن کان صلاح وٺڻي هوندي هئي ته سنڌس بالا آفيسر خط ذريعي مشورا ڪندا هئا. سنڌس ڪليڪٽر مسٽر رٿبورن به سنڌس وڏي عزت ڪندو هو. 14 جون 1848ع ۾ ڪمشنر آفيس وارن ڪئپٽن رٿبورن کي خط لکيو ته اسان کي ڪنهن ڪم لاءِ جارج اسٽئڪ جون خدمتون درڪار آهن. ان خط جو جواب هن 20 جون 1848ع ۾ ڏيندي لکيو ته "جارج اسٽئڪ ڪراچي ۾ ڪنهن ذاتي ڪم سانگي مون کان موڪل ورتي آهي، انهن حالتن ۾ مان ڪير ٿيندو آهيان جو هن جي منظور ڪيل موڪل ۾ رخنو وجهان".(1)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جون سنڌ جي جاگير کاتي جي لحاظ کان به ڪيتريون رپورٽون سنڌ آرڪائيوز کاتي جي لئبريري ۾ پيل آهن، ڪي وري مختلف ان دور جي ڪتابن ۾ به شايع ٿيل آهن. مطلب ته هو هڪ پروفيشنل آفيسر هو ۽ پنهنجي آفيس جي ڪم ۽ پنهنجي ادبي سرگرمين ۾ پنهنجو پورو پورو وقت ڏيندو هو.

**علمي ۽ ادبي خدمتون**

سنڌ ۾ اسڪول کولڻ جي پهرين ڪوشش 1845ع ڌاري، حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن رٿبورن ڪئي هئي. سنڌس ڪوشش 1854ع تائين جاري رهي، مگر ٽيڪنيڪل بنيادن تي ڪامياب نه ٿي سگهيو. درحقيقت ان ڪوشش جي پويان به جارج اسٽئڪ جوئي هٿ هو، هو پنهنجي ڪليڪٽر جي معرفت حيدرآباد ۾ اسڪول کولڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

**سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ جاکوڙيندڙ**

جيينٽوٽيڪ، انگريزن جي حڪمت عملي ۾ شامل هو ته هر رياست ۾ مقامي ٻوليءَ کي رائج ڪجي، مگر سنڌ ۾ ان سلسلي ۾ راهه هموار ڪندڙ ڪئپٽن

جارج اسٽئڪ بہ هو. هن گرامر ۽ لغت نويسيءَ تي ڪم ڪندي بمبئي سرڪار سان سنڌي طرح لکت پڙهت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي نروار ڪيو ۽ ڪتاب لکي ڪين ثبوت ڏنو تہ سنڌي هڪ ادبي ۽ تعليمي ٻولي آهي.

**سنڌي رسم الخط ۽ الف ب لاءِ ڪوششون ۽ رٿون**

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سڀ کان اول سنڌي زبان ۾ گرامر ۽ لغت جا ڪتاب لکي پنهنجي آفيسرن کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ سندن توجهہ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ڏانهن ڇڪرايو. مئي 1848ع ۾ جڏهن بمبئيءَ جي گورنر سنڌ کي سرڪاري زبان جو درجو ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو هو تہ ساڳئي خط ۾ آفيسرن کي 18 مهينن جي اندر سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي هئي. ان سلسلي ۾ گورنر لکيو تہ "مان سمجهان ٿو تہ "سندن تياري لاءِ ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي جوڙيل ڊڪشنري ۽ گرامر سهوليت مهيا ڪندا، انهن ڪتابن جي ڇپائيءَ جي منظوري ڏجي ٿي".[(٤)]

28آگسٽ 1848ع تي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ خدا وادي خط جي حمايت ۾ هڪ رپورٽ تيار ڪري سنڌ جي ڪمشنر وٽ جمع ڪرائي، هن پنهنجي موقف ۾ چيو تہ جيئن تہ سنڌي سنسڪرت سٽ جي ٻولين مان هڪ مکيہ ٻولي آهي، ان ڪري ان جي لکڻ لاءِ بہ سنسڪرت جي سٽ وارين لکتن (خدا وادي) جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. ان جي باوجود ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ اعتراف ڪيو تہ خدا وادي هڪ مڪمل رسم الخط نہ آهي، ان ڪري ضرورت آهر گجراتي يا گرمکيءَ مان اکر ڪٽڻ گهرجن. جڏهن 1853ع ۾ عربي سنڌي الفابيٽ سرڪاري طور رائج ٿي وئي. تڏهن بہ سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر چيو تہ اسان کي ڪئپٽن اسٽئڪ جي تجويز ڪيل خدا وادي لپي بہ لاڳو ڪرڻ گهرجي. ان ڪانپوءِ 1855ع کان 1868ع تائين ڪئپٽن اسٽئڪ جي نظرئي جو زور ۽ شور رهيو ۽ 1868ع ۾ عربي-سنڌي سان گڏ خدا وادي بہ لاڳو ڪئي وئي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جا هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

## Dictionary English and Sindhi

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 1845ع کان پنهنجي انگريزي-سنڌي ڊڪشنري ۽ گرامر جي ڪتابن تي ڪم شروع ڪري ڏنو هو.هن ڊڪشنريءَ لاءِ ديوناگري اکرن جي چونڊ ڪئي. 19 جنوري 1848ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر کي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته "ڊڪشنريءَ جو ڪم نومبر 1845ع ۾ شروع ٿيو. ڪم ۾ مدد جي سلسلي ۾ مان هڪ پنڊت کي ملازم رکيو آهي. هو ڪوبه سرڪاري ملازم نه آهي. ٽن مهينن کان مان هن کي پنهنجي گهران پگهار ڏئي رهيو آهيان.



A

DICTIONARY

ENGLISH AND SINDHI.

BY

CAPTAIN GEORGE STACK.

[illegible]

BOMBAY:

AMERICAN MISSION PRESS.

[illegible]

[illegible]

جيڪو هينئر وڌي وڃي 40 رپيا ٿي چڪو آهي. هن پنڊت کي ان ڪري رکيو اٿم ته هو منهنجي هنن سنڌي ڪتابن ۾ مدد ڪري. مان پنهنجو محنتاڻو ڪجهه به تو گهران. منهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته منهنجي محنت منظر عام تي اچي وڃي."[6] ان بيان مان واضح ٿئي ٿو ته ڪئپٽن اسٽئڪ پنهنجي ڪم سان ڪيترو سچو هو جو پنهنجي گهران خرچ ڪري به ڪم پورو ڪرڻ تي گهريائين. ان سلسلي ۾ سندس ڪيترائي خط رڪارڊ تي موجود آهن.هن ڊڪشنريءَ ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ آهن ۽ جنهن ۾ تمام ڏکڻ ايشيا ۾ رهندڙ سنڌين جي لهجن وارا لفظ شامل آهن. انگريزي- سنڌي لغت ۾ 12000 لفظ ڏنل آهن. 29 مارچ 1849ع ۾ هن ڪمشنر کي خط لکي عرض ڪيو ته سندس ڊڪشنريءَ جو ملهه (قيمت) مقرر ڪيو وڃي."[7]

# A Grammar of Sindhi Language

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 1845ع ۾ سنڌي گرامر جو ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هو پر شايع آگسٽ 1849ع ۾ آمريڪن مشن پريس، بمبئي ڪيو. ڪتاب جي اشاعت ٿائين، هو سنڌ حڪومت، بمبئي حڪومت ۽ آمريڪن مشن پريس وارن سان ذاتي طور رابطي ۾ رهندو ٿي آيو. هن ايترو به لکيو ته هن کي ڪو به اهڙو سنڌي ماڻهو نه ٽڪريو آهي، جنهن سان هو سنڌي گرامر بابت بحث پڻ شامل آهن.

## ڪتاب جون خوبيون

1) ان ڪتاب ۾ هن تفصيل سان بحث ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙيون لپيون ڪتب اينديون رهيون آهن ۽ 'خدا وادي لپي' کي ڇو اپنائڻ گهرجي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ پاڻ لکي ٿو ته "ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان مون سوچيو ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙا اکر ڪتب آڻيان. ان لاءِ چئن رسم الخطن تي غور ڪيم، رومن، فارسي، گرمکي ۽ ديوناگري. رومن رسم الخط ان ڪري رد ڪيم ڇو جو ان ذريعي مشرقي ٻولين کي لکڻ لاءِ تمام گهڻيون نيون نشانيون مقرر ڪرڻيون پون ها، ان ڪري مون نه ٿي چاهيو ته سنڌي الف-ب، جي هڪ نئين مونجهاري ۾ ڦاسجي. فارسي اکر به ان بنياد تي رد ڪيم جو انهن ۾ نوان اضافا گهڻا ڪرڻا ٿي پيم. گرمکي کان ديوناگري سنڌي لاءِ وڌيڪ موزون سمجهيم. ان لاءِ به سبب هئا. پهريون ته ديوناگري سان يورپي ماڻهن جي اڳ ئي واقفيت آهي، ٻيو ته سنڌي ٻولي ۽ اهي ٻوليون جيڪي اڳ ۾ ئي ديوناگريءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون، انهن جو بنياد ساڳيو


PRESENTED BY THE SECRETARY OF STATE FOR INDIA

A

GRAMMAR

SINDHI LANGUAGE.

CAPTAIN GEORGE STACK.

BOMBAY:
AMERICAN MISSION PRESS.

آهي ۽ منجهن ڪافي هڪ جهڙائي بہ آهي".[8] ان ۾ سنڌ جي نرالي ۽ نج لڪاوٽ جا چارٽ ڏنا ويا آهن ۽ سنڌ جي لساني جاگرافيءَ تي بحث ڪيا آهن.

2) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل هو. جنهن ۾ هن عالم واضح طور چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد سنسڪرت مان آهي ۽ ان لحاظ سان سنڌيءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط هئڻ گهرجي. هن لکيو تہ "لسانيات جي ماهرن لاءِ سنڌي ٻولي، هند جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڏاڍي دلچسپ ثابت ٿيندي، خاص طور ضميري پڇاڙين ۾ ۽ فعلن، حرف جر وغيره جو اڀياس تمام بهتر ثابت ٿيندو ۽ سنڌي ٻولي هند جي ٻين ٻولين کان نرالي ڏسڻ ۾ ايندي".[9] جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر جي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مون پنهنجو گرامر سنڌي ٻولي ۾ لکيو آهي، جو برصغير ۾ سڀ کان وڏيڪ لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي سگهيا.

3) سنڌي ادب ۾ جيڪي پهريون ڪهاڻيون ڇاپي هيٺ آيون، انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ۾ سنڌي ٻولي جي محسن جارج اسٽئڪ جو هٿ هو. اهي ڪهاڻيون ان کان اڳ زباني طور تہ موجود هيون پر لکت ۾ ڪونہ آيون هيون. انهن ڪهاڻين جي اهميت ان ڪري بہ آهي جو هي ڪهاڻيون آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن. هنن ڪهاڻين مان آڳاٽي سماج ۽ ان ۾ درجي بہ درجي ٿيندڙ تبديلين کي پرکي سگهجي ٿو. اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ سئو چاليهہ سال اڳ واري زماني جي سگهڙن جي آکاڻين جا سهڻا مثال آهن. ان سان گڏوگڏ هڪ سئو چاليهہ سال آڳاٽي سماج جو مهاندو انهن ڪهاڻين ۾ ڏسي سگهجي ٿو".[10]

ناميارو اسڪالر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ "جارج اسٽئڪ کي جس آهي، جنهن انهن آکاڻين کي چارڻن ۽ ڳالهين جي عبارت ۾ ٻولي ۾ قلمبند ڪيو آهي، جنهن نموني اهي ڳوٺاڻين ڪچهرين ۾ نثري ڳالهيون ۽ نظمي قصا ٻڌائيندا آهن. پهريون چار آکاڻيون نثر ۾ ڇپيل آهن پر راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ ۾ نثر ۽ نظم جو ميل آهي".[11]

## بائيبل جو سنڌي ترجمو

هن صاحب عيسائين جي مقدس ڪتاب گاسپل آف سينٽ ميٿيوز (Gospel of Saint Mathews) جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هي ترجمو ديوناگري رسم الخط ۾ ڪيل هو. هي ڪتاب ان وقت جي ڪراچي ، حيدرآباد ۽ سکر جي چرچ مشنري اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو. هي مذهبي ڪتاب بمبئي جي آگزيليٽري ۽ فارن بائيبل سوسائٽي پاران 1850ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب ۾ ڪل 134 صفحا هئا ۽ ان جون 500 ڪاپيون شايع ڪرايون ويون. هي ترجمو ان وقت انتهائي مشهور سمجهيو ويندو هو".[12]

## شاهه جو رسالو

"سنڌس اپياس هيٺ سنڌي ٻولي تہ رهي پر ماڻهن جي واتان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو ٻڌائين. گهڻو ڪري ڀٽ شاهه جي فقيرن کي گهرائي شاهه جو ڪلام ٻڌندو هو چون ٿا تہ هر هفتي شام جو گهوڙي تي چڙهي ڀٽ شاهه ويندو هو ۽ اتي شاهه جو راڳ ٻڌندو هو ۽ صبح جو موٽي حيدرآباد ايندو هو. سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ ڪانپوءِ شاهه جي ڪلام جي ڳولا ۾ بہ مشغول رهيو. سنڌس وڏو ڪارنامو شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو هڪ نسخو مرتب ڪرڻ هو. جيڪو شايع ٿي نہ سگهيو. اڄڪلهہ اهو قلمي نسخو ايران جي لائبريري ۾ رکيل آهي. ".[13] جيتوڻيڪ اهو جارج اسٽئڪ جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو ڇپائي جي مرحلن تائين نہ پهچي سگهيو پر اسين اهو ڪريڊٽ جارج اسٽئڪ کي ضرور ڏيون ٿا، تہ هو ئي پهريون انگريز هو جنهن شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شاهه جي رسالي کي پهريون ڀيرو ڇپائڻ جو اعزاز پادري ارنيسٽ ٽرمپ کي حاصل آهي.

## Dictionary Sindhi and English

انگريزي-سنڌي سان گڏوگڏ هو سنڌي-انگريزي ڊڪشنري تي بہ ڪم ڪري رهيو هو. مسلسل ڪم ڪرڻ جي ڪري هو بيمار ٿي چڪو هو. جڏهن ڊڪشنريءَ جا صرف 160 صفحا اڃا مس ڇپيا هئا تہ سنڌس وفات ٿي وئي.

بهرحال، سندس ڊڪشنري جو باقي حصو گڏ ڪري، مسٽر بي ايچ ايلس، سنڌ جي تعليم کاتي جي انچارج 1855ع ۾ شايع ڪرايو ۽ جارج اسٽئڪ جي وصيت موجب ڊڪشنريءَ کي ديوناگري خط ۾ شايع ڪيو ويو حالانڪ سرڪاري طور عربي-سنڌي رسم الخط مقرر ٿي چڪي هئي. هيءَ ڊڪشنري پڻ آمريڪن مشن پريس، بمبئي طرفان شايع ڪئي وئي. هن ڊڪشنري ۾ منشي جيٺارام سندس مدد ڪئي هئي.ڊڪشنري جي مهاڳ ۾ مسٽر بي ايچ ايلس لکيو آهي ته "ڪئپٽن اسٽئڪ جي مذڪوره لغت، بلاشڪ سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ "سنگ ميل" جي حيثيت رکي ٿي، جاڪاڻ ته اها ئي هڪ شروعاتي لغت هئي، جنهن ملڪي توڙي غير ملڪي عالمن ۽ تعليم يافته ماڻهن کي سنڌيءَ سان روشناس ڪرايو ان ڪري آنجهاني ڪئپٽن اسان جي نگاهن ۾ سدائين عزت ۽ آبروءَ سان زنده رهندو."(14)



DICTIONARY

SINDHI AND ENGLISH.

CAPTAIN GEORGE STACK.

BOMBAY:

AMERICAN MISSION PRESS.

# حوالا


1. Rev. James B. Leslie: Clobber Clergy and Flbarisbes: "Fermanagh Times" Office, Enmekillen, 1920.
2. ملاح ، مختيار احمد: "مغربي سنڌ شناس"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي 2013ع، ص 230
3. Mallah,Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during early English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017, P 50
4. ساڳيو حوالو ص 74
5. ساڳيو حوالو ص 12
6. ساڳيو حوالو ص 21
7. Mallah ,Mukhtiar Ahmed: "The Development of Sindhi Language and Script during early English Period" Sindhi Language Authority, Hyderabad,2017, P 21
8. George Stack, Captain: "A Grammar of Sindhi Language", Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2001, P-10
9. ساڳيو حوالو ص 11
10. جيتلي ، مرليڌر، ڊاڪٽر: "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ"، ريسرچ جرنل ڪلاچي، شاهه عبد اللطيف، چيئر 2006ع
11. ساڳيو حوالو
12. The Missionary Register, Church Missionary Society,1851 (Online)
13. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ڏهون)، چيف ايڊيٽر سرفراز راجڙ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2016ع، ص 141
14. Sindhi English Dictionary (Preface of B.H. Ellis), Sindhi Language Authority, Hyderabad

## نارائڻ جگن ناٿ وئديہ (1825-1874ع)

ڊاڪٽر روپالي موڪاشي مطابق "نارائڻ جگن ناٿ وئديہ مهارا شٽر جي چندر سينا ڪاسيٽ پربو ڪميونٽيءَ سان تعلق رکندڙ هو." [1] جڏهن تہ ڏيارام وسڻمل مطابق "هي صاحب مهارا شٽرا جو رهاڪو هو ۽ ذات جو ڪايسٽ پربو هو." [2] ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو تہ "نارائڻ جگن ناٿ اصل ميرٺ جو هو. سندس مادري زبان ميرٺي هئي. انگريزن جي ابتدائي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو. هي انهن چند



ٻاهرين ماڻهن مان هو جن سنڌي ٻوليءَ بابت خاص امتحان پاس ڪيو جنهن عيوض کيس 20 رپيا ساليانو انڪريمنٽ مليو." [3]

نارائڻ جگن ناٿ 1849ع ۾ سنڌ ۾ واپار جي غرض سان هجرت ڪري آيو. هي اهو دور هو جڏهن 1848ع ۾ سنڌ اندر فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري زبان طور لاڳو ڪيو ويو هو ۽ سرڪاري آفيسرن کي حڪم ڪيو ويو هو تہ "هو سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪن". هو سنڌ ۾ رهي جلدئي سنڌيءَ تي دسترس حاصل ڪري چڪو هو. ايتري قدر جو انگريز حڪمران کيس سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل مڪاني فرد سمجهندا هئا.

### سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ

1853ع کان سنڌ ۾ سرڪاري طور اسڪول کلڻ شروع ٿي چڪا هئا. شروعات ۾ ورنيڪيولر انگلش ميڊيم اسڪول ڪراچيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو. نارائڻ جگن ناٿ پهريون غير يورپي عملدار هو جيڪو 1855ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر مقرر ٿيو ۽ اضافي چارج تي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر بہ رهيو.

## عربي-سنڌي الف-ب واري اصلاحي ڪميٽي

نارائڻ جگن ناٿ وڏو قابل استاد هو. هندي، سنڌي، سنسڪرت، انگريزي ۽ فارسي زبانن ۾ مهارت رکندو هو. انگريز عملدار سندس تمام گھڻي عزت ڪندا هئا. تعليم ۽ ٻوليءَ جي معاملن ۾ ڪيس شامل ڪندا هئا. ان دور جي فائيلن ۽ رپورٽن مان خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ هن انتهائي مصروف زندگي گذاري. 1853ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ۽ سندس معاون بي.ايچ ايلس فيصلو ڪيو ته سنڌ ۾ 'عربي- سنڌي' لکت جو نمونو رائج ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي وئي ته عربي-سنڌي الف-ب جي اصلاح ڪئي وڃي. ان ڪميٽيءَ ۾ اڻون ميمبر نارائڻ جگن ناٿ هو. هن ڪميٽي جون ڪيترين گڏجاڻيون ٿيون، جنهن ۾ نارائڻ جگن ناٿ هندي ۽ سنسڪرت حرفن جي تشريح ۽ اڀياس بابت سندس وڏي مدد مهيا ڪئي. هن ڪميٽيءَ وڏي محنت سان هڪ متفق 52 حرفن تي مشتمل عربي- سنڌي رسم الخط جوڙي سرڪار جي حوالي ڪئي.

## خدا وادي الفابيٽ جي اصلاح ۾ نارائڻ جگن ناٿ جو ڪردار

جهڙي ريت رچرڊ برٽن عربي- سنڌي رسم الخط جو تصور ڏنو ۽ ان کي پايه تڪميل بي.ايچ.ايلس پهچايو، اهڙي ريت ڪئپٽن اسٽئڪ خدا وادي لاءِ جو منصوبو ڏنو هو ان جي تڪميل نارائڻ جگن ناٿ وٽڏيه ڪئي. ان سلسلي ۾ 1868ع ۾ ان موضوع تي هڪ سرڪاري ڪميٽي نارائڻ جگن ناٿ جي رهبريءَ ۾ غور ڪيو، هڪ بهتر صورتخطي ناهي، جنهن ۾ اهي اکر پڻ هئا، جيڪي مڪاني صورتخطي ۾ ڪونه هئا. هو مسلسل خدا وادي لپي جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙيندو رهيو. 24 مئي 1943ع تي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي اڳيان پيپر پڙهندي، زرين قلم، نارائڻ جگن ناٿ جي ڪردار کي هنئي رخ ۾ پيش ڪندي چيو ته :"نارائڻ جگن ناٿ سنڌ ۾ پورا 25 سال رهيو، هو هندو سنڌي جي مسئلي مان ناجائز فائدو وٺندي، هندو حروف تهجي جي باري ۾ تجربا ڪندو رهيو. هن پنهنجي تجربن سان حروف علت جا ڪيترائي وڌيڪ حروف تيار ڪيا ۽ انهن جي مدد سان، ترقي ڏيندي 1868ع ۾ انهن حرفن کي

اسڪولن ۾ رائج ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار کي آماده ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترين رعايتون ۽ سهولتون پڻ حاصل ڪيون".(4)

1869ع ۾ نارائڻ جگن ناٿ جي ڪوشش سان خدا وادي خط کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ 'هندو-سنڌي' اسڪول بندر روڊ تي کوليو ويو جنهن ۾ پڙهڻ لاءِ "هندو سنڌي" کي لازمي قرار ڏنو ويو. نئين خط ۾ ڪيترائي درسي ڪتاب ۽ ڪي ادبي ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا. پهرين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين درسي ڪتاب شايع ڪرايا ويا. نياز احمد صديقي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:"1872ع کان 1876ع تائين سنڌ ۾ ڪو به مستقل ايجوڪيشنل آفيسر نه رکيو ويو هو ۽ اهو ڪم انگريز آفيسر بنا ڪنهن تعليمي پاليسي جي انجام ڏيندا هئا.هندي الفابيٽ جي اهميت واري تحريڪ هڪ دکني برهمڻ نارائڻ جگن ناٿ هلائي، جيڪو سنڌ جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر به هو. هن جي ڪوشش هئي ته عربي جي جاءِ تي هندي رسم الخط رائج ڪيو وڃي. صرف بي فائدي ڪوشش ناڪامي برابر آهي".(5)

### سنڌ ۾ تعليم لاءِ ڪيل خدمتون

نارائڻ جگن ناٿ 1855ع کان سنڌ جي تعليم کاتي سان وابسته هو ۽ ترقيءَ جون منزلون ماڻي ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ به دفعا اضافي چارج تي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر به مقرر ٿيو هو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ نوان اسڪول قائم ڪرايا، شاگردن جي حاضري ۾ اضافو ڪرايو. درسي ڪتابن جي اشاعت ۾ سندس اهم ڪردار آهي 1875ع تي تعليمي رپورٽ ۾ سندس باري ۾ لکيو ويو آهي ته: "ڪمشنر صاحب جي رپورٽ مان صاف ظاهر آهي ته هن دفعي خرچ ۽ بجت واري حساب ۾ فرق واضح آهي. هن دفعي بجت وڌيڪ نظر اچي ٿي. ان سڄي ڪم ۾ سنڌ جي تعليم جي انسپيڪٽر ۽ خاص طور تي سندس ڊپٽي راءِ بهادر نارائڻ جگن ناٿ جون ڪوششون قابل ذڪر آهن".(6)

نارائڻ جڳن ناٿ جو سڀ کان اهم ڪردار سنڌ جي تعليم جي امتحاني نظام ۾ بهتري آڻڻ آهي. هن اسڪولن جي سپروائيزري نظام ۾ بہ بهتري آندي ۽ انسپيڪشن جو منظم نظام لاڳو ڪيو. لئس رائيس، ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن ميسور، پنهنجي رپورٽ بتاريخ 15 سيپٽمبر 1874ع ۾ لکي ٿو تہ "نارائڻ جڳن ناٿ پنهنجي سنڌ جي نظام واري تجربي جي آڌار تي ميسور جي تعليمي ۽ امتحاني نظام ۾ ڪيترائي سڌارا آندا". هو وڌيڪ لکي ٿو تہ هن امتحاني نظام ۾ ٻولي، رياضي، تاريخ ۽ جاگرافي کي لازمي قرار ڏنو. هر پيپر تي سؤ (100) مارڪون رکيون ويون. هر شاگرد لاءِ ڪجهہ سوال هر مضمون سان رکيا ويا، جنهن سان سندس قابليت کي صحيح نموني پرکي سگهجي ٿو هر پيپر تي رکيل چوٿون حصو ($1\frac{1}{4}$) مارڪون پاس ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائين. جيڪو شاگرد سيني پيپرن ۾ پاس ٿيندو هو، ان کي اڳئين ڪلاس ڏي موڪلڻ لاءِ سفارش ڪئي ويندي هئي".[7]

## علمي ۽ ادبي خدمتون

نارائڻ جڳن ناٿ کي علم ۽ ادب سان خاص شغف هو. هو فارسي، سنڌي، انگريزي ۽ سنسڪرت ٻوليون ڄاڻيندو هو. هن کي سنسڪرتي ادب توڙي پراڻن قلمي نسخن گڏ ڪرڻ جو وڏو شوق هو. سندس چاهہ کي مجيندي شنڪر پي پنڊت پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ سندس ٿورا مڃيندي لکي ٿو تہ "هن کي مڪرا مور وينشم جو قلمي نسخو سرڳواسي راءِ بهادر نارائڻ جڳن ناٿ وئديہ، ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن، ميسور وٽان مليو هو".[8]

جاگرافيءَ جي موضوع تي "سنڌ جو نروار" نالي ڪتاب سال 1865ع ۾ لکيائين. ڪتاب جيتوڻيڪ مختصر آهي، پر معلومات جي لحاظ کان نهايت مفيد ۽ بنيادي آهي. وڏي عرصو هي ڪتاب نصاب ۾ شامل هو. 1869ع ۾ رياضي جي مضمون تي خدا وادي خط ۾ سندس ڪتاب "ليکي جي پيڙهہ" ليٿو تي تعليم کاتي طرفان شايع ٿيو. هي پڻ ننڍڙو ڪتاب هو جيڪو تعليمي مقصد لاءِ لکيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ 32 صفحا ڏنل هئا.

## سنڌ سڌار اخبار

"سنڌ سڌار" هڪ سنڌي اخبار هئي جيڪا تعليم کاتي طرفان شروع ڪئي وئي هئي، جنهن جو نارائڻ جگن ناٿ پهريون ايڊيٽر هو هن اخبار ۾ ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيائين.ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته "هن تعليم کاتي طرفان پهريون سنڌي مخزن "سنڌ سڌار" سن 1866ع ۾ شروع ڪيو جنهن جو پهريون سمپادڪ (ايڊيٽر) به پاڻ هو".(٨)

## سنڌ مان ميسور ڏانهن بدلي

21 جولاءِ 1873ع تي هو ڪراچي ڇڏي، پوني هليو ويو جتي هن کي اسڪولي ڪتابن جي هڪ ڪميٽي تي بمبئي پريزيڊنسي طرفان مقرر ڪيو ويو هو. 1874ع ۾ سنڌس ميسور ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور مقرري ٿي. "نارائڻ جگن ناٿ پهريون هندستاني هو جنهن کي برطانوي حڪومت ميسور جو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ڪيو هو. 1874ع ۾ ئي کيس بمبئي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويو هو."(٩) هو ٻن سالن تائين ميسور ۾ علمي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

## نارائڻ جگن ناٿ جو ديهانت

15 سيپٽمبر 1874ع تي ميسور جي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن لئس رائيس، ميسور جي چيف ڪمشنر کي نارائڻ جگن ناٿ جي وفات جي سرڪاري طور آگاهي ڏني. لئس رائيس پنهنجي خط ۾ ڄاڻايو ته نارائڻ جگن ناٿ امتحانن جي سلسلي ۾ سنڌ ويل هو جتي شديد گرمين جي ڪري کيس ڏينهن لڳي ويو جتان هو واپس اچي، هڪ هفتو بنگلور ۾ رهيو. بمبئي اچڻ تائين سندس طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي ۽ آخر 22 مارچ 1874ع ۾ وفات ڪيائين." هن وڌيڪ لکيو ته "افسوس هن صوبي جو نارائڻ جگن ناٿ جي موت سبب وڏو نقصان ٿي ويو آهي".(١٥)

## نارائڻ جڳن ناٿ کي سرڪاري طور مڃتا

1. نارائڻ جڳن ناٿ کي سرڪار، سندس خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي خطاب ۽ وظيفا جاري ڪيا هئا. 1873ع ۾ کيس "راءِ بهادر" جو خطاب مليو.
2. شڪارپور شهر ۾ اسڪول قائم ڪرڻ ڪانسواءِ هن جي نالي سان لائبريري به قائم ڪئي هئائون، جنهن جو بعد ۾ نالو بدلائي 'بيدل لائبريري' رکيو ويو.

### 3. اين جي وي اسڪول

اين جي وي هاءِ اسڪول، جيڪو ڪراچي ۾ بندر روڊ (هاڻوڪي ايم-اي جناح روڊ) تي هڪ عاليشان عمارت نظر اچي ٿو ان کي تڏهوڪي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر جوڙايو هو. هي سنڌ جي تاريخ جو پهريون سرڪاري اسڪول هو جيڪو آڪٽوبر 1854ع ۾ قائم ٿيو. هن اسڪول جو سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ تعليمي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار آهي. 1874ع ۾ نارائڻ جڳن ناٿ جي وفات تي، بمبئي سرڪار کيس خراج تحسين پيش ڪندي ڪراچيءَ جي ان اسڪول کي سندس نالي پويان منسوب ڪيو. شروع ۾ اسڪول کي فقط "نارائڻ جڳن ناٿ اسڪول" سڏيو ويندو هو. هن اسڪول بابت ايچ ٽي سورلي لکي ٿو ته "1939ع ۾ نارائڻ جڳن ناٿ جي پوٽي سي.ڊي. وئديه (ولد گنجن وشنو وئديه) جيڪو ان وقت بمبئي جو نالي وارو بئريسٽر ۽ وڪيل هو، ان هڪ درخواست ڏني ته نارائڻ جڳن ناٿ جي پويان سندس خانداني نالو "وئديه" پڻ لڳايو وڃي. سرڪار سندس درخواست قبول ڪندي، اسڪول جو نالو نارائڻ جڳن ناٿ وئديه (NJV) اسڪول رکيو."[12]

ان وقت سنڌ جي ڪمشنر سر ميري ويدر هڪ تعليمي ڪانفرنس جي موقعي تي نارائڻ جڳن ناٿ وئديه جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪئي: "هي هڪ ايماندار ۽ اوچن آدرشن وارو انسان هو. سرڪار جو به وفادار ملازم هو. سڀ کان وڏي خوبي جا هن ۾ هئي، سا اها ته هو آزاد خيالن وارو هو ۽ سڀني ذاتين جي ماڻهن کي هڪجهڙي نظر سان ڏسندو هو. هن سنڌ ۾ هڪڙو اهڙو نالو ڇڏيو آهي، جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪر سڀ ڪو ريس ڪري."[13]

## حوالا


1. Dr.Rupali Mokashi:"Contribution of Narayan Jagannath Vaidya towards Reforms in the education system of Sindh (Article)

2. ميرچندائي ،ڏيارام وسطمل: "چونڊ سنڌي نثر"، بمبئي، 1953ع، ص 185

3. ابڙو ، آفتاب، ڊاڪٽر: "موجوده عربي- سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس"، ڪلاچي جرنل، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، 2010ع

4. Zarin Qalam: "A Note on Sindhi Alphabet", the Journal of the Sind Historical Society, September 1943

5. نياز احمد صديقي: "سنڌي رسم الخط جي تحريڪ"، ماھوار العلم

6. Report on Public Instruction in Sindh for the years 1875-76, Educational Societies, Byculla, 1877, P- 31

7. Report on Public Instruction in Mysore for the year 1873-74 Mysore Government Press, Bangalore, 1874, P-11

8. Pundit Shankar: "Vikramorvashiyam: A drama in Five Acts by Kalidas", The Department of Public Instruction, Bombay, 1879

9. جيتلي ، مرليڌر، ڊاڪٽر: "اڻويهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي نثر جو وڪاس"، (برطانوي دور ۾ سنڌي نثر- مرتب ڊاڪٽر منوھر بختراءِ متلاڻي)، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي ممبئي، 2003ع، ص 53

10. Report on Public Instruction in Mysore for the Year 1873-74 Mysore Government Press, 1874(Online)

11. Report on Public Instruction in Mysore for the Year 1873-74 Mysore Government Press, 1874,P-265

12. H.T. Sorely:" Gazetteer of West Pakistan': The Former province of Sind including Khairpur State, P 686

13. ميرچندائي ،ڏيارام وسطمل: "چونڊ سنڌي نثر"، بمبئي، 1953ع، ص 185

## ڪشنچند جيٽلي (1910-1995ع)

سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري لسانياتي ماهر مرليڌر جيٽليءَ جو والد ڪشنچند جيٽلي بہ سنڌي ، هندي، گجراتي، مرائي، سنسڪرت جو تمام وڏو ڄاڻو هو. پنڊت ڪشنچند جيٽلي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ڪيس سنڌي لسانيات، گرامر ۽ سنسڪرتي ڪلاسيڪل ادب جي ترجمي ۾ وڏي مهارت حاصل هئي. هو سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ۽



ٻين هندستاني ٻولين جو عالم هو. هن چترڪاري، شاعري، مضمون نگاري ۽ ايڊيٽري ۾ بہ نالو ڪمايو. "سنڌي ڪان علاوه هندي، انگريزي، سنسڪرت، مرهٽي ۽ گجراتي ٻولين ۾ بہ ڪتاب ۽ مضمون لکيائين. خاص طور تي سنسڪرت جي ڪلاسيڪل ادب جي ڪجهہ ڪتابن جو ترجمو ڪيائين، جن ۾ "شرنگار لهر" (شاعري 1974ع)، سنسڪرت ۾ "منج اپنشد" (1957ع)،ڪاليداس جو مشهور ڪتاب "ميگهدوت" (1981ع) ۽"امروشتڪا" ۽ "شرنگار تلوڪا" وغيره اهم ترجما آهن. چترڪار جي حيثيت ۾ ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ۽ بعد ۾ بمبئي ۾ سندس ڻاهيل تصويرن جي ڪيترائي دفعا نمائش ٿي هئي. هڪ ٽماهي سنڌي جرنل "سونهون" جو ايڊيٽر بہ رهيو."(1)

هو ماهر لسانيات بہ هو. هن خاص طور تي موهن جي دڙي جي لپيءَ کي سمجهڻ لاءِ دنيا جي سيپتائن جي لپين ۽ هندستان جي الڳ الڳ ٻولين جي لکاوٽن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪئي. سندس ٻين ڪتابن ۾ "موهن جي دڙي جي سنسڪرتي" (1985ع) اهم آهي، هي هڪ ننڍو آرٽيڪل آهي، جنهن ۾ هن موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي ثقافت ۽ لپيءَ تي ويچار ڏنا آهن. ٻولي جي باري ۾ ٻين ڪتابن ۾ سنڌي نالن جي ثقافت تي "سنڌي نالن ۾ سنڌيت جي سڳنڌ" (1986ع)، سنڌي گرامر جي سلسلي ۾ "سنڌي وياڪرڻ پريچيا" (1989ع)،

سنڌي زيورن جي ثقافت تي "سچترا سنڌي زيور" (1994ع) ۽ سنڌي قديم لپيءَ جي باري ۾ "موهن جي دڙي جي لپيءَ ۽ سنڌي لپي" شامل آهن.

پنڊت ڪشنچند خاص طور تي موهن جي دڙي جي لکت کي سمجهڻ لاءِ دنيا جي سڀيتائن جي لکتن ۽ هندستان جي الڳ الڳ ٻولين جي لکاوٽن جي پاڙ ۾ پيٽ ڪئي. اهڙي قسم جي اڀياس مان هو اِن نتيجي تي پهتو ته موهن جي دڙي مان حاصل ٿيل مهرن تي جيڪا ٻولي لکيل آهي، اها پراچين پراڪرت ٻولي آهي. انهيءَ جي جهلڪ اسان کي ويدن جي سنسڪرت ۾ به ملي ٿي. هن جي راءِ ۾ سنڌي هندن وٽ "هندو سنڌي لپي" آهي، جنهن کي "هٽ واڻڪا" اکر به چوندا آهن. ڪيترائي "هٽ واڻڪا" اکر موهن جي دڙي جي لپيءَ سان ملن ٿا. انهيءَ مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي پنج هزار سال پراڻي آهي. هن وِدوان جو خيال آهي ته موهن جي دڙي جي ٻولي اصل ۾ اوائلي پُراڻي پراڪرت ٻولي آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ، سندس باري ۾ لکي ٿو ته: "منهنجي سرڳواسي پتا، پنڊت ڪشنچند جيٽلي 1985ع ۾ پوني ۾ رهندي، ٻه ننڍا ڪتاب موهن جي دڙي جي لپيءَ ۽ سنڌي لپي (هٽ واڻڪي اکرن)تي شايع ڪيا هئا".[2]

هن سنڌي سنسڪرت ۽ انگريزي ٽنهي ٻولين ۾گڏيل طور پوني (انڊيا) مان 1985ع ڌاري هڪ ڪتاب" The Date of Sindhi " (هٽ واڻڪا اکر) جي نالي سان شايع ڪيو. هن هندن کي اپيل ڪئي ته " اها لپي (Script) اصل سنڌي لپي آهي. اچو ته گڏجي ان کي ترقي وٺرايون. پيش لفظ ۾ هو لکي ٿو ته "هٽ واڻڪا اکر درحقيقت اصل سنڌي لپيءَ جا اکر آهن. هاڻي جڏهن سنڌي لپيءَ بابت عربي- سنڌي، ديوناگري ۽ رومن اسڪرپٽ بابت بحث ٿي رهيا آهن ته پوءِ ڇو نه اصل صورتخطي اختيار ڪجي، جيڪا اسان جو قديم ورثو آهي. انهن اکرن جي مشابهت موهن جي دڙي مان مليل برهمي ۽ کروشتي لپين سان ٿئي ٿي، جن جي معلوم تاريخ 5000 سال اڳاتي آهي. جڏهن يهودي 2000 سالن کان پوءِ ٿورين تبديلين سان پنهنجي عبراني اسڪرپٽ جياري اختيار ڪري سگهن ٿا ته پوءِ اسان کي ڪهڙي جهل آهي، نه حڪومت روڪي ٿي نه سماج".[3]




(پنڊت ڪشنچند جيتلي جي ڏنل واڻڪي لپيءَ جو نمونو)



(پنڊت ڪشنچند جيتلي جي ڏنل واڻڪي لپيءَ جو نمونو)

## ڊاڪٽر آفتاب ابڙو (1 مارچ 1956ع)

"ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو اصل نالو عبدالله ولد حافظ سعدالله ابڙو آهي. سندس جنم ڳوٺ ڳاٻر مسڻ، تعلقي ڏوڪريءَ ۾ ٿيو. 1978ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان



سنڌيءَ ۾ ايم.اي ڪيائين. 2014ع ۾ "سنڌي رسم الخط جي ترقي" جي موضوع تي سنڌي اسڪرپٽ تي پي. ايڇ. ڊي ڪري چڪو آهي. هن پنهنجي ٿيسز ۾ سنڌي ٻولي جي اصل نسل سان گڏ، سنڌو ماٿري جي ٻولي برهمي تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. هن خدا وادي خط جي حمايت ۾ مختلف رسالن ۾ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ رسم الخط جو ڄاڻو ۽ ماهر آهي. سندس لائبريري ۾ مختلف ٻولين جون ڪيتريون لغتون موجود آهن. هو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران جڙندڙ مفصل سنڌي لغت ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران تيار ٿيندڙ شاهه لطيف انسائيڪلو پيڊيا ۾ سينئر ايڊيٽر طور ڪم ڪري ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه شاهه لطيف چيئر پاران 'جامع لغات لطيف' جي ترتيب جو ڪم به سندس حوالي آهي. ان کان علاوه سنڌي گرامر تي به ڪافي تحقيقي مقالا لکي چڪو آهي.

سندس ڪيترائي تحقيقي ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. جن ۾ 'شاهه جي ٻولي' (1990ع)، 'شاهه عبداللطيف بحيثيت مُفڪر' (ترتيب 1990ع)، 'جونيئر اسڪول ڊڪشنري' (1992ع)، 'ٿر جو وڻ' (1997ع)، 'ماحول بابت استادن جي سکيا' (1997ع)، 'ماحول بابت سماجي ڪارڪنن جي سکيا' (1997ع) ماحول جي بنيادي موضوعن بابت سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ 12 ڪتابڙا، 'مختلف دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي' (2012ع)، 'اولياءِ سنڌ' (اردو ۾ 2011ع)، 'سنڌو لکت تي ٿيل

تحقيق جو جائزو' (2016ع) ۾ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي شايع ٿيل ڪجهه ڪتابن جو ٿورو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

### 1- شاهه جي ٻولي (1990ع)

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ مختلف مضمونن تي ٻڌل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي خوبين، لهجن، سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت ڪيل ڪوجنا تحقيقي انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه شاهه کان اڳ واري ٻولي، شاهه جي دور جي ٻولي ۽ شاهه جي ٻوليءَ جون خصوصيتون بيان ٿيل آهن. ٻوليءَ جي حوالي سان شاهه جي ڪردارن تي به نظر وڌل آهي.

### 2- جونيئر اسڪول ڊڪشنري (1993ع)

هيءَ لغت پنهنجي نوعيت جي پهرين لغت آهي، جيڪا نصابي ڪتابن جي ٻولي تي آڌاريل آهي. ان ۾ ٽئين درجي کان وٺي مئٽرڪ تائين ڪارگر آهي. ان ۾ لفظن جون معنائون، لفظن جي صحيح صورت، گرامر واري حيثيت ۽ واحد جمع ڏنا ويا آهن. ٻارن لاءِ ڊڪشنريءَ جي ڪهڙي اهميت آهي، ان تي مختلف حوالن سان نوٽ ڏنا ويا آهن.

### 3- شاهه لطيف بحيثيت مفڪر (1993ع)

هي ڪتاب سندس ترتيب ڏنل آهي. آفتاب ابڙي جديد فڪر جي حوالي سان سنڌ جي مشهور عالمن جا مقالا ڏنا آهن ۽ هرهڪ مقالي نگار جي آڏو سندس شاهه بابت ڪم کان آگاهه ڪيو آهي.

### 4- مختلف دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي (2012ع)

هن ڪتاب تي ڊاڪٽر آفتاب ابڙي کي 2013ع ۾ سنڌي لينگئينج اٿارٽيءَ پاران ايوارڊ حاصل ڪيو. ڪتاب ۾ مختلف دورن ۾ سنڌي ٻولي جو تحقيقي جائزو ورتو آهي.هن ڪتاب ۾ مختلف دورن ۾ مروج سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط جو جائزو ورتو آهي. مصنف ڪتاب جي آخري باب ۾ انگريز دور ۾

عربي سنڌي رسم الخط تي ٿيل پوري بحث کي تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ پڻ خدا وادي خط کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

### 5. سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو (2016ع)

هن ڪتاب ۾ موهن جي دڙي جي سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو شاندار جائزو ورتو ويو آهي. "سنڌو لکت" بابت هن ڪتاب جي حوالي سان ڊاڪٽر آفتاب ابڙي پنهنجو ذاتي رايو ڏيندي چيو آهي ته: "هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل مختلف جائزن ڪانپوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته قديم سنڌو تهذيب جي هڪ پنهنجي خاص ٻولي هئي، جنهن کي اڪثر عالمن "سنڌوئي" سڏيو آهي. اها بلڪل فطري اصول مطابق يعني اڳ ۾ خيال، پوءِ تصويري تحرير (Picto Graphs) ان مان وري تصويري لکت (Idio Grams)جڙي، جن جي آثار تي "سنڌو لکت (Indus Script) "جڙي، جنهن جو واضح ثبوت "موهن جي دڙي" ۽ ٻين قديم ماڳن جي کوٽائي مان مليل مهرون آهن. "سنڌو لکت" مان وري برهمي لکت، رواج ورتو جنهن ۾ ويد لکيا ويا. اها لکت، ڏکڻ ايشيا جي سيني قديم ٻولين جي لکت جو بنياد بڻي، مختلف ٻولين پنهنجي مڪاني محاوري، خاص لکت ۽ آوازن جي آڌار تي ان ۾ ڪي ٿوريون گهڻيون تبديليون به ڪيون. جيڪي اڄ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. 3 کان 5 هزار سال قبل مسيح تي تهذيبون عالم آشڪار ٿيون: "سنڌو تهذيب"، "سميري تهذيب" ۽ "مصري تهذيب". سميري تهذيب ۽ ان جي ٻوليءَ کي اڪادي نسل جي ماڻهن پنهنجي فتح سان ميساري ڇڏيو ۽ مصري ٻوليءَ کي آرامي ٻوليءَ ختم ڪري ڇڏيو جڏهن ته سنڌي ٻولي پنهنجي مخصوص آوازن، بيهڪ، جوڙجڪ سبب مختلف دورن ۾ مختلف قومن سان مقابلو ڪندي پنهنجو سٽ سلامت رکيو آهي."[1]

---

[1] ابڙو آفتاب، ڊاڪٽر: "سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق"، پيڪاڪ اينڊ پبلشرز ڪراچي، 2016ع، ص 241،243

## 6- سنڌي رسم الخط جو تحقيقي جائزو

"سنڌي رسم الخط جو تحقيقي جائزو" ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي سنڌي رسم الخط بابت تحقيقي مقالو آهي، جنهن تي ڪراچي يونيورسٽي طرفان کيس پي. ايچ. ڊي جي ڊگري ڏني وئي آهي،سنڌس هيءَ ٿيسز اڃا ڪتابي صورت ۾ نہ آئي آهي. ان کان علاوه سنڌس ڪيترائي مضمون پڻ ان سلسلي ۾ شايع ٿي چڪا آهن. مثال طور:

- ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ موجوده سنڌي صورتخطي (سنڌي ٻوليءَ تي سر گهوريندڙ ڀهريون انگريز عالم)
- موجوده صورتخطي ۽ رچرڊ برٽن. (سنڌي صورتخطيءَ ۾ مونجهارا پيدا ڪندڙ ڀهريون انگريزي عالم)
- موجوده عربي-سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس
- خدا وادي خط جي تاريخي اهميت

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سنڌ جو اهو لسانياتي ماهر آهي، جيڪو خدا وادي رسم الخط جو حامي آهي ۽ ان جي حمايت ۾ مسلسل مضمون لکندو پيو اچي. سنڌس چوڻ آهي تہ"خدا وادي خط نج سنڌ ڌرتيءَ جو قديم خط آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي جا سڀ اکر موجود آهن. جنهن ۾ ٽ ۽ ٽر. ڊ ۽ ڊر. ڍ ۽ ڍر جي فرق لاءِ واضح اکر آهن. اهي اسان جا پنهنجا حرف آهن.جيڪي هن وقت لکڻ ۾ نٽا اچن پر سنڌي ٻولي انهن کي سانڍيون پئي اچي. اها اسان جي هزارين سال جي ميراث آهي، اها رسم الخط سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق آهي، جڏهن تہ موجوده 'عربي سنڌي' الفابيٽ ۾ ڪافي اکر ڪٽل آهن.




ISBN 978-9-6962515-9-0
9 789696 251590